آزمائشي ڇاپو

عَلَّمَ الۡاِنۡسَانَ مَا لَمۡ يَعۡلَمۡ

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ

درسي ڪتاب

حياتيات

10 درجي لاءِ

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، ڄام شورو

www.perfect24u.com

آزمائشي ڇاپو

درسي ڪتاب

حياتيات

10 درجي لاءِ

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، ڄام شورو

www.perfect24u.com

سڀ حق ۽ واسطا **سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄامشورو** وٽ محفوظ آهن.

ايسوسيئيشن فار اڪيڊمڪ ڪوالٽي (آفاق) پاران **سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄامشورو** لاءِ تيار ڪيو.

ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم ۽ ريسرچ سنڌ ڄامشورو جي صوبائي ريويو ڪميٽي پاران نظرثاني ڪيل. **بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن، حيدرآباد، ڪراچي، سکر، لاڙڪاڻو، ميرپورخاص ۽ شهيد بينظيرآباد** پاران سيڪنڊري ڪلاسن لاءِ درسي ڪتاب طور منظور ٿيل.

اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ حڪومت سنڌ کان

نوٽيفڪيشن نمبر No.SO(C) SELD/STBB-18/2021 Dated: 14th July, 2021 موجب منظور شده.

نگران اعلیٰ

پرويز احمد بلوچ

چيئرمين سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ

شاهد وارثي
مئنيجنگ ڊائريڪٽر
ايسوسيئيشن فار اڪيڊمڪ ڪوالٽي (آفاق)

خواجه آصف مشتاق
پروجيڪٽ ڊائريڪٽر
ايسوسيئيشن فار اڪيڊمڪ ڪوالٽي (آفاق)

رفيع مصطفیٰ
پروجيڪٽ مئنيجر
ايسوسيئيشن فار اڪيڊمڪ ڪوالٽي (آفاق)

داريوش ڪافي
سپروائيزر
سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ

يوسف احمد شيخ
چيف سپروائيزر
سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ

ليکڪ:
- پروفيسر ڊاڪٽر ناصر الدين شيخ
- پروفيسر محمد سليم مغل
- پروفيسر ڊاڪٽر الطاف احمد سمائر
- مسٽر محمد جنيد خلجي
- مس سمرين آرائين

ايڊيٽر :
- پروفيسر ڊاڪٽر ناصر الدين شيخ

نظرثاني:
- پروفيسر ڊاڪٽر بصير احمد آرائين
- پروفيسر ڊاڪٽر ناصر الدين شيخ
- پروفيسر محمد سليم مغل
- سيد صالح محمد شاهه
- مسٽر پيارو خان سهارڻ
- مسٽر عبد الطيف کهوکهر
- مس عابده عابد

سنڌيڪار :

سهڪار ڪندڙ ۽ ٽيڪنيڪي معاونت:
- مسٽر محمد ارسلان شفاعت گدي

ڇپيندڙ:

www.perfect24u.com

مهاڳ

موجوده صدي جنهن ۾ اسان قدم رکيو آهي، علم حياتيات جي صدي آهي، حياتيات جون جديد شاخون نہ صرف سائنس جي بين شاخن تي، پر انساني زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي باقاعدگيءَ سان اثر انداز ٿي رهيون آهن،

شاگردن کي جديد معلومات کان واقف ڪرائڻ لاءِ ضروري آهي تہ هر سطح جي تعليمي نصاب کي ۽ علم حياتيات جي سيني شاخن ۾ ٿيندڙ ترقيءَ جي مناسبت سان لڳاتار ضروري تبديليون آنديون وڃن.

حياتيات جي ڏهين ڪلاس لاءِ انهي نئين ڪتاب کي مدنظر رکي حڪومت پاڪستان جي تعليمي وزارت، اسلام آباد طرفان تيار ڪيل نصاب کي بيورو آف ڪيريڪيولم ڄامشورو، سنڌ جي ماهرن جي آزاد ٽيم جي هدايت مطابق نظرثاني ڪري ان کي وڌيڪ وزنائتو بنائڻ خاطر ڪجھ نوان موضوع شامل ڪري وقت جي ضرورت مطابق ڪجھ ردوبدل ڪري ٻيهر لکيا ويا آهن. گهٽي وقت کان حياتيات جي ڪتاب کي نائين ڪلاس ۾ پڙهايو ويندو هو. هي ڪتاب 19 بابن تي مشتمل هو جيڪو مقرر وقت يعنيٰ هڪ سال ۾ پڙهائڻ نہ ممڪن هو. اهو فيصلو ڪيو ويو تہ هاڻي حياتيات جي ڪتاب کي ٻن حصن ۾ ورهايو وڃي، هڪ حصي کي نائين ڪلاس ۾ ۽ ٻئي حصي کي ڏهين ڪلاس ۾ پڙهايو وڃي. هي حصو جيڪو ڏهين ڪلاس ۾ پڙهايو ويندو اهو 9 بابن تي مشتمل آهي جنهن کي ضروري ترميمن سان گڏ نصاب جي ضرورت مطابق ٻيهر لکيو ويو آهي. اپلائيڊ بائيولاجي تي خاص ڌيان ڏنو ويو آهي، جن ۾ خاص طور تي انساني بيمارين ۽ ان کان بچاءَ جي طريقن کي شامل ڪيو ويو آهي. بحيثيت هڪ زرعي ملڪ هجڻ ڪري هن ۾ زراعت جي نون طريقن ۽ ان جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪافي بحث ڪيو ويو آهي.

نئين اشاعت ۾ تعارفي پيراگراف، واڌو ڄاڻ جا خانا هر باب جي آخر ۾ ان جو تت ۽ مختلف قسمن جي سوالن تي مشتمل مشقون رکيون ويون آهن ، جيڪي منهنجي خيال ۾ شاگردن ۾ نہ صرف دلچسپي پيدا ڪرڻ جو سبب بڻبيون، پر ان ۾ ڪتاب کي وڌ کان وڌ استعمال ڪرڻ جي صلاحيت بہ پيدا ڪنديون.

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ پنهنجي محدود وسيلن جي باوجود محنت ۽ مشقت ۽ جهجهي خرچ سان هن ڪتاب کي شايع ڪيو آهي. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ هڪ نصابي ڪتاب جو حرف آخر نہ ٿو ٿي سگهي، پر ان ۾ هميشہ بهتريءَ جي گنجائش موجود هوندي آهي. حالانڪ لکندڙن ۽ ايڊيٽرن پنهنجي بهترين صلاحيتن جي مطابق مواد يعني نظريا ۽ تشريحون اعلي نموني سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پوءِ بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪجھ ڪمزوريون رهجي ويون هجن.

مانوارن استادن ۽ شاگردن کي ان ڪري گذارش آهي تہ هن ڪتاب کي وڌيڪ بهتر بنائڻ لاءِ ان ۾ مواد جي ڪا گهٽتائي يا تصويرن ۽ تشريحن ۾ واڌارو يا تبديلي سان گڏ پنهنجي قيمتي راءِ اسان تائين ضرور پهچائيندا تہ جيئن ايندڙ اشاعتن ۾ انهن تجويزن جي روشنيءَ ۾ بهتر انداز ۾ ڇاپي سگهجي.

آخر ۾ مان قابل احترام لکندڙن، ايڊيٽرن ۽ بورڊ جي ماهرن جو انتهائي شڪر گذار آهيان، جن دل و جان سان رات ڏينهن محنت ڪري تعليم ۽ تعليم جي معيار کي بهتر ۽ بامقصد بنائڻ لاءِ خدمتون انجام ڏنيون.

چيئرمين

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، ڄامشورو

www.perfect24u.com

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

فهرست

صفحو نمبر	عنوان	باب نمبر
01-20	گئسن جي مٽا سٽا	1
21-53	هوميوسٽيسس	2
54-89	هم آهنگي	3
90-110	سهارو ۽ حرڪت	4
111-138	توليد	5
139-171	وراثت	6
172-209	انسان ۽ ان جو ماحول	7
210-230	بائيوٽيڪنالاجي	8
231-246	دواسازي	9

www.perfect24u.com

باب
1

گئسن جي مٽا سٽا

اهم تصورات:

هن سبق ۾ اسان سکنداسين:

- تعارف
- جيوانن ۾ گئسن جي مٽا سٽا
- ٻوٽن ۾ گئسن جي مٽا سٽا
- انسانن ۾ گئسن جي مٽا سٽا
- انساني جسم ۾ گئسن جو رستو ۽ ڦڦڙ
- ساهه کڻڻ جو عمل
- ساهه کڻڻ جي عمل جون خرابيون ۽ انهي جا سبب (ايستما، برانڪائيٽس، نمونيه ۽ ڦڦڙن جو ڪينسر)
- سگريٽ ڇڪڻ جا اثرات



www.perfect24u.com

تعارف:

سيني جاندارن کي پنهنجي حياتياتي فعلن کي انجام ڏيڻ لاءِ پنهنجي ماحول کان آڪسيجن ۽ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي مٽا سٽا جي ضرورت پوندي آهي. جهڙوڪ: ساهه کڻڻ وارو سرشتو، ساهه کڻڻ واري سرشتي سان گڏوگڏ روشنائي ترڪيب ڪرڻ وارا جاندار.

روشنائي ترڪيب Photosynthesis جي لاءِ به گئسن جي مٽا سٽا ٿيندي آهي. آبي جاندار گئسن جي مٽا سٽا پاڻي مان ۽ خشڪي تي رهندڙ جاندار هوا مان گئسن جي مٽا سٽا ڪندا آهن.

ٻوٽن ۾ گئسن جي مٽا سٽا وارو عمل:

جيئن ته اسان مٿي بيان ڪري چڪا آهيون ته ٻوٽا روشنائي ترڪيب واري عمل ۽ ساهه کڻڻ واري سرشتي جي لاءِ گئسن جي مٽا سٽا ڪندا آهن.

روشنائي ترڪيب جي دؤران ٻوٽا ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ CO_2 ڏينهن جي وقت خارج ڪندا آهن. ڏينهن جي وقت ٻوٽن جا ساوا حصا پيچيده غذائي ماليڪيول تيار ڪرڻ لاءِ روشنائي ترڪيب جو عمل سرانجام ڏيندا آهن. انهي عمل جي لاءِ انهن کي ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ۽ پاڻي جهڙن سادن ماليڪيولن جي گهرج پوندي آهي. ان لاءِ انهي عمل جي دؤران ٻوٽا هوا مان ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جذب ڪندا آهن. ۽ آڪسيجن بحيثيت بي پيداوار هوا ۾ خارج ڪندا آهن. جڏهن ته ٻي طرف هر جاندار هر وقت ساهه کڻڻ وارو عمل انجام ڏيندو آهي. هي اهو عمل آهي جنهن ۾ غذائي ماليڪيول جي تخريب عمل پذيري ٿيندي آهي. هن عمل ۾ توانائي پيدا ٿيندي آهي.

هوائي ساهه کڻڻ واري عمل (Aerobic Respiration) جي دؤران آڪسيجن گهربل هوندي آهي. هن عمل ۾ آڪسيجن جذب ۽ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ خارج ٿيندي آهي. گئسن جي تياري جو هي عمل ٻوٽن ۾ آهستي آهستي پنن جي سوراخن ذريعي ٿيندو آهي. ننڍن ننڍن سوراخن کي اسٽوميٽا (Stomata) چئبو آهي جيڪي عام طور تي پنن جي سطح (تهه)

www.perfect24u.com

تي ملندا آهن. ٽڙ ۽ پاڙ بہ روشنائي ترڪيب واري عمل جي لاءِ گئسن جي مٽا سٽا ڪي پڻ سرانجام ڏيندا آهن.

ساهہ ڪڍڻ وارو عمل	روشنائي ترڪيب وارو عمل
1. تخريبي عمل Catabolic	1. تعميري عمل Aerobic
2. نامياتي ماليڪيولز جي تخريب (ورڇ) سادي غير نامياتي ماليڪيولز ۾.	2. غير نامياتي ماليڪيولن کان غذائي ماليڪيولن جي تعمير.
3. هن عمل ۾ روشني جي توانائي جي ضرورت نہ هوندي آهي.	3. هن عمل جي لاءِ روشني جي توانائي جي ضرورت هوندي آهي.
4. هي عمل تمام جاندارن ۾ عمل پذير ٿيندو آهي.	4. هي عمل نباتات ۾ عمل پذير ٿيندو آهي.
5. هن عمل ۾ آڪسيجن گئس استعمال ٿيندي آهي.	5. هن عمل ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ استعمال ٿيندي آهي.
6. هن عمل جي دؤران ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ گئس خارج ٿيندي آهي.	6. هن عمل جي دؤران آڪسيجن گئس خارج ٿيندي آهي.
7. هي عمل 24 ڪلاڪ جاري رهندو آهي.	7. هي عمل ڏينهن جي وقت ٿيندو آهي.
8. هن عمل ۾ ڪلوروفل جي ضرورت نہ هوندي آهي.	8. هن عمل ۾ ڪلوروفل جي ضرورت هوندي آهي.

*** اسٽوميٽا (Stomata) (واحد اسٽوما مطلب منهن)**

هي خوردبيني سوراخ آهن جيڪي پنن جي مٿئين سطح (Epidermis) تي موجود هوندا آهن. انهن سوراخن رستي ٻوٽا گئسن جي مٽا سٽا پنهنجي ماحول جي مطابقت سان ڪندا آهن. پر اسٽوما هڪ چيپيل سوراخ جهڙو آهي جيڪو پن جي خاص قسمن جي خلين جي وچ ۾ ٺهندو آهي. انهن خلين کي گارڊ سيل چئبو آهي. گارڊ سيل ڪلوروفل رکڻ وارا ٻڪي پت وارن خلين وارا آهن. انهن جون اندريون پٽيون ٿلهيون ۽ ٻاهر واريون سنهيون هونديون آهي. سٽوما جي کلڻ ۽ بند ٿيڻ جي عمل جو دارومدار گارڊ سيل ۾ ٽرجيڊٽي (Turgidity)

www.perfect24u.com

جي سبب کان ٿيندو آهي. ڏينهن جي وقت ۾ روشنائي ترڪيب واري عمل سبب انهن خلين ۾ روشنائي ترڪيب وارا ڳار (Solutes) گڏ ٿي ويندا آهن. جنهن سبب پاڻي انهن خلين ۾ داخل ٿي انهن کي ڦنڊائي (Turgid) ڇڏيندو آهي. اهڙي طرح گارڊ سيل جي وچ ۾ خال وڏي ويندو آهي ۽ اسٽوما به کلي پوندا آهن. اهڙي طرح ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ کي اندر داخل ٿيڻ ۾ ۽ آڪسيجن کي ٻاهر ڪڍڻ جو عمل شروع ٿي ويندو آهي. هي عمل سج لهڻ تائين جاري رهندو آهي.



www.perfect24u.com

عملي ڪم: (Physical Activity)

ٻوٽن ۾ گئسن جي متا ستا تي روشني جي اثر جو مشاهدو جنهن ۾ هائيڊروجن ڪاربونيٽ ڪي نشاندهي لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. هائيڊروجن ڪاربونيٽ ڪي ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي نشاندهي جي لاءِ استعمال ڪبو آهي. هن جو رنگ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي مقدار جي لحاظ کان تبديل ٿيندو رهندو آهي.

روشنائي ترڪيب وارو عمل	ساهه کڻڻ وارو عمل
تمام وڌيڪ	پيلو (هيڊو)
وڌيڪ	زرد
ماحولياتي سطح تي	ڳاڙهو
گهٽ	قرمزي
تمام گهٽ	واڱڻائي

ضروري سامان:

چار عدد ٽيسٽ ٽيوب، ٽيسٽ ٽيوب اسٽينڊ، ايلومينيم ورق يا ڪارو ڪاغذ، ٽشو پيپر، تازا ساوا پن، چار عدد ڪارڪ، ميڻ بتي، ڌاڳو ۽ شيشي تي لکڻ وارو قلم.

درجه بندي (ورهاست):

1. ٽيسٽ ٽيوب تي 1، 2، 3، 4 جا نشان لڳايو.
2. هر هڪ ٽيسٽ ٽيوب کي هائيڊروجن باءِ ڪاربونيٽ سان ان جي چوٿين حصي کي پري ڇڏيو.
3. هر هڪ پن جدا جدا ڌاڳي سان ٻڌو ۽ پوءِ هر هڪ کي الڳ الڳ ٽيسٽ ٽيوب ۾ لٽڪايو.

www.perfect24u.com

4. هر هڪ ٽيسٽ ٽيوب کي ڪارڪ (ٻوچ) سان بند ڪريو ۽ پوءِ ميڻ لڳائي اهڙي طرح بند ڪريو ته جيئن گئس خارج نه ٿي سگهي.

5. ٽيسٽ ٽيوب نمبر 2 کي ايلومينيم جي ڪاغذ سان يا ڪاري ڪاغذ سان اهڙي طرح ويڙهيو ته جيئن روشني اندر داخل ٿي نه سگهي. اهڙي طرح ٽيسٽ ٽيوب نمبر 3 کي ٽشو پيپر سان ويڙهيو.

6. هاڻي هر هڪ ٽيسٽ ٽيوب کي اسٽينڊ تي رکي وڏيڪ روشني واري حصي ۾ رکو.

7. هاڻي مشاهدو ڪريو ۽ پنهنجي مشاهدي کي هيٺ ڏنل چارٽ تي لکو.

	Test Tube 1	Test Tube 2	Test Tube 3	Test Tube 4
Light on	Yes/No	Yes/No	Yes/No	Yes/No
Leaf present	Yes/No	Yes/No	Yes/No	Yes/No
Foil on Tube	Yes/No	Yes/No	Yes/No	Yes/No
Indicator color after an hour	Yellow/ Orange/ Red/ Magenta/ Purple	Yellow/ Orange/ Red/ Magenta/ Purple	Yellow/ Orange/ Red/ Magenta/ Purple	Yellow/ Orange/ Red/ Magenta/ Purple
Carbon dioxide concentration	Highest/ High/ Normal/ low/ lowest	Highest/ High/ Normal/ low/ lowest	Highest/ High/ Normal/ low/ lowest	Highest/ High/ Normal/ low/ lowest
Respiration	Yes/No	Yes/No	Yes/No	Yes/No
Photosynthesis	Yes/No	Yes/No	Yes/No	Yes/No

www.perfect24u.com

تنقيدي سوچ:

1. ڇا هائيڊروجن باءِ ڪاربونيٽ جي رنگ ۾ ڪا تبديلي آئي آهي؟

2. انهن تبديلين جا ڪهڙا سبب آهن؟

حيوانات ۾ گئسن جي مٽا سٽا:

ٻوٽن وانگر حيوان به پنهنجي ماحول مان گئسن جي مٽا سٽا ساهه کڻڻ واري عمل جي لاءِ انجام پذير ٿين ٿا. ڪاڏي مان توانائي حاصل ڪرڻ جي لاءِ حيوانات آڪسيجن جذب ڪن ٿا ۽ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ خارج ڪن ٿا. اهڙي طرح گئسن جي مٽا سٽا جو تعلق روشنائي ترڪيب واري عمل سان ملي جلي ٿو.

آبي جاندارن لاءِ ساهه کڻڻ واري عمل جو ذريعو (Respiratory Medium) پاڻي جڏهن ته خشڪي واري حيوانن لاءِ هوا آهي. هوا ۾ ماليڪيولي آڪسيجن جي مقدار 21 فيصد جڏهن ته پاڻي ۾ مقدار 5 فيصد آهي. گئسن جي مٽا سٽا جي لاءِ حيوانات وٽ تنفسي سطح موجود هوندي آهي. هڪ خلوي جاندارن ۾ جهڙوڪ پروٽوزا (Protozoa). انهن جي خلوي جهلي (Plasma Membrane) تنفسي سطح جو ڪم انجام ڏيندي آهي. گهڻ خليي حيوانن (جاندارن) ۾ انهن جي جسماني سطح يا ڪا اندروني سطح ساهه کڻڻ واري سطح جو ڪم انجام ڏيندي آهي.

تنفسي سطح جون خاصيتون:

1 تمام ننڍي	2. گهميل
3 پارڪي	4. جسم جي سطح کان زياده جسامت رکڻ واري

تنفسي سطح جو تناسب:

هي وڏيون هجڻ گهرجن ته جيئن جسم جي سڀني خلين جي لاءِ گئسن جي مٽا سٽا جي ڪم کي انجام ڏئي سگهن. مثال طور: انسانن ۾ تنفسي سطح جي ايراضي ان جي جسم کان 20 دفعا وڏيڪ آهي.

www.perfect24u.com



تنفسي سطح جي وڌي سطحي ايراضي

سطحي ايراضي جي وڌي هجڻ سان گئسن جي مٽا سٽا ۾ اضافو ٿيندو آهي. ان سان آڪسيجن تيزي سان جذب ۽ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ تيزي سان خارج ٿيندي آهي. اهو ان لاءِ به ضروري آهي ته حيوانن جي جسم جي گهٽ ايراضي جو تدارڪ ان جي تنفسي سطح جي وڌيڪ رقبي سان ٿيندو آهي.

انسانن ۾ گئسن جي مٽا سٽا:

انسانن ۾ ساهه کڻڻ واري عمل ۾ گئسن جي مٽا سٽا ۽ خلوي تنفس شامل هوندا آهن. بين زميني جاندارن وانگر اسان جي تنفسي سطح به جسم جي اندر الويلائي (Alveoli) جي شڪل ۾ هوندي آهي جيڪي جوڙيدار عضون ڦڦڙن ۾ موجود هوندا آهي.

انساني ساهه کڻڻ وارو سرشتو:

اسان جو ساهه کڻڻ وارو نظام هڪ جوڙيدار ڦڦڙن تي مشتمل آهي جيڪو اسان جي ڇاتي واري خال ۾ موجود آهي ۽ هوائي رستي تي مشتمل آهي.

ڦڦڙ (Lungs)

هر هڪ ڦڦڙ هڪ نرم اسپنج جي وانگر هڪ گلابي نظر اچڻ وارو عضوو آهي. جيڪو ٻن پليورل ميمبرين (Plural Membrane) ۾ ويڙهيل هوندو آهي. پليورل جهلي (پردي) جي وچ ۾ خالي جڳهه ۾ هڪ محلول پريل هوندو آهي جيڪا سٽپ جي ڪم کي انجام ڏين ٿا. انهي جي ڪري ساهه کڻڻ ۾ آساني ٿئي ٿي. ڦڦڙ هڪ ڊانچي نما پڃري ۾ بند هوندا آهن جيڪي هڪ سامهون واري سڌي هڏي اسٽرنم (Sternum) ٻارهن جوڙي پاسراٿين جيڪو سامهون کان پٺئين طرف مڙي ڪرنگهي جي هڏي سان ملن ٿيون، ان تي مشتمل هوندا آهي.

www.perfect24u.com

پاسراٽين جي وچ ۾ انٽر ڪوسٽل (Inter-coastal) عضوا موجود هوندا آهن. هن ٿوريڪس (Thorax) جي هيٺين حصي جي طرف عضون جي هڪ شيٽ موجود هوندي آهي جيڪا ڊائيافرم (Diaphragm) آهي. هي ڇاتي کي پيٽ واري حصي کان جدا ڪندي آهي پر ڦڦڙ ملين کان به وڌيڪ گهڻي تعداد واري الويلا مان ٺهيل هوندا آهن.



هر ايلوولس تنفسي سطح جو ڪم انجام ڏي ٿي هي هڪ ٿيلهي نما خوردبيني ساخت آهي جيڪا صرف خلين جي هڪ تهه سان ٺهيل هوندي آهي پر الولس هوا مان گئسن جي متا ستا جو عمل انجام ڏئي ٿو. هوائي رستو ناسن (Nostrils)، ٽريڪيا (Trachea)، برونڪائي (Bronchi) ۽ برونڪيولز (Bronchioles) تي مشتمل هوندو آهي. ٻاهرين هوا پهرين سڌي نڪ جي ٻاهرين حصي مان گذري نڪ جي ٿيلهي ۾ داخل ٿئي ٿي. اهو مڪمل رستو جتان هوا داخل ٿي ايستائين پهچي ٿي. بلغم خارج ڪرڻ واري سيليا

www.perfect24u.com

گهرڙو رڪندڙ خلين سان ڍڪيل هوندو آهي. اندروني سطح ۾ تمام گهڻيون رت جون ناليون موجود هونديون آهي. جيڪي اچڻ واري هوا کي ڪنهن حد تائين گرم ڪري ڇڏينديون آهي. نڪ جي ٿيلهي تي موجود وار سيليا رکڻ وارن ايپيٿيليل (Epithelial) سيل ۽ ميوڪس ايندڙ هوا کي ذرڙن ۽ جراثيم کان صاف ڪنديون آهن. هي انهي ڳالهه کي يقيني بنائين ٿا ته تنفسي سطح تائين پهچڻ واري هوا صاف هجي.

ٽريڪيا (Trachea)

نڪ جي ٿيلهي جو اندروني رستو هڪ وڏي نالي ۾ کلي ٿو جنهن کي ٽريڪيا چئبو آهي. ٽريڪيا جي ابتدا ۾ هڪ ڏٻي نما بناوت موجود هوندي آهي جنهن کي ليرنڪس (Larynx) چئبو آهي هي آواز پيدا ڪرڻ وارو ڏٻو هوندو آهي جنهن ۾ آواز پيدا ڪرڻ واري تار وانگر عضوا موجود هوندا آهن. هي تارون آواز پيدا ڪنديون آهي. ليرنڪس جي آغاز کي گلوٽس (Glottis) چئبو آهي انهي سوراخ تي هڪ ڍڪڻ هوندو آهي جنهن کي ايپي گلوٽس چئبو آهي. کاڌي کي هضم ڪرڻ ۽ پاڻي پيئڻ جي دؤران ايپي گلوٽس کي بند ڪندو آهي ته جيئن کاڌو ۽ پاڻي ٽريڪيا ۾ داخل ٿي نه سگهي. ٽريڪيا ۾ C شڪل جي چيپل هڏي (Cartilagium) جا ڇلا موجود هوندا آهي جيڪي انهن کي چپجڻ کان بچائيندا آهن.

برونڪائي (Bronchi)

ڇاتي جي وچ تي ٽريڪيا ٻن حصن ۾ ورهائجي وڃي ٿي. هي ناليون برونڪائي سڏجن ٿيون. هر برونڪس ۾ C شڪل واري چيپل هڏي جا ڇلا موجود هوندا آهن. پنهنجي پاسي واري برونڪس سندس طرف واري ڦڦڙ ۾ داخل ٿي ويندو آهي جيئين ئي هي ڦڦڙ ۾ داخل ٿيندو آهي ته بيشمار نالين ۾ تقسيم ٿي ويندو آهي جنهن کي برونڪيولز (Bronchioles) چئبو آهي.

برونڪيولز (Bronchioles)

هر بروڪيولز هڪ سنهي نالي آهي جيڪا هوائي بيگ يا الويلائي سان کلي ٿي.

www.perfect24u.com

ساهہ کڻڻ جو عمل (Bronchioles)

جڏهن ڪا تنفسي سطح جسم جي اندر موجود هجڻ لڳي گئسن جي مٽا سٽا جي لاءِ هوا کي پهرين اندر تائين رسائي ڪرڻي پئي ٿي. انهي ڪري هوا کي ٻاهرين ماحول کان اندرين ماحول يعني ڦڦڙن تائين اندر ڪڍي وڃڻو پوي ٿو. هي عمل ساهہ کڻڻ جي ذريعي انجام پذير ٿيندو آهي. جنهن کي هوادري (Ventilation) بہ چوندا آهن.

ساهہ کڻڻ جو عمل ٻن مرحلن تي مشتمل آهي

1. هوا جو اندر ڪڍي وڃڻ (Inspiration)

2. هوا جو خارج ڪرڻ (expiration)

1. هوا کي اندر ڪڍي وڃڻ يا انسپائيريشن: (Inspiration)



اهو عمل جنهن ۾ ٻاهرين هوا کي هوائي رستي جي ذريعي ڦڦڙن جي ايلويلائي تائين پهچايو وڃي ٿو ان کي انسپائيريشن سڏجي ٿو.

هن عمل ۾ پاسراٽين جي وچ ۾ موجود عضوا ۽ ڊائيفرام سڪڙجندا آهن جنهن جي نتيجي ۾ سيني جي هڏائين پڃري (Thorax) جو جسم وڏي ويندو آهي ۽ ان ۾ موجود هوا جو دٻاءُ گهٽجي ويندو آهي. اهڙي طرح فضائي هوا جنهن جو دٻاءُ وڌيڪ هوندو آهي اها ڦڦڙن ۾ داخل ٿي ويندي آهي جنهن جي نتيجي ۾ ڦڦڙ ڦوڪجي پوندا آهن.

2. هوا جو خارج ٿيڻ (Expiration)

هي انسپائيريشن جو ابتڙ عمل آهي. ان عمل جي دؤران هوا ڦڦڙن مان ٻاهرين هوا خارج ٿئي ٿي. پاسراٽين جي وچين عضون ۽ ڊائيافرام ٻئي پنهنجي اصلي حالت ۾ اچي ويندا

www.perfect24u.com

آهن انهي لاءِ پاسراٽيون ۽ ڊائيافرام اندر جي طرف ڏڪجي ويڪريون آهن جنهن جي نتيجي ۾ ڇاتي جي پڃري (Thorax) جي سائز وڏي ٿيندي آهي. جيڪا اندر جي موجود هوا تي دٻاءُ وجهي ٿي تڏهن ڦڦڙن ۾ موجود هوا جسم مان خارج ٿي وڃي ٿي.



ايلويلائي ۾ گئسن جي مٽا سٽا (Gaseous Exchange in Alveoli)

ڦڦڙن ۾ گئسن جي مٽا سٽا ايلويلائي ۾ ٿيندي آهي اندر اچڻ واري هوا پاڻ سان جيڪا آڪسيجن آڻي ٿي اها آڪسيجن رت جي ڳاڙهاڻ واري زون ۾ موجود هيموگلوبن (Haemoglobin) پاڻ سان ملائي ٿي ۽ اهڙي طرح هي هيموگلوبن جيڪا پاڻ سان ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ آڻي ٿي ۽ هوا کڻي جسم جي خلين مان گذري اچي ٿي انهي کي ڇڏي ڏي ٿي. يعني هي آڪسيجن جي مٽا سٽا ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ سان ڪندي آهي. هي عمل نفوذ پذيري (Diffusion) جي ذريعي ايلويلائي جي خلين ۽ ان جي هيٺان ان ۾ موجود رت جي ننڍين ننڍين نالين ۾ انجام پذير ٿئي ٿو. هي عمل ان لاءِ انجام پذير ٿئي ٿو ته ايلويلائي ۽ رت جون نالين صرف سيل جي هڪ تهه (Layer) مان ٺهيل هونديون آهن

www.perfect24u.com

اگر ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ کي چن جي پاڻي مان گذاريو وڃي ته هو کير جهڙي رنگ ۾ تبديل ٿي ويندو انهي جو مشاهدو هڪ تجربي سان ڪري سگهجي ٿو.

الف. جڏهن ساهه کڻڻ واري عمل جي ذريعي خارج ٿيڻ واري هوا کي چن جي پاڻي مان گذاريو ويو جنهن لاءِ خاص سامان استعمال ڪيو ويو ته چن جو پاڻي کير جهڙو ٿي ويو.

ب. جڏهن ٻي تجربي ۾ فضا ۾ موجود هوا کي چن جي پاڻي مان گذاريو ويو ته چن جي پاڻي ۾ ڪا به تبديلي نه آئي.

Components (%)	Inspired air (%)	Expired air (%)
Oxygen	About 21	About 16
Carbon dioxide	About 0.03	About 4
Nitrogen	About 79	About 79
Water Vapour	Variable	saturated
Temperature	Atmospheric temperature	37 degree celsius



www.perfect24u.com

سڪون جي حالت ۾ ورزش ڪندي ساهه جي رفتار:

ساهه کڻڻ جو عمل هڪ غير اختياري عمل آهي جيڪو دماغ ۾ موجود هڪ حصي هائيپوٿيليمس (Hypothalamus) جي ذريعي ٿئي ٿو. ساهه کڻڻ جي هي رفتار خود به خود اندرين ۽ ٻاهرين عملن جي ڪري خود به خود تبديل ٿيندي رهي ٿي. مثال طور: جڏهن هڪ شخص ورزش ڪندو رهندو آهي ته انجي ساهه کڻڻ جي رفتار وڌي ويندي آهي ڇو ته ان جا عضوا وڌيڪ آڪسيجن استعمال ڪندا هوندا آهن. اهڙي طرح رت ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي مقدار به وڌڻ لڳي ٿي. اگر اها ورزش جاري رهي ته گلوڪوز بغير آڪسيجن جي ٽُٽڻ لڳندو آهي جنهن کي اسان غير هوائي ساهه کڻڻ وارو عمل چوندا آهيون. انهي عمل جي نتيجي ۾ عضون ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي بجاءِ ليڪٽڪ ائسڊ (Lactic Acid)پيدا ٿيندو آهي جنهن سبب سور تڪليف ۽ عضون ۾ ڇڪ ٿيندي آهي. انهي ليڪٽڪ ائسڊ کي ٽوڙڻ لاءِ اضافي آڪسيجن گهربل هوندي آهي انهي اضافي آڪسيجن کي آڪسيجن جو نقصان چوندا آهيون ۽ هي اضافي آڪسيجن وڏي ساهه کڻڻ سان حاصل ٿيندي آهي.

هٿرادي هوا باد: (Artificial Ventilator)

هڪ اهڙي مشين جيڪا ڦڦڙن وانگر ڪم ڪري ٿي. مصنوعي هٿرادي هوا باد سڏبي آهي. ان کي انهي وقت استعمال ڪبو آهي جڏهن مريض قدرتي طريقي سان ساهه کڻڻ ۾ تڪليف محسوس ڪندو آهي. هن مشين جي ذريعي جيڪا وڌيڪ آڪسيجن واري هوا سڌي طرح ساهه جي نالي ۾ داخل ڪي ويندي آهي هي هوا هڪ نالي جي ذريعي داخل ڪئي ويندي آهي جيڪا وات جي ذريعي ساهه جي نالي ۾ داخل ڪئي ويندي آهي.

ڦڦڙن جي صلاحيت

هڪ ڦوڪڻي وانگر ڦڦڙن ۾ به هوا پرڻ جي صلاحيت موجود هوندي آهي. ڦڦڙن ۾ وڌ کان وڌ 5 ليٽر هوا پري سگهجي ٿي. عام طور تي اسين اڌ ليٽر هوا ساهه جي ذريعي اندر کڻي ۽ ٻاهر ڪڍڻ ۾ جڏهن ته 4.5 ليٽر اتي ئي موجود هوندي آهي.

www.perfect24u.com



تنفسي نقص: (Respiratory Disorders)

برونڪائٽس (Bronchitis)

ساهه جي نالين جي سُجڻ کي برونڪائٽس سڏبو آهي. انهي جا سبب سگريٽ نوشي يا پوءِ بيڪٽيريا هوندا آهن. انهي جون نشانيون ڪنگهه، بلغم جو گهڻو پيدا ٿيڻ، ساهه ۾ تڪليف ۽ هلڪو بخار وغيره آهن.

ايمفيسيما (Emphysema)

هن جو تعلق وقت سان گڏوگڏ ايلويلائي جي خرابي سان ٻه آهي هي خرابي وڏ ڪا وڏ ڪارخانن جي گدلاڻ جي ڪري ٿئي ٿي. هن ۾ مريض کي ساهه کڻڻ ۾ تمام گهڻي محنت ڪرڻي پوندي آهي جنهن جي ڪري ڪنگهه ۽ بلغم پيدا ٿيندا آهن.

نمونيه (Pneumonia)

هي بيماري وائرس، بيڪٽيريا يا فنگس (Fungus) جي پيدا ڪندڙ انفيڪشن سبب ٿئي ٿي. نمونيا ۾ ايلويلائي ۾ انفيڪشن ٿي پوندو آهي جنهن جي ڪري ان ۾ گند يا پيپ پرجي ويندو آهي ۽ ساهه کڻڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پوندو آهي. مريض بخار، ڪنگهه، سردي لڳڻ ۽ ڇاتي ۾ سور جو شڪار ٿي ويندو آهي.

www.perfect24u.com

ايستما (Asthma)

هي ڦڦڙن واري هوائي رستن جي سوزش آهي. انهي جي علامت ساهه جو مشڪل سان اچڻ، چاتي ۾ سور، بخار، سيٽي جهڙي آواز جو پيدا ٿيڻ، کنگهه وغيره. دراصل ايستما هڪ الرجي جو ردعمل آهي جيڪا پولن، مٽي، دونهن جانورن جي وارن، پکين جي پرن ۽ ٻين ڪيترين ئي شين جي سبب ٿيندي آهي. هي سوزش هوائي رستن کي بند ڪري ڇڏي ٿي جنهن سبب مريض کي ساهه کڻڻ ۾ مشڪل پيش اچي ٿي.

ڦڦڙن جو سرطان (Lung Cancer)



عام طور تي ڦڦڙن جي ڪينسر جو تعلق سگريٽ نوشي سان ڳنڍيو وڃي ٿو. هوائي آلودگي سبب دونهين ۽ سگريٽ جي دونهين جي سبب ڦڦڙن ۾ غير معمولي خليا پيدا ٿي پوندا آهن. جيڪي ٻين خلين تي پکڙجي وڃن ٿا. ان جون اهم نشانيون رت سان ڳڏوڳڏ کنگهه، مشڪل سان ساهه کڻڻ، وري وري ڦڦڙن ۾ انفيڪشن، وزن جو گهٽجي وڃڻ، هڏن ۾ سور، ڪمزوري، ٿڪاوٽ وغيره آهن.

www.perfect24u.com

خلاصو

1. روشنائي ترڪيب واري عمل ۽ ساهه کڻڻ واري عمل جي لاءِ گئسن جي مٽا سٽا جي ضرورت پوندي آهي. ساهه کڻڻ وارو عمل تمام جاندارن ۾ عمل پذير ٿيندو آهي.
2. روشنائي ترڪيب وارو عمل ٻوٽن جي ساون حصن ۾ عمل پذير ٿيندو آهي.
3. عمل تنفس جي دؤرن آڪسيجن جذب ۽ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ خارج ڄڌهن ته روشنائي ترڪيب واري عمل ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جذب ۽ آڪسيجن خارج ٿيندي آهي.
4. زميني ٻوٽن ۾ زياده تر گئسن جي مٽا سٽا سنهڙن سنهڙن سوراخن مان ٿيندي آهي جن کي اسٽوميٽا چئبو آهي.
5. حيوانات ۾ وري يا ته جسماني سطح يا اندروني سطح تي گئسن جي مٽا سٽا ٿيندي آهي.
6. تنفسي سطح کي گھميل نفوذ پذير جسم کان سخت هجڻ کپي. انسانن ۾ تنفسي سطح ايلويلائي آهي جيڪا ڦڦڙن ۾ موجود هوندي آهي.
7. ٻنهي ڦڦڙن ۾ ڪروڙين ايلويلائي (Alveoli) هوندا آهن.
8. هوا جو رستو فضا کان ايلويلائي (Alveoli) تائين وڃي ٿو.
9. فضائي آلودگي تمام گھڻي تنفسي بيمارين جو سبب بڻجي ٿي.
10. بهتر تنفسي صحت لاءِ صاف هوا تمام ضروري آهي.

www.perfect24u.com

مشق

* صحيح جواب جي چونڊ ڪريو.

1. حياتياتي عمل جنهن ۾ گئسن جي مٽا سٽا انجام پذير ٿئي ٿي.

الف. ضيائي تاليف — ب. عمل تنفس

ج. اهي ٻئي — د. انهن مان ڪو به نه

2. ٻوٽا گئسن جي مٽا سٽا جو ڪم ________ جي ذريعي ڪن ٿا.

الف. پاڙ — ب. ستوميٽا

ج. ٿاري — د. اهي سڀ

3. هر استوما نهيل هوندو آهي:

الف. هڪ گارڊ خليي جو — ب. ٻن گارڊ خلين جو

ج. ٽن گارڊ خلين جو — د. چار گارڊ خلين جو

4. تنفسي سطح ۾ هيٺين / هيٺيون خصوصيت / خصوصيتون هوندي / هونديون آهن.

الف. سنهي ۽ نرم — ب. نفوذ پذير

ج. تمام وڏي — د. اهي سڀ

5. هوا جي اندر اچڻ ۾ شامل هونديون آهن:

الف. وچولن عضون جي چڪ — ب. ڊايئيافرام جي چڪ

ج. پاسراٽين جو اندر داخل ٿيڻ — د. الف ۽ ب ٻئي

www.perfect24u.com

.6 ليرنڪس موجود هوندو آهي:

الف. ققڙن ۾ | ب. ٽريڪيا ۾

ج. برونڪس ۾ | د. برونڪيولز ۾

.7 انساني تنفسي سطح __________ تي هوندي آهي.

الف. ناسن | ب. برونڪيولز

ج. ايلويلائي | د. ٽريڪيا

.8 ساهه کڻڻ جي رفتار ۾ اضافو هيٺين شين ڪري ٿيندو آهي.

الف. رت ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي واڌ

ب. رت ۾ آڪسيجن جي گهٽتائي

ج. رت ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي گهٽتائي

د. رت ۾ آڪسيجن جي واڌ

.9 ڪهڙي خرابي جو تعلق ايلويلائي جي بگاڙ سان آهي؟

الف. برونڪائٽس | ب. ققڙن جو ڪينسر

ج. استيما | د. ايمفيسيما

.10 ڪهڙي خرابي جو تعلق هوائي رستي جي سوڄ سان آهي؟

الف. برونڪائٽس | ب. ققڙن جو ڪينسر

ج. استيما | د. ايمفيسيما

*** مختصر جواب**

.1 استوميٽا عام طور تي ڏينهن جي وقت ئي ڇو کلن ٿا؟

www.perfect24u.com

.2 ٻوٽن جا ڪهڙا حصا ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جذب ۽ آڪسيجن خارج ۽ آڪسيجن جذب ۽ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ خارج ڪندا آهن؟

.3 اسان وات جي بجاءِ نڪ سان ڇو ساهه کڻندا اهيون؟

.4 ساهه کڻڻ جي عمل، گئسن جي مٽا سٽا ۽ عمل تنفس جي وچ ۾ فرق واضع ڪريو.

.5 اسان ورزش يا ان کانپوءِ وڏا ساهه ڇو کڻندا آهيون؟

.6 آڪسيجن جو فارم ڇا آهي؟

.7 هوا جي داخلي ۽ اخراج جي وچ ۾ فرق بيان ڪريو.

.8 ڦڦڙن جو ڪينسر ڇا آهي؟

.9 ايستما جي مريض کي ڪهڙي طرح بچائي سگهجي ٿو؟

.10 اهڙن جانورن جا نالا ٻڌايو جيڪي جسماني سطح سان گئسن جي مٽا سٽا جو عمل انجام ڏين ٿا.

* تفصيلي جواب.

.1 تنفسي خرابين کان پاسو ڪرڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا قدم کڻڻ گهرجن؟

.2 مناسب تصوير جي ذريعي انساني تنفسي نظام کي واضع ڪريو.

.3 تجربي جي مدد سان ثابت ڪريو ته عمل تنفسي دؤران ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ خارج ٿيندي آهي.

.4 انسانن ۾ وينٽيليشن (هتراڊو ساهه کڻڻ) جو عمل تفصيل سان بيان ڪريو.

.5 سگريٽ نوشي صحت لاءِ ڇو هاڃيڪار آهي؟ ۽ هي ڪهڙي طرح تنفسي خرابين ۾ شامل آهي.

www.perfect24u.com

باب 2

هوميوسٽيسس

اهم تصورات:

هن سبق ۾ اسان سکنداسين:

- تعارف:
- پوٽن ۾ هوميوسٽيسس
- حيوانات ۾ هوميوسٽيسس
- انساني نظام هوميوسٽيسس
- انساني گڙدن جي بناوت ۽ ڪم
- گڙدن جي بناوت
- نيفران جي بناوت
- نيفران جا ڪم
- انساني خارجي نظام جا نقص
- گڙدن جي پٿري ۽ ان جو علاج

www.perfect24u.com

تعارف

ڪنهن بہ جاندار جي حالتن ڪي ان جو اندريون ماحول سڏيو ويندو آهي. جنهن ۾ انهي جي اندر موجود پاڻي جي مقدار، مختلف قسمن جا ڳار (Solutes) ۽ درجہ حرارت وغيره شامل هوندا آهن. حياتياتي ڪمن ڪي صحيح طور تي انجام ڏيڻ لاءِ اهي سڀئي شيون هڪ خاص مقدار ۾ گهربل هونديون آهن. انهي لاءِ هوميوسٽيسس اهڙن حياتياتي ڪمن جو مجموعو آهي جيڪي ڪنهن جاندار جي اندروني ماحول ڪي هڪ خاص سطح تي برقرار رکن ٿا. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ انهن سڀني شين ڪي هڪ سطح تي برقرار رکڻ جو ضروري آهي؟

اچو تہ اسان گرمي پد جي مثال سامهون رکون ٿا.

* ٻاهرين ماحول ۾ گرمي پد ڏينهن جي دؤران مسلسل گهٽ وڌ ٿيندو رهندو آهي. پر انزائمس (Enzymes) درجہ حرارت جي هڪ حدود ۾ ئي ڪم انجام ڏين ٿا. انهي لاءِ جاندارن ڪي پنهنجي اندروني گرمي پد ڪي هڪ خاص حد تائين ئي رکڻو هوندو آهي. جاندار پنهنجي اندروني حالتن (ڪيفيتن) جي جائزي طريقہ ڪار سان هڪ خاص سطح تي برقرار رکندا آهن. ڪهڙي طرح هڪ جسم فيڊبيڪ جي طريقي سان هوميوسٽيسس برقرار رکي ٿو؟



www.perfect24u.com

ٻوٽن ۾ اندروني حالتن جي لاءِ مطابقت پيدا ڪرڻ:

(Adoption of Plants for Different Conditions)

هوميوسٽيسس جون ٽي ڪليدي حالتون هونديون آهن:

1. اوسموريگيوليشن (Osmoregulation)

اندروني پاڻي جي مقدار ۽ نمڪيات کي اوسموسس جي ذريعي هڪ خاص سطح تي برقرار رکڻ کي چئبو آهي.

2. ٿرموريگيوليشن (Thermoregulation)

درجہ حرارت جي هڪ خاص سطح تي برقرار رکڻ کي جنهن ۾ انزائمس بهتر انداز سا ڪم انجام ڏئي سگهن.

3. اخراج (Excretion)

اهو عمل جتي حياتياتي عمل ۾ پيدا ٿيڻ واري زهر بيڪار مادن کي خارج ڪيو ويندو آهي جهڙوڪ امونيا، يوريا، يورڪ ائسڊ وغيره وغيره

ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جو خارج يا جمع ٿيڻ

ٻوٽا ڏينهن جي وقت ۾ پنهنجي ساون حصن ۾ روشنائي ترڪيب جو ڪم ۽ سيني جاندار خلين ۾ ساهہ ڪڻڻ وارو عمل انجام ڏيندا آهن. ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ عمل تنفس جي دؤران پيدا ٿيندي آهي. اها روشنائي ترڪيب ۾ استعمال ٿي ويندي آهي. جڏهن روشنائي ترڪيب جي شرح ساهہ ڪڻڻ واري عمل کان وڌي ويندي آهي تہ ٻوٽا اضافي ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ هوا مان حاصل ڪندا آهن. ۽ اضافي آڪسيجن هوا ۾ خارج ڪندا آهن. گئسن جي هي مٽا سٽا سٽوميٽا جي ذريعي انجام پذير ٿيندي آهي. رات جي وقت ۾ ٻوٽا صرف عمل تنفس انجام ڏيندا آهن جنهن ۾ صرف ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ پيدا ٿيندي آهي جيڪا نفوذ پذيري ذريعي جسم جي سطح کان خارج ٿيندي آهي. ساوا حصا گئسن جي مٽا سٽا سٽوميٽا ذريعي ۽ غيرسبز حصا جسم جي سطح سان ڪن ٿا.

www.perfect24u.com

اضافي پاڻي جو اخراج(Removal of Extra Water):

ٻوٽا پاڻي جو هڪ وڏو حصو جسم جي اندر ذخيرو ڪندا آهن هي پاڻي ٻوٽن مان ٻن طريقن سان خارج ٿيندو آهي.

الف. ٽرانسپائيريشن (Transpiration)

ب. گٽيشن (Guttation)

ٽرانسپائيريشن ٻخارن جي صورت ۾ پاڻي خارج ڪرڻ وارو عمل آهي جيڪو ٻوٽن جي هوائي حصن ۾ انجام پذير ٿئي ٿو. هي عمل صرف ڏينهن جي وقت ۾ ٿيندو آهي. ٻوٽن ۾ پاڻي جو اخراج پاڻيات واري حالت ۾ انهي جي پنن ما خاص قسم جي سوراخن مان جنهن کي هائيڊا ٿوڊس چوندا آهن. انهي اخراج کي گٽيشن چئبو آهي. هي عمل صرف رات جي وقت ٿيندو آهي. جنهن وقت پنن ۾ پاڻي جو دٻاءُ وڌيڪ ۽ درجه حرارت گهٽ ٿئي ٿو. ٻوٽا پنهنجي پنن ۾ حالات جي حساب سان انهن جي جسامت، ساخت ۽ سٽوميٽا جي ساخت ۾ تبديلي آڻين ٿا ته جيئن ٽرانسپائيريشن جي شرح کي ڪنٽرول ڪيو وڃي.

ٻوٽا ڪونئر ربڙ، ليٽڪس (Latex)، ٻهروز (Resin) وغيره جهڙيون ثانوي مصنوعات به پيدا ڪندا آهن. هي مصنوعات غير حل پذير ۽ غير مضر مرڪب آهن. ڪجهه ٻوٽا خاص قسم جي ڪونئر پيدا ڪندا آهن مثال طور نم ۽ ٻبر جا وڻ وغيره انهن ثانوي مصنوعات جو اضافي حصو خاص قسم جي سوراخن مان خارج ٿيندو آهي. انهن سوراخن کي لينٽيڪل (Lenticle) چئبو آهي.

www.perfect24u.com

ڪونيفر (Conifer) ٻوٽو ٻهروزو پيدا ڪندو آهي جڏهن ته ربڙ جا ٻوٽا ليٽيڪس پيدا ڪندا آهن جيڪو هڪ نشان نما حصي ڪان خارج ٿيندو آهي. ڪجهه گوشت خور ٻوٽا ۽ پيپندي جا ٻوٽا ليس دار ماده پيدا ڪندا آهن ته جيئن جيتن کي انهن ليس دار مادي سان چنبڙي پون.

ٻوٽن ۾ اوسموسس واري عمل جي ترتيب: (Osmotic Adjustment in Plants)

ٻوٽا مختلف پاڻي ۽ نمڪيات وارين حالتن ۾ پيدا ٿيندا آهن. پاڻي ۽ لوڻ جي مقدار واري حالتن ۾ 4 قسمن جا ٻوٽا ملن ٿا.

1. هائيڊروفائيٽس (Hydrophytes)
2. هئلوفائيٽس (Halophytes)
3. ميسوفائيٽس (Mesophytes)
4. زيروفائيٽس (Xerophytes)

1. هائيڊروفائيٽس: (Hydrophytes)

الف. ٻوٽا جيڪي تازي پاڻي سان ڦٽن ٿا سي يا ته مڪمل طرح پاڻي ۾ ٻڏل هوندا آهن يا جزوي طور تي هي ٻوٽا پنهنجو پاڻ مان اضافي پاڻي خارج ڪري حالتن سان مطابقت قائم ڪندا آهن. اهو اضافي پاڻي انهي جي حالتن سبب انهن ٻوٽن ۾ داخل ٿيندو آهي. ب. انهن ٻوٽن ۾ يا ته پاڙون ڪو نه هونديون آهن يا وري تمام ننڍيون هونديون آهن.

ج. اگر هي مڪمل طور ٻڏل هونديون آهن ته انهن جا پن وڏا ۽ استوميٽا جي مٿئين سطح تي موجود هوندا آهن. جيئن ڪنول جو ٻوٽو يا پاٻوڙي جو ٻوٽو.

www.perfect24u.com

د. مڪمل طور پاڻي ۾ ٻڏل ٻوٽن ۾ سنهڙا ۽ سفنجي ٽشوز انهن جي پنن ۽ ٽڙن ۾ ملندا آهن. مثال طور هائيڊريلا (Hydrilla).

2. هئلوفائيٽس: (هيلوس = لوڻ) (Halophytes)

الف. هي ٻوٽا لوڻ داري ڍٻڻ يا لوڻياڻي پاڻي ۾ ٿين ٿا. لوڻياڻي پاڻي واري حالت ۾ خلين جو پاڻي ٻاهر نڪري ويندو آهي. جيڪو ٻوٽن لاءِ هاڃيڪار آهي. پاڻي کي ٻاهر ڪان ٻوٽي جي خلين ۾ ڪٽي وڃڻ لاءِ ٻوٽا ڪجھ خاصيتون پيدا ڪن ٿا.

ب. هي ٻوٽا لوڻ دار غدود پيدا ڪندا آهن جتي هي ٻوٽا لوڻ پيدا جمع ڪندا آهن ۽ انهي لاءِ هي فعال ترسيل (Active Transport) جي ذريعي پاڻي جذب ڪندا آهن.

ج. ٻوٽن ۾ موجود لوڻ پاڻي کي ٻاهر وڃڻ کان روڪي ٿو. لوڻ جي ڪجھ مقدار پنن جي تھ تي جمي وڃي ٿي جيڪا هوا ۾ موجود پاڻي کي پنهنجي طرف ڇڪي وڃي ٿو.

3. ميسوفائيٽس: (Mesophytes)

الف. اهي ٻوٽا اهڙي زمين ۾ ڦٿن ٿا جتي پاڻي مناسب مقدار ۾ موجود هوندو آهي. اهڙا ٻوٽا هيٺين خصوصيتن جا مالڪ هوندا آهن.

ب. انهن ۾ پاڙن جو نظام موجود هوندو آهي جيڪي وڏيون ۽ ڍگهيون نہ هونديون آهن.

ج. انهن جي پنن جي بناوت وچولي هوندي.

www.perfect24u.com

4. زيروفائيٽس (Xerophytes):

هي ٻوٽا گهٽ پاڻي واري زمين ۾ پيدا ٿيندا آهن. هي ٻوٽا ريگستان ۾ يا ڏڙي ميدان يا متاهين تي ٿيندا آهن. پاڻي کي بچائي رکڻ لاءِ ۽ پاڻي جذب ڪرڻ لاءِ هو ٻوٽا پنهنجي اندر خصوصيتون پيدا ڪندا آهن. جيڪي هيٺيون آهن:

الف. انهن وٽ سڌي اوسر وارو پاڙن جو نظام هوندو آهي.

ب. هي هيٺاهين تائين وڃي پاڻي جذب ڪري سگهن ٿيون.

ج. انهن جي پنن ۽ ساين ٿارين تي ڪيوٽيڪل (Cuticle) جي ٿلهي تهه هوندي آهي جيڪا پاڻي کي ضايع ٿيڻ کان بچائي سگهي.

د. انهن جي پنن جي بناوت ننڍي هوندي آهي يا وري پن ڪنڊن ۾ تبديل ٿي ويندا آهن ته جيئن اسٽوميٽا جي تعداد کي گهٽ پاڻي کي ضايع ٿيڻ کان بچائي سگهن.

هه. ڪجهه زيروفائيٽس وٽ خصوصي پيرنڪائما (Parenchyma) خليا انهن جي ٿارين تي موجود هوندا آهن جتي پاڻي جو زخيرو ڪيو ويندو آهي. انهي سبب هي نرم ٿيندا آهن جڏهن ته اندران گهميل ۽ رسدار. انهي کي سڪيولينٽ (Succulent) عضوو چئبو آهي مثال طور ڪيڪٽس (Cactus).

* جانورن ۾ هوميوسٽيسس:

1. جانورن ۾ اوسموريگيوليشن:

ٻوٽن جيان حيوان به پاڻي ۽ زميني حالتن ۾ رهن ٿا. پنهنجي ماحول جي لحاظ کان انهن جي خلين کي به متوازن پاڻي جي مقدار جي ضرورت پوندي آهي. پاڻيءِ، کاڌ خوراڪ سڀ

www.perfect24u.com

ڳڌ مسلسل انهن جي خلين ۾ داخل ۽ خارج ٿيندا رهندا آهن ته جيئن ميٽابولڪ عمل جي لاءِ پاڻي ۽ ڳار جي مقدار کي هڪ خاص سطح تي رکجي.

آبي ماحول ۾ اوسموريگيوليشن:

آبي ماحول کي انهي ۾ موجود نمڪيات جي مقدار جي بنياد تي تقسيم ڪيو ويندو آهي. پاڻي جنهن ۾ تمام گهٽ مقدار ۾ لوڻ هوندو آهي انهي کي تازي پاڻي جنهن ۾ لوڻ وڌيڪ هوندو آهي انهن کي سمندري پاڻي چئبو آهي. حيوانات 2 قسم جي پاڻين ۾ مختلف انداز سان ورتاءُ ڪندا آهن.

الف. تازي پاڻي ۾ اوسموريگيوليشن:

تازي پاڻي وارن حيوانن جو اندروني ماحول هائيپرٽونڪ (Hypertonic) هوندو آهي. انهي لاءِ انهن کي وڌيڪ پاڻي وڃڻ جو خطرو موجود هوندو آهي. جنهن جي ڪري لوڻيات به ضايع ٿي سگهن ٿا. انهن حيوانن کي به 2 حصن ۾ ورهائجي ٿو.

گهڻن خلين وارا جاندار	هڪ خليي وارا جاندار
1. هي جاندار اضافي پاڻي کي گهٽ ارتڪاز واري بول جي ذريعي خارج ڪندا آهن. 2. لوڻيات جي زيان جو پورائو لوڻ جي فعالي ترسيل جي ذريعي ٿيندو آهي. جيڪو ڪلين ۽ چمڙي جي ذريعي ۽ زياده تر نمڪيات واري غذا جي ذريعي ڪيو ويندو آهي.	هي جاندار اضافي پاڻي کي ڪنٽريڪٽائل ويڪيول جي ذريعي ٻاهر ڪڍن ٿا. مثال طور: ايموبا، پيراميشيم

www.perfect24u.com

ب. سامونڊي حيوانن ۾ اوسموريگيوليشن (Osmoregulation in Marine Animals)

عام طور تي سامونڊي حيوانات جي اندروني حالت هائيپوٽونڪ (گهٽ لوڻ واري) هوندي آهي. مگر هي سامونڊي حيوانات پنهنجي اندر هائيپر ٽونڪ يا آئزوٽونڪ (Isotonic) (هڪ جهڙي نمڪياتي حالت) حالت قائم ڪندا آهن ته جيئن حياتياتي عمل صحيح انداز سان انجام ڏئي سگهن.

اوسموڪنفرمر	لڙي دار مڇيون	ڪرنگهي واريون مڇيون
انهن جي جسم ۾ ٻيروني سطح جي برابر لوڻ هوندو آهي. انهن حيوانن کي اهڙي ڪابہ سرگرمي ڪرڻ جي ضرورت نہ هوندي آهي جنهن ۾ اندروني اوسموسس حالت کي صحيح ڪرڻو پوي. مثال هڪ خليي وارا جاندار.	انهن جي جسم ۾ لوڻ جي مقدار وڌيڪ هوندي آهي. جيڪا پنهنجي اندر يوريا جمع ڪري ٿي. اهي اهڙي غذا کائين ٿيون جن ۾ نائيٽروجن مرڪبات وڌيڪ هوندا آهن جهڙوڪ گوشت	انهن جي جسم ۾ لوڻ جي مقدار گهٽ هوندي آهي. هي جاندار فعالي ترسيل جي ذريعي پاڻي جذب ڪندا آهن ۽ انهن ۾ لوڻ جا غدود شامل هوندا آهن. جن ۾ هو لوڻ جمع ڪري ان جي مقدار وڌائيندا آهن ۽ لوڻ کي پاڻي کان عليحده ڪندا آهن.

* خشڪي تي رهڻ وارن جانورن ۾ اوسموريگيوليشن:

جاندارن لاءِ زميني حالات آبي حالات کان شديد هوندا آهن. جو تہ هتي گرمي جو اثر سڌي طرح هوندو آهي جنهن سان انهن جي جسم جو پاڻي بخارات جي شڪل ۾ ضايع هجڻ جو ڏاڍو گمان رهندو آهي جيڪو پاڻي جي گهٽتائي جو سبب بڻجي ٿو. زميني حالتن ۾ جتي ماليڪسس (Molluscs)، ريڙهيون پائيندڙ (Reptiles) ۽ پکي ۽ مئمل زنده رهي سگهن ٿا جو تہ انهن ۾ هينيون خصوصيتون ملن ٿيون.

www.perfect24u.com

1. انهن جي جسم جو ٻاهريون خول (Exoskeleton) يا تلهي کل سان ڍڪيل هوندا آهن جيڪي پاڻي جي زيان کي روڪين ٿا.

2. هي گڙدن ۽ ريڪٽم (Rectum) ۾ موجود محلول سان پاڻي کي ٻيهر جذب ڪري پاڻي جي تعداد کي برقرار رکن ٿا.

3. ڪي جانور چربي کي ٽوڙي پاڻي کي پيدا ڪندا آهن. جيڪا پراوڪسيزوم (Peroxisome) جي مدد سان ٿيندو آهي. مثال طور اُٺ ۽ ڪينگرو

4. مسلسل پاڻي پيءَ يا زياده پاڻي واري غذا استعمال ڪري.

*** عمل اخراج (Excretion)**

حياتياتي عملن جي دؤران جاندار پروٽين ۽ تخريبي عمل جي دؤران جيڪي نائيٽروجن وارا زهريلا مرڪب پيدا ٿين ٿا اهي زهر آهن. مرڪب خاص طور تي امونيا، يوريا ۽ يورڪ ائسڊ هوندا آهن جن کي عام طور تي نائيٽروجني فرسوده ماده چيو وڃي ٿو. اگر اهي مرڪبات جسم ۾ رهجي ۽ جمع ٿي وڃن ته جسم جا خليا ۽ غضوو تباهه ٿي ويندا. انهي لاءِ ضروري آهي ته پنهنجي ڇمڙي سان جسم مان خارج ڪيو وڃي. انهن مان لڳاتار عمل اخراج (Excretion) ٿيندو رهندو آهي.

ٻي طرف نباتات ۾ حياتياتي فعل حيوانات کان مختلف هوندا آهن. ٻوٽا خود غذائي (Autotrophs) جاندار آهن. شروعات ۾ هي ڪاربوهائيڊريٽس پيدا ڪندا آهن. ڪاربوهائيڊريٽس جي تجزيي سان ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ۽ پاڻي پيدا ٿين ٿا. ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ واپس روشنائي ترڪيب واري عمل ۾ استعمال ٿي وڃي ٿي ۽ پاڻي زهريلو مادو نہ آهي.

خود غذائي جاندار هجڻ جي حيثيت سان هي بي شمار انواع جا ٻيا مرڪب بہ تيار ڪن ٿا. اهڙي طرح هڪ حياتياتي فعل ۾ پيدا ٿيڻ وارن بيڪار مادن ٻين حياتياتي فعلن ۾ استعمال ٿي ختم ٿي وڃن ٿا.

www.perfect24u.com

* حيوانن ۾ اخراج جو عمل: (Excretion in Animals)

حيواني خليه پنهنجي حياتياتي فعلن جي دؤران نائيٽروجن جا بيڪار ماده پيدا ڪن ٿا. جن کي اسين يا ته ٽشو پاڻياٺ (Tissue Fluid) ۾ يا پوءِ رت ۾ خارج ڪندا آهيون اهڙي طرح حيوانن کي اهڙا عضوا درڪار هوندا آهن جيڪي ٽشو پاڻياٺ يا وري رت کي صاف ڪري سگهن. انهن عضون کي اخراجي عضوا (Excretory Organs) سڏبو آهي.

ذريعا	اخراجي مرڪب	اخراجي عضوا	جانورن جا نالا
پلينيريا	فلم خليه پروٽو نيفريڊيا اخراجي ناليون	گهٽ ارتڪازي بول	ٽشو پاڻياٺ
سانپو (Earthworm)	ميٽا نيفريڊيا	گهٽ ارتڪازي بول	سيلومڪ پاڻياٺ (Coelomic Fluid)
ڪاڪروچ (حشرات)	ميلفيجين ناليون (Malphigian Tubules)	يورڪ ائسڊ جون گوريون	هئمولمف (Haemolymph)
ڪرنگهي وارا جاندار (Vertebrates)	گڙدا	امونيا يوريا يورڪ ائسڊ	رت

* انسانن ۾ هوميوسٽيسس: (Homeostasis in Man)

انسانن ۾ هوميوسٽيسس جو بهترين نظام موجود هوندو آهي. اهي اهم عضوا جيڪي هوميوسٽيسس جو اهم ڪم سرانجام ڏين ٿا اهي آهن:

www.perfect24u.com

1. گڙدا Kidneys

2. چمڙي Skin

3. ڦڦڙ Lungs

1. گڙدا: (Lungs)

گڙدن کي جسماني مادن جو فلٽر سڏيو وڃي ٿو. هي جسم ۾ پاڻي، يوريا، يورڪ ائسڊ، ڪريٽنين (Creatinine) ۽ ٻين بيڪار مادن جي مقدار کي هڪ خاص حد تائين رکڻ جو ڪم انجام ڏيندا آهن. انهن مادن جي اضافي مقدار کي بول هول جي ذريعي جسم مان خارج ڪندا آهن.

2. چمڙي: (Skin)

چمڙي کي جسم جو سڀ کان وڏو عضوو سمجهيو ويندو آهي. بنيادي طور تي چمڙي اسان جو حفاظتي عضوو آهي جيڪو هڪ حفاظتي ديوار جو ڪم ڪري ٿو. ان سان گڏ هي هوميوسٽيسس جو ڪم به ڪري ٿي. هي درجہ حرارت، پاڻي ۽ نمڪيات کي هڪ خاص حد تائين محدود رکڻ جو ڪم سرانجام ڏئي ٿي.

3. ڦڦڙ: (Lungs)

هي رت جي جسماني پاڻيات (Body Fluid) ۽ خلين ۾ آڪسيجن ۽ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي مقدار کي هڪ خاص حد ۾ رکڻ جو ڪم ڪندا آهن. انهن جي مقدارمقرر شرح تائين رکڻ ۽ توانائي کي مسلسل وهڪري رکڻ ۾ مدد ثابت ٿيندا آهن.

انساني چمڙي جي بناوت: (Structure of Human Skin)

انساني چمڙي 3 تهن تي مشتمل هوندي آهي:

1. ايپي ڊرمس (Epidermis)

2. ڊرمس (Dermis)

www.perfect24u.com

3. هائيپوڊرمس (Endodermis)

1. ايپي ڊرمس: (Epidermis)

سڀ کان پهرين تهه ايپي ڊرمس آهي جيڪا چنبڙيل ۽ ڪيراٽين (Keratin) وارين مرده ڪلن مان ٺهيل هوندي آهي. انهي تهه ۾ رت جون ناليون موجود هونديون آهن. هي غير نفوذ پذير آهي انهي لاءِ پاڻي جي اخراج کي روڪڻ ۽ خوردبيني جاندارن کي اندر اچڻ کان روڪيندي آهي. انهي لاءِ هن کي حفاظتي پٽ پڻ چيو وڃي ٿو.

2. ڊرمس: (Dermis)

ڊرمس چمڙي جي اها تهه آهي جيڪا ايپي ڊرمس ۽ هائيپوڊرمس جي وچ ۾ موجود آهي. انهي ۾ ڪيترين ئي بناوتون هونديون آهن جن کي نرو (Nerve) جا منهن، درجه حرارت ۾ تبديلي، سور، چڪ وغيره جا حصي غضون (Receptors) جو ڪم ڪندا آهن. ڊرمس ۾ پگهر جا غدود به ملن ٿا جيڪي پگهر خارج ڪري درجه حرارت گرمي کي هڪ حد ۾ رکندا آهن. چمڙي مان يوريا، پاڻي ۽ نمڪيات به خارج ڪندا آهن. ڊرمس ۾ آرٽيريول(Arteriole) جي جار پڻ وچايل هوندي آهي جيڪا گرمي کي هڪ خاص حد تائين رکڻ ۾ مسلسل ڪم سرانجام ڏيندي آهي. ان ۾ وارن جون ٿيلهيون (Hair Follicle) ۽ غدود به موجود هوندا آهن جيڪي سٽيو مادو خارج ڪندا آهن جنهن سيبم (Sebum) چئبو آهي.

3. هائيپوڊرمس: (Hypodermis)

هائيپوڊرمس سڀ کان اندرين تهه آهي. هي سڀ کان وڌيڪ سٽيي تهه آهي جيڪا درجه حرارت کي غير موصول (Insulator) ڪرڻ جو ڪم ڪري ٿي. ان سان توانائي جسم ۾ ذخيرو هوندي آهي.



www.perfect24u.com

جسم جي درجہ حرارت کي مستحڪم رکڻ ۾ چمڙي جو ڪردار:

چمڙي اهو عضوو آهي جيڪو جسم جي درجہ حرارت کي ڳنڍي رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو جيئن چمڙي ۾ موجود حصي عضون جي درجہ حرارت 37 سينٽي گريڊ (مقرر انساني جسم جو گرمي پد) تہ مختلف محسوس ڪندا آهيون. مطلب انهن کا گهٽ يا وڌيڪ تہ هي دماغ کي پيغام پهچائين ٿا. هي عمل جائزي جي ذريعي انهي کي معمول تي آڻڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

1. اگر جسم جو درجہ حرارت ۾ واڌارو اچي تہ:

* پگهر جو پيدا ٿيڻ ۽ خارج ٿيڻ:

پگهر جا غدود پگهر پيدا ڪرڻ شروع ڪندا آهن ۽ پوءِ اهو پگهر چمڙي تي خارج ٿيڻ لڳندو آهي جيڪو توانائي سان گڏ بخارات ۾ جسم جي سطح تي اڏامي ويندو آهي. اهڙي طرح جسم ٿڌاڻ محسوس ڪندو آهي.

* وارن جو ليٽِيِ پوڻ

گرم موسم ۾ اهي عضوا جيڪي وارن سان جڙيل هوندا آهي اهي آرام ۾ اچي ويندا آهن جنهن سبب وار ليٽِي پوندا آهن ۽ جسم جي سطح سا چنبڙي پوندا آهن.

* رت جي نالين جي پکيڙ: (Vasodilation)

ڊرمس ۾ جيڪي رت جون ناليون ۽ انهن جو جار وڇايل هوندو آهي. اهي ناليون کُلي ويندڀون آهن جنهن سبب انهن کي رت جي مقدار ۽ وهڪرو وڌي ويندو آهي. اهو وهڪروانهن نالين کي چمڙي جي سطح جي ويجهو آڻي ٿو جنهن ڪري جسماني گرمي ماحول ۾ خارج ٿي جسم جي گرمي درجہ حرارت کي معمول تي ڪٽي وجي ٿي. رت جي نالين جي ڦهلجڻ جي انهي عمل کي ويسوڊائيليشن (Vasodilation) چئبو آهي.

www.perfect24u.com

2 ٿڌي موسم ۾ جڏهن جسم جو درجہ حرارت گرمي ۾ گهٽجڻ لڳندو آهي:

* وارن جو مٿي ايرڻ:

وارن سان ڳنڍيل عضوا خشڪ ٿيو ويندا آهن ۽ سڪڙجي ويندا آهن. اهڙي طرح وار اُڀا ٿي هوا کي پنهنجي طرف گرفتار ڪري چوڏاري هوا جي تهہ ٺاهيندا آهن. هوا جي هي تهہ گرمي پد جو غير موصل ڪم سرانجام ڪري ٿي. هر انسان ۾ هي طريقہ ڪار هاڻي مؤثر نہ رهيو آهي.

* رت جي نالين جو سُسي وڃڻ: (Vasocontraction)

رت جي نالين جي سُسي وڃڻ سان رت جو وهڪرو ۽ جسم گهٽجي ويندو آهي ۽ اهي چمڙي جي پوري سطح ڪان پري ٿي ويندي آهي. اهڙي طرح حرارت جو جسم مان خارج ٿيڻ گهٽجي ويندو آهي.

* پگهر جو گهٽ پيدا ٿيڻ:

پگهر جا غدود پگهر گهٽ پيدا ڪرڻ بند ڪري ڇڏيندا آهن اهڙي طرح گرمي پد جو اخراج گهٽ ٿي ويندو آهي.

* حياتياتي تعلق جو وڌي وڃڻ:

ٿڌي موسم ۾ حياتياتي تعلق جي شرح ۾ اضافو ٿي ويندو آهي. اهڙي طرح مختلف عضون جي ذريعي پوري جسم يا هڪ جهڙي طور تي ورهائجي ويندي آهي. ۽ اها گرمي چمڙي ۾ موجود ايڊيپوز ٽشوز (Adipose Tissues) جي ذريعي ضايع هجڻ ڪري رڪجي ويندي آهي. هي ٽشوز هائيپوڊرمس ۾ گرمي جي غير موصول (Insulator) جو ڪم سر انجام ڏين ٿيون.

www.perfect24u.com



* جسم ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي مقدار گهٽ رکڻ ۾ ڦڦڙن جو ڪردار:

هوائي تنفس جي دؤران خليا وڏي مقدار ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ پيدا ڪندا آهن. رت سنهڙين نالين (Capillaries) جي ذريعي خلين ۽ ٽشوز تائين پهچي ٿو. اهڙي طرح ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ رت ۾ نفوذ پذير ڪري ڇڏي ٿي. جتي هي رت ۾ موجود پاڻي مان ڪيميائي عمل ڪندي ڪاربونڪ ائسڊ (Carbonic Acid) ناهي ٿي. هي ڪيميائي عمل هڪ انزائم جي ذريعي ٿيندو آهي. جنهن کي ڪاربونڪ اينهائيڊريز (Carbonic Anhydrase) چوندا آهن. هي انزائم رت جي ڳاڙهي جزن ملي ٿو. ڪاربونڪ ائشڊ H^+ ۽ بائيڪاربونيٽ ۾منتشر ٿي ويندو آهي.. رت ۾ H^+ آئن جي مقدار تي مسلسل نظرداري خصوصي عضوي جي ذريعي رهندي آهي. جنهن کي ڪيروٽڊ باڊيز (Carotid Bodies) ۽ ايورٽڪ باڊيز (Aortic Bodies) چئبو آهي. بايو ڪاربونيٽ جا زياده تر آئن رت جي ڳاڙهن جزن مان نڪري رت جي پلازمہ ۾ نفوذ ٿي وڃن ٿا. ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي ٿوري مقدار رت جي ڳاڙهن جزن ۾ جذب ٿي انهن سا گڏ ڦڦڙن تائين پهچي ٿي. جڏهن رت ڦڦڙن ۾ پهچي ٿو تہ هي بائيڪاربونيٽ آئن ٻيهر ڳاڙهن جزن ۾ نفوذ پذير ٿين ٿا جتي هي ٻيهر ڪاربونڪ ائسڊ

www.perfect24u.com

۾ تبديل ۽ پوءِ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ پاڻي ڪان الڳ ٿي ويندي آهي. اهڙي طرح ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ رت جي نالين ڪان ٻاهر نڪري ايلولائي ۾ نفوذ ڪري ٿي جتي هي هوا ساهه سان گڏ جسم ڪان ٻاهر نڪري ٿي.

اگر رت ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي سطح ۾ اضافو ٿئي ٿو ته ان جي PH ۾ به اضافو ٿين لڳندو آهي. انهي وقت حصي عضوي (Receptor) ڪنٽرول مرڪز کي پيغام موڪلي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ ساهه کڻڻ جي رفتار تيز ٿي وڃي ٿي ۽ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جو اخراج انهي طريقي سان ٿيڻ لڳندو آهي.



www.perfect24u.com

* رت جي ترڪيب کي ڪنٽرو ل ڪرڻ ۾ گڙدن جو ڪردار:

رت اهو پاڻيات آهي جنهن ۾ خليا موجود هوندا آهن. پلازمہ ۾ سڀ کان وڌيڪ مقدار پاڻي جي موجودگي هوندي آهي. جنهن سان گڏ NA, CT, K, C وغيره جهڙا ڳار (Solutes) پڻ موجود هوندا آهن. رت ۾ نائيٽروجن فرسوده ماده پڻ شامل ٿيندا آهن. اسان اهو محلول غذا جي ذريعي پنهنجي جسم ۾ شامل ڪندا آهيون. رت ۾ پاڻي، ڳار ، ۽ نائيٽروجن مادن جي مقدار کي گڙدا هڪ خاص سطح تي برقرار رکن ٿا. تقطير (Filtration) ۽ ٻيهر جذب (Reabsorption) جي ذريعي انجام ڏين ٿا. جيڪو اسين اڳين حصي ۾ پڙهندا سين.

* انسانن ۾ بول جو نظام: (Urinary System in Man)

انسانن ۾ بول جو نظام هيٺين عضون جي مشتمل آهي:

1. گڙدن جو هڪ جوڙو (Pair of Lungs)
2. بول جي نالين جو هڪ جوڙو (Ureter)
3. هڪ بول جي ٿيلهي يوريٽري بليڊر (Urinary Bladder)
4. هڪ يوريٿرا (Urethra

گڙدا ڳاڙهي ڀوري رنگ جا ڇوٽري جي شڪل وارا عضوا هوندا آهن. جيڪي



ڊورسل (Dorsal) پاسي پيٽ جي خال ۾ پٺي جي ڪنڊي جي پنهي طرفن موجود هوندا آهن. هي اسانجي ڏن جي هيٺين طرف ٿورا مٿي موجود هوندا آهن. هر گردي جي مرڪز ۾ اُپٽيل (Concave) سطح هوندي آهي جنهن جو رُخ ڪرنگهي واري هڏي جي طرف هوندو آهي. هن حصي کي هلس (Hillus) سڏبو آهي رينل شريان، رينل وريد، نرو (Nerve)۽ يوريٽر (Ureter) گڙدن جي انهي حصي سان جڙيل هوندا آهن.

www.perfect24u.com

سطح هوندي آهي جنهن جو رُخ ڪرنگهي واري هڏي جي طرف هوندو آهي. هن حصي ڪي هلس (Hillus) سڏبو آهي رينل شريان، رينل وريد، نرو (Nerve) ۽ يوريٽر (Ureter) گڙدن جي انهي حصي سان جڙيل هوندا آهن.

بول جون نالیون سنهڙيون نالیون آهن جيڪي گڙدن جي بول واري ٿيلهي (Urinary Bladder) يوريٽري بليڊر سان ملائين ٿيون. بول (Urine) گڙدن کان بول واري نالين تائين انهن بولي نالين ذريعي پهچي ٿو. بول واري ڳوٺري سنهي ديوار واري عضوي جي ٿيلهي آهي جيڪا پيٽ جي خلا جي هيٺين حصي ۾ ريڪٽم (Rectum) جي بلڪل سامهون ملن ٿيون انهي ۾ بول جمع ٿئي ٿو. يوريٽرا هڪ نالي آهي جيڪا بول جي ڳوٺري مان نڪري ٿي ۽ جسم کان ٻاهر هڪ نالي مان جيڪا بول جي ڳوٺري مان نڪري ٿي ۽ جسم کان ٻاهر هڪ سوراخ مان جسم مان ٻاهر نڪري ٿو. هن ۾ سوراخ کي بولي سوراخ (Urinary Opening) چون ٿا. انهي جي ذريعي بول جي ڳوٺري جسم کان ٻاهر خارج ٿئي ٿو.

* گڙدن جي بناوت (Structure of Kidney)

گڙدا هڪ سنهي جهلي ۾ بند هوندا آهن. انهي جهلي کي پيريٽونيم (Peritoneum) چوندا آهن. گڙدا ۽ پيريٽونيم جي وچ ۾ هڪ پاٽيات پريل هوندو آهي. جنهن کي پيريٽونيل پاٽيات (Peritoneal Fluid) چون ٿا جيڪي گڙدن ۽ جهلي جي وچ ۾ رگڙ گهٽ ڪرڻ جو ڪم سرانجام ڏين ٿا ۽ گڙدن جي عمودي سطح کي ظاهر ڪري ٿو. انهي ۾ 3 اهم حصا ملن ٿا.



www.perfect24u.com

1. ڪارٽيڪس (Cortex)
2. ميڊيولا (Medulla)
3. پيلوس (Pelvis)

گردي جو ڪارٽيڪس گهاٽي رنگ جو پورو ٻاهر وارو حصو آهي جيڪو ريشيدار ڪيپسول (Capsule) سان ڍڪيل ۽ محفوظ هوندو آهي. جڏهن ته ميڊيولا اندريون هلڪي رنگ وارو حصو آهي. ان ۾ مخروطي اُڀار هوندا آهن. جنهن کي رينل اهرام (Renal Pyramid) چئبو آهي. انساني گردن ۾ 12 کان 16 تائين اهرام موجود هوندا آهن. ميڊيولا ۾ نيفران (Nephron) موجود هوندا آهن. نيفران گردن جي ڪم جو بنيادي ايڪو آهي. هي سنهڙيون سنهڙيون ناليون آهن جيڪي اوسموريگيوليشن جي ذريعي بول (Urine) پيدا ڪنديون آهن. گردن ۾ بول جون ناليون پيلوس جي جڳهه سان جڙيل هونديون آهن. پيلوس (Pelvis) هڪ ڪِيف (Funnel) نُما جڳهه آهي هي بول جي نالين جو اضافي حصو آهي جيڪو گردن جي اندر تائين پهچي ٿو.

* نيفران جي بناوت (Structure of Nephron)

جيئن ته مٿي ٻڌايو ويو آهي ته نيفران گردن جي ڪم ڪرڻ جو بنيادي ايڪو آهي. هر گردي ۾ ڏهه لک (هڪ ملين) کان وڌيڪ نيفران هوندا آهن. جيڪي خوردبيني ناليون آهن. هر نيفران جا چار اهم حصا آهن.

1. بومينز ڪيپسول (Bowman's Capsule)
2. لوپ اوف هينليز (Loop of Henle's)
3. پراڪسيمل ڪونووليوٽڊ ناليون (Proximal Convoluted Tubules)
4. ڊسٽل ڪونوليوٽڊ ناليون (Distal Convoluted Tubules)

تمام گهڻا نيفران هڪ جمع ڪرڻ واري نالي ۾ کلن ٿا. نيفران رت جي نالين سان گهريل هوندا آهن. هي ناليون رينل شريان ۽ رينل وريدن سان جڙيل هونديون آهن.

www.perfect24u.com





www.perfect24u.com

* نيفران جا ڪم (Functions of Nephrons)

رينل شريان گڙدن ۾ داخل ٿي هڪ ملين شاخن ۾ تبديل ٿي وينديون آهن. هر هڪ شريان ايفرينٽ (Efferent) شريان سڏبي آهي. رت گڙدن ۾ رينل نسن جي ذريعي داخل ٿيندو آهي ۽ پوءِ ايفرينٽ شريانن ۾ داخل ٿي ويندو آهي.

هر انفرينٽ نس ننڍڙين ننڍڙين نالين (Capillaries) ۾ ورهائجي وڃي ٿي. هي ورهائجندڙ ڪپ نما بناوت بومينز ڪيپسول ۾ داخل ٿيڻ بعد ٿيندي آهي. انهن نالين کي مجموعي طور تي گلوميرليوس (Glomerulus) چئبو آهي. بومينز ڪئپسول ۽ گلوميرلس کي ملائي مالفيجين (Malpighian Body) جسم رينل ڪارپسلز چيو ويندو آهي.

هي نالين گلوميرلس ايفرينٽ شريانن (Efferent Arterioles) جي شڪل ۾ جمع ٿي ٻاهر نڪري ويندين آهن ۽ نيفران جي چو طرف پکڙجي ويندين آهن.

رت جون اُهي نالين جيڪي لوپ آپ هينليز کي گهيريل هونديون آهن پاڻ ۾ پيهر ملي ڪري وريدون ٺاهي ونديون آهن جيڪي پاڻ ۾ ملي ڪري رينل وريد ٺاهي وئنديون آهن.

* بول ٺاهڻ ۾ گڙدن جو ڪردار (Roles of Kidneys in Urine Formation)

1. يوريا ٺاهڻ جو عمل:

يوريا جگر (جيري) جي نلين ۾ پيدا ٿيندو آهي. جيرو غذا جي اضافي ڪند کي گلائيڪوجن (Glycogen) ۽ ٻين غذائي ماليڪيولن جي شڪل ۾ جمع ڪندو آهي. پر هي

www.perfect24u.com

غذائي پروٽين کي جمع ڪري نہ سگهندو آهي. ان لاءِ اضافي امينو ائسڊ (Amino Acid) کي ٽوڙي ڪجهہ توانائي حاصل ڪئي ويندي آهي. انهي دؤران امينو ائسڊ جو امونيا (NH_2) الڳ ٿي ويندو آهي. هن عمل کي ڊي امينيشن چيو ويندو آهي. امونيا ۾ تبديل ٿي ويندو آهي جيڪو تمام وڌيڪ هوندو آهي. هي خلين کي با آساني تباهہ ڪري سگهي ٿو اگر هي ڪنهن جسم ۾ خاص طرز تي انسانن ۾ زيادہ تعداد ۾ جمع ٿي وڃي تہ انهي لاءِ جيري جا خليہ انهي کان گهٽ زهريلي مادي يوريا (Urea) ۾ تبديل ڪري ڇڏيندا آهن. هي يوريا رت ۾ ڇڏيو ويندو آهي. رت انهي کي ڪٽي گڙدن ۾ آڻي ٿو ۽ نيفران جي ذريعي ان کي بول جي شڪل ۾ جسم مان خارج ڪندو آهي. يوريا جي ٿوري مقدار پگهر جي ذريعي بہ خارج ٿيندي آهي.

2. بول ٺهڻ جو عمل

معدي جي اضافي نمڪياتي ۽ نائيٽروجني مادہ جيئن يوريا، يورڪ ائسڊ ۽ ڪريٽينين اگر وڌيڪ مقدار ۾ جمع ٿي وڃن تہ زهريلا ٿي ويندا آهن. هي مادہ پاڻي ۾ حل ٿي جنهن کي بول چون ٿا جسم مان خارج ٿي ويندا آهن. بول ٺهڻ جو عمل گڙدن ۾ ٿيندو آهي. گڙدن جي نيفران ۾ بول ٺهڻ جو عمل ٻن مرحلن ۾ انجام پذير ٿيندو آهي.



1. تقطير (Filtration)

2. ٻيهر جذب ٿيڻ

1. تقطير (Filtration)

تقطير اهو عمل آهي جنهن ۾ مختلف مادن کي رت مان خارج ڪيو ويندو آهي. هي ٻن قسمن جي ٿيندي آهي. الف. غير مخصوص تقطير، ب. مخصوص تقطير

www.perfect24u.com

الف. غير مخصوص تقطير (Non-Selective Filtration / Ultra Filtration)

غير مخصوص تقطير مالفيجين جسم ۾ انجام پذير ٿيندي آهي. جڏهن رت ايفرنيٽ شريانن کان گلوميريولس ۾ داخل ٿيندو آهي ته جيڪي بومينز ڪيپسول ۾ موجود هوندي آهي. رت جي پلازمہ جو زياده تر حصو بغير ڪنهن ٻيهر ڪوٽ جي گلوميريولس جي نالين مان نڪري بومينز ڪئپسول ۾ داخل ٿي ويندو آهي. هن غير مخصوص تقطير کي الترا فلٽر تقطير چئبو آهي.

ب. مخصوص تقطير (Selective Filtration)

هي تقطير پراڪسيمل ۽ ڊسٽل ڪونووليوٽڊ نالين ۾ انجام پذير ٿئي ٿو. جڏهن رت ڪري پيريٽيوبيولر نلين (Peritubular Capillaries) پهچي ٿو ته باقي بچيل فرسوده ماده فعال ترسيل جي وسيلي رت مان نڪري ويندا آهن. هن عمل لاءِ توانائي درڪار هوندي آهي.

2. ٻيهر جذب ڪرڻ (Reabsorption)

هڪ نارمل جوان انسان ۾ گرده هر منٽ ۾ 120 سينٽي ميٽر ڪيوب. فلٽريٽ پيدا ڪندا آهن. اگر فلٽريٽ جي ايتري وڏي تعداد کي جسم مان خارج ٿيڻ ڏنو وڃي ته جسم ۾ پاڻي جي گهٽتائي ٿي ويندي ۽ اهڙي طرح موت واقع ٿي ويندي. پاڻي ۽ ڪمائتي نمڪيات جي ايتري وڏي نقصان کي روڪڻ لاءِ نيفران انهن کي ٻيهر جذب ڪرڻ شروع ڪري ٿو ۽ پوءِ ٻيهر رت ۾ هليو وڃي ٿو. هي عمل ٻہ ٻن مرحلن ۾ ٿيندو آهي. الف. غير مخصوس انجذاب، ب. مخصوص انجذاب

الف. غير مخصوص انجذاب (Non-Selective Reabsorption)

هي عمل ڊسٽل ۽ پراڪسيمل ڪونووليوٽڊ نالين ۾ ٿيندو آهي. انهي دؤران پاڻي ۽ نمڪيات بغير ڪنهن انتخاب جي جذب ٿي ويندا آهن.

ب. مخصوص انجذاب (Selective Reabsorption)

هي عمل لوپ آف هينليز ۽ جمع ڪرڻ واري نالي ۾ ٿيندو آهي. هارمونز (Hormone) جي

www.perfect24u.com

مدد سان انجام پذير ٿيندو آهي. هي هارمونز اينٽي ڊائيوريٽڪ هارمون Anti Diuretic Hormone (ADH)، پيراٿائيرووائڊ ۽ ڪيلسٽونن (Calcitonin) آهن.



* اوسموس ريگيوليشن ۾ گڙدن جو ڪردار

جسم ۾ رت جي آبي صلاحيت (پاڻي خارج ڪرڻ جي صلاحيت) کي مستحڪم رکڻ ضروري آهي جو ته آبي صلاحيت ۾ هڪ وڏي ۽ اوچتي تبديلي جسم کي شديد مشڪل ۾ وجهي سگهي ٿي. مثال طور اگر پلازمه تمام گهڻو چڊو ٿي وڃي ته پاڻي رت جي خلين ۾ داخل ٿي ويندو ۽ خليه ڦندجي ڦاٽي پوندا.

ٻي طرف اگر رت جو پلازمه تمام گهاٽو ٿي ويندو ته رت جي خلين مان پاڻي ٻاهر نڪري ويندو. ان طرح رت جي خلين مان پاڻي اوسموسس جي ذريعي خارج ٿي انهن کي سڪيڙي ڇڏيندو. پاڻي ۽ نمڪيات جي هن ڪنٽرول کي اوسموريگيوليشن چئبو آهي.

گڙدا صرف اخراجي عضوا ئي نه آهن بلڪه اهي رت ۾ پاڻي ۽ نمڪيات جي مقدار کي به مستحڪم رکڻ جو ڪم انجام ڏين ٿا. گڙدا رت جي ارتڪاز کي به يقيني بڻائين ٿا.

www.perfect24u.com

* گڙدن جي خرابي:



1. گڙدن جي پٿري:

گڙدن جي پٿري هڪ سخت مادو آهي جيڪو ڪئلشم آڪسيليٽ ۽ ڪئلشم ڪاربونيٽ جي قلمن مان نهيل هوندا آهن. بعض دفعا ان ۾ يورڪ ائسڊ ۽ سسٽين (Cysteine) به شامل هوندا آهن. اهي جيڪي بول کان عليحده ٿي ڪري قلمن جي شڪل ۾ گڙدن ۾ جمع ٿي ويندا آهن ۽ پٿري جي شڪل اختيار ڪري ويندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن اهي پٿر رتيلا هوندا آهن ان ڪري مٽي جي شڪل ۾ پري ٽُٽي پوندا آهن ۽ جسم بول سان گڏ خارج ٿي ويندا آهن. اگر اهي ڪجھ وڏي جسامت وارا ۽ سخت هجن ته گڙدن جي ٽشوز کي نقصان پهچائين ٿا جنهن سان تمام گهڻي تڪليف ٿئي ٿي. هي ڪڏهن ڪڏهن بولي رستي ۾ ڦاسي به پوندا آهن ان ڪري تڪليف سان گڏ بول پڻ بند ٿي وڃي ٿو.

www.perfect24u.com

2. گُرڙن جي پٿري جو علاج: (Treatment of Kidney Stone)

اگر پٿري جو سائز نسبتن ننڍو هجي ته ان کي ٽوڙڻ لاءِ لِٿوٽرپسي (Lithotripsy) واري طريقي کي استعمال ڪبو آهن. جنهن ۾ وڏو آواز لهرن (Ultrasonic) جي صورت ۾ استعمال ڪبو آهي. ۽ ان سان پٿري جا پور بول رستي نڪري ويندا آهن.

وڏي سائز جي پٿري کي لِٿوٽرپسي واري طريقي سان ٽوڙڻ ممڪن نه هوندو آهي ان لاءِ صرف سرجري ئي ٿيندي آهي.

پاڻي جو وڌيڪ استعمال ئي گرڙدي جي پٿري نهڻ کان روڪڻ جو واحد حل آهي.

3. گرڙن جو ناڪاره ٿيڻ (Kidney Failure)

ڪڏهن ڪڏهن گرڙن ۾ موجود نيفران ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏيندا آهن جنهن کي گرده ناڪاره ٿي ويندا اهن. اهو عام طور تي ڳار جي مقدار جي غير متوازن ٿيڻ جي وجه سان ٿئي ٿو. گرڙن جي ناڪاره ٿيڻ جي وجه سان يوريا ۽ ٻيا فاسد ماده جسم ۾ جمع ٿيڻ لڳندا آهن جنهنڪري جسم ۾ پاڻي جي مقدار پڻ غير مستحڪم ٿي پوندي آهي. ڳار جي اها غير متوازن حالت موت جو سبب پڻ ٿي سگهي ٿي. ان ڪري ان ماڻهن جو رت مشين وسيلي فلٽر ڪيو ويندو آهي ۽ فاسد ماده جسم مان خارج ڪيا ويندا آهن.

www.perfect24u.com

4. گڙدن جو ڊائيليسس (Kidney Dialysis)

گڙدن جي ناڪاره ٿيڻ وارن مريضن کي ڪنهن بي صحتمند شخص جو گرده پڻ لڳائي سگهجي ٿو ڇاڪاڻ ته هڪ صحتمند شخص وٽ 2 گڙدا ٿين ٿا. اهو شخص مريض کي هڪ گڙدو عطيو پڻ ڪري سگهي ٿو. ان سان ٻئي شخص معمول واري زندگي گذاري سگهن ٿا. اگر عطيه ڪرڻ وارو موجود نه آهي ته ان مريض کي علاج لاءِ ڊائيليسس واري طريقي کي استعمال ڪرڻو پوندو. ڊائيليسس مشين جي ذريعي ڪئي ويندي آهي. اها مشين گردي جي طرز تي ئي ڪم ڪندي آهي. اها مريض جي رت کي صاف ڪرڻ ۾ مدد ڪندي آهي ۽ رت مان فاسد ۽ زهريلا ماده خارج ڪندي آهي.

مؤثر علاج جي لاءِ مريض کي هفتي ۾ 2 کان 3 ڀيرا ڊائيليسس جي ضرورت پيش ايندي آهي. هر دفعي ۾ تقريباً 3 کان 5 ڪلاڪ اهو عمل هلي ٿو جنهن ۾ وقت جو انحصار جسم جي قد ڪاٺ ۽ انجي حالت تي آهي.



www.perfect24u.com

خلاصو

1. هوميوسٽيسس حياتياتي عملن جو مجموعو آهي جيڪو جاندارن جي اندروني ماحول کي هڪ مناسب حد تي مستحڪم رکي ٿو.
2. جاندار پنهنجي اندروني ماحول کي رد عمل (فيڊ بيڪ) جي طريقي سان مستحڪم رکندا آهن.
3. هوميوسٽيسس جا 3 اهم طريقہ آهن: 1. اوسموريگيوليشن، 2. ٿرموريگيوليشن، 3. اخراج
4. جسم جو اندريون پاڻي ۽ نمڪيات جي مقدار کي آسوموسس ذريعي مستحڪم رکڻ جي عمل کي اوسموريگيوليشن سڏبو آهي.
5. جسم جي درجہ حرارت کي هڪ حد تائين مستحڪم رکڻ جي عمل کي ٿرموريگيوليشن سڏبو آهي. جنهن سان انزائم زياده بهتر نموني پنهنجو ڪم سرانجام ڏين ٿا.
6. اخراج اهو عمل آهي جنهن ۾ حياتياتي فاسد ۽ اضافي ماده جسم مان خارج ٿيندا آهن.
7. هائيڊروفائيٽس اهي بوٽا آهن جيڪي تازي پاڻي ۾ ٿين ٿا.
8. هيلوفائيٽس اهي بوٽا آهن جيڪي سامونڊي ڍنڍ يا نمڪين پاڻي ۾ ڦٽن ٿا.
9. ميسوفائيٽس اهي بوٽا آهن جيڪي جيڪي پوري پني مقدار واري پاڻي واري زمين ۾ ٿين ٿا.
10. زيروفائيٽس اهي بوٽا آهن جيڪي گهٽ پاڻي واري زمين ۾ ٿين ٿا.

www.perfect24u.com

11. اهم عضوا جيڪي هوميوسٽيسس جو عمل سرانجام ڏين ٿا هي چمڙي، ڦڦڙ ۽ گردا آهن.

12. انساني چمڙي 3 تهن تي مشتمل آهي. ايپي ڊرمس، ڊرمس ۽ هائيپوڊرمس.

13. جڏهن جسم جو گرمي پد وڌي ٿو ته پگهر نڪري ٿو، وار ليٽِي پون ٿا ۽ رت جون ناليون ڦهلجي وڃن ٿيون.

14. جڏهن جسم جو گرمي پد گهٽجي ٿو ته وار اُڀا ٿي وڃن ٿا، رت جون ناليون سڪڙجي وڃن ٿيون، پگهر گهٽ اچي ٿو ۽ حياتياتي عمل تيز ٿي وڃن ٿا.

15. ڦڦڙ جسم ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جو ليول گهٽ رکن ٿا.

16. گردا رت جي بناوت کي مستحڪم رکن ٿا. پاڻي ۽ ڳار جي مقدار کي مستحڪم ۽ نائيٽروجني فاسد مادن جي فلٽريشن ۽ دوباره جذب ڪرڻ ذريعي مستحڪم رکن ٿا.

17. گردا ڊارسل طرف پيٽ ۾ پٺي جي هڏي جي ٻنهي پاسي موجود هوندا آهن.

18. نيفران گردن جي بنيادي عملي ايڪو آهن.

19. يوريا جگر ۾ ٺهي ٿو ۽ گردن ذريعي خارج ٿيئي ٿو.

20. يوريا، يورڪ ائسڊ ۽ ڪريٽينين جي مڪسچر کي بول چئبو آهي.

21. گردي جي پٿري هڪ سخت مادو آهي جيڪو ڪئلشم آڪسيليٽ ۽ ڪاربونيٽ جي قلمن مان ٺهيل هوندو آهي.

22. گردا فيل ٿيڻ واري مريضن جو علاج ڊائيليسس مشين سان ڪيو وڃي ٿو جيڪا هڪ گردي وانگر ڪم ڪري ٿي.

www.perfect24u.com

مشق

1. ڪنهن جاندار جي اندروني حالت کي ڇا چئبو آهي؟

الف. هوميوسٽيسس
ب. اندروني ماحول
ج. اندروني حياتياتي عمل
د. فيڊ بيڪ عمل

2. حياتياتي عملن جي انهي مجموعي جيڪو اندروني ماحول کي مستحڪم رکي ٿو:

الف. واڌو فيڊ بيڪ
ب. ڪاٽو فيڊ بيڪ
ج. اوسموريگيوليشن
د. هوميوسٽيسس

3. اضافي جسماني پاڻي جو اخراج پاڻيات جي صورت ۾ سڏبو آهي:

الف. ايڪزيوڊيشن
ب. گٽيشن
ج. تنفس
د. ٽرانسپائيريشن

4. اهي ٻوٽا جيڪي سامونڊي پٽي تي ڦٽندا آهن:

الف. زيروفائيٽس
ب. هيلوفائيٽس
ج. ايپيفائيٽس
د. هائيگروفائيٽس

5. انساني عضوو جيڪو سڀ کان وڏو تصور ڪيو ويندو آهي:

الف. چمڙي
ب. هاضمي واري نالي
ج. جگر
د. دماغ

www.perfect24u.com

6. جسماني درجہ حرارت کي هڪ خاص بهترين حد تائين مستحڪم رکڻ جي عمل کي سڏجي ٿو:

الف. هوميوٿرم　　ب. ٿرموريگيوليشن

ج. اوسموريگيوليشن　　د. هيٽروٿرم

7. گڙدا هڪ جهلي ۾ بند هوندا آهن جنهن کي سڏبو آهي:

الف. پيريڪارڊيم　　ب. پيريٽونيم

ج. پلوري ميمبرين　　د. پلومول

8. چمڙي جي اها تهہ جنهن ۾ رت جي نالين جو چار نهيل هوندو آهي. تنهن کي سڏبو آهي:

الف. ايپي ڊرمس　　ب. ڊرمس

ج. هائيپوڊرمس　　د. اينڊوڊرمس

9. نيفرون ۾ مخصوص جذب ڪرڻ وارو عمل ٿئي ٿو:

الف. گلوميريولس　　ب. ميلفيجين جسم

ج. ڪونوولیوٽڊ ناليون　　د. لوپ آف هينليز

10. ADH هارمون جسم جي ڪهڙي عضوي مان خارج ٿئي ٿو؟

الف. پچوٽري غدود　　ب. گڙدا

ج. جگر　　د. ڦڦڙ

www.perfect24u.com

ب. مختصر جواب

1. هوميوسٽيسس جي جسم کي ڇو ضرورت آهي؟
2. ٻوٽا آبي ٻخارن جي بجائي پاڻيات پاڻي ڇو خارج ڪندا آهن؟
3. ٻوٽا نمڪين پاڻي ۾ ڪيئن زنده رهندا آهن؟
4. چمڙي کي اخراجي عضوو ڇو سمجهيو ويندو آهي؟
5. چمڙي ۾ ڪهڙن ڪهڙن قسمن جون ساختون موجود هونديون آهن ۽ اهي ڪهڙا ڪهڙا ڪم سرانجام ڏين ٿيون؟
6. نيفران جي صاف ۽ نالي واري شڪل ڏاهيو.
7. انساني چمڙي ڪهڙي طرح جسم جو گرمي پد مستحڪم رکڻ جو ڪم سرانجام ڏئي ٿي؟
8. ڊائيليسس جي ضرورت ڪڏهن پيش ايندي آهي؟
9. پيرا ٽيوبيولر نالين تي عمل تقطير کي الٽرا تقطير وارو عمل ڇو سڏبو آهي؟

ج. زياده توجه وارا سوال:

1. چمڙي ٿرموريگيوليٽري عضوي جو ڪم ڪهڙي طرح سرانجام ڏئي ٿي؟
2. نيفران جي بناوت تصوير وسيلي بيان ڪريو.
3. انساني جي ٻولي نظام کي تصوير ذريعي بيان ڪريو.
4. نيفران ۾ رت جي نالين جي جار ۽ ان جا ڪم بيان ڪريو.
5. گڙدي جون مختلف بيماريون ۽ ان جا علاج بيان ڪريو.

www.perfect24u.com

باب
3

هم آهنگي

اهم تصورات:

هن سبق ۾ اسان سکنداسين:

- تعارف
- هم آهنگي جا قسم (اعصابي ۽ ڪيميائي)
- انساني اعصابي هم آهنگي وارو نظام
- اعصابي هم آهنگي جا حصا
- نيوران جي ساخت ۽ ڪم
- عمل اضطراري ۽ ريفليڪس آرڪ
- انساني حاصلين (اکيون ۽ ڪن)
- اينڊوڪرائن نظام
- اهم اينڊوڪرائين غدود (پچوٽري، ٿائيرائيڊ، لبلبہ، ايڊرينل، گونيڊز)
- عصبي بي قاعدگيون



www.perfect24u.com

تعارف

ڪنهن بہ جاندار کي زنده رهڻ لاءِ بي شمار ڪم سرانجام ڏيڻا هوندا آهن. ان لاءِ ان جي جسم جي عضون ۾ ربط ۽ تعلق هجڻ ضروري آهي. انجي نتيجي ۾ اهي جاندار پنهنجي تمام عملن کي بهتر نموني سان انجام ڏيندا آهن. انهي طرح اهي بهتر انداز سان زندگي گذارين ٿا.

ڇا توهان ڪڏهن اچانڪ ڪنهن گرم شيءِ کي هٿ لڳايو آهي؟ ڇا توهان کي ياد آهي تہ پوءِ ڇا ٿيو؟ توهان ضرور فوراً پنهنجو هٿ ڪٽي ورتو هوندو. توهان ڄاڻو ٿا توهان ائين ڇو ڪيو هو؟ ماحولياتي حالات بغير ڪنهن پيشگي اطلاع جي تبديل ٿيندا رهندا آهن. جاندارن کي زنده رهڻ لاءِ انهن حالتن جي مطابق پنهنجي پاڻ کي آراستہ (Adjust) ڪندو رهڻو هوندو آهي. اها آراستگي صرف ان وقت ممڪن آهي جڏهن جاندارانهن تبديلين کي محسوس ڪري انجو تجزيو ڪن پوءِ ان جي مطابق مختلف عضون کي حڪم ڏئي ڪم ڪرائن. اهڙي طرح نہ صرف انهن جي بقا ممڪن آهي بلڪ انهن جي نسل جي بقا بہ انهي طريقي سان ممڪن آهي.

لفظ هم آهنگي جي تعريف هن طرح ڪري سگهجي ٿي تہ جتي جسم جا مختلف نظام گڏجي ملي ڪري بامقصد ڪم سرانجام ڏئي سگهن.

محرڪ (Stimulus)

هر عوامل (Factor) جيڪي اندروني يا بيروني ماحول ۾ تبديلي آڻن جو باعث ٿين ٿا اهي محرڪ يا محرڪات چورائين ٿا. اها تبديلي خاص عضو جي ذريعي محسوس ڪبي آهي. ان عضوي کي حاصلين (Receptors) يا حصي عضوا چيو ويندو آهي. مثال طور اک روشني کي محسوس ڪرڻ وارو عضوو آهي (جيڪو روشني وٺڻ لاءِ حساس آهي)، ڪن آوازن جو حاصل ڪندڙ آهي، نڪ ڪيميائي محاصل جيڪي گئسي حالت ۾ ۽ زبان ڪيميڪل جي پاڻياٺ ۽ سخت حالت کي محسوس ڪندو آهي.

www.perfect24u.com

رد عمل (Response)

هي اهو عمل آهي جيڪو جاندار ڪنهن محرڪ کي محسوس ۽ تجزيو ڪري انجام ڏين ٿا. ان جو اظهار عضوا، غدود جهڙن عضون جي ڪارڪردگي مان ٿئي ٿو. ان عضوي کي افيڪٽر (Effector) سڏيو ويندو آهي.



هم آهنگي جا قسم (Types of Co-ordination)

هم آهنگي جا 2 قسم آهن. 1. ڪيميائي هم آهنگي، 2. عضوي هم آهنگي. ٻئي قسم جون هم آهنگي هڪ ٻئي سان جڙيل آهن جنهن جي وجه سان ئي رد عمل پيدا ٿئي ٿو.

1. ڪيميائي هم آهنگي (Chemical Co-ordination)

اها مخصوص قسم جا پيغام رساني وارا عمل ڪيميائي مادن جي خارج ٿيڻ تي عمل پذير ٿين ٿا. انهن ڪيميائي مادن کي هارمون سڏيو وڃي ٿو. هارمون (Hormone) مخصوص خلين يا غدودن مان خارج ٿين ٿا. اهي ماليڪيول جسم جي خلين يا عضون جي عملن کي

www.perfect24u.com

وڌائڻ يا گهٽائڻ جو ڪم ڪن ٿا. هر هدف (Target) خليي تي سگنل پيدا ڪرڻ جي لاءِ حسي عضوا موجود هوندا آهن.

اس قسم جي هم آهنگي گهٽ درجي واري حيوانات يا نباتات ۾ ملندو آهي چاڪاڻ ته اهي يا ته ننڍي جسم جا هوندا آهن ۽ انهن جي جسم جي ساخت پڻ سادي هوندي آهي.

2. عصبي هم آهنگي (Nervous Co-ordination)

اها هڪ اعلیٰ قسم جي هم آهنگي آهي جيڪا حيوانات جي اڪثريت ۾ موجود هوندي آهي. اها خاص قسم جي ساخت جي خلين تي مشتمل هوندي آهي جن کي نيوران چئبو آهي. اهي نيوران محرڪ ٿيڻ تي برقي ڪيميائي (Electrochemical) سگنلز پيدا ڪندا آهن چاڪاڻ ته اهي سگنلز برقي شڪل ۾ هوندا آهن ان لاءِ تمام تيز رفتار هوندا آهن.

عصبي هم آهنگي ۽ ڪيميائي هم آهنگي جي ڀيٽ

عصبي هم آهنگي	ڪيميائي هم آهنگي
1. نيوران جي سرگرمي	1. خاص قسم جي ڪيميائي مادي خارج ڪرڻ وارن خلين جي سرگرمي.
2. سگنل جي قسم برقي ڪيميائي	2. سگنل جي قسم خالص ڪيميائي
3. تيز ردعمل	3. سست رفتار رد عمل
4. گهٽ عرصي وارو ردعمل	4. وڏي عرصي وارو رد عمل
5. اعلیٰ قسم جي هم آهنگي	5. پراڻي قسم جي هم آهنگي
6. صرف حيوانات ۾ لڌي وڃي ٿي.	6. هر قسم جي جاندارن ۾ لڌي وڃي ٿي.
7. نيورو ٽرانسميٽر شامل هوندا آهن.	7. ٻيا سگنل پيدا ڪرڻ وارا ماليڪيول شامل هوندا آهن جهڙوڪ هارمون

www.perfect24u.com

گهٽ درجي وارن جاندارن ۽ نباتات ۾ هم آهنگي

گهٽ درجي وارن جاندارن جهڙوڪ پروڪيريوٽس (Prokaryotes)، پروٽوزوا (Protozoa)، الجي (Algae)، فنجي (Fungi) ۽ ٻوٽن ۾ ڪيميائي هم آهنگي لڏي ويندي آهي. اها هم آهنگي ماليڪيول جي ذريعي عمل پذير ٿيندي آهي جيڪا عام طور تي هارمونز جي شڪل ۾ خارج ٿي مختلف عملن کي قائم رکندي آهي جئين ته حرڪت، نشونما، حياتياتي عمل، توليد وغيره. مثال جي طور تي ننڍا ننڍا پن هٿ لاهڻ تي بند ٿي ويندا آهن ۽ ڪجھ دير بعد وري پنهنجي اصلي حالت ۾ واپس اچي ويندا آهن. انهن پنن تي پونڊڙ دٻاءُ انهن ۾ محرڪ جو ڪم انجام ڏئي ٿو جڏهن ته پنن جو بند ٿيڻ انجو رد عمل آهي.

ٻيا رد عمل جهڙوڪ نشونما، توليد وغيره هارمون جي اخراج جي ڪري عمل پذير ٿين ٿا جيڪي مخصوص قسم جي خلين مان خارج ٿي ڪري جسم ۾ ڪنهن ميڊيم جي ذريعي ٽارگيٽ خلين تائين پهچي ڪري ڪم سرانجام ڏين ٿا. هڪ ٻيو دل کي وڻندڙ لمحو جنهن ۾ سورج مکي جي ٻوٽي جا گُل پنهنجي پاڻ کي سج جي روشني سان گڏ گهمائيندا آهن. اگر چه اها هڪ تمام سست رفتار حرڪت هوندي آهي ۽ اهو خيال ڪيو ويندو آهي ته ها حرڪت ٻوٽن ۾ ليپجنڊڙ هامونز (Phytoharmone) جي هڪ قسم آڪسن (Auxin) جي ڪري ٿيندي آهي. انهي هارمو جي ڪري ٻوٽي

جي نشونما تيزي سان ٿيندي آهي جيڪي ٻوٽي جا حصه سائي دار حصن ۾ پيدا ٿين ٿا.

www.perfect24u.com

انساني عصبي نظام (Human Nervous System)

انسانن ۾ بين ڪرنگهي وارن جاندارن وانگر جسم جي مرڪزي عصبي نظام (Central Nervous System – CNS) لاءِ ويندو آهي. هي هڪ تمام پيچيده نظام آهي. مختلف عضون ۾ موجود محرڪات کي بالترتيب ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ سگنل موڪليا ويندا آهن. مرڪزي ڪنٽرول نظام انجو مربوط طريقي سان تجزيو ڪري خاص عملي انداز ۾ رد عمل جي طور تي تبديل ڪري ڇڏي ٿو. مرڪزي عصبي نظام ٻن وڏن حصن تي مشتمل آهي:

1. مرڪزي عصبي نظام (Central Nervous System)

هي اصل ڪنٽرول ڪرڻ ۽ حڪم ڏيڻ وارو مرڪز آهي جتي محرڪ پنهنجو پيغام موڪليندو آهي. پوءِ فيصلو ڪيو وڃي ٿو ۽ پوءِ اهو فيصلو افيڪٽرز (Effectors) عضوي کي موڪليو ويندو آهي جيئن اهو ان تي عمل ڪري. اهي ٻن اهم حصن تي مشتمل آهي.

1. دماغ، 2. حرام مغز (Spinal Cord)



دماغ (Brain)

هي اسان جي جسم جو اصل ڪنٽرول ڪرڻ وارو ۽ حڪم ڏيڻ وارو مرڪز آهي. هي هڪ ٽِن تهن واري جهلي ۾ محفوظ هوندو آهي جنهن کي مينجس (Meninges) چوندا آهن. دماغ جي اندروني حصي ۾ ڪجھ خالي جڳهون يا وينٽريڪل (Ventricles) موجود هونديون

www.perfect24u.com

آهن جن ۾ سيريبرو اسپائينل (Cerebrospinal Fluid) پاڻي پريل هوندو آهي. اهي دماغ کي گدي نما حفاظتي حصو به مهيا ڪن ٿا. کوپڙي جون هڏيون پاهرين حفاظت مهيا ڪن ٿيون.

انساني دماغ هيٺين حصن تي مشتمل هوندو آهي: سيريبرم (Cerebrum)، هپوڪيمپس (Hippocampus)، امائيگڊيلا (Amygdala)، ٿيليمس (Thalamus)، هائيپوٿيليمس (Hypothalamus)، وچون مغز (Mid-brain)، سيريبيلم (Cerebellum)، ۽ ميڊيولا اوبلونگيٽا (Medulla Oblongata).

سيريبرم (Cerebrum)

هي دماغ جو سڀ کان وڏو حصو آهي جتي اهم فيصلا ڪيا ويندا آهن. ان کي ذهانت جو مرڪز، تمام شعوري حرڪتن ۽ يادداشت جو مرڪز تصور ڪيو وڃي ٿو. انهي جو پاهريون حصو پوري رنگ جو ٿيندو آهي جنهن کي ڪارٽيڪس (Cortex) يا گري مادو (Grey Matter) سڏيو وڃي ٿو جيڪو پاهرين خلين جي خلوي جسم (Cell Body) تي مشتمل هوندو آهي. جڏهن ته اندريون حصو سفيد مادي (White Matter) جيڪو وار وانگر اضافي شڪل خلوي اضافيت (Cell Processes) سان ٺهيل هوندو آهي. سيريبرم ٻن هيمسفير (Hemisphere) ساڄي ۽ کاٻي حصن تي مشتمل هوندو آهي. ساڄو هيمسفير جسم جي کاٻي طرف جي حصي جي عملن کي سرانجام ڏئي ٿو ۽ کاٻو هيمسفير جسم جي ساڄي طرف جي حصي جي عملن کي سرانجام ڏئي ٿو. ڪارٽيڪس جو ڪم سوچڻ، ترڪيبون ناهڻ، ڪم سرانجام ڏيڻ ۽ قوت ارادي آهي. هن حصي کي 4 حصن يا لوبس ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي. جيڪي آهن: 1. فرنٽل لوب (Frontal Lobe)، 2. پيرائيٽل لوب (Parietal Lobe)، 3. ٽيمپورل لوب (Temporal Lobe)، 4. اوسيپيٽل لوب (Occipital Lobe).

فرنٽل لوب جو تعلق سوچڻ ۽ جذبات وغيره سان آهي. پيرائيٽل لوب جو تعلق مختلف حيات سان آهي جهڙوڪ پريشر، درجه حرارت، ڳالهائڻ جو عمل، ترتيب ڏيڻ جو عمل وغيره. ٽيمپورل لوب جو عمل دخل ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ سان آهي. اوسيپيٽل لوب جو تعلق ڏسڻ سان آهي.

www.perfect24u.com

ٿيليمس (Thalamus)

ٿيليمس دماغ ۾ اندر جي طرف ۽ هائيپوٿيليمس جي مٿان هوندو آهي. اهو جاندار جي دماغ جي حسي حصن متعلق حصن جي طرف رهنمائي ڪري ٿو.

هائيپوٿيليمس (Hypothalamus)

هائيپوٿيليمس زندگي کي برقرار رکڻ واري عملن کي مستحڪم رکي ٿو جهڙوڪ رت جو دٻاءُ (Blood Pressure)، جسماني درجہ حرارت، بُک، اُڃ وغيره هي جسماني هوميوسٽيسس کي مستحڪم رکڻ ۾ اهم ڪردار ڪري ٿو.

هپوڪيمپس (Hippocampus)

ان جو تعلق ديرپا يادداشت سان آهي.

اميگڊيلا (Amygdala)

اهو دماغ ۾ اندر جي طرف واقع هوندو آهي. ان جو تعلق جذبات سان آهي جيئن سُور ۽ خوشي وغيره.

وچيون دماغ (Midbrain)

انسانن ۾ هي حصو ٻين حصن جي نسبت ڪجھ ننڍو هوندو آهي ۽ ٻڌڻ ۽ سونگھڻ جي عمل کي مربوط ڪرڻ جو ڪم سرانجام ڏيندو آهي. هي حرام مغز ۽ اڳيين دماغ جي رابطہ ڪار جو ڪم بہ انجام ڏيندو آهي.

سيريبلم (Cerebellum)

هي هڪ ٻي انتها سِلوٽ دار ساخت آهي جيڪا ڊارصل طرف سيريبرم جي هيٺيان واقع هوندي آهي. هي عضون جي حرڪت ۾ درستگي کي مستحڪم رکڻ جو ڪم ۽ انجي ڪشش ثقل جي مطابق صحيح توازن جهڙا عمل انجام ڏيڻ جو ذميدار هوندو آهي. ڪيڏڻ، تصويرون ناهڻ، رقص، مختلف شين ناهڻ جو ڪم انسانن ۾ انهي حصي جي وجہ سان ممڪن ٿي سگھندو آهي.

www.perfect24u.com



ميڊيولا اوبلونگيٽا (Medulla Oblongata)

هي حرام مغز جي بالڪل مٿي واقع هوندو آهي. اضطراري حرڪات جي مرڪزن جي ڪنٽرول ڪري ٿو. جيئن ساهه کڻڻ، دل جي ڌڙڪن، رت جو دؤرو، کنگهه، خوراک جو گيهڻ، هڏڪي اڇڻ، هاضمو وغيره انهن عملن کي اضطراري رد عمل (Reflexes) چيو وڃي ٿو.

پونس (Pons)

هي ميڊيولا ابلونگيٽا جي وينٽرل رخ تي واقع هوندو آهي. هي چهري جي عضون کي قابو ڪرڻ جي ڪم ۾ مددگار هوندو آهي. ان سان گڏوگڏ هي سمهڻ ۽ جاڳڻ جي عمل ۾ پڻ مددگار هوندو آهي.

www.perfect24u.com

2. حرام مغز (Spinal Cord)

هي پوپٽ جي شڪل وارو، ٿلهو، سفيدي مائل، ڊگهي نالي نما ساخت جو آهي. جيڪو ميڊيولا اوبلونگيٽا کان نڪري ڪرنگهي جي هڏي جي درميان مان ٿيندو هيٺ تائين ويندو آهي. دماغ جي برعڪس هن جو ٻاهريون حصو سفيد جيئن سفيد مادو ۽ اندروني حصو ڀوري رنگ جو جنهن ڪي ڀورو مادو سڏبو آهي. انهني ڪي حرام مغز جي عرضي تراشي ۾ واضع طور تي ڏسي سگهجي ٿو. هي تمام گهٽي اضطراري رد عمل ڪي ڪنٽرول ڪرڻ واري ۽ ننڍي ڪنٽرول مرڪز جي طور تي ڪم انجام ڏئي ٿو.

اطرافي اعصابي نظام (Peripheral Nervous System)



هي نيوران جي اضافي ساختن مان ٺهيل ٿلهي رسين (Cables) تي مشتمل آهي ۽ جسم جي مختلف عضون ڪي مرڪزي عصبي نظام سان جوڙي ٿو. هر رسي ڪي نُرو (Nerve) چيو ويندو آهي. هي رسي عصبي نيوران ۽ موٽر نيوران جي ايگزون (Axon) تي مشتمل هوندي آهي. اطرافي نظامِ اعصابي (PNS) به ٻن قسمن جي نظامن تي مشتمل آهي جيڪي آهن: 1. بدني اعصابي نظام (Somatic Nervous System)، 2. خود ڪار اعصابي نظام (Autonomic Nervous System). بدني اعصابي نظام جو تعلق هڏائڻ عضلات (Skeletal Muscles) ۽ غدودن سان آهي جڏهن ته خود ڪار اعصابي نظام جو تعلق غير اختياري عملن سان آهي جيئن ته هاضمو، ساهه کڻڻ وغيره. هي عمل زنده رهڻ لاءِ ضروري آهن.

www.perfect24u.com

نيوران (Neuron)



اعصابي نظام جي خلين کي نيوران سڏبو آهي هر نيوران نيورونل (Neuronal) اطعلات پيدا ڪرڻ ۽ انهن کي هڪ جڳهه کان ٻي جڳهه موڪلڻ جي خاص صلاحيت رکي ٿو. هن عمل کي نُرو امپلس (Nerve Impulse) بہ سڏيو وڃي ٿو. عام طور تي هڪ نيوران خولوي جسم يا سوما ۽ ڏگهي خلوي اُيار (Cell process) تي مشتمل هوندو آهي. خلوي جسم يا سوما (Soma) پلازمہ جهلي، خلوي پاڻياٺ (Cytoplasm) ۽ مرڪز (Nucleus) تي مشتمل هوندو آهي. خلوي اُيار وار نُما اُيار آهن جيڪي خلوي جسم مان نڪرن ٿا. هي اُيار ٻن قسمن جا آهن جيڪي آهن 1. ڊينڊرائيٽس (Dendrites)، 2. ايڪسون (Axon).

ڊينڊرائٽس محرڪ کي وصول ڪن ٿا جڏهن تہ ايڪسون حڪم کي ٻئي نيوران يا ڪنهن افيڪٽر خليي يا عضوي تائين پهچائين ٿا. ڪنهن برقي تار وانگر انهن اُيارن تي بہ غير موصول خول چڙهيل هوندو آهي جنهن کي مائيلن شيٽ (Myelin Sheath) چئبو آهي. هي نُرو امپلس جي ترسيل کي بغير ڪنهن رڪاوٽ ممڪن بنائي ٿي.

عمل اضطراري (Reflex Action)



توهان ڄاڻو ٿا تہ اکيون جهپڪائڻ، ٻانهن جو يڪدم پري هٽائڻ، گوڏي جو جهٽڪو، ڇِڪ، هڏڪي، ڪنگهہ وغيره خود ڪار عمل آهن. انهن کي زندگي جي دؤران سکڻو نہ پوندو آهي. هن قسم جي خود ڪار عملن کي پهرين کان ترتيب ڏنل رد عمل

www.perfect24u.com

سڏبو آهي. اهي رد عمل CNS جي ذريعي عمل پذير ٿين ٿا ۽ انهن کي عمل اضطراري چيو وڃي ٿو. اضطراري ڪيفيت جو سڀ کان ننڍيو رستو گوڏي جو جهٽڪو آهي جنهن ۾ صرف ٻہ نيوران شامل هوندا آهن. هڪ حسي نيوران ۽ ٻيو وري موٽر نيوران. اضطراري ڪيفيت جي رستي کي اضطراري آرڪ (Reflex Arch) سڏبو آهي. پيچيده اضطراري عمل ۾ اضطراري آرڪ ۾ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ درمياني نيوران موجود هوندا آهن جيڪي حسي ۽ موٽر نيوران جي وچ ۾ موجود هوندا آهن.

نيوران جي وچ ۾ موجود هوندا آهن.

تجربو (Experiment)

بئٽري جي استعمال سان ڏيڏر جي شن (Shin) يعني ٽائي مُشڪن جي سڪڙجڻ جو مشاهدو.

مشاهدو (Observation)

اعصابي نظام جي ذريعي جڏهن رساني ڪئي ويندي آهي تہ مُشڪون سڪڙجنديون آهن. هن تجربي ۾ ڏيڏر جي شِن مشڪن کي ڏيڏر مان ڪڍي ڪري ميٿيلين بليو (Methylene Blue) جي محلول ۾ وجهي پيٽري ڊش (Petri Dish) ۾ رکيو وڃي ۽ انهي کي بئٽري جي ذريعي مصنوعي طور محرڪ ڪيو وڃي. محرڪ جي طور تي ڊِي سِي بئٽري جو 12 وولٽ ڪرنٽ استعمال ڪيو وڃي تہ ان سان هي مُشڪون سڪڙجي ويندي آهن.

آلات (Apparatus)

ڊائيسيڪٽنگ باڪس (Dissecting Box)، ڊائيسيڪٽنگ ٽري (Dissecting Tray)، پيٽري ڊش، 12 وولٽ جي ڊي سي (D.C.) بئٽري، تار

طريقہ ڪار (Method)

هڪ بي هوش ڏيڏر کي استاد جي موجودگي ۾ ڊائيسيڪٽ ڪريو. ان جي شِن مشڪن کي ظاهر ڪريو جيئن تصوير ۾ ڏيکاريل آهي. پوءِ ان شن مشڪن کي شياٽڪ نَرو سان

www.perfect24u.com

ڳڏ احتياط سان عليحده ڪريو ۽ ان ڪي ڇڪيل حالت ۾ پيٽري ڊش ۾ رکو. پوءِ بئٽري سان جڙيل تارن ڪي ڪن مشڪن سان ان طرح جوڙيو جو هڪ سِرو ان مشڪن جي شروع ۾ ۽ ٻيو آخر ۾ لڳن. توهان ڏسندا ته انجون مشڪون سڪڙجي وينديون. هن تجربي کي 3 دفعا ورجايو.

انساني جسم جا حسي عضوا (Receptors of Human Body)

انساني جسم تمام گهڻن محرڪات کي پنهنجي حسي عضون جي ذريعي محسوس ڪري وٺندو آهي. جيئن روشني، آواز، ڪشش ثقل، ٿشوز جي ٽوڙ ڦوڙ وغيره. اسين هتي صرف انهن مان ٻن جو مطالعو ڪندا سين جيڪي روشني ۽ آواز جي حسي عضون اک ۽ ڪن سان تعلق رکن ٿا.

1. اک (Eye)

هي ڏسڻ وارو عضوو آهي. ڪيمرا جي اصول تي ڪم سرانجام ڏئي ٿو جيڪو ان روشني کي قيد ڪري ٿو جيڪا ڪنهن شي منعڪس ڪئي هوندي آهي. منعڪس روشني جي شاخن کي قيد ڪري انجو رخ حسي خلين يا ريٽينا (Retina) جي طرف موڙي ڇڏيندو آهي. ريٽينا جي ذريعي گرفتار شده روشني نرو امپلس (Nerve Impulse) ۾ تبديل ڪري دماغ کي خبر ڏيندو آهي. هر اک هڪ استخواني خلا ۾ موجود هوندي آهي ته جيئن

www.perfect24u.com

محفوظ رهي سگهي. انجي بيروني سخت سطح کي سڪليرا (Sclera) ، اک جو سفيد حصو، اک کي گهيري رهندو آهي. سامهون واري طرف هي سڪليرا شفاف هوندو آهي ۽ ڪورنيا (Cornea) چورائيندو آهي. ان جي پويان ننڍو خانو موجود هوندو آهي جيڪو پاڻي وانگر شفاف پاڻيا سان پريل هوندو آهي هن پاڻيات کي ايڪوس هيومر (Aqueous Humour) سڏبو آهي ان جي پويان هڪ رنگين حصو هوندو آهي جنهن کي آئرس (Iris) سڏبو آهي. ان جي درميان هڪ سوراخ هوندو آهي جنهن کي پيوپل (Pupil) سڏيندا آهن. پيوپل سياهه رنگ جو نظر ايندو آهه. آئرس کان بلڪل پويان هڪ ڪرسٽل نما اپٽيل لينس (Convex Lens) جيڪو ڪروي مشڪن سان لٽڪيل هوندو آهي جنهن کي سيليري جسم(Ciliary Body) چيو ويندو آهي. ان سيليري مشڪن جي سڪڙڻ سان لينس جي شڪل تبديل ٿئي ٿي جنهن سان هو پنهنجي فوڪس کي ڏسڻ واري شي جي مطابق ڪري ٿو. ان لينس جي پويان اک جي اهم خلا موجود هوندي آهي جيڪا هڪ جهلي نما شفاف پاڻيات سان پريل هوندي آهي جنهن کي وٽرس هيومر(Vitreous Humour) سڏبو آهي. اک جي سڀ کان اندروني تهه ريٽينا آهي جنهن تي شبيهه يا عڪس نهي ٿي. اهو عڪس ڪورنيا ۽ لينس جي مدد سان نهي ٿو. ريٽينا تي اهي خليه موجود هوندا آهن جن کي راڊ (Rod) ۽ ڪون (Cone) چيو ويندو آهي. جيڪي محرڪات کي موصول ڪري روشني جي سگنلز کي نُرو امپلس ۾ تبديل ڪري دماغ کي پهچائين ٿا.





www.perfect24u.com

پيوپل جي اضطراري حرڪت (Pupil Reflex)

پيوپل پنهنجي پاڻ ڪي روشني جي شدت جي لحاظ کان هم آهنگ ڪري ٿو. اگر روشني زياده تيز هجي ته ريٽينا جي حفاظت جي لاءِ پنهنجي پاڻ ڪي سڪيڙي ڇڏيندو آهي. اهڙي طرح ريٽينا تائين گهٽ روشني پهچي ٿي. ان جي برعڪس گهٽ روشني ۾ پيوپل ڦهلجي وڃي ٿو ته جيئن ريٽينا کي زياده روشني ملي سگهي.

مطابقت (Accommodation)

هي اک جي فوڪس کي تبديل ڪري صاف عڪس ٺاهڻ جو خود ڪار عمل آهي جڏهن شي نزديڪ موجود هوندي آهي. اهڙي طرح ڪرڻ جي لاءِ سيليري مشڪون سڪڙجي لينس کي مزيد ٿلهو ڪري ڇڏين ٿا. عمر سان گڏ لينس جي لچڪ گهٽ ٿي وڃي ٿي اهڙي طرح مطابقت جي صلاحيت ۾ ڪمي واقع ٿي ويندي آهي ۽ ڪنهن شي کي صحيح طرح ڏسڻ مشڪل ٿي وڃي ٿو.

بصارت ۾ وٽامن اي جو ڪردار(Role of Vitamin A in Vision)

مڪمل بصارت ۾ وٽامن اي يا ريٽائنل اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. هي ريٽينا جي سيليري خلين جي لاءِ پڻ تمام اهم آهي. هي ڪورنيا کي سٽيو رکڻ ۾ به مددگار ثابت ٿئي ٿو. هن جي ڪمي جي وجه سان ڪارنيا جو اندر وڃڻ ۽ انڌي پن جهڙا مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا.





www.perfect24u.com

بعيد نظري ۽ قريب نظري (Short Sightedness & Long Sightedness)

بعيد نظري يا مايئوپيا (Short Sightedness or Myopia) اک جي خرابي آهي جنهن ۾ پري جي شين کي صحيح ڏسڻ ۾ مشڪل پيش اچي ٿي جڏهن ته قريب واريون شيون صحيح نظر اچن ٿيون. ٻي طرف قريب نظري يا هائپراوپيا (Long Sightedness or Hyperopia) اها خرابي آهي جنهن ۾ قريب واري شين کي واضع ڏسڻ ۾ مشڪل پيش اچي ٿي جڏهن ته پري واري شين جو فوڪس صحيح رهي ٿو. ٻنهي قسم جي خرابي جي تشخيص ۽ علاج جي لاءِ صحيح چشمو يا ڪونٽيڪٽ لينس استعمال ڪيو وڃي ٿو.



رنگن جو انڌو پن (Colour Blindness)

هي اها بصري ڪمزوري آهي جنهن ۾ ڪو شخص مخصوص رنگن جي شناخت صحيح طور تي نه ڪري سگهندو آهي. جيئن ته نيري ۽ پيلي يا ڳاڙهي ۽ سائي. هي اکين ۾ موجود

ڪونز (Cones) جي خرابي جي وجه سان ٿيندي آهي. هي ڪونز ريٽينا ۾ ملندا آهن. اگر چه رنگن جي انڌي فردن ۾ ڏسڻ جي صلاحيت بلڪل صحيح هوندي آهي ليڪن اها ڪمزوري انهن کي ڊرائيونگ جي دوران مسائل پيدا ڪري ٿي ڇاڪاڻ ته هي ٽريفڪ سگنلز تي موجود ڳاڙهي ۽ سائي روشنين جي شناخت نه ڪري سگهندا آهن.

www.perfect24u.com

ابن الهيثم ۽ علي ابن عيسیٰ جي اک جي ساخت ۽ اک جي بيمارين جي علاج ۾ خدمات:

ابن الهيثم



هي يارهين صدي جو تمام وڏو مسلمان رياضي دان، فلسفي، ماهر فلڪيات ۽ طبعيات هو. هن کي جديد آپٽڪس جو جد امجد تصور ڪيو وڃي ٿو. هن آپٽڪس جا اصول دريافت ڪيا ۽ بصري تصورات پيش ڪرڻ وارو پهريون شخص هو جنهن اهو تصور پيش ڪيو ته شيون روشني جي ڪنهن شي سان ٽڪرائجي منعڪس ٿي واپس اچڻ تي نظر اچن ٿيون جڏهن هي منعڪس شده روشني اک ۾ داخل ٿئي ٿي. هن جي بصارت تي سڀ کان اهم ڪتاب جو نالو "ڪتاب المناظر" آهي.

علي بن عيسیٰ

هي قرون وسطیٰ جو سڀ کان اهم مسلمان ماهر بصارت هو. هن پنهنجي مشهور ڪتاب "ميموريندم آف آڪيولسٽ (Memorendus of Occulist)" جيڪو بصارت تي هو 100 کان وڌيڪ بصري بيمارين ۽ انجي علاج تي مبني هو.

ڪن (Ear)

ڪن سماعت ۽ جسم جو توازن قائم رکڻ وارو عضوو آهي. هي ٽن حصن تي مشتمل هوندو آهي. 1. ٻاهريون ڪن، 2. درمياني ڪن، 3. اندريون ڪن.

1. ٻاهريون ڪن

هي پنا (Pinna)، ڪن جي نالي ۽ ٽمپينڪ جهلي يا ڪن جي پردي سان ٺهيل هوندو آهي. پنا جلد جي تهن ۽ ڪارٽيليج (Cartilage) مان ٺهيل هوندو آهي. پنا ڪن جي نالي ۾ ڪلندو آهي جيڪو اندر وڃي ٽمپينڪ جهلي تي بند ٿي وڃي ٿو. ڪن جي نالي ۾ وار هوندا آهن ۽

www.perfect24u.com

اهي ميڙ پيدا ڪن ٿا تہ جيئن متي ۽ ننڍن ٻاهرين جسمن کي قابو ڪري سگهجي. ٻاهريون ڪن آواز جي لهرن (Sound Waves) کي جمع ڪري اڳيان موڪلي ٿو.



وچيون ڪن

وچيون ڪن هڪ ننڍي خلا تي مشتمل آهي جنهن ۾ 3 حرڪت ڪرڻ واريون هڏيون موجود آهن 1. ميلس (Malleus)، 2. انڪس (Incus)، 3. سٽيپيز (Stapes)

وچيون ڪن اندروني ڪن سان هڪ نالي وسيلي جڙيل هوندو آهي ھي نالي يوسٽيشن ٽيوب (Eustachian Tube) سڏرائي ٿي. درمياني ڪن آواز جي لهرن کي هوا مان وصول ڪري ان کي پاٽيات تائين پهچائي ٿو جيڪو اندروني ڪن ۾ موجود هوندو آهي.

اندروني ڪن

اندروني ڪن هڪ جهلي دار ڪوڪليا (Cochlea) ۽ آخري سِري تي موجود دائرن تي مشتمل نالين جو ٺهيل آهي. جيڪو کوپڙي جي گهرائي ۾ واقع آهي. ڪوڪليا جو تعلق سماعت ۽ نيم دائري واري نالين جو تعلق جسم جي توازن سان آهي. ڪوڪليا ۽ نيم دائري وارين نالين بنهي ۾ پاٽيات پريل هوندو آهي ۽ گڏ ئي وار نما حسي خليا بہ هوندا آهن. اهي خليا آواز جي لهرن کي نرو امپلس ۾ تبديل ڪن ٿا.

www.perfect24u.com

توازن قائم رکڻ ۾ ڪن جو ڪردار

نيم دائري واريون ناليون ڪشش ثقل ، اطراف ۾ متي جي حرڪت جي طرف حساس هونديون آهن. هنن شين جي لحاظ کان ڪا بہ تبديلي فوري طور تي محسوس ڪري دماغ کي پيغام پهچائين ٿيون. اهو پيغام نَرو فائبر (Nerve Fibre) جي ذريعي پهچي ٿو. ٽئي نيم دائري واريون ناليون هڪ ٻئي سان جڙيل هونديون آهن ۽ هڪ ٻئي سان ڳوني ڪنڊ ناهين ٿيون. پوءِ ٽئي ناليون هڪ ڦوڪيل حصي سا جڙي وڃن ٿيون. ان حصي کي ويسيٽيوبيول چون ٿا. نيم دائري واريون ناليون ۽ ويسيٽيوبول (Vestibule) ملي ڪري ڪشش ثقل جي لحاظ کان جسم جو توازن قائم رکن ٿيون.



www.perfect24u.com

اينڊوڪرائن غدود (Endocrine Gland)

هي ڪيميائي ارتباط جو اهم رڪن آهي. حيوانات ۾ هي بغير نالين واري غدود جو هڪ اهڙو نظام آهي جنهن ۾ هي غدود رطوبتون بالواسطہ رت ۾ خارج ڪن ٿا. عام طور تي هارمون تمام گهٽ مقدار ۾ درڪار هوندا آهن. رت هي هارمون انهن عضون تائين کڻي ويندو آهي جن کي ڪم ڪرڻو هوندو آهي. هي هارمون ڪيميائي سگنلز جي طور تي ڪم انجام ڏين ٿا. هي انهن عضون (يا ٽشوز) کي جتي ڪم انجام پهچي ٿو يا تہ انگيز (Stimulate) ڪن ٿا يا انهن کي ڪم ڪان روڪين ٿا.



هيٺيان انساني جسم جا اهم اينڊوڪرائين غدود آهن:

پچيوٽري غدود، ٿائيرائڊ غدود، لبلبو، ايڊرينل غدود ۽ گونيڊس. اهي اسان جي جسم ۾ مختلف جاين تي موجود آهن.

www.perfect24u.com

پچيوٽري غدود (Pituitary Gland)

هي دماغ ۾ واقع آهي ۽ سڀ کان اهم غدود تصور ڪيو ويندو آهي. هي غدود تمام گهڻا هارمون خارج ڪري ٿو جيڪي تمام گهڻن ايندو ڪرائن غدود تي اثر انداز ٿيندا آهن. پچيوٽري غدود ٻن لوٿڙن (Lobes) تي مشتمل هوندو آهي. 1. اڳيون لوٿڙو، 2. پويون لوٿڙو.

اڳيون پچيوٽري غدود

هن ۾ بي شمار هارمونز پيدا ڪرڻ واريون ٿيلهيون هونديون آهن. هن ۾ پيدا ٿيڻ وارا هارمون، انجا اثرات ۽ ٽارگيٽ عضوا هيٺ بيان ڪيل آهن:

اهم اثرات	ٽارگيٽ عضوا	هارمونز
سٽيوميليٽ گونيڊز ۽ گيميٽس جي نشونما	گونيڊز، خصيه ۽ بيضي دانيون	* فوليڪل سٽيميوليٽنگ هارمون (FSH)
گيميٽس جي نشونما ۽ اخراج	گونيڊز	* ليوٽينائزنگ هارمون (LH)
سٽيميوليٽ ٿائرائڊ غدود. ٻارن ۾ نشونما ۽ نارمل جسماني ساخت، وڏن جا حياتياتي عمل	ٿائرائڊ غدود، هڏيون، ڪارٽيليج، مشڪون وغيره	* ٿائرائڊ سٽيميوليٽنگ هارمون (TSH)
سٽيميوليٽ ايڊرينل ڪارٽيڪسز	ايڊرينل ڪارٽيڪس	* ايڊرينو ڪورٽيڪو ٽراپن هارمون (GH)
سٽيميوليٽ رنگ جا ذرات (Pigmentation) چمڙي ۾	چمڙي	ميلانو سائٽ سٽيميوليٽنگ هارمون (MSH)

www.perfect24u.com

پويون پچيوٽري غدود



هي دراصل هائيپوٿيليمس ۾ پيدا ٿيڻ وارو هارمون کي جمع ۽ خارج ڪري ٿو. هي عمل ڪجهه نيورانز انجام ڏين ٿا. مثال طور اينٽي ڊائي يوريٽڪ هارمون (ADH)، ADH رت جو دؤرو، رت جو مقدار ۽ ٽشوز ۾ پاڻي جي مقدار کي مستحڪم رکندو آهي. آڪسيٽوسن (Oxytocin) هارمون مشکن کي تحريڪ ڏئي انجي حرکت ڪرڻ جو باعث ٿئي ٿو. گڏوگڏ سماجي ورتاءُ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو.

ٿائيرائڊ غدود (Thyroid Gland)

هي پوپٽ جي شڪل وارو غدود آهي جيڪو ٽريڪيا (Trachea) تي ڳچي جي هيٺ موجود هوندو آهي. هي ٿائيروڪسن (Thyroxine) ۽ ڪيلسيٽونن (Calcitonin) جهڙا هارمون خارج ڪري ٿو. ٿائيروڪسن ۾ آيوڊين بطور اهم حصي جي موجود هوندو آهي جيڪو خلين جي حياتياتي عملن جي رفتار کي جاري رکڻ جو ڪم سرانجام ڏئي ٿو. ٻارن جي طبعي نشونما ۽ ذهني نشونما جو ڪم به انجام ڏئي ٿو. هن جي مقدار ۾ گهٽتائي جي وجهه سان ٻارن جي طبعي ۽ ذهني نشونما ۾ گهٽتائي واقع ٿي ويندي آهي. اگر غذا ۾ آيوڊين جي مقدار گهٽ ورتي وڃي ته جوانن ۾ هي غدود آهستي آهستي وڏا ٿي وڃن ٿا. ان غير معمولي حالت کي گٽئر (Goitre) سڏيو وڃي ٿو. رت ۾ ڪيلشيم جي مقدار وڌڻ تي ڪيلسيٽونن (Calcitonin) هارمون خارج ٿيندو آهي. جيڪو رت ۾ ڪيلشيم جي مقدار گهٽ ڪرڻ جو باعث ٿئي ٿو.

www.perfect24u.com





لبلبو (Pancreas)

لبلبو، پن نماء 6 انچ جو غدود آهي جيڪو پيٽ جي حصي ۾ معدي ۽ ننڍي آنڊي جي وچ ۾ واقع هوندو آهي. هي اينڊوڪرائن ۽ ايگزوڪرائن ٻنهي قسم جو غدود آهي. انهي جو اينڊوڪرائن حصو ننڍن ٽڪرن تي مشتمل هوندو آهي جيڪو آئيليٽس آف لينگرهينز سڏرائي ٿو. هي گلوڪوز جي حياتياتي فعلن کي هلائي ٿو. رت ۾ گلوڪوز جي زيادہ مقدار جي رد عمل ۾ هي انسولين خارج ڪندو آهي جيڪو رت ۾ گلوڪوز جي سطح کي گهٽ ڪرڻ جو ڪم ڪري ٿو. ٻي طرف اگر رت ۾ گلوڪوز جي مقدار گهٽ ٿي وڃي تہ هي هڪ ٻيو هارمون گلوڪاگون (Glucagon) خارج ڪري ٿو جيڪو رت ۾

www.perfect24u.com

گلوڪوز جي سطح ۾ اضافو ڪري جسم ڪي ضابطي ۾ رکي ٿو. اهڙي ضابطي کي منفي فيڊبيڪ سڏجي ٿو جنهن ۾ مخالف اثرات جو تدارڪ ڪيو وڃي ٿو.



ذيابيطس يا شُگر (Diabetes Mellitus)

حياتياتي عمل جي اها بي قاعدگي جنهن ۾ گهٽ مقدار ۾ انسولين پيدا ٿيندي آهي يا بلڪل به پيدا نه ٿيندي آهي. جنهن جي نتيجي ۾ گلوڪوز جي سطح وڌي وڃي ٿي. گلوڪوز جي اها اضافي پيداوار بول جي ذريعي خارج ٿي ويندي آهي. اهڙي طرح بول خارج ڪرڻ جي تعداد به وڌي وڃي ٿي. اهڙي طرح مريض تمام اُڃ محسوس ڪري ٿو ۽ گڏوگڏ بُک به. گلوڪوز جي استعمال ۽ ذخيرو نه ڪرڻ جي وجهه سان مريض جو وزن به گهٽجڻ لڳندو آهي ۽ هو هر وقت ٿڪل رهندو آهي.

ذيابيطس يا شُگر ۾ گلوڪوز جي مقدار کي کهڙي طرح صحيح رکي سگهجي ٿو.

1. متوازن غذا
2. ورزش
3. دوا
4. رت ۾ گلوڪوز جي سطح کي چيڪ ڪندو رهڻ

www.perfect24u.com

غذا جي ذريعي گلوڪوز جي مقدار کي صحيح رکڻ ذيابيطس کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو.

متوازن غذا، مختلف قسم جي خوراڪ، گهٽ ۽ زياده وارو اصول. گهٽ سٽيپ، گهٽ لوڻ، گهٽ کنڊ ۽ زياده ريشہ.

سير شده چربي جو گهٽ کان گهٽ استعمال. ٽرانس چربي ۽ گهٽ لوڻ دل جي بيمارين ۽ زياده رت جي دؤري جو خطرو گهٽ ڪري ٿو.

رت ۾ انسولين جي گهٽ ٿيڻ تي جانورن مان حاصل شده انسولين کي انجيڪشن جي ذريعي جسم ۾ داخل ڪيو وڃي ٿو. ڪجھ مريضن ۾ جانورن مان حاصل شده انسولين سان الرجي ٿي ويندي آهي. اهو مسئلو انساني انسولين سان حل ٿي سگهي ٿو. انساني انسولين جينياتي طور تي تبديل شده بيڪٽيريا مان پيدا ڪري حاصل ڪئي وڃي ٿي.

www.perfect24u.com

سرگرمي

هڪ تحقيقي مضمون لکو انهن تبديلين تي جيڪي اسان جي جسم ۾ ورزش (جهڙوڪ 100 ميٽر ريس ڊوڙڻ) ڪرڻ سان اچن ٿيون.

ايڊرينل غدود (Adrenal Gland)

ايڊرينل غدود گڙدن جي مٿان موجود هوندا آهن. هي تڪنڊي نما شڪل وارا 2 غدود آهن. انهن جو ٻاهريون حصو ايڊرينل ڪارٽيڪس جڏهن ته اندروني حصو ايڊرينل ميڊيولا آهي. ايڊرينل ڪارٽيڪس (Adrenal Cortex) تمام گهڻا سٽيرائيڊ لپڊ هارمون خارج ڪندو آهي. جيڪي جسم جي حياتياتي عملن کي شروع ڪندو آهي. پاڻي ۽ نمڪيات کي اعتدال سان گڏ رکندو آهي. ڪورٽيسول (Cortisol) انهن مان هڪ اهم هارمون آهي جيڪو ايڊرينل ڪورٽيڪس خارج ڪن ٿا. هي بيماري يا انفليميشن (Inflammation) جي دؤران خارج ٿين ٿا. هي گلوڪوز جي پيداوار کي تحرڪ ڏين ٿا. ايڊرينل ميڊيولا ايمرجنسي واري حالت ۾ رد عمل ظاهر ڪندا آهن ان ڪري انهن کي "وڙهو يا ڀڄي وڃو" وارو رد عمل چوندا آهن. هي حصو ايڊرينيلن (Adrenalin) يا ايمرجنسي هارمون پيدا ڪندا آهن جيڪو رت ۾ گلوڪوز جي مقدار وڌائي ٿو. هي گلوڪوز گلائڪوجن کي ٽوڙي حاصل ڪئي وڃي ٿي. ان جي رد عمل جي طور تي جسم ان ايمرجنسي واري حالت ۾ تيزي سان رد عمل ظاهر ڪندو آهي. اهو مشڪن ۾ موجود رت جي نالين کي ويڪرو ڪن ٿا جيڪي دل ۽ دماغ جي طرف وڃن ٿيون ۽ انهن کي سڪيڙي ڇڏي ٿو جيڪي گڙدي ۽ چمڙي جي طرف وڃن ٿيون اهڙي طرح رت جو وهڪرو ۽ سپلائي مشڪن، دل ۽ دماغ ۾ وڌي وڃي ٿي.

www.perfect24u.com



گونيڊز (Gonads)

گونيڊز توليدي عضون ۾ جيڪي نر ۾ خصيه ۽ مادي ۾ بيضي دانيون آهن. ان جو تعلق گيميٽس جي پيداوار ۽ هارمونز جي اخراج سان آهي.

خصيه (Testis)

هر خصيو بيضوي شڪل جو هوندو آهي جيڪو چمڙي جي ٿهيل ٿيلهي سڪورٽم (Scrotum) ۾ موجود هوندو آهي. هي هڪ هارمون خارج ڪندو آهي جنهن کي ٽيسٽوسٽيرون (Testosterone) چيو وڃي ٿو. هي اينڊروجن (Androgen) هارمون جي هڪ قسم آهي. هن جو ڪم چوڪرن ۾ ثانوي مردانه خصوصيات پيدا ڪرڻ آهي جهڙوڪ ڏاڙهي مڇين جو ڦٽڻ، آواز جو ڳرو ٿيڻ وغيره.

بيضي دانيون (Ovaries)

هر بيضي داني انگور جي داڻي جي برابر هوندي آهيجيڪا پيٽ جي هيٺين حصي ۾ يوٽيرس جي ٻنهي پاسي ۾ هوندي آهي. بيضي دانيون بيضي پيدا ڪرڻ سان گڏ اسٽروجن ۽ پروجيسٽيرون (Oestrogen & Progesterone) هارمونز به پيدا ڪري خارج ڪنديون آهن. چوڪرين ۾ ثانوي زنانه خصوصيات پيدا ڪرڻ جي ذميداري به اسٽروجن

www.perfect24u.com

تي ئي آهي جهڙوڪ سيني جو اُڀار، آواز جو باريڪ ٿيڻ وغيره. پروجيسٽيرون يوٽيرس (Uterus) کي حمل جي لاءِ تيار ۽ انکي ان جي بهتر حالت ۾ رکي ٿو.

هارمون جي اخراج لاءِ فيڊبيڪ ڪنٽرول جو عمل

هارمون جي اخراج جو ڪم فيڊبيڪ ڪنٽرول جي ذريعي ڪيو وڃي ٿو. ان طرح جڏهن ان جي ضرورت هوندي آهي تہ هي خارج ٿيندا آهن. فيڊبيڪ عمل ٻن قسمن جا آهن جيڪي جسم ۾ ڪم ڪن ٿا.

منفي ۽ مثبت فيڊبيڪ ڪنٽرول

منفي فيڊبيڪ ڪنٽرول

هي محرڪ جي مخالف طرف ۾ پيدا ٿيڻ وارو ردعمل سڏرائيندو آهي. مثال طور رت ۾ گلوڪوز جي سطح وڌي رهي هوندي آهي (محرڪ) تہ لبلبو انسولين جو اخراج شروع ڪري ڇڏيندو (رد عمل). جيڪو رت ۾ گلوڪوز جي سطح کي مقرر مقدار تي واپس ڪٽي ايندو.

مثبت فيڊبيڪ ڪنٽرول

هي محرڪ سان گڏ پنهنجو رد عمل بہ وڌائي ٿو. مثال طور جڏهن هڪ شير خوار ٻار کير پيئڻ وقت جيترو زور سان پنهنجي ماءُ جا نپلز چوسي ٿو (تحرڪ) انجي ماءُ جا کير خارج ڪرڻ وارا هارمونز وڌندا ويندا آهن اهڙي طرح نپلز ۾ کير تيزي سان خارج ٿيڻ لڳندو آهي. مزيد چوسڻ تي اها رفتار ڪئين دفعا وڌي وڃي ٿي.

عصبي نظام جون بي قاعدگيون (Diseases of Nervous System)

ٻين نظامن وانگر عصبي نظام ۾ پڻ تمام گهڻيون بي قاعدگيون ٿين ٿيون. انجو انحصار بي قاعدگين جي قسم تي آهي. اهي ٻن قسمن جون ٿي سگهن ٿيون. 1. نالين سان متعلق (Vascular) جهڙوڪ فالج، 2. افعالي (Functional) جهڙوڪ مرگهي.

www.perfect24u.com

1. فالج (Paralysis)

هن ۾ انسان مڪمل يا جزوي طور تي جسم جي حرڪت کي ڪنٽرول ڪرڻ جي قابل نٿو رهي ڇاڪاڻ تہ انجون مشڪون صحيح طور تي سڪڙجي نہ سگهنديون آهن. ان جي وجھ حسيات جو ضايع ٿي وڃڻ بہ ٿي سگهي ٿو. هن جي سڀ کان عام وجھ رت جو جسم ۾ خارج ٿيڻ يا دماغ جي ڪنهن حصي ۾ رت جو خارج ٿي ڄمي وڃڻ آهي. هي دماغ، حرام مغز يا ٺرو جي ڏڪ جي وجھ کان بہ ٿي سگهي ٿو. اگر بروقت تشخيص ٿي وڃي تہ ان جو علاج ممڪن ٿي سگهي ٿو. متاثره عضون جي فزيوٿيراپي ذريعي پڻ هي مرض ڪنهن حد تائين ٺيڪ ٿي سگهي ٿو. دير ڪرڻ تي مشڪن ۾ ٽوڙ ڦوڙ ٿي وڃي ٿي.

2. مرگهي (Epilepsy)

هي دماغ جي بيقاعدگي آهي جنهن ۾ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ عملن ۾ عارضي طور تي تبديلي واقع ٿيندي آهي يا دوباره اصلي حالت ۾ اچڻ وارو عمل ٿوري دير جي لاءِ رڪجي ويندو آهي. (Recurrent Seizure) اهو غير متوازن برقي عمل جي وجھ سان ٿيندو آهي. اچانڪ تيز روشني جهڙو محرڪ مرگهي جي حالت پيدا ڪري سگهي ٿو. هن جي دؤري جي دؤران مريض جو جسم اڪڙجي ٿو ۽ هو بيهوش ٿي وڃي ٿو. ۽ پوءِ ان جي جسم کي جهٽڪا لڳڻ شروع ٿي ويندا آهن. صحيح دوائن جي استعمال سان ان دؤرن کي ختم ڪري سگهجي ٿو.

www.perfect24u.com

خلاصو

1. تبديليون ۾ محرڪات خاص قسم جي خلين يا عضون مان معلوم ڪري سگهجي ٿو جن کي محاصلات (Receptors) سڏيو وڃي ٿو.
2. محرڪات جو تجزيو ڪرڻ بعد جيڪو ڪم ٿئي اهو رد عمل هوندو آهي. هي خاص عضوا انجام ڏيندا آهن. انهن کي افيڪٽر سڏيو ويندو آهي جهڙوڪ مشڪون، غدود وغيره.
3. ارتباط ٻن قسمن جا آهن. 1. ڪيميائي ارتباط، 2. عصبي ارتباط
4. نيوران محرڪ ٿيڻ تي برقي ڪيميائي سگنل پيدا ڪن ٿا.
5. گهٽ درجي واري جاندارن ۽ نباتات ۾ ڪيميائي ارتباط سگنل پيدا ڪرڻ واري ماليڪيولز جي ذريعي ڏنو ويندو آهي.
6. ٻين ڪرنگهي واري جاندارن وانگر انساني عصبي نظام ٻه مرڪزي قسم جو آهي.
7. دماغ اسان جي جسم جو اهو حصو آهي جيڪو حڪم ڏيڻ ۽ ڪنٽرول ڪرڻ وارو آهي.
8. انساني دماغ هنن اهم حصن تي مشتمل آهي. سيريبرم، سيريبلم، ٿيليمس، هائيپوٿيليمس، ۽ ميڊيولا اوبلونگيٽا.
9. حرام مغز اندروني طور تي پوپٽ وانگر ۽ ٿلهي، سفيدي مائل، ڊگهي نالي آهي جيڪا دماغ جي ميڊيولا اوبلونگيٽا مان نڪري ڪرنگهي جي هڏي مان گذري جسم جي آخري سري تائين وڃي ٿي.
10. اطرافي عصبي نظام ٿلهي رسن يا نُرو تي مشتمل هوندو آهي جيڪو مرڪزي عصبي نظام مان نڪري ٿو ۽ جسم جي مختلف حصن کي مرڪزي عصبي نظام سان رابطي ۾ رکندو آهي.
11. عصبي نظام جي خلين کي نيوران سڏيو وڃي ٿو.

www.perfect24u.com

.12 نيوران خاص قسم جا نيوراني سگنل پيدا ڪن ٿا ۽ انهن کي هڪ جڳهه کان ٻي جڳهه تائين پهچائين ٿا. يعني اهي نُرو امپلس پيدا ڪرڻ ۾ ماهر هوندا آهن.

.13 اضطراري عمل جي رستي کي اضطراري آرڪ سڏجي ٿو.

.14 انساني جسم تمام گهڻي محرڪات کي هلائڻ ۾ ماهر هوندو آهي جهڙوڪ روشني، آواز، ڪشش ثقل، تشوز جو تباهه ٿيڻ وغيره. اهي ڪم هو مخصوص قسم جي حاصلات جي ذريعي انجام ڏيندو آهي.

.15 مطابقت هڪ خودڪار عمل آهي جنهن ۾ فوڪس واري نقطي ۾ تبديلي آڻي قريبي شي جي عڪس کي صاف ۽ واضع ناهيو ويندو آهي.

.16 وٽامن اي يا ريٽينال (Retinal) سٺي نظر لاءِ ضروري آهي.

.17 بعيد نظري يا مايوپيا (Short Sightedness or Myopia) انهي خرابي کي چون ٿا جنهن ۾ پري واريون شيون ڏسڻ ۾ مشڪل پيش اچي ٿي. جڏهن ته ويجهي واريون شيون صاف نظر اينديون آهن.

.18 قريب نظري يا هائپروپيا (Long Sightedness or Hyperopia) ۾ قريب واريون شيون ڏسڻ ۾ مشڪل پيش اچي ٿي. جڏهن ته پري واريون شيون صاف نظر اينديون آهن.

.19 رنگن جي انڌي پن ۾ بصارت ۾ رنگن جي ڪمي هوندي آهي. هن ۾ متاثره شخص کي ڪجهه مخصوص رنگن ۾ فرق ڪرڻ ۾ مشڪل پيش ايندي آهي. جيئن نيرو ۽ پيلو، ۽ ڳاڙهو ۽ سائو.

.20 ڪن سماعت ۽ جسم جو توازن رکڻ وارو عضوو آهي.

.21 اينڊو ڪرائين نظام بغير نالي واري غدودن تي مشتمل هوندو آهي. اهي غدود هارمونز کي بالواسطه رت ۾ خارج ڪندا آهن.

.22 پچيوٽري غدود دماغ ۾ هوندا آهن جيڪي بيشمار هارمون پيدا ڪن ٿا جيڪي ٻي شمار اينڊوڪرائن غدودن تي اثرانداز ٿين ٿا ۽ گڏوگڏ ٻين عضون تي به.

.23 ٿائيروآئڊ غدود پوپٽ جي شڪل وارا غدود آهن جيڪي ساهه جي نالي (Trachea) تي ڳچي جي هينيان موجود هوندوآهي. جيڪو ٿائيرآئيڊآسن ۽ ڪيليسيٽونن (Calcitonin) جهڙا هارمون خارج ڪندو آهي.

www.perfect24u.com

24. لبلبو خلين جي ننڍي ننڍي ٽڪرن تي مشتمل هوندو آهي جيڪو آئيليٽ آف لينگريانس سڏبو آهي. اهو گلوڪوز جي حياتياتي عملن جي ڪارڪردگي کي صحيح رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. اهو ڪم انسولين ۽ گلوڪاگون جي مدد سان انجام ڏنو ويندو آهي.

25. ذيابيطس اهڙي بيقاعدگي آهي جنهن ۾ لبلبو ضرورت کان گهٽ انسولين پيدا ڪري ٿو يا ته بلڪل به پيدا ئي نه ٿو ڪري.

26. خصيا ٽيسٽوسٽيرون (Testosterone) هارمون خارج ڪن ٿا جيڪو ڇوڪرن ۾ ثانوي مردانه خصوصيات پيدا ڪري ٿو.

27. ايسٽروجن ڇوڪرين ۾ ثانوي زنانه خصوصيات پيدا ڪري ٿو. پروجيسٽيرون يوٽيرس کي حمل جي تيار ڪرڻ ۽ برقرار رکڻ جو ڪم انجام ڏئي ٿو.

28. هارمون جو اخراج فيڊبيڪ طريقيڪار سان ٿيندو آهي. اهڙي طرح هي اهڙي جڳهه تي خارج ٿيندا آهن جتي انهن جي ضرورت هوندي آهي.

29. فالج مڪمل يا نيم مڪمل طور حرڪت تي پنهنجو ڪنٽرول وڃائڻ واري حالت کي چون ٿا. ان جي وجه مشڪن جو صحيح طرح سان نه سڪڙجڻ آهي.

30. مرگهي دماغي بيقاعدگي آهي جنهن ۾ وقتي طور تي واپس اچڻ واري حرڪتن ۾ تبديلي آهي.

مشق

صحيح جواب جي نشاندهي ڪريو.

1. اهي حرڪتون جيڪي ماحول جي تبديلي جي وجه سان انجام ڏجن اهي آهن:

الف. محرڪ　　　ب. رد عمل

ج. الف ۽ ب ٻئي　　　د. انهن مان ڪو به نه

www.perfect24u.com

2. محرڪ _______ جي ذريعي خبر پوندي آهي.

الف. محاصل ب. افيڪٽر

ج. ٿرو د. اهي سڀ

3. برقي ڪيميائي سگنل جي ذريعي ٿيل وارو ارتباط ڪهڙو آهي؟

الف. نروس ب. ڪيميائي

ج. ميڪاني د. اهي سڀ

4. هڪ خليي مان ڪيميڪل خارج ٿي سگنل ڪٽي ٻئي خليي تائين جيڪو ڪجهه فاصلي تي هجي يا ڪيميڪل رت جي ذريعي موڪلين ٿا:

الف. نيوروٽرانسميٽر ب. انزائم

ج. هارمون د. اهي سڀ

5. ٻوٽن ۾ هم آهنگي جو طريقو:

الف. عصبي هم آهنگي ب. ڪيميائي هم آهنگي

ج. ميڪاني هم آهنگي د. الف ۽ ب ٻئي

6. دماغ جو اهو حصو آهي جنهنجو تعلق استدلال سان آهي.

الف. اڳيون دماغ ب. سيريبرم

ج. ڪارٽيڪس د. فرنٽل لوب

7. دماغ جو اهو حصو جيڪو توازن ۽ حرڪت ۾ درستگي پيدا ڪري ٿو:

الف. سيريبرم ب. سيريبيلم

ج. ٿيليمس د. ميڊيولا اوبلونگيٽا

www.perfect24u.com

8. زندگي جا عمل جيڪي ڪنهن حيوان جي بقا لاءِ ضروري آهن هن حصي مان هلايا وڃن ٿا:

الف. CNS
ب. PNS
ج. سوميٽڪ حصا
د. خود ڪار حصا

9. اضطراري عمل جيڪو سڀ کان وڌيڪ ننڍي رستي تي مشتمل هوندو آهي:

الف. 1 نيوران
ب. 2 نيوران
ج. 3 نيوران
د. تمام گهٽا نيوران

10. اسان جي اک ۾ موجود لينس هيٺين مان ڪهڙي قسم جو هوندو آهي؟

الف. محرب
ب. مقعر
ج. الف ۽ ب ٻئي
د. انهن مان ڪو به نه

11. فوڪس ڪي خودڪار طريقي سان ايڊجسٽ ڪرڻ وارو ڪم جنهن سان قريبي شي جو عڪس صاف نظر اچي ٿو:

الف. بصارت
ب. مطابقت
ج. فوڪس
د. اهي سڀ

12. اهي وٽامن جيڪي صحيح بصارت جي لاءِ ضروري آهن:

الف. وٽامن اَي
ب. وٽامن بي
ج. وٽامن سي
د. وٽامن ڊي

13. رنگن جو انڌو شخص ڇا ڏسي نٿو سگهي؟

الف. هر شي
ب. ڳاڙهو رنگ
ج. سفيد رنگ
د. ڪارو رنگ

www.perfect24u.com

14. حسي وارن وارا خليہ موجود هوندا آهن:

الف. ريٽينا ۾ | ب. ڪوڪليا ۾
ج. چمڙي ۾ | د. نڪ ۾

15. گونيڊز ٽارگيٽ عضوا آهن:

الف. FSH | ب. LH
ج. اهي ٻئي | د. انهن مان ڪو بہ نہ

مختصر سوال

1. فيڊ بيڪ نظام مان ڇا مراد آهي؟
2. عصبي هم آهنگي ڪيميائي هم آهنگي کا تيز ڇو ڪم ڪندي آهي؟
3. ٻنهي هم آهنگي نظامن مان ڪهڙو بهتر آهي ۽ ڇو؟
4. اضطراري عمل اضطراري آرڪ سان ڪهڙي طرح ڪم انجام ڏئي ٿو؟
5. رنگ جي انڌي شخص کي ڊرائيونگ لائسنس ڇو نہ ڏنو ويندو آهي؟
6. ٿائيرائيڊ غدود جو سُڄي پوندو آهي ۽ ان بيماري کي ڇا سڏبو آهي؟
7. آئيليٽس آف لينگرياٽس ڪهڙو ڪم انجام ڏين ٿا؟
8. ايمرجنسي هارمونز ڪهڙا آهن ۽ انهن کي اهو نالو ڇو ڏنو ويو آهي؟
9. فالج جون امڪاني وجوهات ڪهڙيون آهن؟
10. مرگهي ڇا آهي؟
11. ڪيميائي ۽ عصبي هم آهنگي ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

www.perfect24u.com

زياده رد عمل وارا سوال

1. انساني دماغ جي ساخت تفصيل سان بيان ڪريو.
2. انساني اک ۽ ڪن تي تفصيلي نوٽ لکو.
3. ذهانت جي سطح تي هر شخص مختلف ڇو هوندو آهي؟ جڏهن ته دماغي حصا سيني ۾ هڪ جهڙا هوندا آهن.
4. اينڊوڪرائن نظام ڇا آهي؟ ان غدود کي بيان ڪريو جيڪو رت ۾ گلوڪوز جي سطح کي هڪ درجي تي رکڻ جو ڪم انجام ڏئي ٿو. ۽ اهو نظام ڪيئن ڪم ڪري ٿو؟
5. ذيابيطس ڇا آهي؟ ۽ ان کان ڪهڙي طرح بچي سگهجي ٿو.

www.perfect24u.com

باب 4

سهارو ۽ حرڪت

اهم تصورات:

هن سبق ۾ اسان سکنداسين:

- تعارف
- حرڪت جو تصور
- سهاري جو تصور ۽ ان جي ضرورت
- هڏن جا قسم.
- انساني هڏا (محوري هڏائون پڃرو ۽ لتڪيل ڍانچو)
- بال ۽ ساڪٽ ۽ ڪنگڻ جو ڳڏيل
- لتڪيل جوڙ جي مخالف سمت ۾ ڪم ڪرڻ واري عضون جي حرڪت هڏن جي نظام جي باقاعدگي (جوڙن جو سور، هڏن جو پرڻ)

www.perfect24u.com

تعارف:

هر جاندار ۾ هڪڙو جاندار مادو آهي جنهن کي پروٽو پلازم چئبو آهي جيڪو انتهائي حساس هوندو آهي. ان جي هن حساس طبيعت جي ڪري، هو پنهنجي ماحول ۾ تبديلي کي محسوس ڪري ٿو. انهي ڪري جاندار پنهنجي بي چيني کي گهٽ ڪرڻ لاءِ ڪونه ڪو عمل ڪندو آهي. جنهن کي حرڪت (Movement) چئبو آهي. ماحول ۾ تبديلي ڪنهن عنصر جي سبب ايندي آهي. ماحول ۾ تبديلي آڻيندڙ عوامل (Factors) کي محرڪ (Stimalus) چئبو آهي. تنهن ڪري اسان چئي سگهون ٿا ته جاندارن جي حرڪت هڪڙو محرڪ جو رد عمل آهي. هر جاندار ۾ حرڪت جي هڪڙي قسم لوڪوموشن (locomotion) ملي ٿي. هي حرڪت غذا جي حصول، پناه ۽ پيدائش لاءِ عمل ۾ ايندي آهي. ٻوٽا هڪ هنڌ بيٺل هوندا آهن. انهي ڪري هي تحرڪ لاءِ مختلف طريقن سان پنهنجو رد عمل ظاهر ڪندا آهن.

ٻوٽا محرڪات جي طرف پنهنجو رد عمل يا ته واڌ واري کي هڪ خاص رفتار تي رکي ڪري يا وسموس جي حالت کي قائم رکي ڪري ڪندا آهن. جڏهن اهي رد عمل ڪري رهيا هوندا آهن. اهي پنهنجا عضوا يا ته تحرڪ ڏانهن يا تحرڪ کان پري منتقل ڪن ٿا.

خودمختيار يا اچانڪ حرڪت	پيراٽومڪ حرڪت
هي اندروني تحرڪ جي سبب ٿيندي آهي. جهڙوڪ عضون جو اچانڪ سڪڙجي وڃڻ ۽ ڪيلشم جي غير ارادي طور تي خارج ٿيڻ سبب ٿئي ٿو.	هي ٻاهرين محرڪن جي سبب عملن جو ڪارڻ بڻجي ٿي.

www.perfect24u.com

رد عمل جي بنياد تي حرڪت جا قسم

ٽيڪٽڪ حرڪت	ٽراپڪ حرڪت	ناسٽڪ حرڪت
هن قسم جي حرڪت جسماني هوندي آهي. جنهن ۾ جسم ٻاهرين تحرڪ سان رد عمل ظاهر ڪرڻ لاءِ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ڏانهن حرڪت ڪندو آهي. اها حرڪت عام طور تي جانورن ۾ ٿيندي آهي.	ٽراپڪ حرڪت دراصل جسماني واڌ واري حرڪت هوندي آهي جاندار پنهنجي عضوي کي وڌائي محرڪ ڏانهن يا محرڪ کان پري ٿي ويندو آهي. اها حرڪت ٽن قسمن سان ٿيندي آهي. (1) روشني جي طرف (2) زميني ڪشش طرف. (3) پاڻي جي طرف.	حرڪت جو هي قسم جتي اوسموس پاڻي جو مقدار محرڪ سبب تبديل ٿئي ٿو. خاص طور تي ٻوٽن ۾ اها حرڪت ملي ٿي. شرم ٻوٽو هٿ لائڻ سان ئي پنهنجا پن بند ڪري ڇڏيندو آهي.

حرڪت ۽ لوڪوموشن ۾ فرق

اهو عام طور تي غلط سمجهيو وڃي ٿو ته حرڪت ۽ لوڪوموشن هڪ ئي عمل جا ٻه نالا آهن. حرڪت هڪ وسيع اصطلاح آهي جنهن ۾ جاندار ڪنهن به طريقي سان محرڪ ڏانهن رد عمل ظاهر ڪندو آهي. جڏهن ته لوڪوموشن حرڪت جي هڪ قسم آهي. هن قسم جي چر پر دوران جاندار پنهنجي جسم کي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ منتقل ڪندو آهي. هيءُ هنڌ يا ته محرڪ طرف يا محرڪ کان پري هوندو آهي. جيڪڏهن جاندار محرڪ ڏانهن رد عمل ظاهر ڪري پر پنهنجي جاءِ تبديل نه ڪري، اها ڪنهن به قسم جي حرڪت ٿئي سگهي ٿي، پر لوڪوموشن نه.

هڏائون پڃرو ۽ ان جا قسم:

جاندار جسم کي حرڪت ڪرڻ لاءِ سهاري جي ضرورت هوندي آهي ته جيئن هڪ هڪ متوازن حرڪت ڪري پنهنجي جاءِ مٽائي سگهي. سهاري جي لاءِ جاندار کي هڏن جي

www.perfect24u.com

نظام جي ضرورت هوندي اهي. هڏائون پڃرو نہ فقط سهارو ڏي ٿو پر بچاءُ جو ڪم پڻ ڪري ٿو ۽ چرڻ پرڻ ۾ مدد پڻ ڪري ٿو. هڏائين پڃري يا بناوت جا هينيان ڪم هوندا آهن.

(1) هڏائون پڃرو جسم کي سهارو ڏي ٿو. (2) اهو جسم کي شڪل ڏي ٿو.

(3) اهو تمام اهم عضون جو بچاءُ ڪري ٿو.

هڏائين پڃري جا قسم:

هڏائين پڃري جا ٽي قسم ٿيندا آهن، اهي هي آهن.

ٻاهريون ڍانچون: جسم يا عصون جي ٻاهرين تهہ يا چلڪا ٻاهريان هڏائون ڍانچا آهن.

اندريون ڍانچو	ٻاهريون ڍانچو	پاڻيءَ ۾ رهندڙ جانورن جو ڍانچو
*هي هڏائون پڃرو سندس جسم جي اندر هي موجود هوندو آهي	*هي جينن ۽ اعليٰ درجي جي جاندارن ۾ ملي ٿو.	*اهي ڍانچا پاٽياٽ مادي سان ٺهيل هوندا آهن.
*هي اعليٰ درجي جي جانورن ۾ ملي ٿو.	*هي سهارو ۽ حفاظت فراهم ڪري ٿو.	*اهو نرم جسم واري جانورن م ملي ٿو.
*شڪل، سهارو ۽ حفاظت فراهم ڪندو آهي.	*ٻاهريون ڍانچو غير جاندار شئي هوندو آهي.	*اهو جسم يا ان جي عصون کي گهٽائڻ يا وڌائڻ ۾ مدد ڪري ٿو.
*هي جاندار شئي جو وندو آهي جيڪو خلين (گهرڙن) سان ٺهيل هوندو آهي.	*جينن ۾ ڪئلشم ڪاربونيٽ جو ٺهيل هوندو آهي.	*جيلي فش ۾ اهو ڏڪڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو.
*هن جا ٻہ قسم آهن پرڪٽي هڏي (Cartilage) جيڪا ڪونڊريو سائٽ (Chondrocytes) ۽ هڏا (Bones) جيڪا اوسٽيوسائٽ خلين سان ٺهيل هوندا آهن.	*اعليٰ درجي جي جاندارن ۾ پروٽين جو ٺهيل هوندو آهي.	

www.perfect24u.com

انساني هڏائون پيڃرو:

انساني هڏائون پيڃرو بنيادي طور تي ٻن قسمن جو آهي.

(1)پرڪٽي هڏين جو پيڃرو (Carlitage)　　　(2) هڏائون پيڃرو Bones

پرڪٽي هڏين جو پيڃرو	هڏائون پيڃرو
• هي هڏن جا اهي قسم آهن جيڪي لچڪدار آهن.	• هڏن جو قسم جيڪي سخت هوندا آهن.
• اهي انهن گهرڙن سان ٺهيل جن کي ڪونڊريو سائيٽ چئبو آهي.	• اهي انهن گهرڙن سان ٺهيل هوندا آهن جنهن کي اوستيوسائٽ چئبو آهي.
• جيڪي پروٽين مان ٺهيل جيلي جهڙي مادي ۾ بديل هوندا آهن.	• اهي به پروٽين سان ٺهيل جيلي نما مادي ۾ بديل هوندا آهن.
• جهن کي (Collagen) چئبو آهي.	• جنهن کي Collagen چئبو آهي.
• اهي هڏن کان تمام نرم آهن.	• هي هڏن جو سخت قسم آهي.
• هن ۾ ڪيليفيڪشن ناهي ٿيندي.	• جيڪو ڪيلشيم فاسفيٽ جي جمع ٿيڻ سان ٺيندو آهي، هن عمل کي ڪيليفيڪشن چئبو آهي.
هن ۾ رت جون نالييون نه هونديون آهن.	• هي عضون کي سهارو ڏيندا آهن. جيڪا مضبوط هڏن جي ٻاهرين شيل تي مشتمل هوندي آهي.
	• هن ۾ رت جون نالييون هونديون آهن.

www.perfect24u.com



تصوير 4.1 انساني هڏائون ڍانچو / استوان

www.perfect24u.com

هڏا سهارو ۽ حرڪت مهيا ڪندا آهن

هڏا جسم کي سهارو ڏيندا آهن، خاص ڪري هٿ ۽ پير (Limbs) يعني پير Hind limbs يعني پنيان پير ۽ پچڙيءَ وارو هڏو (Pelvic Girdle) جيڪي انساني جسم کي سهارو فراهم ڪن ٿا. چو ته انسان ٻن پيرن تي هلندڙ جاندار آهي، انهن پيرن سان گڏ ڪرنگهي جي هڏي جا سڀ مهرا اسان کي سڌو بيهڻ ۾ مدد ڪن ٿا. ٻاهرين ڪن ۾ موجود پرڪٽي هڏي نڪ جي هڏي سهارو مهيا ڪري خاص شڪل و صورت فراهم ڪري ٿي. پرڪٽي هڏي آواز جي پيتي (Larynt) ساهه جي نالي (Tracheac) ۽ برونڪائي (Bronchi) کي به سهارو فراهم ڪري ٿي اها ڪرنگهي جي مهرت جي وچ ۾ سخت گدي جو ڪم ڪري ٿي جهڙوڪ حرڪت دوران جهٽڪن کي گهٽ ڪري رگڙ يا ٽٽڻ کان بچائيس گهي. اهي گوڏن جي جوڙن ۽ ڪرنگهي جي مهرن جي وچ ۾ موجود هوندا آهن.

هڏن جو نظام هڪ متحرڪ نظام آهي.

هڏن جو نظام متحرڪ نظام ڏانهن اشارو ڪري ٿو ته جاندار اوجن (Tissues) سان ٺهيل هوندو آهي. هن ۾ تيزي سان وڌڻ جي صلاحيت موجود هوندي آهي. هي دٻاءَ جي حالت کي اپنائي ٿو ۽ ڌڪ لڳڻ جي صورت ۾ مرمت ڪري ٿي.

اسان جي هڏين جو 5 کان 6 سيڪڙو ساليانی ضايع ٿيندو آهي. ۽ ان جي جاءِ تي نوان هڏا ٺهندا آهن. هن عمل کي ريموڊلنگ (Remodling) چئيو ويندو آهي. اسان جي وڌندڙ عمر سان اسان جا هڏا به وڌندا رهندا آهن. ريموڊلنگ هڏن جي نظام جي ضرورت جي مطابق هن جي مسافت ۽ حجم ۾ متائيندو آهي.

www.perfect24u.com

مثال طور جيڪي هڏا وڏيڪ وزن ڪٽندا آهن ۽ وڌيڪ دٻاءُ ۾ رهندا آهن. اهي گهٽا ٿلها ۽ سخت هوندا، تنهن ڪري انهن ۾ وڌيڪ طاقت هجي.

ٽن قسمن جا گهرڙا هڏن ۾ موجود هوندا آهن.

(1) هڏا ناهيندڙ گهرڙا Osteoblast (2) نوجوان هڏن جا گهرڙا Osteocytes

(3) هڏن کي ٽورڻ وارا گهڙا (Osteoclast)

هڏن جي ريموڊلنگ، اوشيوڪلاسٽ ۽ اوسٽيو بلاسٽ جي مربوط طريقي سان ڪم ڪرڻ جي سبب ٿئي ٿي. اهو تعلق خاص طور ٽٽل هڏي جي جڙڻ واري عمل ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

هڏن جي مرمت جو ماڊل ڇهن هفتن ۾:

هڪ هڏي ٽٽي ويو. جو ٽه سيني مرحلن تي نظر وجهون جيڪي هڏن جي جڙڻ جي دوران ڇهن هفتن ۾ عمل ۾ آڻيندا آهن.

پهريون مرحلو



ڦاٽل رت جي نالين مان نڪرندڙ رت جميل رت جي شڪل ۾ ٽٽل هڏي جي چوڌاري جمع ٿي ويندو آهي، ميگو سائيٽ ۽ اوسٽيو ڪلاسٽ گهرڙا هن رت ۾ موجود هوندا آهن. جيڪي گهرڙن جي ٽڪڙن ۽ ٽٽل هڏي جي ٽڪڙن کي ختم ڪري ڇڏيندا آهن.

عام طور تي هڏا ڪونيڪٽوٽشوز جي باريڪ ته ۾ هونديون آهن جنهن کي Perissteam چئبو آهي. جنهن ۾ ڪيترين ئي رت جون ناليون اوسٽيو بلاسٽ ۽ اوسٽيو بلاسٽ ناهڻ وارا گهرڙا موجود هوندا آهن.

ٻيون مرحلو



هڏي ٽٽڻ سبب پيريوسٽيم ٻه ڦاٽي پوندي آهي.

www.perfect24u.com

ٽيون مرحلو



ايسٽو ڪلاسٽ، ايسٽو بلاسٽ ۽ رت جون سنهڙيون ناليون ڪيلس ۾ داخل ٿي وينديون آهن. رت انهن گهرڙن کي غذا فراهم ڪندو آهي. اوسٽيو ڪلاسٽ پرڪٽي هڏي ٽوڙيندو آهي جڏهن ته اوسٽيو بلاسٽ انهن کي هڏينءَ ۾ مٽائيندو آهي.

چوٿون مرحلو



هن طريقي سان هڏي جو زخم پرجي وڃي ٿو.

انساني هڏائون پڃرو

انساني ڍانچو سندس 206/204 هڏن جو ٺهيل آهي. انسان جي هڏائين پڃري کي هيٺين ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

محوري هڏائون پڃرو: هن هڏائين پڃري يا ڍانچي ۾ سيئي هڏا شامل آهن. جيڪي جسم جي مرڪزي يا مکيہ محور تي موجود هوندا آهن ۽ هڏائين پڃري جو هي ڀاڱو سموري جسم جو مکيہ ڍانچو جوڙي ٿو. هڏائين پڃري جي هن ڀاڱي ۾ کوپڙي يا سيني يا ڇاتيءَ وارو هڏو (ڪوڙي) پاسراٿيون ۽ ڪرنگهو اچي وڃن ٿا.

لٽڪيل ڍانچو: جيڪي هڏا مکيہ ڍانچي سان ڳريل هوندا آهن. سي سيئي لٽڪيل ڍانچو جوڙين ٿا.ڪلهن وارا هڏا، ٻانهن وارا هڏا، ڍاڪ وارا هڏا ۽ ڄنگهن وارا هڏا لٽڪيل ڍانچي ۾ اچي وڃن ٿا.

ٻارنهن جي هڏي ۾ ٻہ هڏا اسڪيپولا (Seapula) ۽ ڪيليويڪل (Calvicle) هوندا آهن. هٿن ۾ پيو مرس، ريڊئيس، النا ڪارپلس (اٺ هڏا) ميٽاڪارپلس (5 هڏا) ۽ فلجيز (14) هڏا هوندا آهن.

www.perfect24u.com

جوڙ (Joints):

بن هڏين جي ملڻ جي جڳهه کي جوڙ چيو ويندو آهي. جوڙ ٻن قسمن جا هوندا آهن. غير حرڪتي (Fixed) جوڙ. اهيو اهو جوڙ اهي جتي هڏيون حرڪت نہ ڪري سگهن. اهي ڪنهن پزل جي ٽڪري وانگر هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هونديون آهن تہ جيئن اهي حرڪت نہ ڪري سگهن.



تصوير 4.3

غير حرڪتي جوڙ (کوپڙي) — ڪيگيئن وارو جوڙ جيئن گوڏو — بال ۽ سوڪٽ جوڙ جيئن

حرڪت ڪندڙ جوڙ

- جزوي حرڪت ڪندڙ جوڙ مثال طور سيني جي هڏي ۽ پاسڙيون
- آزاد حرڪت ڪندڙ جوڙ
  - هڪ طرف حرڪت ڪندڙ جوڙ مثال طور ٻانهن ۽ گوڏو آڱوني يا آڱر جي هڏيون وغيره
  - Ball and socket joint e.g Hip joint, shoulder joint
  - Pivot joint e.g elbow joint
  - Gliding joint e.g vertebrae
  - Sliding joint e.g wrist joint



تصوير 4.4

Elbow as pivot joint — ترڪڻ وارو جوڙ — گسڪڻ وارو جوڙ جيئن مهرن جي ٻهڪ — سيني جي هڏي ۽ پاسڙيون جزوي حرڪت ڪندڙ جوڙ

www.perfect24u.com

حرڪتي جوڙ اهو جڙ آهي جتي هڏيون مڪمل آزاد يا ٿوري حد تائين حرڪت ڪري سگهن ٿيون. ان جوڙ کي ٻي ترتيب ۾ مڪمل آزادي وارو جوڙ (moveable) ۾ ڪنهن حد تئين آزادي وارو (Patially Moveable) چيو ويندو آهي.

ڪنگڻ وارا جوڙ (مثال گوڏي) واري هڏن کي صرف هڪ پاسي حرڪت ڪرڻ ڏني ويندي آهي جڏهن ته بال ۾ سوڪٽ وارو جوڙ (ٻانهن واري جوڙ) جي هڏن کي مختلف طرفن حرڪت ڪرائي سگهجي ٿي. مثال: اڳيان، پويان،

ڪابي پاسي ۾ ساڄي پاسي وغيره ڪنگڻ واري ۾ بال ۾ سوڪٽ واري هڏن جو بنيادي ساخت هڪ جهڙو هوندو آهي.

ليگامينٽ Ligament ۾ ٽينڊن Tenden جي حرڪت جي دوران انهن جو ڪردار

ڌاڳن نما ڪنيڪٽو ٽوسز واري رسي جنهن سان هڏيون ڪنهن جوڙ تي جڙيل هونديون آهن. ان رسي کي ليگامينٽ چئبو آهي. ليگامينٽ جي ذريعي هڏيون ڪ ٻئي سان صحيح انداز ۾ جڙيل هونديون آهن. ۽ صحيح طريقي سان حرڪت ڪنديون آهن. ليگامينٽ جا مضبوط ٽشوز انهن ساخت جي حفاظت ڪندا آهن ۽ انهن کي مڙڻ، گهمڻ ۽ ڦاٽڻ وارن بچائيندا آهن.



تصوير 4.5 گوڏي جي جوڙ جا ليگامنٽ

استخلاني عضلات (Skeletal Muscle) هڏي جي ٻنهي طرف ڪان مضبوط، ڌاڳي وارن، ڪنيڪٽو ٽشوز جي پٽن سان جڙيل هوندو آهي. انهن کي ٽينڊن (Tendon) چئبو آهي. اهي مضبوط ۽ لچڪدار هوندا آهن. ٽينڊن عضلات جي پيدا ڪندڙ مفت طبعي قوت

تصوير 4.6
اسخواني / هڏائون ڍانچي جي عضلات

www.perfect24u.com

ڪي هڏين ۾ مستقل ڪندا آهن. اهي عضلات جي ڌاڳن ڪي هڏين سان گڏ ان جي بدن/ جسم تي مضبوطي سان جوڙي رکندا آهن. اهي گهٽ مضبوط ۽ گهڻي چڪ کي برداشت ڪرڻ وارا ٽنسل Tensial هوندا آهن.

ڪنگڻ واري جوڙ جي حرڪت ۽ مقام/ هنڌ

ڪنگڻ واري جوڙ سان جڙيل هڏيون صرف اڳيان ۽ پويان حرڪت ڪنديون آهن، جيئن نه دروازو رهيو صرف هڪ ئي سطح ۾ حرڪت ڪرڻ ڏيندو آهي. ٽونٽ ۽ گوڏي وارا جوڙ به ڪنگڻ وارا جوڙ آهن.

ا ۽ سوڪٽ واري جوڙ جي حرڪت ۽ مقام/ هنڌ

اهيو جوڙ هر طرف حرڪت جي اجازت ڏيندو آهي. هيومرس ۽ فيمر جو بال پيڪٽورل ۽ پيلوڪ گرڊل جي ساڪٽ ۾ وڌل هوندو آهي. ڪلهي ۽ ڪنڌ وارو جوڙ بال ۽ ساڪٽ وارو آهي.



تصوير 4.7 (ب) ڪلهي جو جوڙ بال ۽ سوڪٽ جوڙ جي حرڪت

عضلات

ٻانهن ۽ ٽنگن جي حرڪت ان عضلات جي سڪڙڻ جي وجهه سان ٿئي ٿي، جيڪي هڏين سان جڙيل هوندا آجهن. عضلات ڪنيڪٽو ٽشوز آهن جيڪي ڌاڳن واري جڏ تي مشتمل هوندا آهن. انهن ٽشوز ۾ سڪڙڻ ۽ واپس ساڳي حالت ۾ اچڻ جي صلاحيت هوندي آهي. حيوانات ۾ ٽي قسم جا عضلت موجود هوندا آهن.

www.perfect24u.com

استخواني عضلات

اهي عضلات استخان سان جڙيل هوندا آهن ان جي ڪري انهن کي استخواني عضلات چئبو آهي. اهي هڏين کي حرڪت ڪرائڻ جو ڪم انجام ڏيندا آهن. انهن جو ڪم رضاڪارانہ Voluntary هوندو آهي انهن کي دهار وارو يا اسٽريٽڊ Straited عضلات بہ چوندا آهيون چو تہ انهن ۾ تيلي يعني گهريون ۽ هلڪي رنگ جون دهارون موجود هونديون آهن.

قلبي عضلات

اهي عضلات دل جون پٽون ٺاهيندا آهن اهي بہ ڏار وارا هوندا آهن. پر استخواني عضلات جي بنسبت شاخدار جزن تي مشتمل هوندا آهن اهي جز جاري نما ساخت ٺاهيندا آهن. اهي غير ارادي قسم جا عضلات آهن جيڪي SAN سان ڪنٽرول ٿيندا آهن. Sino AuniculavNode

هموار عضلات

هموار عضلات اصل ۾ عضلات جي ابتدائي حالت آهي، جيڪا وڏي سلاخن spindle واري جزن تي مشتمل هوندي آهي. ان جي هر جز ۾ هڪ مرڪز Nuclear موجود وندو آهي. انهن وٽ ڌارون نہ هونديون آهن. اهي بہ غير ارادي قسم وارا عضلات آهن. اهي عضلات رت جي نالي (نس) نظامي هضم جي نالي ۽ ڪافي بين اندروني عضون ۾ موجود هوندا آهن.سهارو ۽ حرڪت جهڙا پيا ڪم استخواني عضلات جي وجهہ سان ٿيندا آهن. استخواني عضلات ۾ سڪڙڻ ۽ واپس پنهنجي جڳهہ تي اچڻ سان هي هڏيون حرڪت ڪنديون آهن. ان لاءِ جيڪي عضلات هڏن سان جڙيل هوندا آهن اهي استخواني عضلات چورائيندا آهن. اهي عضلات صرف ڇڪڻ واري قدرت ۾ استعمال ٿيندا آهن. جڏهن اهي واپس پنهنجي اصل حالت ۾ ايندا آهن تہ پيا ڇڪجي ويندا آهن. ان جو مطلب آهي هميشہ جوڙن جي شڪل ۾ موجود هوندا آهن. ان جوڙي جو جڏهن هڪ حصو سڪڙجي ويندو آهي تہ ٻيو حصو سڪون ۾ ايندو آهي ان

www.perfect24u.com



قسم جو ڪم جنهن ۾ ٻه عضلات هڪ ٻئي جي خلاف طرفن ڪم ڪندا آهن. انهن کي اينٽاگونزم Antagonismچوندا آهن. استخواني عضلات جا اهي جوڙ جيڪي هڪ ٻئي جي خلاف طرفن ڪم ڪندا آهن اينٽاگونسٽڪ جوڙا Antagonistpaint چورائيندا آهن. ٻانهن جا بائيسيپ Bisap ۽ ٽرائي سيپ Triscep عضلات جي حرڪت اينٽاگو جوڙي جي بهترين مثال آهن. بائيسيپ عضلات ڊيگ ۾ وڏا عضلات آهن. اهي ٻانهن جي اڳيان واري ڪلهي



تصوير 4.9 ٻانهن ۾ بائيسپ ۽ ٽراسيپ عضلات جو ڪم هڪ اينٽاگوسٽ عضلي وانگر

www.perfect24u.com

۽ ٻانهن جي وچ واري حصي ۾ موجود هوندا آهن. ان جا ٻه سرا يا ابتدائي نقطا هوندا آهن. ٽرائي سيپ ۾ هڪ ڊيگا عضلات هوندا آهن جيڪي ٻانهن جي پوپان حصي ۾ موجود هوندا آهن انهن جا ٽي سرا يا ابتدائي نقطا Quigin هوندا آهن. جڏهن ته

ٻائي سيپ عضلات سڪڙندا آهن ته اهي جنسي ٻانهن جي ريڊيس هڏي کي ملئي چڪيندا آهن. جنهن جي وجهه سان ٻانهن ٺونٺ جي جڳهه کان مڙندي آهي. ٻانهن يچ امڙڻ جي عمل کي فليڪشن Flexian چئبو آهي. وري جڏهن ٽرائي سبب عضلات سڪڙندو آهي ته النا Ulna کي مٿي ڪڙندو آهي. جنهن جي وجهه سان ٻانهن سڌي ٿيندي آهي. ٻانهن جي سڌي ٿيڻ جي عمل کي ڦهلائڻ Extensian چئبو آهي. ان طرح اهيا ڳالهه واضع ٿئي ته جڏهن ٻائي سيپ سڪڙندو آهي ته ٽرائي سيپ سڪون ۾ ايندو آهي. يا ان جو الٽو عمل ٿيندو آهي. ان جو مطلب آهي ته ٻائي سيپ فليڪزر Flexor عضلات آهن ۽ ٽرائي سيپ ايڪسٽينر Extensor عضلات آهن.

هڏائون پيجري جون خرابيون

هڏين ۾ ڪيلشيم جي ڪمي جا اثرات:

هڏين ۾ سختي ان ڪيلشيم فاسفيٽ جي جمع ٿيڻ جي ڪري ٿيندي آهي. ڪيلشيم جي ان جمع ٿيڻ کي ڪيليسفڪيشن Clasification چئبو آهي. اگر جسم يا رت ۾ ڪيلشيم جي گهٽتائي ٿيندي آهي ته پو هڏين ۾ ٻه گهٽتائي ٿيندي. رت ۾ ڪيلشيم جي گهٽتائي کي Hypocalcemina هائيپوڪيلسيمان چئبو آهي. مطلب هڏين ۾ ڪيلشيم جي ڪمي جي بيماري ڪافي وقت تائين ڪيلشيم جي گهٽتائي ڏندن کي ڪمزور هڏين کي پورينڊي ۽ ٻارن ۾ ريڪٽس جهڙيون بيماريون پيدا ڪندي آهي.

هڏين جو پرڻ اها بيماري آهي جنهن جو تعلق وڏي عمر سان آهي. ان حالت ۾ هڏيون گهٽيون اسفنجي ٿي ويندڀون آهن جنهن جي وجهه سان هي سنهيون ۽ ڪمزور ٿي ويندڀون آهن. ان حالت ۾ ننڍڙي ڌڪ لڳڻ سان هي هڏيون ٽٽي پونديون آهن. هي بيماري مردن کان وڌيڪ عورتن ۾ ملندي آهي.

www.perfect24u.com

رڪٽس:

رڪٽس هڏين جو نرم ۽ ڪمزور ٿيڻ آهي، جيڪا ٻارن ۾ ملندي آهي. عام طور تي اها وٽامن ڊي جي گهٽتائي جي ڪري ٿيندي آهي. وٽامن هڏين ۾ Ca^{++} کي جذب ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو آهي. وٽامن ڊي جي ڪمي هڏين ۾ Ca^{++} جي ڪمي جو سبب آهي.



تصوير 4.10 ڪيلشيم جي گهٽتائي ٻارن ۾ رڪيٽس پيدا ڪندي آهي

ايسٽريٿس

هي جوڙن جي تڪليف آهي جيڪا جوڙ ۾ سوڄ ۽ اٽڪڻ سان پيدا ٿيندي آهي. هن جون اهم علامتون هي آهن.

- جوڙن ۾ سور
- جوڙن جو نرم ٿيڻ ۽ اٽڪڻ
- جوڙن ۽ ان جي پاسن ۾ سوڄ
- متاثر جوڙ جي چمڙي تي ڳاڙهاڻ.
- ڪپڙن مٽائڻ، ڦٽي ڏيڻ، ڏاڪڻ چڙهڻ ۾ تڪليف ٿيڻ.

تصوير 4.11 گوڏي جي جوڙ ۾ گٺيئس جي وجه سان سوڄ

www.perfect24u.com

گٺريٽس جا قسم

اوسٽينو آرٿرائٽس	هي هڪ ٽوڙ ڦوڙ واري حالت آهي وجهه جوڙن جو گهٽو استعمال، وڏي عمر، نڪ ٿولهه، جوڙن تي وڌيڪ وزن ڏيڻ ٻئي گوڏو ، پير، پنيءَ جو هڏو.
رهيما ٽائيڊ آرٿرائيٽس	هي اميون مدافعتي نظام Immune system جي وجه يعني هن ۾ مدافعتي نظام جي خرابي جي وجهه سان هي جو جوڙن تي حملو ڪندو آهي.
سورياٽڪ آرٿرائيٽس	هن ۾ جوڙ ۽ چمڙي ٻئي متاثر ٿيندا آهن.

گٺريٽس جا سبب

گٺريٽس جا سبب هيٺ ڏنل آهن.

ڌڪ لڳڻ.	غير مناسب حياتياتي فعل
انفيڪشن	مدافعتي نظام ۾ خرابي
جنسياتي ترتيب ۾ تبديلي	هڏن جي مڪ ۽ سٽنويل سيال ۾ گهٽتائي

اگٺريٽس ۾ ٿولهه جو ڪردار:

ٿولهه جون تي بار وجهندي آهي. خاص ڪري گوڏن تي، جيڪا سوز ۽ خرابي جو سبب آهي. ۽ اهڙي طرح گٺريٽس ۾ حالت خراب ٿيندي آهي. استخوان جي ماهرن جو چوڻ آهي تہ 10 پونڊ وڌيل وزن 20 کان 40 پونڊ وزن جو بار هلڻ مهل گوڏن تي پوي ٿو.

گهٽي چربي وارا ٽشوز تمام گهڻا سائيٽوڪاٽرuytokines پروٽين خارج ڪندا آهن جيڪي پوري جسم ۾ سوج ڪندا آهن ۽ اهڙي طرح جا پروٽين رهيماٽائيڊ آرٿرائٽس جي دوران جوڙ پيدا ڪندا آهن جيڪي پهريان هي موجود سوج ۽ تڪليف کي وڌائي ڇڏيندا آهن.

www.perfect24u.com

خلاصو

1. حرڪت اهو عمل آهي جيڪو جاندار پنهنجي بيچيني پري ڪرڻ لاءِ ڪندا آهن.
2. لوڪو موٽري حرڪت لاءِ هڏائون ڍانچي جي عضلاتي نظام جي ضرورت آهي.
3. هڏائون ڍانچي جي تعريف اهڙي پنجري وانگر ڪري سگهون ٿا جيڪو ساخت کي هڪ خاص شڪل ڏي.
4. ڍانچو جسم کي سهارو ڏيندو آهي، خاص طور تي مٿس پير کي سيني جي هڏي، آواز وارو هڏ، ساهه واري نالي ۾ بزوڪائي کي سنهارو ڏين ٿيون.
5. هڏن ۾ ٽن قسمن جا جز هوندا آهن جنهن ۾ هڏا ناهڻ وارا (اسوٽيوبلاسٽ) هڏ کي جوان ڪرڻ وارا (اوسٽيو سائيٽ) ۽ هڏ کي ڳارڻ وارا (اوسٽيوڪلاسٽ).
6. انسانن ۾ 206 هڏيون موجود آهن. جنهن کي ٻن ويهڙن ۾ ورهايو ويو آهي.
7. ٻنهڏن جي ملڻ جي جاءِ کي جوڙ چئبو آهي.
8. جوڙن جا ٻه قسم آهن. حرڪتي جوڙ، غير حرڪتي جوڙ.
9. غير حرڪتي جوڙ جا فڪسڊ جوڙ جتي هڏا صفا بزل وانگر جڙيل هوندا آهن.
10. هنجسن (ڪنگڻ وارا) جوڙ (مثال گوڏو) هڪ ئي طرف حرڪت ڪندا آهن. جڏهن تہ بال ۽ ساڪٽ وارا جوڙ هر طرف حرڪت ڪندا آهن.
11. ڏاڳي (ريشي) واري ڪونيڪٽو ٽشوز جا پٽا جيڪي هڏن کي هڪ ٻئي سان جوڙن ٿا کي ليگامنٽ Ligamant چئبو آهي. ليگامنٽ جي مضبوط قسم جو ڪو نيڪٽو ٽشوز انهن ساختن جي حفاظت ڪندا آهن ۽ انهن کي موچ کان بچائيندا آهن.
12. ڍانچي جا عضلات ٻنهي طرفن کان ڳنڍيل هوندا آهن. اهي مضبوط ريشي وارا (ڏاڳي وارا) ڪونيڪٽو ٽشوز ٽينڊن چورائيندا آهن.
13. ٻن عضلات Muscles جي هڪ ٻئي جي مخالف سمت ۾ ڪم ڪن انهن کي اينٽاگونسٽ چئبو آهي ۽ اهي جوڙ جيڪي مخالف سمت ۾ ڪم ڪندا آهن. انهن کي اينٽا گونسٽڪ جوڙ چيو وڃي ٿو.
14. هڏن جي مڙڻ کي فليڪشن Flexian ۽ سڌي ٿيڻ کي ايڪسٽيشن Extinain چيو وڃي‌ٿو.

www.perfect24u.com

15. ڪيلشم ۾ گهٽي ڪمي جي وجهه سان ڏند ڪمزور ۽ هڏيون ڀرنديون آهن ۽ هڏن ۾ ريڪٽس ٿي ويندي آهي. ننڍپڻ ۾ هڏن جو نرم ٿيڻ ۽ ڪمزور ٿيڻ ريڪٽس چئبو آهي. عام طور تي وٽامن ڊي جي گهٽتائي جي وجهه سان ٿيندي آهي.
16. هڏن جي ڀرڻ جو تعلق وڏي عمر سان آهي.
17. گٺريٽس جوڙن جي تڪليف آهي جيڪا جوڙن کي نرم ۽ سوڄ جي وجهه ٿيندي آهي.
18. ٿولهه جي وجهه سان جوڙن تي بار پوندو آهي. خاص طور تي گوڏن تي جنهن جي وجهه سان سور ٿيندو آهي ۽ هن ۾ گٺريٽس جي بيماري پيدا ٿيندي آهي.

مشق

درست جواب تي نشان هڻو.

1. محرڪ جي وجهه سان بيچيني پيدا ٿيڻ جو سبب آهي.

(1) ٽروپرم جي (2) حرڪت

(3) لوڪوموشن (4) گٺريٽس.

2. اهو پڃرو يا ڍانچو جيڪو ڪنهن ساخت کي مضبوط شڪل ڏي.

(1) آرڪيٽيڪچر (2) هڏي

(3) هڏائون ڍانچو.

3. پرڪٽي آواز جي هڏي (ڪري واري) نهيل آهي.

(1) اوسنيوسائيٽ (2) اوسٽيو ڪلاسٽ

(3) ڪوندرسائيٽ.

www.perfect24u.com

4. نيمر جا مهرا جڙندا آهن.

(1) سلوڪ گرڊل سان (2) پيڪٽورل گرڊل

(3) اسڪپيولا سان (4) لنڪلوڪ جي اسيناسولو سان.

5. ٻانهن جو وڏو عضلو (پٺا) آهي.

(1) ائيسيپ (2) ٽرائيسيپ

(3) ٽيٽراسيپ (4) پينٽاسيپ.

6. مضبوط ڌاڳي واري جوڙن جو پٺو جيڪو جوڙ کي هڏي سان جوڙي

(1) ليگامنٽ (2) ٽيندن

(3) ٻاسيپ (4) ٽراسيپ.

7. ٻارن جي هڏن جو نرم ٿيڻ جيڪو وٽامن ڊي جي گهٽتائي جي وجهه سان ٿئي.

(1) اوسٽيوپوپرسس (2) اوسٽيو آرٿرائس

(3) ريڪٽس (4) رهياٽڪ بخار.

8. اهي عضلات جيڪي عضون کي سڌو رکن.

(1) ليگامينٽ (2) هڏي وارو ڍانچو

(3) فليڪشن (4) الڪٽيشن.

9. عضلات جو اهو جوڙ جيڪي هڪ ٻئي کان مخالف پاسي ڏي ڪم ڪن.

(1) اينٽاگوسٽ (2) ابريڪٽر

(3) هموار.

www.perfect24u.com

مختصر سوالات

(i) هڏائون ڍانچي جا اهم ڪم ڇا آهن؟

(ii) هڏي ۽ ڪرڪٽي آواز واري هڏي ۾ فرق بيان ڪريو؟

(iii) مختلف عضون ۾ ڪرڪٽي هڏي جي جاءِ ٻڌايو؟

(iv) پيرن ۾ موجود هڏن جا نالا ۽ تعداد جي لسٽ ٻڌايو؟

(v) انسان جا غير حرڪتي جوڙ ڪٿي ڪٿي ملندا آهن؟

(vi) ڪنگڻ ۽ بال سوڪٽ جوڙ جي صاف تصوير ٺاهيو ۽ هر حصي تي نالا لکو.

(vii) ريڪٽس ڇا آهي؟ ۽ ان جا سبب ٻڌايو؟

(viii) ڪنگڻ واري جوڙن جا انساني جسم ۾ جاءِ ٻڌايو؟

(ix) ليگامنٽ ۽ ٽينڊن جي درميان فرق بيان ڪريو.

(x) بائسيپ ۽ ٽرائيسپ عضلات سان ڇا مراد آهي؟

تفصيلي جواب لکو:

(i) بيان ڪريو تہ هڏائون ڍانچي جو نظام هڪ مضبوط نظام آهي.

(ii) انسان جي ٻانهن ۾ فليڪشن ۽ ايڪٽينشن جي تفصيل بيان ڪريو.

(iii) هڏين جو بيضا بطيون بيان ڪريون.

www.perfect24u.com

باب
5

توليد

اهم تصورات:

هن سبق ۾ اسان سکنداسين:

- تعارف
- ٻوٽن ۾ جنسي توليد جو عمل
- ٻوٽن ۾ غيرجنسي توليد
- حيوانات ۾ غير جنسي توليد جو عمل
- حيوانات ۾ جنسي توليد
- سهي ۾ جنسي توليد
- نر جي توليد جو نظام
- ماده جي توليد جو نظام
- آبادي جي منصوبہ بندي



www.perfect24u.com

تعارف:-

جانور زنده رهڻ لاءِ گهڻا ئي ڪم انجام ڏين ٿا. جنهن ۾ هڪ اهيو به آهي جنهن ۾ هو پاڻ جهڙي اولاد پيدا ڪندا آهن. ان عمل کي توليد جو عمل چئبو آهي. توليد جاندارن جو بنيادي عمل آهي جيڪو انهن جي نسل جي بقا لاءِ ضروري آهي. اگر هڪڙو جاندار مستقل اولاد پيدا نٿو ڪري ته اهو مرندو ته نه پر ان جي نسل ختم ٿيڻ جو خطرو هوندو. اگر هو مستقل اولاد پيدا ڪن ٿا ته ان طرح سان جاندار جي نسل ختم ٿيڻ جو خطرو ختم ٿي ويندو آهي. اگر ان جي پيداوار گهٽ ٿيندي ته پوءِ ان جي نسل ختم ٿيندي. ٻوٽن ۽ حيوانات جون ڪافي ساريون قسمون (species) هن وقت ختم ٿيڻ جي خطري تي آهن. جو ته انسان انهن کي ختم ڪرڻ ۽ مارڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. جنهن جي ڪري انهن جي موت جو ڏاهڪو انهن جي پيداوار جي ڏاهڪي کان وڌيڪ آهي. ڪافي دفعا جاندار جي رهڻ (habitat) جي جاءِ تي تبديلي ۽ مختلف سرگرميون جاندار کي ٻي جين ڪنديون آهن، ۽ پوءِ اهي پاڻ کي ان نئين ماحول ۾ آرامده محسوس نه ڪندا آهن. ان ڪري انهن جي توليدي صلاحيت ۾ به ڪمي ايندي آهي. ان جو مطلب آهي توليد جي صلاحيت جو تعلق رهڻ ۽ ماحول سان به آهي. يعني جانبدار/سازگار کي توليد لاءِ جاندار ماحول جي به ضرورت آهي.

توليد جا قسم:-

جاندار ٻن طريقن سان توليد جو عمل انجام ڏيندا آهن.

(1) غير جنسي توليد(Asexual Reproduciotn) (2) جنسي توليد (Sexual Reproduction)

غير جنسي توليد	جنسي توليد
• توليد جو اهو قسم آهي جنهن ۾ نر ۽ ماده گيميٽس جي ميلاپ جي بغير عمل ٿيندو آهي. • ان ۾ والدين جو صرف هڪ جنس شامل هوندو آهي.	• توليد جي اها قسم آهي جيڪا نر ۽ ماده گيميٽس جي ميلاپ جي نتيجي جي ڪري ٿيندي آهي. • ان قسم جي توليد ۾ والدين مان ٻه جنس شامل هونديون آهن.

www.perfect24u.com

- اولاد والدين مان صرف ان جهڙي صورت جهڙو هوندو آهي جنهن والدين مان هو پيدا ٿيندو آهي.
- ان طرح پيدا ٿيڻ واري اولاد جنسي طور تي هڪ ٻئي جهڙي ۽ پنهنجي والدين جهڙي نظر ايندي آهي.
- جينز (Genes) جي نئين ترتيب جسم ۾ نه ايندي آهي. (Genetic combination)

- اولاد ۽ والدين مان ڪنهن جهڙو به نه هوندو آهي.
- اولاد جنسي طور تي هڪ ٻئي کان ۽ والدين کان به مختلف هوندي آهي.
- جينز (Genes) جي نئين ترتيب وجود ۾ ايندي آهي. جنهن جي وجهه سان تبديلي پيدا ٿيندي آهي.

پروٽسٽ، جراثيم ۽ ٻوٽن ۾ غير جنسي توليد.

پروٽسٽ، جراثيم ۽ ٻوٽن ۾ بي شمار طريقن سان غير جنسي توليد ٿيندي آهي، انهن مان ڪجهه هيٺ ڏنل آهن.

بائينري تقسيم: (Binnary fission)

ڪنهن اوجي (ٽشو) جو هڪ يا هڪ کان وڌيڪ اوجن ۾ بکهري وڃڻ کي تقسيم (Fission) چئبو آهي. غير جنسي توليد تيز ۽ ساده طريقو آهي. ان عمل جي جنسياتي ماده پنهنجي نقل ڪندي آهي. يا مرڪز ۾ تقسيم ٿيندا آهن. (يوڪيريوٽس) ان کان پوءِ خليو دختر خلين (Daughter walls) تقسيم ٿيندو آهي. پوءِ دختر خليو برابر مقدار ۾ جنسياتي مادو حاصل ڪندو آهي. ان طرح سان تقسيم جا به طريقا آهن.



تصوير 5.1 بائينري تقسيم

www.perfect24u.com

بائينري تقسيم:

تقسيم جي اها قسم آهي جنهن ۾ هڪ ماده خليو ٻہ دختر خلين ۾ تقسيم ٿي ويندو آهي. اهيو عمل جراثيم ۾ مخصوص درجہ حرارت، کاڌي جي فراهمي ۽ نمي واري ماحول ۾ انجام ٿيندو آهي. ان دوران هڪ جراثيم 20 منٽن ۾ ٻن جراثيمن ۾ تقسيم ٿيندو آهي. اهڙي طرح ٿوري وقت ۾ بي شمار جراثيم پيدا ٿي ويندا آهن.

گهڻ تقسيم:

اها تقسيم جي اها قسم آهي جنهن ۾ هڪ ماده خليو ٻن کان وڌيڪ خلين ۾ هڪ وقت ۾ تقسيم ٿيندو يا بکهري ويندو آهي.

بڊنگ جي ذريعي (Budding):

ان قسم جي غير جنسي توليد ۾ والدين جي خليي تي هڪ ننڍڙو ابهار پيدا ٿيندو آهي جنهن کي بڊ يا مکڙي (Bud) چئبو آهي. اها مکڙي يا بڊ پنهنجي والدين جي جسم مان الڳ ٿي ويندي آهي، ۽ آزادي سان زندگي گذاري نئين جاندار جي طور تي زندگي گذاريندي آهي. اهو عمل گهڻو ڪري گلن ۽ خمير ۾ ٿيندو آهي.

تصوير 5.2 خمير ۾ توليد بڊنگ جي ذريعي

اسپورز جي ذريعي (By Spores)

فنجائي، الجي ۽ گلن جي جسم تي هڪ توليدي عضوو پيدا ٿيندو آهي جنهن کي اسپورانجيم (Sporangium) چئبو آهي. اهيو اسپورانجيم بيشمار اسپور پيدا ڪندو آهي. اهي ننڍا ننڍا اسپورز هوا جي ذريعي ويندا آهن. ۽ انهن جي مٿان هڪ پڙ هوندو آهي، جيڪو انهن کي خراب حالات ۾ بہ انهن کي زنده رهڻ ۾ مدد ڪندو آهي. جڏهن اهي

www.perfect24u.com

سهي جڳهه تي ڪرندا آهن تہ پوءِ اتي هڪ نئين جاندار کي جنم ڏيندا آهن.



تصوير 5.3 بيضن ٺهڻ

نباتاتي ڦهلاءُ: (Vegetation Propagation)

نباتات جو مطلب آهي. گلن جو غير توليدي حصو جيئن ٿڙ، پاڙ، ٽاري ۽ پتا اگر ان ۾ ڪوئي بہ حصو نئين ٻوٽي ۾ نشو نما تي تہ ان کي نباتاتي ڦهلاءُ چئبو اهي. پوءِ اهيو حصو جلدي يا دير سان پنهنجي اصلي ٻوٽي کان الڳ تي ويندو آهي. خاص نباتاتي حصا ظاهري (Monophologically) طور تي مختلف ٻوٽن ۾ مختلف هوندا آهن پر انهن ۾ مکڙين جي تعداد گهٽي هوندي آهي جيڪي بين گلن تي تبديل ٿيندي آهن. رنر Runner ادرک، ٽيوبر ٿڙ (Stamtuher) پٽاٽو، بڪيل (Buchil)، پتر چٽ (Bryophyllum)، پاڙ ٽيوبر (Root tuber) لاهوري گجر، فائيلو ڪليڊ (phylloclade).

نباتاتي توليد گهٽو ڪري انهن حصن جي ڪري ٿيندي آهي جيڪي غذا جو ذخيرو ڪندا آهن، اهي حصا ئي نباتاتي توليد ڪرائيندا آهن.



تصوير 5.4 ٻوٽن ۾ نباتاتي ڦهلاءُ

www.perfect24u.com

مصنوعي ڦهلاءُ	نباتاتي ڦهلاءُ
• اهيو گلن کي پيدا ڪرڻ جو اهو طريقو آهي، جنهن ۾ انسان جو عمل دخل آهي. • اهيو مصنوعي ڦهلاءُ جڙ، ڏنڍي جي ٽڪرن جي ذريعي ٿيندو آهي. • ان جو طريقو ڏنڍي ڪلچر ۾ ڪلمين مکڙيون آهن ڪلياءُ (Budding) • پاڙن کي مصنوعي ڦهلاءُ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. • پتن جي ڪجهه ڏنڍيئن کي به مصنوعي ڦهلاءُ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي.	• اهيو گلن کي پيدا ڪرڻ جو قدرتي طريقو آهي، ان ۾ انسان جو ڪو عمل دخل نہ آهي. • اهيو قدرتي ڦهلاءُ پاڙ، ٿڙ ۽ پتن جي ذريعي ٿيندو آهي. • پاڙيا ان زمين تي ڏنڍو نما ملندا آهن. • پاڙون نئين ٻوٽن ۾ تبديل شده پاڙن جي ڦهلليل حصن مان نڪرنديون آهن. ان ڦهليل حصن کي ٽيوبر Tubir چئبو آهي. • ڪجهه ٻوٽن جا پتا انهن مان عليحدہ ٿي ڪري نئين ٻوٽن ۾ ڏنڍو نما ٿي ويندا آهن. مثال: پٿهر چٽ (Proyphtion)

ٻوٽن ۾ نباتاتي ڦهلاءُ تند جي ذريعي، سکر Sucker ۾

ٻوٽن ۾ نباتاتي ڦهلاءُ تند جي ذريعي، سکر Sucker ۾ پتن تي نئون ٻوٽو نباتاتي حصي جي ذريعي پيدا ڪري سگهجن ٿا جيئن تہ پاڙ، تند، سکر ۽ پتا. اهو سڀ عمل قدرتي يا مصنوعي طريقي سان بہ ٿي سگهي ٿو.

تند جي ذريعي:-

ڪافي ٻوٽن تي مکڙيون لڳل هونديون آهن. جيئن تہ بصر، ڊيفوڊل ۽ اسٽرابيري وغيره. اهي مکڙيون نئين ٻوٽن کي پيدا ڪري سگهن ٿيون. ان قسمن جي تندن کي انر، مکڙي، رهيزوم، ٽيوبر ۽ سکر جي طور تي سڃاڻيو ويندو آهي.

www.perfect24u.com

تصوير 5.5 پاڙ جي ذريعي نباتاتي ڦهلاءَ

پتن جي ذريعي:-

تصوير 5.6 پٿرچٽ

ڪجهه پتن تي ننڍيون ننڍيون مکڙيون هونديون آهن. مثلا پٿر چٽ، ان پتن مان ايڊوينٽيس پاڙون (Adventitious) نڪرنديون آهن. جڏهن پتا زمين تي ڪرندا آهن ۽ مٽي سان رابطي ۾ ايندا آهن ته ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اتي هڪ نئين ۽ آزاد ٻوٽي جي شروعات ٿيندي آهي.

سڪر جي ذريعي (Sucker):-

تصوير 5.7 سڪر

سڪر پاڙن مان نڪرندڙ حصي کي چوندا آهن. بنيادي طور تي ٻوٽن جي تند جو حصو آهي. جيڪو پاڙن جي تند جي هيٺئين حصي مان نڪرندو آهي. جيئن ته صرف، ايلم (Elum) ۽ ڪيلي جي وڻ ۾ سڀ سڪر ملي ڪري هڪ فصل تيار ڪندا آهن.

مصنوعي ڦهلاءَ جو طريقو:-

گلن ۾ ڪجهه خاص قسم جي خصوصيات هونديون آهن جيئن ته انهن وٽ مختلف عضون ۾ نمي وارا يا جنسي مرڪز (Embroyonic center) هوندا آهن. اهي جنسي مرڪز

www.perfect24u.com

مکڙين جي شڪل ۾ مليا ويندا آهن. انهن جنسي مرڪز مان نئين ٻوٽن جي فارمنگ (Farming) ڪري سگهجي ٿي. انسانن ٻوٽن جي ان خصوصيت کي استعمال ڪري پنهنجي زمين ۽ ضرورت جي مطابق مصنوعي طريقي سان ان جو ڦهلاءُ ڪيو آهي. اهو عمل ٻوٽن جي ڪٽرڻ (Cutting)، پيوند (Grafting)، ۽ ڪلونگ (Cloning) جي ذريعي ٿيندو آهي.

ڪٽرڻ (Cutting):-

اهي ڪترا عام طور تي پٽن جا ننڍڙا ننڍڙا ٽڪرا هوندا آهن جن ۾ 2 يا 3 نوڊ (node) يا مکڙيون موجود هونديون آهن. پوءِ انهن کي ٽريڊو ڪٽيو ويندو آهي ۽ ان طرح زمين ۾ وڌو ويندو آهي ته ان جي هڪ مکڙي يا نوڊ زمين کان ٻاهر هجي. زمين ۾ موجود مکڙين مان ايڊوينٽيس پاڙون (Adventitious root) نڪرنديون آهن، ۽ مٿي واري حصي ۾ نباتاتي مکڙيون الڳ نڪرنديون آهن ان طرح سان هڪ نئون ٻوٽو پيدا ٿيندو آهي. مثال ڪمند، لاهوري گجر، گلاب وغيره.

پيوندڪاري:-

اهيو هڪ اهڙي طريقو آهي، جنهن ۾ پنهنجي ڦرندڙ ٻوٽي جي شاخ ٻي ٻوٽي سان جوڙيندا آهن، پر جنهن ٻوٽي سان ان کي جوڙيو ويندو آهي، ان ٻوٽي جو مضبوط هجڻ لازمي آهي. جنهن ٻوٽي جي شاخ هوندي آهي، ان کي .... جنهن ٻوٽي سان جوڙيو ويندو آهي، ان کي ڏندي اسٽوڪ Stock چئبو آهي. اهي ٻئي ٻوٽا هڪ ئي قسم Species جون ٻه مختلف قسمون variety سان تعلق رکن ٿيون.

مثال: نارنگي، ليمون يا انب جون مختلف قسمون وغيره.

www.perfect24u.com



تصوير 5.9 ٻوٽن جي پيوندڪاري

ڪلونگ (Cloning) ٽشو ڪلچر جو طريقو:

اهيو هڪ جديد طريقو آهي جنهن طريقي ۾ ڪنهن خاص ٻوٽي جا ٽشوز ڪي مصنوعي مڊ يا تي ان جي غير جنسي توليدي صلاحيت کي استعمال ڪري پيدا ڪيو ويندو آهي. هن عمل کي ٽيسٽ ٽيوب يا پيٽري ڊيش (Petridish) ڪيو ويندو آهي. ان عمل کي ڪرڻ لاءِ ان جي مڊ يا ۾ هارموز جو اضافو بہ ڪري سگهجي ٿو، ڪجهہ عرصي ڪان پوءِ هڪ ننڍيو ٻوٽو ٿهڻ لڳندو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ پوءِ ان ننڍي ٻوٽي کي زمين ۾ منتقل ڪيو ويندو آهي تہ جيئن وڏي پيماني تي تجارتي بنيادن تي انهن جي پيداوار ڪئي وڃي.

ايپومڪسس (Apomixis):-

غيرجنسي توليد جي هڪ قسم آهي ايپومڪسس ٻج پيدا ڪرڻ جو طريقو آهي. جيڪو نر ۽ ماده جي گيمٽس جي ميلاپ جي بغير پيدا ٿيندا آهن. اهو پارٿهيو جنس جي هڪ قسم آهي جيڪا غير جنسي توليد جي قسم آهي. جنهن ۾ هڪ بيضو بارآوري (ذرخيز) جي بغير هڪ نئون جاندار پيدا ڪري سگهي ٿو. اهيو نئون جاندار هيپلائيڊ (haploid) جزن تي مشتمل هوندو آهي.

ان جو دارومدار ايپومڪس جي عمل يا اسپيشيس تي هوندو آهي. اهيو غير جنسي توليد جو هڪ قدرتي طريقو آهي جنهن ۾ بغير بار واري جي ٻوٽو پيدا ٿيندو آهي. اهيو طريقو گهٽي قدر ٻوٽن غير فڪاريا ۾ موجود هوندو آهي. هتي سوال اهيو پيدا ٿئي ٿو تہ جڏهن

www.perfect24u.com

توليد گيمٽس جي ذريعي ته ان کي غير جنسي توليد چو ٽا چئون؟ ان جي لاءِ جو هن عمل ۾ به مختلف گيمٽس جي ميلاپ جو عمل نه ٿيندو آهي ۽ جنسياتي ترتيب ۾ ڪا تبديلي نه ايندي آهي.

گلن واري ٻوٽن ۾ جنسي توليد -Sexual reproduction in flowering Plant:-

اينجو اسپرم (Angiosperm) ٻوٽن جي اها قسم آهي جنهن ۾ روائتي قسم جا گل پيدا ٿيندا آهن، انهن کي گلن وارا ٻوٽا چيو وڃي ٿو. انهن ٻوٽن ۾ جنسي توليد گلن جي ذريعي ٿيندي آهي. گل اصل ۾ هڪ تبديل ٿيل شاخ جيڪو جنسي توليد جي عمل لاءِ ٻج پيدا ڪري ڪم انجام ڏيندو آهي. اهي ٻج ميون جي اندر پيدا ٿيندا آهن. اينجو اسپرم جي گلن جي پتن ۾ ٻاهران به سوراخ هوندا آهن جنهن کي ڪيلڪس (Calyx) ۽ ڪوررولا (Corrolla) چئبو آهي، جيڪي سيپلز (Sepals) ۽ پتيون (Petals) تي مشتمل هوندا آهن. اينڊروشيم (Androcium) ۽ گائينوشيم (Gynoecium) به اندروني سوراخ جيڪي اسٽمن (Stamen) ۽ ڪارپل (Carpal) تي مشتمل هوندا آهن ۽ اهي جنسي توليد جا زميندار هوندا آهن. اسٽمن زرداڻا پيدا ڪندو آهي. جڏهن ته ڪارپل بيضاداڻي ۾ اويول (Ovule) پيدا ڪندا آهن.

تصوير 5.10 گل جا حصا

اويول جي ساخت (Structure of ovule):-

هر اويول جو بنيادي خلوي جسم نيو سيلس (Nucellus) چورائبو آهي. ان جي چارو طرف به پتيون هونديون آهن. ٻاهرين پت کي ٻاهريون چلڪو ۽ اندري پت کي اندريون

تصوير 5.11 اويول جي ساخت

www.perfect24u.com

چلڪو چئبو آهي. ان جي مٿان هڪ ننڍو سوراخ هوندو آهي جنهن کي مائيڪرو پائل (Micro pyle) چئبو آهي. اويول کي هڪ لٽ هوندي آهي جنهن کي فيونيڪيل (Funical) چئبو آهي. ان جي ذريعي اويول بيزي داٽي جي پٽ سان جڙيل هوندو آهي.چيليزا (Chalaza)E

اهو ٽشو آهي جيڪو نيو سليس ۽ فيونيڪل جي وچ ۾ موجود هوندو آهي. نيو سليس جي اند رهڪ وڏو بيضن جو ڪڏو هوندو آهي جيڪو اڳيان هلي جنسي ٿيلو (embryosacs) يا ماده گيمبٽو فائيٽ (Female Gametophyte) ڻاهيندو آهي. اهيو بالغ جنسي ٿيلو صرف ستن جزن تي مشتمل هوندو آهي جيڪو هڪ بيضو، ٻہ سائينر جڊ (Synergid) ٽي اينٽي پوڊل جز (Antipodal cell) ۽ هڪ ثانوي مرڪز تي مشتمل هوندو آهي. اهيو ثانوي مرڪز اصل ۾ هڪ ڊاپولائيڊ خليو آهي جيڪو ملڻ ذريعي وجود ۾ آيو ۽ اويول جي مرڪز ۾ جاءِ وٺندو آهي.

زرداڻي جي ساخت (Structure of Pollengrain)



تصوير 5.12 زرداڻي جي ساخت

زرداڻا اينٿز ۾ موجود زرداڻن جي ٿيلي (Pollen sac) ۾ مائيڪرو اسپور جي خلوي تقسيم جي ذريعي پيدا ٿيندا آهن. اهي زرداڻا مٽي جي ذرن وانگر ياسوفن وانگر هوندا آهن. هر زرداڻو 4 جز (خلين) تي مشتمل هوندو آهي جيڪو ٻن پٽن جي اندر لڪيل هوندو آهي. ٻاهري پٽ کي ايڪستائين (extine) ۽ اندري پٽ کي انٽائين (Intine) چئبو آهي.

اينجو اسپرم ٻوٽن ۾ اصل يا ظاهري ٻوٽو اسپورو فائٽ (Sporophytie) آهي جيڪو نباتاتي ۽ گل واري حصي تي مشتمل هوندو آهي. نباتاتي حصہ پاڙ، ٿند ۽ پٽن تي مشتمل هوندا آهن جڏهن تہ گل، ميو ۽ ٻج گل وارو حصو آهي ۽ هر گل مان اهي سڀ نهندا آهن. گل

www.perfect24u.com

وارا حصا توليدي حصا آهن. هہ عمل جيئن تہ پولينيشن (Pollination) ۽ باراوري (Festilization) آهن. ان کان پوءِ اهي ميوي ۽ ٻج پيدا ڪندا آهن. ٻج وڏي ٿيڻ کان پوءِ هڪ نئين ٻوٽي ۾ تبديل ٿيندو آهي ۽ ان نئين ڦٽيل ننڍي ٻوٽي کي سيڊلينگ (Seedling) چئبو آهي جيڪو جوان ٿي ڪري پنهنجي والدين جهڙو ٻوٽو ٿي ويندو آهي.

ٻوٽن ۾ اينڊريوشيم، استمن (مائيڪرو اسپوروفل (Microspenophyll) ہہ کان چار زرداڻن جي ٿيلين کي Microsperophin Pollensais هوندا آهن. زرداڻن جون ٿيليون ۾ مائيڪرو اسپور (ماده خليون) سان ڀريل هونديون آهن ۽ اهي مائيڪرو اسپور (ماده جز) مائيٽوسس جي ذريعي نيا مائيڪرو اسپور ناهينديون آهن. هر هڪ، هڪ خلوي، مائيڪرو اسپور مائيٽو سس جي ذريعي تقسيم ٿي ہہ کان چار نيا خليہ تيار ڪندا آهن ۽ اهڙي طرح هڪ خلوي مائيڪرو اسپورنرداڻي ۾ تبديل ٿي ويندا آهن، جيڪو گهڻ خلوي ساخت هوندو آهي، پر ان جو هر خليو هيپلائيڊ هوندو آهي، ۽ پوءِ اينٿر جي ڦاٽر کان پوءِ اهي زرداڻا ماحول ۾ اڏي ويندا آهن.

ٻي طرف هر ڪاريل ميگا اسپورفل (Megasporophyll) جي بيضاداڻي ۾ (Ovary) هڪ يا ڪ کان وڌيڪ اويول ميگا اسپورنجيم (Megasporangium) نهندا آهن. ۽ هر اويول ۾ هڪ ميگا اسپور (ماده خليو) هوندو آهي، جيڪو ميوسس جي ذريعي تقسيم ٿي چار ميگا اسپور پيدا ڪندو آهي. انهن مان صرف هڪ باقي بچندو آهي ۽ جنسي ٿيلي (female gametophyte) ۾ تبديل ٿيندو آهي ۽ اهيو جنسي ٿيلو اويول ۾ هوندو آهي. هر جنسي ٿيلو 7 جزن تي مشتمل هوندو آهي. جيئن تہ پهريون ٻڌايو ويو آهي. زرداڻا ماحول ۾ منتشر ٿيڻ کان پوءِ اگر ڪارپل جي استگماتي ڪري پون تہ زندگي جو جگر چڪر قائم رکي سگهن ٿا. هاڻي سوال اهيو پيدا ٿئي ٿو تہ زرداڻا ڪهڙ: طرح اينٿر جي استگماتي پهچندا آهن ۽ ان عمل کي ڇا چيو ويندو آهي.

زيرگي (Pollination)

زيرگي اهو عمل آهي جنهن ۾ زرداڻا اينٿر مان ڪارپل جي استگماتي منتقل ٿيندا آهن.

www.perfect24u.com

يرگي جا ٻہ قسم ھوندا آھن.

(1) نفس زيرگي (Self Pollination)

(2) باھمي زيرگي (Cross Pollination).

i) خود/ نفس زيرگي:-

ان قسم جي زيرگي ۾ زرداڻا پنھنجي ھي گل تي يا پنھنجي ئي ٻوٽي جي گل جي اينٿر مان ان جي ھي ڪارپل جي استگماتي منتقل ٿيندا آھن.



تصوير 5.13 نفس زيرگي

ii) باھمي زيرگي (Cross pollination):

ھن قسم جي زيرگي ۾ زرداڻا ھڪڙي گل جي اينٿر مان ٻي گل جي استگما تي منتقل ٿيندا آھن پر ٻئي گل ھڪ ئي قسم جي الڳ الڳ ٻوٽن ڪان تعلق رکندا آھن. باھمي زيرگي خود زيرگي جي نسبت تمام گھڻي عام آھي. زرداڻا ھڪ گل مان ٻي گل تي ھيٺين شئين جي ذريعي پھچندا آھن.

i) ھوا

ii) پاڻي

iii) حيوانات

iv) حشرات.

تصوير 5.14 باھمي زريگي

جڏھن زرداڻا استگماتي ڪرندا آھن تہ ان جي ڪاڏ خوراڪ شروع ٿي ويندي آھي، جيڪا ھڪ نالي جي شڪل ۾ ھوندي آھي. ان کي پولن نالي (pollentube) يزگيميٽوفائٽ چئبو آھي. جيڪو 6 ھيپلائيڊ خلين (جز) تي مشتمل ھوندو آھي. ان ۾ ٻہ پروٿليل خليہ ٻہ نرگيميٽ ھڪ استاڪ مرڪز ۽ ھڪ خالي مرڪز اھا پولن نالي استگما مان بيضا داني ۾ موجود اويول تائين ويندي آھي. استائل جي ذريعي ۽ ٻہ نر گيميٽس کي اويول ۾

www.perfect24u.com

مائيڪرو پائل جي ذريعي منتقل ڪيو ويندو آهي جيڪي بلآخر جنسيٽلين تائين پهچي ويندو آهي. جتي پهچي ڪري انهن مان هڪ اسپرم بيضي سان براور ٿيندو آهي ۽ ڊائيپولائڊ ذائيگوٽ ٺاهيندو آهي. جڏهن ته ٻيو اسپرم ڊائيپولائڊ سان ملي ڪري ٽرائي پولائيڊ خليو ٺاهيندو آهي. جيڪو خوراڪ وٺي ايندو اسپرم ۾ تبديل ٿيندو آهي ۽ اهيو ايندو اسپرم ٻج ڪي وجود ڏيندو آهي. ان قسم جي ٻار آوري ڪي ڏهري ٻار آوري (Double fertilization) جيڪا اينجو اسپرم ٻوٽن جي خصوصيت آهي. ڳن ڊائيگوٽ مائيٽوٽڪ تقسيم جي نتيجي ۾ جنس ۾ تبديل ٿي ويندو آهي. پوءِ اهيو عمل جنسي ٿيلي ۾ ٿيندو آهي. جڏهن ته ٽراپولائڊ ايندو اسپرم ۾ تبديل ٿي ويندو آهي ۽ ايندو اسپرم خوراڪ ڪٺي انهن جنسن ڪي ٻه غذا پهچائيندا آهن. ان خوراڪ جي نتيجي ۾ اويول ٻج ۾ تبديل ٿي ويندو آهي، اويول جي پت (Integument) ٻج جي چلڪي ۾ جڏهن ذائيگوٽ مان ڪوٽيلڊن ٺهندو آهي، ان عمل جي دوران بيضا داني جيڪا اويول جي ٻاهر هوندي آهي. اها مائيٽوٽڪ تقسيم ڪري ڦوڪ جي ويندي آهي ۽ آخرڪار مينو ٺاهيندي آهي. انهن ميون ڪي جانور ڪائيندا آهن. يا اهي سڙي ويندا آهن. اهڙي طرح انهن ۾ موجود ٻج آزاد ٿي ماحول ۾ اڏي ويندو آهي ۽ جڏهن اهي ٻج زمين تي ڪرندا آهن ته مناسب حالات ۾ خوراڪ حاصل ڪري نئين ٻوٽي ۾ تبديل ٿي ويندا آهن.



تصوير 5.16 گل جي زندگي جو چڪر

www.perfect24u.com

ميون جو ٺهڻ Fruit Farmation:-



تصوير 5.16 ميون جو ٺهڻ

بيضاداڻي جڏهن ميوو ٺهي ويندو آهي ان ۾ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ٻج موجود هوندا آهن. ان عمل کان پوءِ عام طور تي استگما ۽ اسٽائل ڇڻي ويندا آهن ۽ زيرگي جي عمل کان پوءِ پنيون ۽ اسٽيمن به ڇڻي ويندو آهي. پر ڪجھ ٻوٽن ۾ سيپلز ڇڻندا نہ آهن بلڪ گلن سان گڏ چمبڙي پوندا آهن جيئن تہ واڱڻ ۽ مرچ اينڊو اسپرم خوراڪ ڪٽي جنس کي غذا پهچائيندا آهن ۽ اهي جنس مان توانائي جو ذخيرو ڪنديون آهن. جيئن ڪڻڪ، چانور، چڻا وغيره جيڪي اسان ۽ ٻيا حيوانات استعمال ڪندا آهن.

ميون جو ٺهڻ بار آوري جي بغير-foarmation of fruit without festilization

ميون ۾ ٻج ٺهڻ جو عمل عام طور تي بار آوري کان پوءِ شروع ٿيندو آهي. پر ڪجھ ميوا بغير بار آوري جي ٺهڻ شروع ٿي ويندا آهن. ان عمل کي پارٿينو ڪارپي (Parthenocorpy) چوندا آهن. جنهن جو مطلب آهي. ٻج جي بغير ميون جو ٺهڻ جيئن تہ ڪيلو.

هوا ۽ حشرات (ڪيڙا) جي ذريعي زيرگي جو عمل ڪرڻ وارن گلن ۾ مطابقت

Adaptation in wind and insect pollinated flowers

ڪجھ ٻوٽا پنهنجا زرداڻا هوا، پاڻي ۽ ڪيڙن مڪوڙن جي ذريعي منتشر ڪندا آهن. اهي ٻوٽا جيڪي پنهنجي زرداڻن کي هوا ۽ پاڻي جي ذريعي منتشر ڪندا آهن انهن ۾ ڪجھ مطابقي خصوصيات پيدا ٿي ويندي‌ون آهن.

www.perfect24u.com

هوا ۽ پاڻي جي ذريعي زيرگي ڪرڻ واري ٻوٽن ۾ مطابقي خصوصيات

انهن ٻوٽن ۾ ننڍا بغير خوشبو وارا گل پيدا ٿيندا آهن.

انهن ۾ لاتعداد زرداڻا پيد اٿيندا آهن.

زرداڻا صفا ننڍا ۽ هلڪا هوندا آهن.

انهن مان ڪجھ ۾ پرن ۽ پراشوٽ جهڙي ساخت موجود هوندي آهي.

حشرات (ڪيڙا) جي ذريعي زيرگي ڪرڻ واري ٻوٽن ۾ مطابقي خاصيتون

1. انهن جا گل وڏا هوندا آهن.
2. انهن جون پتون ۽ سيپلز تکن رنگن وارا هوندا آهن.
3. زرداڻن تي چمبڙڻ واري ساخت موجود هوندي آهي.
4. انهن جي گلن ۾ تيز قسم جي خوشبو هوندي آهي.
5. انهن جي گلن م گهڻي مقدار ۾ مٺو رس هوندو آهي.

ٻج ۽ ان جي ساخت:-

ٻج هڪ پڪيل اويول ڪي چئبو آهي يا اهيو ذرخيز اويول آهي جنهن ۾ خوابيدا (Demaint) جنسون موجود هونديون آهن. ٻج جا حصا هيٺ ڏنل آهن.

1- ٻج جو ڇلڪو (کل)

2- جنس

3- ڪوٽيليڊن

4- ڪجھ ڪڏهن اينڊو اسپرم

www.perfect24u.com



تصوير 5.17 ٻج جي ساخت

ٻج جي ٻاهرين پَت جيڪا اوِيول جي انٽيگيومنٽ (Integument) مان نهندي آهي. ان کي ٻج جو ڇلڪو چئجي ٿو. ٻج جي ڇلڪي جي ٻاهران جنهن کي ٽيسٽا ۽ اندروني سٽي تع کي ٽيگمن (Tegmen) ٻج وجود ۾ ايندو آهي. جيڪو ڊائيلائيڊ ڊائيگوٽ مان خوراڪ حاصل ڪندو آهي ۽ جنس هڪ ننڍو ايڪسس (Axis) آهي جيڪو ٻن ڪوٽيليڊن جي وچ ۾ موجود هوندو آهي. هن جي مٿان واري حصي کي پليوميول (Plumule) ۽ ٻئي هيٺين حصي کي ريڊيڪل (Radicle) چئبو آهي. ڦٽڻ (germination) جي دوران پليوميول شاخ ۾ ۽ ريڊيڪل پاڙن ۾ تبديل ٿي ويندو آهي. ٻج ۾ پٽن وانگر ساختون هونديون آهن. انهن کي ڪوٽيليڊن چئجي ٿو. هيءَ هر ٻج ۾ هڪ يا ٻه هوندا آهن جنهن جي ڪري ٻج کي ٻن ويهڙن ۾ تقسيم ڪيو ويندو آهي. جنهن کي مونوڪوٽيليڊن ۽ ڊائيڪوٽيليڊن چئبو آهي. ايندو اسپرم ٻج ۾ اهو ڪوٽيليڊن صفا سنهو ۽ ڪاغذ نما هوندو آهي. پر گهٽڻ ئي ٻجن ۾ ايندو اسپرم نہ هوندو آهي ۽ ان جي ڪري خوراڪ وغيره ڪوٽيليڊن ۾ ذخيرو ٿيندي آهي. انهن ٻجن ۾ ڪوٽيليڊن ڦوڪجي موٽا ٿي ويندا آهن. ان هيلم (Hilum) ٻج جي ڇلڪي ٿي هڪ نشان آهي جيڪو ڦٽڻ دوران پاڻي ٻج ۾ موجود هڪ ننڍي سوراخ مان ايندو آهي ۽ ان سوراخ کي مائيڪرو پائيپل (Micropyle) چئبو آهي.

ڪجھ مونوڪوٽيليڊن ٻج جي بيضاداڻي (ٻچيداني) جي پت کي پيري ڪارپ (Pericarp) چيو ويندو آهي. جيڪو مضبوطي سان ٻج جي ڇلڪي تي چمبڙي پوندو آهي. جيئن ڪڻڪ جي داڻن ۾ اندروني طور تي هڪ سنهي تهہ سان گڏيل هوندا آهن ان تهہ کي ايپيٿيليم (Epithelium)



تصوير 5.18: مڪئي جي داڻن جي ساخت

چيو وڃي ٿو جنهن ۾ وڌو حصو ايندو اسپرم ۽ ننڍڙو حصو جنس آهن. هن جنسي حصي ۾ هڪ تهہ / شيلڊ جهڙو ڪوٽيليڊن هوندو آهي جنهن کي

www.perfect24u.com

اسڪيوٽيليم (Secutelhum) چوندا آهن. ان سان گڏ پليو ميول ۽ ريڊيڪل هڪ حفاظتي چادر ۾ بند هوندا آهن. جنهن کي ڪوٽيو پائل (Coleoptile) ۽ ڪولهورائيزا (Coleorhiza) چئجي ٿو.

ٻج جو اڳاءُ/ ڦٽڻ — (Germination of seed)

ٻج جي خوابيدگي کي ختم ڪري ٻج جو ڦٽائڻ يا اڳاءُ چئبو آهي. اڳائڻ جي نتيجي ۾ ٻج کي ڪاڏ خوراڪ ملڻ ڪان پوءِ سيڊلنگ ايج جي ڦٽڻ جو سلو ۾ تبديل ٿي ويندو آهي.

ٻج ڦٽائڻ لاءِ ضروري حالات: Condition necessary in gumination

هميشه زنده/ جيئري ٻج ۾ ڦٽڻ جي صلاحيت هوندي آهي. ان جي لاءِ هن کي آڪسيجن، بهتر نمي (پاڻي) ڪاڏ خوراڪ ۽ مناسب درجه حرارت جي ضرورت هوندي آهي.

پاڻي جو ڪردار:

زندگي جي لاءِ پاڻي تمام ضروري آهي ڇو جو حياتيات (جاندارن) جي فعلن (ڪمن) جو دارو مدار پاڻي تي آهي. پاڻي ٻج تهه (ڇلڪو) کي نرم ڪندو آهي ۽ ٻج کي ڦوڪي ان تي زور (دٻاءُ) وجهندو آهي. ان اندر جي زور جي وجه سان ڇلڪو ڦاٽي پوندو آهي ۽ اهڙي طرح ٻج ڦٽڻ لاءِ آزاد ٿي ويندو آهي. پاڻي جاندارن جي فعلن کي انزائيم طور عمل پذير ناهي ڪارآمد ناهيندو آهي. ان سان گڏ نوس غذا / خوراڪ پاڻي ۾ حل ٿي هڪ محلول نهي ويندو آهي جيڪو آساني سان استعمال ڪري سگهجي ٿو.

آڪسيجن جو ڪردار/ ڪم:-

حياتياتي عملن ۽ ڪارڪردگين جي لاءِ توانائي جي به ضرورت پوندي آهي ۽ اها توانائي خلين (جزن) ۾ تنفس جي عمل دوران پيدا ٿيندي آهي ۽ جيئن ته توهان کي خبر آهي، تنفس (ساهه کڻڻ) جي عمل جي لاءِ آڪسيجن درڪار هوندي آهي.

مناسب درجه حرارت:-

انزائيم جي ڪارڪردگي جي لاءِ مناسب درجه حرارت جي ضرورت پوندي آهي. تقريبن (تقريباً) هر انزائيم 25 ڪان 35°C جي وچ ۾ بهترين ڪم انجام ڏيندا آهن ۽ ٻج 0°C کان هيٺ ۽ 45 °C کان مٿي درجه حرارت ۾ نه ڦٽندا آهن.

www.perfect24u.com

ڦٽڻ جا قسم(Types of Germination)

ٻج ڦٽڻ جا ٻہ قسم آهن.

برزمين ڦٽڻ	زير زمين ڦٽڻ
• ايپي مٿان، جيل، زمين، ٻج ڦٽڻ جو اهو قسم جنهن ۾ ٻج ڦٽڻ دوران زمين کان ٻاهر نڪري اچي.	• هائپر- زير، هيٺيان، جيل- زمين. • ٻج ڦٽڻ جو اهو قسم جنهن ۾ ٻج ڦٽڻ دوران زمين جي اندر ئي رهي.
• هائيپو ڪوٽائل جي واڌ ايپي ڪوٽائل جي واڌ کان تيز هوندي آهي.	• ايپي ڪوٽائل جي واڌ هائپر ڪوٽائل کان تيز هوندي آهي.
• هائيپوڪوٽائل جي واڌ هڪ آرڪ زمين اڌ دائري جي شڪل ۾ ٺيندي آهي.	• ايپي ڪوٽائل جي آرڪ شڪل ۾ نہ ٺيندي آهي. • ڪوٽيليڊن ساوا نہ هوندا آهن.
• ڪوٽيليڊن ٻاهر اچي سائي رنگ جا ٿي ويندا آهن ۽ پوءِ ساون پتن وانگر ڪم ڪندا آهن.	





حيوانيات جي توليد/ نئين سر/ نئين نسل جي پيدائش جو عمل:

حيوانيات ۾ ٻہ توليد جا ٻہ قسم آهن. جنسي توليد، غير جنسي توليد.

www.perfect24u.com

غير جنسي توليد ۾ حيوانيات ۾ جيڪا غير جنسي آهي اها مختلف طريقن سان ٿيندي آهي. انهن مان ڪجهه هيٺ ڏنل آهن.

تقسيم / ونڊ ڪرڻ Fission ڪنهن به خليي يا جزي جو ٻن يا ٻن کان وڌيڪ جزن ۾ پکڙڻ کي تقسيم يا ونڊ Fission چئبو آهي.

بائينري تقسيم Binary Fission: تقسيم جو اهو قسم جنهن ۾ هڪ خليي (جنهن وٽ هڪ جز هجي) جاندار ٻن خلوي ڌيئن جزن وارو جاندار) ۾ ونڊجي وڃي. اها بائينري تقسيم چورائجي ٿي. اها عام طور تي ٻڪ خلوي جاندارن ۾ موجود هوندي آهي. جيئن ته پروٽورو آ (Protozoa) ان عمل دوران هڪ والدين جز جو مرڪز ٻن مرڪزن ۾ ونڊجي ويندو آهي. پوءِ هو هڪ ٻئي کان مختلف طرفن ڏانهن هليا ويندا آهن. ان دوران سائٽوپلازم ۾ هڪ ڪڏو نهڻ شروع ٿي ويندو آهي جيڪو وڌيڪ گهرو ٿي ۽ آخرڪار سائٽو پلازم ۽ پوءِ جزا ٻن مڪڙين ۾ تقسيم ٿي ويندو آهي ۽ اهڙي طرح نيا جاندار پيدا ٿيندا آهن.

گهڻ تقسيم Multiple fission هن ۾ هڪ جاندار ننين ننين جزن کي دختر جاندارن ۾ تقسيم ڪندو آهي جيئن ته پلازموڊيئم.

ٻڊنگ: هن طريقي ۾ جاندار جي جسم تي هڪ يا هڪ کان وڌيڪ اڀار پيدا ٿيندا آهن. انهن اڀارن کي ٻڊ (Bud) چئبو آهي ۽ جڏهن اهي ٻڊ (مڪڙيون)پنهنجي والدين جي جسم کان عليحده/ الڳ ٿي وينديون آهن ته پوءِ هڪ آزاد جاندار وانگر خوراڪ وٺي هڪ نئين جاندار ۾ تقسيم ٿي ويندون آهن. جيئن ته هائيڊرا Hydra.

فرگمينٽيشن Fragmentation: هن قسم جي توليد ننڍڙي ۽ گهڻ خلوي (multicellular) حيوانيات ۾ ملندي آهي. جيئن ته ليور فلرڪ Liver filule ۽ نيما ٽوڊز جڏهن هڪ جاندار ننڍڙي ٽڪرن (ذرن) ۾ ٽٽي پوندو آهي ته ان جو هر ٽڪرو پنهنجي پاڻ کي وري ناهي هڪ نئين جاندار ۾ تبديل ٿي ويندو آهي

جنسي توليد Sexual Reproduction

جنسي توليد ۾ خصوصي هيپلائيڊ خلين جو ميلاپ ٿيندو آهي، اها خليہ گيمٽس يا جنسي خليہ چورائيندا آهن. هن جي ملڻ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيڻ وارو ڊائيپلائڊ خليو ڊائيگوٽ

www.perfect24u.com

چورائيندو آهي. ان جنسي خلين جي ميلاپ کي بار آوري چيو وڃي ٿو.

جنسي توليد ۾ ٽي مراحل هوندا آهن.

1. گيميٽوجنيس Gametogenisis: جنسي خلين جو ٺهڻ.

2. ميلاپ / ملڻ (Mating) برادر ماده جاندار جو هڪ جڳهه تي جمع ٿيڻ جنهن دوران هو جنسي خلين کي هڪ جڳهه تي جمع ڪندا آهن.

3. بار آوري (Fertilization) نر ۽ ماديءَ جو هڪ ٻئي سان ملڻ ۽ ڊائيگوٽ جو ٺهڻ.

گيميٽوجنيس:

هي اهو عمل آهي جنهن جي دوران گيمٽس يا جنسي جز گونيڊ پيدا ٿيندا آهن ۽ هن عمل جا ٻه قسم آهن.





www.perfect24u.com

نر ۽ مادي سهي جا توليدي عضوا Male and female reproduction organs of Rabbit

مادي	نر	
پچيداني تعداد 2 پيٽ ۾ اندر موجود هونديون آهن ۽ بيضا ڏينديون آهن.	خصيا (Testis) تعداد 2 جسم جي هينين حصي ۾ ٻاهر جي طرف هڪ ٿيلي ۾ لٽڪيل. هن ٿيلي کي سڪروٽل ٿيلي Sacrotalsac چوندا آهن. سيمينفيريس نالين Seminefelous tisbules ايپيڊيڊمس (جيڪو سپرم يا ٻيرج جمع ڪندو آهي.)	گونيڊ (جنسي خليا پيدا ڪرڻ وارو عضوو.
اوويڊڪٽ فيلوپين نالين تعداد 2 پيچيداني کان بيضا جمع ڪندي آهي.	وائڊيفيرس نالي تعداد 2	نالين Ducts
وجينا (Vagina) هڪ نالي جيڪا نر کان سيمن وصول ڪندي آهي ۽ هن سيمن ۾ لا محدود سپرم موجود هوندا آهن.	پينس (Penis) هڪ مرداڻو عضلاتو عضوو جيڪو سيمس کي مادي جنائيل ۾ منتقل ڪري.	جنائيٽل گيمٽس ڏيڻ ۽ وصول ڪرڻ وارا اعضوا
پچيداني پاڻ هڪ غدود طور ڪم ڪندي آهي.	پروسٽريٽ غدود (Prostrate) ڪائوپرز غدود سيمپنل ويريڪل.	غدود



تصوير 5.19 نر ۽ مادي سهي جا توليدي عضوا

www.perfect24u.com

بار آوري / زرخيزڪاري (Fertilization)

اهو عمل جنسن ۾ نر ۽ مادي گيمٽس ميلاپ ڪري ڊائيپلائيڊ زائيگوٽ ناهيندا آهن ۽ هن کي بار آوري جو عمل چئبو آهي. اها جڳهه جتي هي عمل ٿيندو آهي، ان جي بنياد تي هن کي ٻن قسمن اندروني۽ ٻيروني بار آوري ۾ ورهايل آهي.

بي روني بار آوري	اندروني بار آوري
• اها جسم جي ٻاهران ٿيندي آهي.	• اها جسم جي اندر ٿيندي آهي.
• هي پاڻي جي اندر ٿيندي آهي.	• هيءَ مادي جي اندر ٿيندي آهي.
• ٻنهي جا جنسي جز گڏ جوان ٿيندا آهن.	• جنسي جز/ خليہ هڪ ٻئي جي ٻيٽيان جوان ٿيندا آهن.
• گيمٽس/جنسي خليہ بيشمار تعداد ۾ پيدا ٿيندا آهن.	• گيمٽس محدود تعداد ۾ پيدا ٿيندا آهن.
• هي مڇين ۽ ايمفيبين (Amphibians) ۾ ٿيندي آهي.	• هي ريپٽائل، پکين ۽ ميمليا ۾ ٿيندي آهي.

انساني آبادي جي منصوبابندي جي ضرورت Need of population planning

انساني آبادي جي منصوبا بندي اها پاليسي آهي جنهن ۾ انسانن جي تعداد هڪ خاص حد تائين محدود ڪئي وڃي خاص طور تي انهن ملڪن ۾ جنهن ۾ محدود وسائل هجن ۽ جتي آبادي تمام گھڻي هجي.

پاپوليشن جو مطلب هڪ خاص قسم جو جاندارن جي تعداد هڪ خاص علائقي ۾ انساني آبادي جي متعلق معلومات مان اسان کي جمڻ ۽ موتن جي شرح وسائل جي تعداد، ضروريات يعني غذا، صحت، ذرائع ثقل و حمل، پيئڻ جو صاف پاڻي، ڪچري کي اجلائڻ جي جاءِ وغيره جي متعلق منصوبابندي ناهڻ ۾ آساني ٿي ويندي آهي.

جديد دنيا ۾ هر انسان بهترين زندگي گذارڻ چاهي ٿو، ان جي لاءِ بهتر صحت جون سهولتون ۽ روزگار درڪار آهي ۽ اهڙن انسانن جي تعداد ۾ اڄ ڪلهه اضافو ٿي رهيو آهي ۽ ان سان گڏ آبادي ۾ بہ اضافو ٿي رهيو آهي ۽ اضافي جي وجهه سان وسائل تي بار پئجي سگهي ٿو ۽ ان نتيجي ۾ ماحول تي بار وڌي سگهي ٿو.

انساني آبادي جي بهتر زندگي ۽ بهتر ماحول لاءِ ضروري آهي تہ ملڪ جي آبادي جي شرح ڪئي وڃي ۽ موجوده وسائل جي لحاظ سان پهريان ڪان ئي منصوبابندي جي لاءِ

www.perfect24u.com

ضروري آهي تہ پيدائش ۽ موت جي شرح ۾ برابري موجود هجي تہ جيئن صحيح ۽ متوازن آبادي قائم ڪئي وڃي. چائنا ۽ انڊيا گهٽي آبادي وارا ملڪ تصور ڪيا وڃن ٿا جنهن جو مطلب هنن جي آبادي هنن جي موجوده وسائل کان گهٽي آهي، جيڪا ماحول ۽ وسائل جي گهٽتائي جي طرف وڃي رهي آهي. اقوام متحده ۽ بين عالمي تنظيمن پاليسين طور طريقا پيش ڪيا آهن، جنهن سان دنيا ۾ وڌندڙ آبادي تي نظر رکي وڃي.

امراض بذريعو جنس Sexually transmitted disease

اهي مرض يا انفيڪشن جيڪي جنسي ميلاپ جي وجهہ سان هڪ شخص کان ٻئي شخص ۾ منتقل ٿين انهن امراضن کي امراض بذريعہ جنس چئبو آهي. ڪڏهن ڪڏهن هي صرف لهہ وچڙ جي ڪري هڪ ٻئي کي لڳي ويندي آهي. جيئن تہ هرپيز (Herpes) جيڪا صرف هٿ لڳائڻ سان هڪ جلد مان ٻئي جلد تي منتقل ٿي ويندي آهي، حيض مان منتقل ٿيڻ واري بيمارين ۾ سوزاڪ (Gonorlie) آتشڪ (Syphillis)، ايڊز ۽ جنتائيٽل هرپيز هونديون آهن. جنسي طور منتقل ٿيڻ واريون بيماريون قديم زماني کان هي موجود آهن ۽ سڄي دنيا ۾ هميشه عام انساني صحت هڪ وڏو مسئلو رهيو آهي. ايڊز سڄي دنيا ۾ هڪ وڏو خطرو آهي جيڪو 1980ع ۾ سامهون آيو.

AIDs (ائيڪوارڊ اميونوڊيفشنسي سندروم) هڪ وائرس HIV جي وجهہ سان ٿيندي آهي. HIV الوده سرجري جي آلات، الوده رت، جنسي ميلاپ، پليسنٽا (Plascenta) ۽ ماءُ جي کير مان بہ منتقل ٿيندو آهي.

قومي ادارو براءِ AIDS ڪنٽرول ۽ ٻيون NGO جو ڪنٽرول ڪرڻ آهي.

ڪردار: هنن ادارن جو پهريون ڪم تہ هي هو تہ اهي AIDs ۽ AIDs متاثر جي متعلق مطالعو ڪيو وڃي.۽ ان سان گڏوگڏ ان بيماري جي تعليم ڏني وڃي ۽ ان کان پوءِ HIV جي پاليسي ۽ ٽيسٽ جي باري ۾ مختلف پرائيويٽ ۽ سرڪاري اسپتالن م آگاهي ڪرڻ آهي.

www.perfect24u.com

خلاصو

توليد هڪ زندگي ڏيڻ جو عمل آهي جنهن سان جاندار پنهنجي جنسي اولاد پيدا ڪري ٿو. توليد جون قسمون آهن

(1) جنسي (2) غير جنسي.

غيرجنسي توليد گيميٽس جي ميلاپ جي بغير ٿيندي آهي ۽ ان نتيجي ۾ جنسياتي تربيت ۾ ڪو فرق يا تبديلي نه ايندي آهي.

جنسي توليد نر ۽ مادي جي ميلاپ جي نتيجي ۾ٿيندي آهي. هن۾ نئين جنسياتي ترتيب جنم وٺندي آهي. پروٽسٽ، بيڪٽيريا (جراثيم) ٻوٽن ۾ غير جنسي توليد تقسيم، بڊنگ، سپور، نباتاتي ڦيلاءُ جي ذريعي ٿيندي آهي.

قدرتي نباتاتي ڦيلاءُ جيڪو غير جنسي توليد جو هڪ طريقو آهي.

جنسي توليد جي گلن جو هجڻ ضروري آهي. هتي ٿيمن ۾ زردادٽا پيد اٿيندا آهن. جيڪي پوءِ نرگميٽو فاليٽ ۾ تبديل ٿي ويندا آهن. نر گميٽو فائيٽ پولن نالي آهي.جڏهن ته ڪارپل بيضاداني ۾ بيضا موجود هوندا آهن.

اوبول ۾ جنسي ٿيليون هونديون آهن جيڪي ماده گيميٽو فائيٽ ۾ وڌيڪ بيضا پيدا ڪنديون آهن.

زيرگي اهو عمل آهي جنهن ۾ زيردان اينٽر مان ڪارپل جي اسٽگما تائين منتقل ٿيندوآهي. زيرگي جا ٻه قسم آهن

زيرگي کان پوءِ پولن نالي ۾ تبديل ٿي ويندا آهن جيڪي نر جنسي خلين کي اوبول تائين کڻي ويندا آهن جتي بيضا موجود هوندا آهن.

هڪ نر جنسي خليو بيضي سان ملي 2N ڊائيپلائڊ ناهيندو آهي ۽ ٻيو ان سان ملي 3N ڊائيگوٽ ناهيندو آهي. ان کي دوهري بار آوري چئبو آهي.

www.perfect24u.com

ان برآوري کان پوءِ اوليول ٻج ۾ ۽ بيضاداني ميوي ۾ تبديل ٿي ويندي آهي.

ٻج هڪ بار آوار (زرخيز) اوليول آهي جنهن ۾ هڪ خوابيده جنس موجود هوندي آهي.

ٻج جي خوابيدگي (ستل) مان بيدار ٿيڻ جي عمل کي ٻج جو ڦٽڻ يا اگجڻ چئبو آهي.

ٻج جو ڦٽڻ ٻن طريقن سان ٿيندو آهي.

بر زميني، زير زميني.

غير جنسي توليد حيوانن ۾ تقسيم، ذرن جي ٻيهر ٺهڻ سان ٿيندي آهي.

جنسي توليد جا ٽي مراحل هوندا آهن

(الف) گيميٽوجنيس (ب) ميلاپ (ج) بار آواري.

اسپورجينس سپرم (نر جنسي خليہ) ٺهڻ جو عمل ۽ جنيسن بيضن جي ٺهڻ جو عمل آهي.

نر ۽ مادي جا توليدي ضوا، گونيڊ جيڪي گيمٽس پيدا ڪندا آهن

(ب) ناليون. جيڪي گيمٽس جمع ڪنديون آهن. (ج) جنائيٽل.

نر غدود: پروسٽريٽ، ڪوپرز غدود ۽ سيمنل ٿيليون آهن ۽ مادي ۾ ٻچيداني غدود طور ڪم ڪندي آهي. بار آواري نر ۽ مادي جي گيمٽس کي ملڻ جي نتيجي ۾ 2N ڊائيگوٽ جي پيدا ٿيڻ جو عمل آهي.

بار آواري جا ٻہ قسم آهن. بيروني ۽ اندروني. بارآواري انساني آبادي جي منصوبابندي هڪ اهڙي پاليسي آهي جيڪا انساني آبادي کي هڪ خاص حد تائين محدود ڪري ڇڏي ٿي.

بيماريون يا انفيڪشن جيڪي جنسي مادن يا جنسي ميلاپ سان هڪ شخص مان ٻئي شخص ۾ ٿين انهن کي امراض بذريعہ جنس چئبو آهي.

www.perfect24u.com

مشق

صحيح جواب تي نشان لڳايو

اهو عمل جيڪو جاندارن جي بقا ۽ انهن جي زندگي گذارڻ لاءِ ضروري آهي.

(1) اهفام (2) ساهه کڻڻ (3) توليد. (4) اخراج

توليد جو اهو قسم جيڪو ارتقاء لاءِ ضروري آهي.

(1)نباتاتي ڦيلاءُ (2) ٽڪرن وارو عمل (3) جنسي توليد (4) ڪلوننگ.

هڪ خليه دار جاندار جيڪي بغير ميلاپ جي غير جنسي توليد جي وجهه آهن.

(1) سوراخ (2) سپورز (3) گيمٽس (4) زرداڻا.

ان تند جي مثال جيڪا زمين تي گهٽي قدر خوراڪ حاصل ڪري ۽ نباتاتي طور پيدا ٿئي.

(1) ڦودنو (2) ادرڪ (3) بصر (4) پٿر.

ٻوٽي جي اها تند جيڪا مکڙي مان والدين ٻوٽي جي بنياد تي پيدا ٿيندا آهن.

(1) بلب (2) رهيزم (3) سڪرز (4) رنر.

ٻج جي پيداوار جو اهو طريقو جيڪو نر ۽ مادي جي ميلاپ جي بغير پيدا ٿئي.

(1) پارٿيو ڪلرپي (2) اپومڪنس (3) پيوندڪاري (4) شيون (Sion).

اينجو سپرم ٻوٽن جي ماده گيميتوفائيٽ کي چئبو آهي.

(1) جنس جو ٿيلو، (2) اويول (3) بيضاداني (4) ڪارپل.

اينجيو سپرم ۾ 3N زائيگيٽ مان.

(1) ٻج جو چلڪو ٿهندو آهي. (2) ڪوٽيليڊن ٿهندو آهي.

(3) جنس ٿهندو آهي. (4) اينڊو سپرم ٿهندو آهي.

www.perfect24u.com

سهي ۾ نر گوينيڊ آهي.

(1) فيضيا (2) ٻچيداني (3) اسڪروٽل ٿيلي (4) ٻني.

مادي جا گيمٽس بار آوار ٿيندا آهن ان جي آخري ڪنڊ ۾.

(1) ٻچيداني جي (2) فينوپيِن نالي جي (3) بيضي ۾ (4) ۽ ٻنهي

(ب) مختصر جواب

(1) فرق ٻڌايو غير جنسي ۽جنسي توليد، برزميني ۽ زير زميني ٻج جي قوت ۾.

(2) اينجيو سپرم جي گُلن جي واضح ۽ صاف تصوير ٺاهيو ۽ هر حصي کي نالا ڏيو.

(3) هڪ ٺهيل ٻوٽي مان نئون ٻوٽو ڪيئن ٺهندو آهي.

(4) ڪهڙي طرح نيا ٻوٽا خوراڪ حاصل ڪندو آهي.

(5) اوبول جي هڪ واضح ۽ صاف تصوير ٺاهيو ۽ هر حصي کي نالو ڏيو.

(6) اينجيو سپرم جي نرگميٽو فائيٽ جي صاف تصوير ٺاهيو. ۽ انج ي مختلف حصن کي نالا ڏيو.

(7) نر توليدي (سهي) جا عضون جي لسٽ ٺاهيو ۽ غدود بہ ٻڌايو.

(8) هي STD ڇا آهي؟

(9) ڪامياب معاشري جي لاءِ انساني آبادي جي ڪنٽرول جي ڇو ضرورت آهي.

(10) اينجيو سپرم ٻوٽن جي زندگي جي تصوير ٺاهيو.

تفصيلي جواب

(1) ٻوٽن ۾ غير جنسي توليد جي طريقن تي تفصيلي نوٽ لکو.

(2) حيوانات جي غير جنسي توليد جا طريقا بيان ڪريو.

(3) سپرميٽو جنيس جي عمل جي تفصيل بيان ڪريو.

(4) زيرگي ڇا کي چوندا آهن؟ حشرات جي ذريعي زيرگي ڪرڻ وارن ٻوٽن ون خصوصيات بيان ڪريو.

(5) اڳاءَ ٻج ڦٽڻ ڇا آهي؟ ڦٽڻ/ ٻج اڳائڻ جون ضرورتون ٻڌايو ۽ مختلف طريقا بيان ڪريو.

www.perfect24u.com

باب
6

وراثت

اهم تصورات:

هن سبق ۾ اسان سکنداسين:

- تعارف
- ڪروموزوم ۽ جين
- قانونِ عليحدگي
- قانونِ آزادانہ جماعت بندي
- تغير ۽ ارتقا

www.perfect24u.com

تعارف

هي ڳالهه عام مشاهدي ۾ اچي ٿي ته اولاد پنهنجي والدين سان ملندڙ جلندڙ هوندو آهي. انسان هڪ طويل عرصي کان ان ڳالهه کان واقف آهي ته "جهڙي کي تهڙو". هي جاندارن جي هڪ اهم خصوصيت آهي ته هو پنهنجي جهڙو اولاد پيدا ڪن ٿا. اولاد جون اهي خصوصيات جيڪي انهن کي پنهنجي والدين کان ملنديون آهن اهي وراثت (Heredity) چورائيندديون آهن. بائيلاجي جي اها شاخ جنهن ۾ وراثت ۽ تغير جو مطالعو ڪيو وڃي انهي کي جينيٽڪس (Genetics) سڏبو آهي. چيو وڃي ٿو ته عمل جنهن ۾ خصوصيات والدين مان اولاد ۾ منتقل ٿينديون آهن وراثت چورائين ٿيون.

جنسي توليد جي ذريعي پيدا ٿيندڙ جاندار پنهنجي والدين کان ٿورا ئي مختلف هوندا آهن. انهن ۾ گهڻيون ئي خصوصيات پاڻ ۾ ۽ پنهنجي والدين سان به ملندڙ جلندڙ هونديون آهن. لڪين اهي هڪ ٻئي جي مڪمل نقل نه هوندا آهن. ايتري قدر جو هڪ ئي والدين جو ٻه اولادون به نه ئي هڪ ٻئي جو ۽ نه ئي سندن والدين جي هوبهو نقل هونديون آهن. بلڪل انهي طرح هڪ ئي جهلي ۾ پيدا ٿيڻ وارا ٻار هڪ ٻئي جي هوبهو نقل نه هوندا آهن. اها ئي ڳالهه نباتات تي به مڪمل صادق اچي ٿي. انهن ۾ لڌو ويندڙ فرق تغير (Variation) سڏبو آهي.



تصوير نمبر 6.1 ڪجھ والدين جو مختلف اولادون

خصوصيات جي وراثت کي جين ڪنٽرول ڪن ٿا

هر جاندار جي زندگي ان جي ساخت جي خصوصيت، فعل ۽ ورتاءُ هر درجي جي حياتياتي درجه بندي پهرين کان ترتيب ڏنل هوندي آهي جيڪي احڪامن جي مجموعي سان ڪنٽرول ٿيندا آهن. اهي حڪم اشاراتي حياتياتي معلومات جي شڪل ۾ سجاتا وڃن ٿا ۽

www.perfect24u.com

انهن کي جين (Gene) سڏبو آهي. اها حياتياتي معلومات اولاد تائين بيضي ۽ اسپرم(Gametes) جي ذريعي منتقل ٿيندي آهي. اهي خليہ جنسي خليہ سڏبا آهن. توهان ۾ اهي جينز پنهنجي والدين کان ۽ توهان جي والدين سندن والدين کان حاصل ڪيا آهن. اهڙي طرح توهان ۾ توهان جي پيڙهين پاڙن، توهان جي والدين کان ايتري قدر جو توهان جي ڏاڏي ڏاڏِي توهان ۾ ورهايا آهن. تنهن ڪري وراثتي خصوصيات جو تعين جين سان ٿيندو آهي جيڪي نسل در نسل منتقل ٿيندا رهن ٿا. ان ڪري اسان چئي سگهون ٿا تہ وراثت اهو طريقو آهي جنهن ۾ جين خصوصيات کي والدين کان اولاد ۾ منتقل ڪن ٿا.



تصوير نمبر 6.2 ڪروموسوم

جيئن تہ اسان ڄاڻون ٿا تہ هر جاندار ۾ ڪروموسوم مخصوص تعداد ۾ موجود هوندا آهن. اها تعداد ۽ انهن جي شڪل ۽ صورت ڪنهن سپيشيز (Species) جي هر فرد ۾ نسل در نسل هڪ جهڙي رهندي آهي.

تمام انسانن ۾ 23 ڪروموسوم تي مشتمل ہہ سيٽ (Set) موجود هوندا آهن. هڪ هيپلائيڊ سيٽ (n=23) والد جي طرف کان اچي ٿو جيڪو هو اسپرم جي ذريعي عطيو ڪندو آهي. ٻيو سيٽ ماءُ جي طرفان اچي ٿو جيڪو بيضي جي ذريعي عطا ڪيو ويندو آهي. انهن ڪروموسومس تي جينز موجود هوندا آهن. اهي جينز جنسي توليد جي دؤران ڪروموسوم جي ذريعي اولاد کي ورثي ۾ ملندا آهن. هڪ خليي ۾ موجود اهڙا ہہ ڪروموسوم جيڪي شڪل ۽ سائز ۾ انهن تي موجود سينٽرومير جي جڳهہ جي لحاظ کان هڪ جهڙا هجن اهڙن ڪروموسومس کي هومولوگس جوڙو چئبو آهي. ان هومولوگس جوڙن جو سيٽ ڪنهن بہ جاندار ۾ وراثت جي طبعي بنياد فراهم ڪري ٿو.

www.perfect24u.com



تصوير نمبر6.3 جاندارن جي ڪروموسومس جا هومولوگس جوڙا، ريپليڪيشن،

ڪروموسوم ۽ جينز (Chromosomes & Genes)

جيئن ته اسان کي خبر آهي ته ڪنهن به سپيشيز ۾ ڪروموسوم جي تعداد ۽ شڪل هميشه مقرر هوندي آهي. انهن ڪروموسومس تي بي شمار جينز موجود هوندا آهن. هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ڪروموسوم ۽ جينز جي بناوت ڪهڙي آهي؟

ڪروموسوم جي ڪيميائي بناوت (Chemical Composition of Chromosomes)

ڪروموسوم جي ڪيميائي بناوت جو مادو ڪروميٽن سڏرائي ٿو جيڪو بنيادي طور تي نيوڪليو پروٽين (ڊي آڪسي نيوڪليو پروٽين). هي نيوڪليوپروٽين ڊي اين اي(DNA) (40 فيصد) ۽ خصوصي پروٽين جيڪو هسٽون (Histone) (60 فيصد) آهي سان ٺهيل آهي. ڊي اين اي(DNA) بنيادي ماليڪيول جي ڪيترائي بلين جي تعداد ۾ انهن جي يونٽن سان ٺهيل هوندو آهي. اهي يونٽ ڊي آڪسي رائبو نيوڪليٽائڊ (Deoxy ribonucleotide) سڏرائين ٿا. ڊي آڪسي رائبو نيوڪليٽائڊ خود هڪ 5 ڪاربان واري کنڊ آهي جيڪا ڊي آڪسي رائبوس کنڊ، فاسفورڪ ائسڊ(Phosphoric Acid — H_3PO_4)۽ نائٽروجن اساس سا ٺهيل هوندي آهيجيڪا هيٺ ڏجي ٿي.



تصويرنمبر 6.4 نيوڪليوٽائڊ جي ڪيميائي جوڙجڪ

www.perfect24u.com



تصويرنمبر 6.5 ڪروموسوم جي ڪيميائي ترڪيب

ڪروموسوم ۾ هڪ ڊگهو، ڀٽو ڌاڳي دار ڊي اين اي(DNA) موجود هوندو آهي جيڪو ڪٿي بہ ٽٽڻ بنا پوري ڪروموسوم ۾ ڦهليل هوندو آهي. اهو ايترو ڊگهو ڊي اين اي(DNA) ور وڪڙ کائيندي هڪ ننڍي ڪروموسوم ۾ پنهنجو پاڻ کي فٽ ڪري وٺي ٿو.

اگر مرڪز ۾ لڌو ويندڙ ڪروموسوم جي هڪ سيٽ ۾ موجود ڊي اين اي(DNA) جي هڪ ڌاڳي هڪ ملائي سڌو ڪيو وڃي تہ انجي ڊيگهہ تقريباً 7 فٽ يا ٻہ ميٽر ٿيندي. هي ڪنهن خليي ۾ اندر وڃڻ لاءِ تمام گهٽي آهي.

ايتري ڊيگهہ واري ڊي اين اي(DNA) جا ور وڪڙ ڪيئن ٺهن ٿا تہ هي ورروڪڙ دار (Coiled) ڊي اين اي(DNA) ايتري ننڍي ڪروموسوم ۽ خليي جي مرڪز ۾ ڪهڙي طرح سمائي وڃي ٿو؟ اگر اسين تمام آهستگي ۽ نرمي سا ڪنهن يوڪيريوٽڪ مرڪز ڪي ڇيڙيندا‌سين ۽ ان جو مشاهدو ڪنداسين اليڪٽران خوردبين ذريعي تہ اسان کي خبر پوندي تہ هسٽون پروٽين تي مثبت (واڌو) چارج آهي جڏهن تہ ڊي اين اي(DNA) منفي (ڪاٽو) چارج وارو ماليڪيول آهي. واڌو چارج واري پروٽين تي ڪاٽو چارج واري ڊي اين اي(DNA) ويڙهجي وڃي ٿو ۽ موتي نما ساخت ٺاهي ٿو. هي موتي نما ساخت نيوڪليوسوم سڏرائي ٿي. جڏهن نيوڪليوسوم تهہ تي تهہ ٿي ڪري وڏي درجي تي ور وڪڙ واري ٿي وڃي ٿو تہ هي وڏي درجي واري ورروڪڙ واري ڌاڳي کي ڪروموسوم چئبو آهي.

www.perfect24u.com

جين، ڊي اين اي(DNA) جو هڪ مقامي حصو (Gene, a localised part of DNA)

جين جي فطرت ۽ بناوت کي سمجهڻ جي لاءِ اسان کي ڊي اين اي(DNA) جي ساخت کي سمجهڻ ضروري آهي. ڇاڪاڻ ته جين ڊي اين اي(DNA) جو هڪ مقامي حصو آهي جنهن وٽ ڪنهن پروٽين کي ٺاهڻ جي خفيه اشارتي معلومات هوندي آهي. اهو پروٽين بحيثيت انزائم ڪم ڪري ٿو.

ڊي اين اي(DNA) جي ساخت جو مختصر جائزو

ڊي اين اي(DNA) ماڊل ٻن سائنسدانن واٽسن ۽ ڪرڪ (Watson & Crick) 1953ع ۾ پيش ڪيو. هن ماڊل جي بنياد X-Ray مان ورتل تصويرن ۽ ڪيميائي تجزيي تي هئي. هن ماڊل جي مطابق ڊي اين اي(DNA) هڪ ٻٽو، جڪڙدار، سيڙهي وانگر ساخت وارو آهي. هن جو هر ڏاڪو يا سيڙهي ڪثير نيوڪليوٽائڊ زنجير سان ٺهيل آهي. ۽ ٻئي زنجيرون هڪ ٻئي سان ليپٽيل هونديون آهن.

هر سيڙهي جو ٻاهريون حصو اُڀو بيٺل (Upright) سڏرائي ٿو جيڪو ڊي آڪسي رائيبوس کنڊ ۽ فاسفيٽ سان ٺهيل آهي. جڏهن ته اندروني حصو قدمچي (Rungs) سڏرائي ٿو، جيڪو جوڙيدار نائيٽروجن اساس جو ٺهيل آهي.

ٻئي سيڙهيون هڪ ٻئي جي لاءِ ڪمپليمينٽري (Complimentary) آهن ۽ پاڻ ۾ هائيڊروجن بانڊ جي ذريعي جڙيل آهن.

انهن ڪمپليمينٽري سيڙهين ۾ موجود نائٽروجني اساس ٻه جوڙن جي صورت ۾ موجود هوندا آهن جيئن ته ايڊينين (Adenine) هميشه ٿائيمين (Thymine) سان گڏ ۽ سائيٽوسن (Cytosine) هميشه گوانين (Guanine) سان گڏ جوڙو ناهي ٿو.

www.perfect24u.com



تصوير نمبر 6.6 ڊي اين اي (DNA)جي ساخت

جين (Gene)

ڊي اين اي(DNA) جو هڪ ننڍو حصو آهي جيڪو هڪ پروٽين ناهڻ لاءِ خفيه اشارتي زبان ۾ جينياتي معلومات رکي ٿو. هي حياتياتي معلومات جو بنيادي ايڪو آهي. هر جين ڪروموسوم تي هڪ مخصوص جڳهه تي موجود هوندو آهي جنهن ۾ ڪروموسوم تي هي جڳهه جين لوڪس (Locus) سڏرائي ٿي. پر جين هڪ مخصوص ڪم سرانجام ڏئي ٿو. مثال طور هڪ جين ڪنهن ٻوٽي جي قد جو تعين ڪري ٿو، ٻيو جين وري انجي گُل ۾ موجود پيٽل (Petal) جي رنگ جو تعين ڪري ٿو وغيره وغيره.

هي خفيه اشارتي معلومات ڪنهن به وجه سان تبديل به ٿي سگهي ٿي جنهن کي جينياتي تغير به سڏبو آهي جيڪو ميوٽيشن جي ڪري ٿئي ٿي. هڪ ئي والدين جي اولاد جي درميان جينياتي تغير ڪنهن خصوصيت جون بي شمار قسمون پيدا ڪري ٿي. هڪ خصوصيت جي جين ۾ تغير جي وجه سان جين جي ٻه يا ٻن کان وڌيڪ شڪليون وجود ۾ اچن ٿيون. جين جون اهي متبادل شڪليون اليل يا اليلومارف سڏرائين ٿيون. ڪجهه جينز جا 300 جي قريب ايليلز ٿي سگهن ٿا. هڪ ڊائيپلائڊ خليي ۾ ڪنهن جينز جا 2 اليلز ٿي سگهن ٿا جڏهن ته هڪ هيپلائڊ خليي ۾ هڪ ئي اليل هوندو آهي.

www.perfect24u.com

جين وراثت جو هڪ ايڪو آهي جنهن جي نقل تيار ڪري ايندڙ نسل ۾ منتقل ڪيو ويجي ٿو.

ڊي اين اي(DNA) ۾ موجود نيوڪليوٽائڊ جي ڪمپليمينٽري ترتيب تمام اهميت جي حامل آهي. اگر هڪ سيڙهي ۾ موجود نائيٽروجني اساس جي ترتيب معلوم هجي تي ٻئي سيڙهي ۾ موجود اساس جي ترتيب خود بہ خود معلوم ٿي ويندي. هي ان لاءِ تہ اساس جي مخصوص جوڙي جو علم اسان کي پهرين کان ئي آهي . ٻٽي سيڙهي دار ڏاڪڻ جي اها خصوصيت ڊي اين اي(DNA) کي هڪ منفرد ماليڪيول جو درجو ڏئي ٿي. انجي اها انفرادي حيثيت ان کي معلومات ذخيرو ڪرڻ، نقل ڪرڻ ۽ جينياتي معلومات کي هڪ نسل کان ٻئي نسل ۾ منتقل ڪرڻ جي لاءِ بهترين ماليڪيول جو درجو ڏئي ٿي.



تصوير نمبر 6.7
ڊي اين اي جي ريپليڪيشن

ڊي اين اي(DNA) خود خليي جي تقسيم کان اڳ ان قابل هوندو آهي تہ هو خود پنهنجي هوبهو نقل ناهي سگهي. ڊي اين اي(DNA) جي هوبهو نقل ناهڻ جي عمل کي ڊي اين اي(DNA) ريپليڪيشن (Replication) سڏبو آهي. گيميٽس هيپلائڊ خليہ آهن جن ۾ نقل شده ڊي اين اي(DNA) جي هڪ ڪاپي موجود هوندي آهي. هي ڪاپي گيميٽس جي ذريعي جينز والدين کان اولاد ۾ ڪٽي ويندي آهي.

ڊي اين اي(DNA) جي واٽسن ۽ ڪرڪ جي ماڊل خود ڪار ريپليڪيشن جي عمل کي مثالي طور تي تجويز ڪري ٿو. هائيڊروجن بانڊز جيڪي ڊي اين اي(DNA) جي ٻنهي سيڙهين کي جوڙي رکيل هوندا آهن، هڪ سري کان ٻئي سري طرف ٽٽڻ لڳندا آهن تہ ڊي اين اي(DNA) جون ٻئي سيڙهيون زِپ (Zip) وانگر هڪ سري کان کي ٻئي سري ڏانهن کُلڻ لڳنديون آهن. ان عمل کي اَن زِپ (Unzip) يعني ڊي اين جي ٻنهي سيڙهين جو

www.perfect24u.com

زپ (Zip) وانگر کلڻ ۽ انهن جي سامهون نون نون ڪمپليمينٽري نيوڪليوٽائڊ جو جمع ٿي عليحده ٿيڻ آهي. اهڙي طرح ٻه نوان ترتيب وار ڊي اين اي(DNA) وجود ۾ اچن ٿا جيڪي بلڪل هڪ ٻئي جهڙا هوندا آهن.

جين جي ذريعي پروٽين ناهڻ مرڪزي اصول آهي

اصطلاح مرڪزي اصول (Central Dogma) جو مطلب آهي ته يقين جو اهڙو مجموعو جتي جين پنهنجو اظهار پروٽين نهرائي ڪن ٿا. هي پروٽين انزائم جي طور تي ڪم ڪري ٿو. هي انزائم ڪنهن ڪيميائي تعامل کي عمل انگيز ڪري کا حياتياتي پراڊڪٽ (Product) نهرائين ٿا جنهن جي وجه سان جاندار ۾ ڪا خصوصيت يا ڪردار جو پيدا ٿيڻ هوندو آهي.

يوڪيريوٽڪ خليي ۾ ڊي اين اي(DNA) مرڪز ۾ موجود هوندو آهي جڏهن ته زياده تر حياتياتي معاملات ۽ تياري جو عمل سائيٽوپلازم ۾ انجام پذير ٿيندو آهي. هي تمام ڪم ڊي اين اي(DNA) ۾ موجود حڪمن جي تحت انجام پذير ٿيندا آهن. ان لاءِ ڊي اين اي(DNA) کي ڪجھ ماليڪيولز ٻه درڪار هوندا آهن جيڪو انهي جي جينياتي معلومات ۽ حڪمن کي مرڪز کان سائيٽوپلازم تائين منتقل ڪري سگهن. انهن ماليڪيولز کي رائيبوز نيوڪلڪ ائسڊ (Ribose Nucleic Acid) يا (RNA) سڏجي ٿو.

جينياتي معلومات خليي ۾ ڊي اين اي(DNA) مان آر اين اي (RNA) ۽ پوءِ سائيٽوپلازم ۾ موجود رائيبوزوم تائين حرڪت ڪري ٿي جيڪا ٻن مرحلن تي مشتمل پروٽين ناهڻ جو عمل آهي.

1. ٽرانسڪرپشن (Transcription)

پروٽين ناهڻ جي عمل جي دؤران اهو مرحلو جتي ڊي اين اي(DNA) جي خاص حصي جين تي موجود معلومات جي نقل ان جي ڪمپليمينٽري شڪل ۾ (جينياتي خفيه اشاره) ڪئي ويندي آهي. يعني آر اين اي (RNA) جي شڪل ۾. هي آر اين اي (RNA)، ڊي اين اي(DNA) جي معلومات کي مرڪز مان سائيٽوپلازم ۾ موجود رائيبوزوم (Ribosome) تائين کڻي ويندو آهي. ان لاءِ انهن کي پيغام رسان آر اين اي (Messenger RNA) سڏبو آهي. ۽ ڊي اين اي(DNA) جي معلومات کي ايم آر اين اي(mRNA) جي شڪل ۾ نقل تيار ڪرڻ جي عمل کي ٽرانسڪرپشن چئبو آهي.

www.perfect24u.com

2. ترجمو (Translation)

پروٽين تيار ڪرڻ جي دؤران ٻيو مرحلو جتي ٻن قسمن جي آر اين اي (RNA) جيڪي منتقل ڪرڻ وارا (Transfer RNA) ۽ رائيبوسومل آر اين اي (Ribosomal RNA) ملي ڪري پيغام رسان آر اين اي (RNA) جي ذريعي اچڻ واري خفيہ زبان معلومات کي ترجمو ڪري اميوائسڊ خاص ترتيب سان جوڙيندا ويندا آهن. امينو ائسڊ کي هڪ ٻئي سان جوڙڻ جو عمل رائيبوسوم انجام ڏيندو آهي. جتي آر آر اين اي (rRNA) موجود هوندو آهي. اهڙي طرح مطلوبہ پروٽين تيار ٿي ويندو آهي.



تصويرنمبر 6.8 جين کان پروٽين وارو ترجمو (ٽرانسليشن)

مينڊل ۽ انجا وراثت جا قانون (Mendel and His Laws of Inheritance)

گريگر مينڊل آسٽريا جو هڪ پادري هو جنهن مٽر جي ٻوٽي (Pisum Sativum) جي افزائش نسل ڪري تجربا ڪيا. انهن تجربن جي بنياد تي هن وراثت جي طريقہ ڪار جي وضاحت ڪئي. هي هاڻي جينيٽڪس جي باني ۾ ليکيو وڃي ٿو. هن مٽر جي ٻوٽن ۾ 7 خصوصيتن (Traits) جو مطالعو ڪيو جهڙوڪ قد، ٻج جي ساخت، ڦري جي ساخت، ٻج جو رنگ، گل جو رنگ، ڦري جو رنگ ۽ گُل

تصويرنمبر 6.9 گريگر جان مينڊل

www.perfect24u.com

جي ڄڃهہ تي. هن مطالعي جي لاءِ انهن خصوصيتن جا متضاد جوڙا بہ چونڊيا ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ آساني سان فرق معلوم ڪري سگهيو پئي. جهڙوڪ قد جي خصوصيت ۾ انجو ابتڙ ڊگهي قد وارو ٻوٽو ۽ ننڍو ٻوٽو. اهر انهن ٻوٽن ڪي اسين زيرگي (Self Pollination) جي لاءِ ڇڏي ڏيون تہ اهي نسل در نسل پنهنجي اولاد جهڙي اولاد پيدا ڪندا رهندا. ان لاءِ انهن قسمن ڪي اصل نسل پيدا ڪرڻ وارا (Pure Breeders) سڏيو وڃي ٿو جڏهن تہ انهن جي اولاد ڪي اصلي (صاف) نسل(Pure Breeds) سڏيو ويندو.

اصلي نسل جو مطلب آهي تہ اگر انهن ۾ ڪنهن ڪي زيرگي جي ذريعي توليد جو موقع ملي تہ انجي اولاد هميشہ پنهنجي والدين سان مشابهت رکندي هوندي. مثال جي طور اگر والدين ٻوٽا ڊگهي قد وارا هوندا تہ اولاد بہ ڊگهي قد جي ئي ٿيندي ۽ واڱڻائي گُل پيدا ڪرڻ پيدا ڪرڻ وارن ٻوٽن جي اولاد بہ واڱڻائي گُل پيدا ڪندي.

مينڊل جي تمام مطالعي جي بنياد انهي ئي 7 متضاد خصوصيتن تي هئي ليڪن هن هڪ وقت ۾ هڪ ئي متضاد خصوصيت رکڻ وارن جوڙن جي وراثت جو مطالعو ڪيو. هن هر ڪراس ٿيڻ وران ٻوٽن ۽ انهن جي اولادن ڪي شمار ڪري انهن ڪي ڀاڻ وٽ محفوظ ڀڻ ڪيو. ان جي حساب ۾ بي انتها دلچسپي هن ڪي مفروضہ ناهڻ ۾ پوءِ حاصل شده نتيجن جي بنياد تي وراثت وارو قانون ناهڻ ۽ پيش ڪرڻ جي ڪاميابي تائين پهچايو.

مينڊل جو تجربو ۽ مڪمل غلبي وارو قانون (Mendel's Experiment & Law of Complete Dominance)

مينڊل جين ڪي بطور عنصر (Factor) ورتو. هن ٻڌايو تہ والدين ڪنهن خصوصيت ڪي هڪ هڪ ڪري پنهنجي اولاد ڪي عطيو ڪن ٿا. اگر هي ٻئي عنصر هڪ جهڙا هجن تہ اهو جاندار ان خصوصيت جي لاءِ اصلي يا هوموزائيگس (Homozygous) سڏرائي ٿو. جيئن تہ اصلي ڊگهو TT بلڪل اهڙي طرح اصلي ننڍو tt بہ هوموزائيگس آهن. ٻئي طرف ٻنهي والدين انهي خصوصيت جا جدا جدا عنصر عطيو ڪندا آهن تہ انهن جي ان خصوصيت جي لحاظ ڪان انهن ڪي هائيبرڊ يا هيٽروزائيگس (Hybrid or Heterozygous) سڏبو آهي.جيئن Tt ڊگهي قد جا نڪتا.

www.perfect24u.com

پنهنجي هڪ تجربي جي لاءِ هن هڪ اصلي ڊگهي قد ۽ هڪ اصلي ننڍي قد واري ٻوٽي جي قسم ڪنئي. پوءِ انهن کي ڪراس ڪرايو. هن جي نتيجي ۾ حاصل ٿيڻ وارا ٻج جمع ڪري هن اهي ٻج پوکيا. جيڪي ٻج پوکيا انهن مان نڪرڻ وارا سيئي ٻوٽا ڊگهي قد وارا هئا. انهي نسل ۾ ڪو به ٻوٽو درمياني قد وارو نه ٿيو. هن پنهنجي انهي تجربي کي مختلف خصوصيات جي متضاد جورن واري مٽر جي ٻوٽن تي دهرايو. انهن سيني مان هڪ جهڙو نتيجو ظاهر ٿيو. پوءِ ان جي بنياد تي هن مڪمل عطيي وارو قانون (Law of Dominance) پيش ڪيو. هن قانون جي مطابق جڏهن ڪنهن ڪراس جي نتيجي ۾ ڪنهن خصوصيت جي متضاد عنصرن (Heterogeneous) کي گڏجي ٿو ته ڪنهن هڪ فرد انهن عنصرن ۾ ان صرف هڪ عنصر اظهار ڪندو باقي ٻيو عنصر لڪي ويندو.

متي ڏنل تجربي مان ڪجھ اصطلاحون سامهون آيون جيڪي جينياتي مطالعي ۾ عام طور تي استعمال ٿين ٿيون.



جينيٽڪس ۾ استعمال ٿيندڙ عام اصطلاحون (Common Terms Used in Genetics)

1. غالب (Dominant)

اهو عنصر (جين) جيڪو هيٽروزائيگس حالت ۾ پنهنجو اظهار ڪري ٿو ۽ ٻئي عنصر جي اظهار کي روڪي ڇڏي ٿو. اهو غالب عنصر سڏائي ٿو. ميندل انهي کي انگريزي جي وڏي حرفن سان لکيو ويندو. جهڙوڪ ڊگهي قد لاءِ T جو استعمال.

2. مغلوب (Recessive)

اهو عنصر جيڪو هيٽروزائيگس حالت ۾ پنهنجو اظهار نه ڪري سگهي ۽ لِڪي وڃي. انهي کي انگريزي جي ننڍي حرفن سان لکيو ويندو جهڙوڪ ننڍي قد لاءِ t جو استعمال.

www.perfect24u.com

3. فينوٽائپ (Phenotype)

هي ڪنهن خصوصيت جو وراثتي جين جي بنياد تي طبعي اظهار آهي. جهڙوڪ ڊگهو، ننڍو، گول ٻج، جهري دار ٻج وغيره.

4. جينوٽائپ (Genotype)

ڪنهن خصوصيت جي جينياتي ترڪيب جينوٽائپ سڏرائي ٿي. جهڙوڪ TT, Tt, tt وغيره.

5. هوموزائيگس (Homozygous)

اهڙو فرد جنهن ۾ ڪنهن هڪ خصوصيت جا ٻئي عنصر هڪ جهڙا هجن اهي هوموزائيگس سڏرائين ٿا. مثال طور TT (ڊگهي قد وارا عنصر).

6. هيٽروزائيگس (Heterozygous)

اهڙو فرد جنهن ۾ ڪنهن هڪ خصوصيت جا ٻئي عنصر الڳ (متضاد) هجن ته ان کي هيٽروزائيگس سڏبو. مثال طور Tt (ڊگهي ۽ ننڍي قد وارا ٻئي عنصر)

7. والدين جي نسل (Parental Generation — P1)

هي حقيقي يا اصلي افزائش واري جاندارن کي مينڊل والدين جي نسل سڏيو ۽ انهي کي P1 سان ظاهر ڪيو.

8. پهرين فليل نسل (Filial 1 Generation) or F1

حقيقي يا اصلي افزائش واري جاندارن جي اولاد کي پهرين فليل نسل سڏبو آهي.

9. ٻئي فليل نسل (F2)

پهرين فليل نسل جون اهي اولادون جيڪي ڪراس جي نتيجي ۾ پيدا ٿين اهي ٻئي فليل نسل سڏرائين ٿيون

www.perfect24u.com

ميندل جو عليحدگي وارو قانونِ يا اخلاص گيميٽ وارو قانون (Mendel's Law of Segregation or Law of Purity of Gametes)

اليل گيميٽ ٺهڻ دؤران الگ ٿين ٿا



تصوير نمبر 6.12
گيميٽ ٺهڻ جي دؤران اليلن جو الگ ٿيڻ

ميندل جڏهن حقيقي ڊگهي ۽ ننڍي ٻوٽن کي ڪراس ڪرايو ته پهرين فليل نسل F1 ۾ تمام ٻوٽا ڊگها پيدا ٿيا ليڪن P1 وارن ڊگهن ٻوٽن جي برعڪس هي ڊگها ٻوٽا هيٽروزائيگس هئا. ميندل پنهنجي تجربن کي هتي ئي ختم نه ڪيو، انهي F1 نسل مان حاصل ٿيل تمام ٻوٽن کي وري پوکيو ۽ انهن کي زيرگي لاءِ ڇڏي ڏنو. هن اڳئين نسل ۾ اهو مشاهدو ڪيو ته ٻنهي والدين جي قسم هن نسل ۾ F2 پيدا ٿيون. يعني ڊگهي ۽ ننڍي قد واريون. جڏهن هن انهن ٻنهي کي ڳڻيو ته معلوم ٿيو ته F2 نسل ٻنهي قسمن جي ٻوٽن ۾ 3:1 جي شرح سان موجود هئي. يعني ڊگهي قد وارا 3 ۽ ننڍي قد وارو 1. انهن نتيجن مان ميندل اهو اندازو لڳايو ته جڏهن F1 نسل جا ٻوٽا پنهنجا گيميٽس تيار ڪري رهيا هئا ته انهن ۾ موجود ڪنهن خصوصيت جي بغير ٻئي عنصر (اليل) اهڙي طرح عليحده ٿي ويا ته هر گيميٽ ۾ صرف هڪ عنصر موجود هو. پنهنجي هن مشاهدي جي بنياد تي هن هڪ قانونِ عليحدگي پيش ڪيو. انهي قانون کي قانونِ اخلاص گيميٽ به سڏجي ٿو. هي قانون چوي ٿو ته ڪنهن جاندار ۾ ڪنهن خصوصيت جا عنصر (جين) هميشه جوڙي جي شڪل ۾ موجود هوندا آهن ليڪن گيميٽس ٺهڻ جي دؤران اهي عنصر صفائي سان هڪ ٻئي کان عليحده ٿي وڃن ٿا. اهڙي طرح هر گيميٽ ۾ ڪنهن خصوصيت جو هڪ ئي عنصر ملي ٿو.

ميندل جو آزادانه جماعت بندي وارو قانون (Mendel's Law of Independent Assortment)

مٽي جي ٻوٽن تي ميندل جي تجربن هڪ خصوصيت جي وراثت تائين ئي بيان نه ڪيو پر آزادانه جماعت بندي وارو قانون محدود نه آهي. بلڪ هي به ۽ بعض دفعا به کان وڌيڪ خصوصيات جي گڏ وراثت جي مطالعي تي پڻ ڪيا ويا. هن اهڙا به مٽر جي ٻوٽن کي ڪراس ڪرايو جيڪو ٻن متضاد خصوصيتن وارا هئا. جن کي هن ڊائيهائيبرڊ ڪراس (Dihybrid Cross) سڏيو. ۽ ان ڪراس جي نتيجي ۾ ۾ حاصل ٿيڻ واري شرح کي

www.perfect24u.com

ڊائيهائيبرڊ شرح چيو ويو. ڊائيهائيبرڊ ڪراس جي نتيجي ۾ حاصل ٿيڻ واري نتيجن ڪي ٻن خصوصيتن واري وراثت طور سڃاتو وڃي ٿو.

جڏهن مينڊل هيڊي ڪاٽليڊن ۽ گول ٻج واري ٻوٽن ڪي سائي ڪاٽليڊن ۽ جهري دار ٻجن واري ٻوٽن سا ڪراس ڪرايو ته F1 نسل ۾ تمام ٻوٽا هيڊي ڪاٽليڊن ۽ گول ٻج پيدا ڪرڻ وارا حاصل ٿيا. انهي ڳالهه مينڊل جي پهرين مشاهدي ڪي ثابت ڪيو. گول ٻج وارو عنصر جهري دار ٻج جي عنصر تي غالب آهي جڏهن ته هيڊي ڪاٽليڊان وارو عنصر سائي ڪاٽليڊان واري عنصر تي غالب آهي.

مينڊل F1 نسل جي ٻوٽن ڪي هر زيرگي جي لاءِ ڇڏي ڏنو ۽ اڳيئن نسل ۾ ٻن امڪانن جي توقع ڪري رهيو هو.

الف. اگر گول ٻج ۽ هيڊي ڪاٽليڊان جا جين لازمي طور گڏ رهڻ وارا ۽ هڪ ٻئي تي انحصار ڪرڻ وارا آهن گڏو گڏ جهري شڪل وارا ٻج ۽ سائي رنگ وارا جين به اهڙا ئي آهن ته F2 نسل ۾ ¾ ٻوٽا گول ٻج ۽ هيڊي ڪاٽليڊن وارا، ۽ ¼ جهري دار ۽ سائي ڪاٽليڊن واري امڪانن سان گڏ پيدا ٿيندا.

ب. اگر ٻج جي شڪل ۽ ڪاٽليڊن جي رنگ وارا جينز جدا ٿيڻ وارا (آزاد) آهن ۽ گيميٽس ۾ آزادانه تقسيم ٿين ته F2 نسل ۾ ڪجهه ٻوٽا گول ٻج ساوا ڪاٽليڊان ۽ ڪجهه جهري دار ۽ هيڊي ڪاٽليڊان وارن ٻوٽن جو به امڪان هو. اصل ۾ مينڊل ڪي چار مختلف قسمن جي فينوٽائپ رکڻ واري ٻوٽن جي پيدا ٿيڻ واري 556 ٻجن مان انهي ڪي هيٺيان فينوٽائپ حاصل ٿيا.

گول ٻج ۽ هيڊو ڪاٽليڊن = 315	RRYY, RRYy, RrYY, RrYy
گول ٻج ۽ سائو ڪاٽليڊن = 108	RRyy, Rryy
جهري دار ۽ هيڊو ڪاٽليڊن = 101	rrYY, rrYy
جهري دار ۽ سائو ڪاٽليڊن = 32	rryy

هي اعداد و شمار فينوٽائپ جي لحاظ کان تقريباً 9:3:3:1 جي شرح سان هيون جيڪا اهو ظاهر ڪري ٿي ته ٻج جي رنگ جا جينز ۽ ڪاٽليڊن جي رنگ جا جين پنهنجي وراثت ۾

www.perfect24u.com

آزاد آهن. انهن جي لاءِ اهو ضروري نہ آهي تہ اهي انهي ئي ترتيب سان اڳئين نسل ۾ بہ سامهون اچن جهڙي طرح هي پنهنجي والدين ۾ ڏنا وڃن ٿا.

اهي مشاهدا مينڊل جي آزادانہ جماعت بندي واري قانون کي ناهڻ ۾ مددگار ثابت ٿا. اهو قانون چوي ٿو تہ مختلف خصوصيات جا جين پنهنجي وراثت ۾ آزاد هوندا آهن. يا گيميٽ نهڻ جي دؤران جين جي هڪ جوڙي جي فرد ٻئي جوڙي جي فردن جي جين کان عليحده ٿي ويندا آهن.



تصوير نمبر 6.12 ڊائيهائيبرڊ ڪراس ۾ ممڪن نسبت

ڪثير اليل (Multiple Allele) (انساني رت جي گروهہ بحيثيت مثال)

مينڊل جي حاصل ڪيل معلومات جي مطابق هر خصوصيت جون بہ شڪليون هونديون آهن. ليڪن بعد ۾ اها ڳالهہ معلوم ٿي تہ ڪجهہ خصوصيتون متبادل آهن جن جون بہ متبادل شڪليون هونديون آهن. اهڙين خصوصيتن کي ڪثير اليل واريون خصوصيات (Multiple Allelic Trait) سڏبو آهي.

انساني آبادي ۾ موجود ABO رت جي گروهہ جو نظام ڪثير واري خصوصيتن جي پهرين دريافت هئي. ڪارل ليند سٽائنر (Karl Landsteiner) 1901ع ۾ ABO رت جي گروهہ کي دريافت ڪيو. انجا 4 فينوٽائپ آهن جيڪي بہ مخصوص اينٽي جن جيڪي رت جي ڳاڙهن خلين تي موجود هوندا آهي انهن جي موجودگي ۽ غير موجودگي جي بنياد تي هوندا

www.perfect24u.com

آهن. ABO نظام کي جينياتي بنياد تي بيرنسٽائن 1925ع ۾ بيان ڪيو. اهو نظام هڪ ڪثير الياتي جين I سان ڪنٽرول ٿيندو آهي جيڪو ڪروموسوم نمبر 9 تي موجود هوندو آهي جنهن جا 3 اليل هوندا آهن. I^A, I^B, i

جين I ← ميوٽيشن 1 → I^A
جين I ← ميوٽيشن 2 → I^B
جين I ← ميوٽيشن 3 → i
جا ڪثير اليل

فينوٽائپ ۽ اينٽي جن	جينوٽائپ	رت جو گروهه
A هوموزائيگس A A هيٽروزائيگس	$I^A I^A$ $I^A i$	گروهه A
B هوموزائيگس B B هيٽرو زائيگس	$I^B I^B$ $I^B i$	گروهه B
AB هيٽروزائيگس AB	$I^A I^B$	گروهه AB
O هوموزائيگس NO	i i	گروهه O

R^h رت جي قسم (رهيسس = R)

هي پروٽين پهرين دفعه رهيسس باندر ۾ ڏٺي وئي. هي هڪ ميندلين جين جيڪو انسانن ۾ لڌو وڃي ٿو آهي. هي جين هڪ پروٽين پيدا ڪري ٿو. اهو پوءِ رت جي ڳاڙهن خلين جي سطح تي لڌو ويندو آهي. ان خصوصيت جا 2 اليل آهن. هڪ غالب R^h اليل ۽ ٻيو مغلوب r^h اليل. ڪڏهن R^h جين RH پروٽين پيدا ڪري ٿو تنهن ڪري اهڙي شخص کي R^h +ve جڏهن ته r^h جين RH پروٽين پيدا ڪرڻ جي قابل نه هوندو. ان لاءِ ان کي R^h -ve شخص سڏبو آهي. اهڙي شخص جي جينوٽائپ $r^h r^h$ هوندي آهي.

رت جي منتقلي ۾ جي لاءِ اينٽي باڊيز جو ڪردار Role of Antibodies for AB and R^h in Blood Transfusion

اها ڳالهه اسان کي اڳ ئي معلوم آهي ته ڪنهن جاندار جا ڪيميڪل خليا يا عضوا ٻي جاندار ۾ بحيثيت اينٽي جن ڪم سرانجام ڏين ٿا. جڏهن هي اينٽي جن ڪنهن جاندار جسم ۾ داخل ٿين ٿا ته اهو جاندار انجي خلاف دفاعي پروٽين ناهي پنهنجي حفاظت ڪري ٿو. ان دفاعي پروٽين کي اينٽي باڊيز سڏبو آهي.

www.perfect24u.com

رت جي گروهن ڪي اليل پنهنجي پاڻ ڪي جينياتي مرحلي تي ئي ظاهر ڪرڻ شروع ڪري ڇڏين ٿا ۽ اهي موت تائين ڪم ڪندا رهن ٿا. جاندار اينٽي -A ۽ اينٽي -B باڊيز پڻ ناهين ٿا. انهن اينٽي باڊيز ٺهڻ جو عمل پيدائش ڪان بعد ڪجهه مهينن اندر ئي شروع ٿي ويندو آهي. رت جي A گروهه وارا فرد اينٽي -B اينٽي باڊيز ناهين ٿا. جڏهن ته B گروهه وارا اينٽي -B اينٽي باڊيز ناهين ٿا ۽ رت جي AB گروهه وارا شخص اينٽي A ۽ اينٽي B باڊيز مان ڪو به نه ٿو ناهي. رت جي سيرم ۾ موجود اينٽي باڊيز اينٽي سيرم (Antiserum) سڏرائي ٿو.

رت جي A گروهه واري شخص جنهن وٽ اينٽي باڊيز B موجود هوندي آهي اگر B گروهه وارو رت عطيه ڪيو وڃي جيڪو -B گروهه واري رت جي ڳاڙهن خلين اينٽي جين جي طور تي ڪم ڪندا ۽ A گروهه وارا رت ۾ موجود اينٽي B اينٽي باڊيز B گروهه وارا عطيه ڪندڙ رت جي ڳاڙهن جسمن کي جڪڙي ڪري ڳچو ناهيندا. انهي عمل کي ايگليوٽينيشن (Agglutination) سڏبو آهي. اهو عمل انهي کي خطرناڪ مسئلي ۾ آڻي ڇڏيندو. اهو ڳچو هاٽي رت جي باريڪ نالين مان نه گذري سگهندو. ان لاءِ رت عطيو ڪرڻ وقت ۽ منتقلي وقت تمام احتياط ڪرڻ گهرجي.

رت جو گروهه	عطيو وٺڻ وارو رت جو گروهه	وجه
A	A and AB	وٺڻ واري وٽ اينٽي باڊي A نه آهي.
B	B and AB	وٺڻ واري وٽ اينٽي باڊي B نه آهي.
AB	AB only	وٺڻ واري وٽ نه ئي پنهنجي اينٽي باڊي آهي ۽ نه ئي B
O	O,A,B,AB	هن گروهه وٽ اينٽي باڊي A ۽ اينٽي باڊي B بئي آهن. ان لاءِ هي صرف گروهه B وارو رت ئي وٺي سگهي ٿو. O سيني رت جي گروهن کي رت عطيو ڪري سگهي ٿو چاڪاڻ ته عطيو ڪرڻ واري جون اينٽي باڊيز بئي ۾ تيزي سان جذب ٿي وينديون آهن. تشوز جو ارتقا ٿي ويندو آهي ان لاءِ رت جي گروهه O کي آفاقي عطيو ڪندڙ سمجهيو ويندو آهي.

www.perfect24u.com

ٻئي طرف R^h عنصر جي ڪمن ڪرڻ جو طريقو مختلف آهي. هي طريقو قدرتي طور لاڏا ويندڙ ABO رت جي گروپ جي ڪم ڪرڻ ڪان مختلف آهي. اينٽي R^h اينٽي باڊيز خود بخود نہ ٺهنديون آهن. اينٽي R^h اينٽي باڊيز ٺهڻ جي لاءِ ڪو محرڪ درڪار هوندو آهي. اهو محرڪ انساني RH پروٽين خود آهي. اهو پروٽين اينٽي جين جي طور تي ڪم ڪندو آهي اگر ڪو-ve R^h وارو شخص R^h پروٽين ڪنهن ٻئي شخص کان حاصل ڪندو آهي تہ انجي جسم ۾ اينٽي R^h اينٽي باڊيز پيدا ٿيڻ شروع ٿي وينديون آهن اهي R^h اينٽي جين جي خلاف پيدا ٿينديون آهن. R^h -ve واري شخص ۾ R^h پروٽين (اينٽي جين) موجود نہ هوندا آهن تہ ان ڪري انهن کي +ve R^h شخص جو ئي منتقل ڪري سگهجي ٿو.

مشترڪ غلبو (Co-Dominance)

مينڊل جي قانونِ غلبيت جي مطابق هيٽروزائيگس حالت ۾ صرف هڪ عنصر ئي پنهنجي پاڻ کي ظاهر ڪري ٿو. ليڪن اها بہ خبر پئي تہ ڪجھ خصوصيتون اهڙيون بہ آهن جن ۾ هيٽروزائيگس حالت ۾ ٻئي ايليل پنهنجي پاڻ کي ظاهر ڪن ٿا. هتي ٻئي اليل غالب هوندا آهن. ۽ برابر طريقي سان ظاهر ٿيندا آهن. وراثت جي انهي طريقي کي مشترڪ غلبيت (Co-Dominance) چئجي ٿو. مثال طور AB رت جا گروهہ جتي I^A ۽ I^B جين ٻئي پنهنجي پنهنجي يعني Antigen A ۽ Antigen B ٻئي پيدا ڪن ٿا.

نامڪمل غلبو Incomplete Dominance

ڪارل ڪورنس 1899ع ۾ هڪ حقيقي نسل واري ڳاڙهي گل واري جاپاني 4 بجي واري ٻوٽي کي حقيقي نسل واري سفيد گل واري ٻوٽن سان ڪراس ڪرايو. انهي F_1 نسل ۾ گلابي گل پيدا ڪرڻ وارا ٻوٽا مليا. اهي نتيجا مينڊل جي قانون غلبيت جي برعڪس هئا. هي نيئن فينوٽائپ والدين جي فينوٽائپ جي درمياني شڪل هئي. جڏهن ڪارل ڪورنس F_1 يعني گلابي گل پيدا ڪرڻ وارن ٻوٽن کي خود زيرگي جي ذريعي نوان ٻوٽا پيدا ڪرايا تہ F_2



تصوير نمبر 6.13 4 بجي وارو ٻوٽو

www.perfect24u.com

نسل ۾ 3 قسمن جا ٻوٽا پيدا ٿيا. انهن ۾ 1 ڳاڙهو، 2 گلابي ۽ 1 سفيد جي اوسط سان ٻوٽا پيدا ٿيا. اهنهن ۾ ڳاڙها ۽ سفيد هوموزائيگس هئا جڏهن ته گلابي ۾ ٻنهي قسمن جا جينز موجود هئا. يعني هيٽروزائيگس. ليڪن ٻئي هڪٻئي کي لڪائڻ ۾ ناڪام ويا. ان لاءِ ٻنهي قسم جي جين جو اظهار پاڻ ۾ ملي ڪري هڪ نئون فينوٽائپ پيدا ڪري ٿو.

وراثت جو اهو طريقي ڪار جتي هڪ خصوصيت جا ٻئي اليل هيٽروزائيگس حالت ۾ گڏ اظهار ڪن ليڪن انجو اظهار پاڻ ۾ ملي ڪري هڪ نئين فينوٽائپ کي جنم ڏئي ٿو. هن عمل کي نامڪمل غلبيت يا جزوي غلبيت سڏجي ٿو.

تغير ۽ ارتقا (Variation & Evolution)

سابقہ بحث مان اسان اهو سکيو ته جاندار شيون گهٽين ئي متغير شڪلين ۾ لڌيون وڃن ٿيون. ليڪن انهن جي وچ ۾ تمام گهٽا خدو خال هڪ جهڙا پڻ هوندا آهن. مثال طور انهن جي ڪيميائي بناوت ۾ بنيادي هڪ جهڙائي آهي. اهي نه صرف انهن جي ڪيميائي بناوت ۾ آهي بلڪ انهن جي ظاهري حالت ۾ پڻ آهي. جهڙوڪ ڪوئي ۽ گهونس ۾، ڪڇون ۽ ٽروٽوائز، ڏيڏر ۽ ٽوڊ (Toad) ۾ وغيره وغيره.

تصوير نمبر6.14 جانورن ۾ هڪ جهڙايون

جيڪي هڪ جهڙايون مٿي بيان ڪيل آهن ان کان علاوه اجا به بي شمار هڪ جهڙايون موجود هونديون آهن جيڪي اسان کي اهو ٻڌائين ٿيون ته سپيشيز جيڪي هڪ ٻئي سان هڪ جهڙائي رکن ٿيون انهن ۾ ڪٿي نه ڪٿي پاڻ ۾ تعلق پڻ هوندو آهي. ڪجھ سپيشيز ٻين جي مقابلي ۾ هڪ ٻئي کان زياده قريب هونديون آهن. شڪل و صورت ۾ اهي وڏيون قسمون گهٽڻ ئي سوالن کي جنم ڏين ٿيون جهڙوڪ جاندار هڪ ٻئي سان مختلف ڪيئن ٿي وڃن ٿا؟ ڇا هو هميشه کان ئي ائين هئا؟ ڇا اهي بي شمار قسمون وقت سان گڏ جنم وٺن ٿيون؟

www.perfect24u.com

انهن سوالن جي جواب ڏيڻ لاءِ سڀ کان پهرين اسان تغير ۽ ان جي سببن کي ڏسندا سين.

تغير ۽ انجا سبب (Variation & Its Causes)

هڪ ئي سپيشي جي فردن جي وچ ۾ خصوصيتن جو فرق قد، رنگ وغيره تغير سڏرائي ٿو. اهو تغير يا ماحول جي وجهه سان جنم وٺي ٿو يا پوءِ وري جينياتي مادي ۾ تبديلي جي وجهه سان پيدا ٿئي ٿو.

تصوير نمبر6.15 مشڪن جو وڌڻ

1. ماحولياتي تغير (Environmental Variation)

هڪ ئي اسپيشي جي فردن جي درميان ماحولياتي عنصرن جي وجهه سان جيڪو فرق پيدا ٿئي ٿو اهو فرق اولاد ۾ منتقل نه ٿيندو آهي. مثال طور رانديگرن ۾ مشڪن جو وڌڻ، حادثي يا بيماري جي وجهه سان جسم جي ڪنهن حصي جو ضايع ٿيڻ.

2. وراثتي تغير (Heredity Variation)

جينياتي مادي ۾ تبديلي جي وجهه سان اچڻ وارو تغير وراثتي تغير سڏرائي ٿو. انهي قسم جو تغير ارتقا جي لاءِ خام مال تصور ڪيو وڃي ٿو. ان جي اثرات جي بنياد تي تغير جون ٻه قسمون ٿين ٿيون.

3. مسلسل تغير (Continuous Variation)

هن مان مراد معمولي کان معمولي فرق آهن جيڪي هڪ سپيشي جي فردن جي وچ ۾ خصوصيات ٿين ٿيون جهڙوڪ قد، چمڙي جو رنگ، ذهانت، اکين جو رنگ وغيره. اهڙو نه وري مڪمل طور تي جينياتي هوندو آهي ۽ نه وري مڪمل ماحولياتي. اهو ٻنهي جو ميلاپ هوندو آهي.

تصوير نمبر6.16 چمڙي رنگ ۽ ديگھ ۾ فرق

www.perfect24u.com

4. غير مسلسل تغير (Discontinuous Variation)

اهو اڇانڪ نمودار ٿيڻ وارو مڪمل تغير آهي. انهي ۾ هڪ سپيشي جي فردن جي درميان واضع فرق ملندو آهي. هي مڪمل طور تي جينياتي مادن ۾ تبديلي جي وجه سان آهي ۽ وراثتي آهي. رت جي گروهه، ڇهه آڱريون، زبان جو گول ڪرڻ وغيره هن جون عام مثالون آهن.

زبان جي موڙ

ڇهه آڱرين وارو هٿ

الڳ ڪن واري پاپڙي (لوب)

ڳنڍيل ڪنن واري پاپڙي(لوب)

تغير جا سبب (Causes of Variation)

تدغير جا ڪجھ سبب هيٺ ڏجن ٿا:

1. ميوٽيشن (Mutation)

هي عام مشاهدي جي ڳالھ آهي تہ ڪجھ خصوصيات بين ڪان بي انتها مختلف هونديون آهن. مثال طور ڪجھ فرد جي هٿن يا پيرن ۾ پنج جي جڳھ ڇهه آڱريون هونديون آهن. اڇانڪ پيدا ٿيندڙ انهن تبديلين کي ميوٽيشن چئبو آهي. ان جي وصف هن طرح بيان ڪبي تہ ڪنهن جاندار جي جينياتي مادي (Genome) ۾ اڇانڪ آيل تبديلي کي ميوٽيشن

www.perfect24u.com

سڌبو. اها ڪنهن جاندار جي وراثتي تغير جو سڀ کان اهم ذريعو آهي. اهو نئين سپيشي ٺهڻ جو بنيادي نقطو هوندو آهي.

2. ڪراسنگ اوور (Crossing Over)

هي ڪروميٽڊ جي ٽڪرن جو پاڻ ۾ تبادلو آهي جيڪو هومولوگس جوڙن جي ڪروموسوم جي غير دختر خلين جي وچ ۾ هوندو آهي. اهو عمل مياٽڪ تقسيم جي دؤران پروفيز مين ٿيندو آهي. هن ڪراسنگ اوور جي وجه سان مادري ۽ پدري اليل پاڻ ۾ مڪس ٿي عليحده ٿي وڃن ٿا. ان طرح اليل جون لاتعداد ترتيبون پيدا ٿين ٿيون. انهي ڪراسنگ اوور ۽ پوءِ عليحدگي جي وجه سان هڪ ئي والدين جي اولاد ۾ تغير پيدا ٿيندو آهي.

3. ماحول (Environment)

بي شمار ماحولياتي عناصر جسم جي خلين ۾ تغير پيدا ڪن ٿا. مثال طور چمڙي ۾ موجود رنگ پيدا ڪرڻ وارن ڪيميڪل جو فرق سج جي روشني ۾ ظاهر ٿيڻ جي وجه سان يا ورزش جي وجه سان مشڪن جي نشو نما وغيره.

4. ڪروموسوم جي آزادانه درجه بندي (Independent Assortment of Chromosomes)

پهرين مياٽڪ تقسيم جي ميٽافيز جي دؤران هومولوگس ڪروموسوم جوڙن جي شڪل ۾ هڪ ٻئي سان گڏ موجود هوندا آهن ۽ پوءِ آهسته آهسته عليحده ٿيڻ لڳندا آهن. بالآخر اينا فيز جي دؤران هي مڪمل عليحده ٿي ڪري آزادانه طور تي دختر خلين ۾ ويندا آهن. ان جي وجه سان بي شمار قسمن جا گيميٽس پيدا ٿين ٿا.

5. بار آوري (Fertilization)

هر گيميٽ ۾ ڪروموسوم تي اليل جو سيٽ منفرد هوندو آهي. ۽ هميشه هڪ ٻئي کان مختلف هوندا آهن. هڪ ماده گيميٽ جي لاءِ اهو تمام گهٽا نر گيميٽس موجود هوندا آهن. تنهنڪري هڪ فرد ۾ مختلف خصوصيات جون ترڪيبون هونديون آهن جيڪي بار آوري جي نتيجي ۾ پيدا ٿينديون آهن.

جانفشاني سان ڪيل اهو سائنسي عمل جيڪو ڪنهن ماهر حياتيات کي ارتقا جي تصور تائين ڪٺي وڃي ٿو. خاص طور تي نامياتي ارتقا جي طرف. ارتقا اهو عمل آهي جتي اولاد

www.perfect24u.com

پنهنجي ابن ڏاڏن کان بهتر هوندي آهي. جڏهن ته نامياتي ارتقا انهي ڳالهه جي وضاحت ڪري ٿي ته اڄ جا جاندار پراڻن ابن ڏاڏن جي تبديل شده شڪل آهن. انهن ۾ اهي تبديليون وقت سان گڏ بتدريج ۽ مسلسل تبديلين جي ڪري وجود ۾ آيون.

نامياتي ارتقا جي ٿيوريون نه صرف ان ڳالهه جي وضاحت ڪن ٿيون ته جاندارن ۾ ايتري مختلف قسمن جو هئڻ ڪيئن ممڪن ٿيو بلڪ انهن ۾ ملندڙ بنيادي هڪ جهڙاين جي پڻ وضاحت ڪن ٿيون.

ارتقا جي طريقه ڪار جي وضاحت جي لاءِ بي شمار ٿيوريون پيش ڪيون ويون. اسين هتي انهن مان ڪجهه بيان ڪندا سين.

قدرتي انتخاب جي ٿيوري يا ڊارونزم (Theory of Natural Selection or Darwinism)

چارلس ڊارون (1882 — 1809) هڪ انگريز هو. هن مختلف پوٽن ۽ جانورن جو مطالعو ڪيو. نوان نوان جاندار جمع ڪيا ۽ انهن جي درجه بندي ڪئي. 1859ع ۾ هن هڪ ڪتاب Origin of Species لکي جنهن ۾ هن قدرتي انتخاب جي ٿيوري پيش ڪئي. جنهن ۾ هن ارتقا جي حق ۾ ساديون شاهديون پيش ڪيون ۽ سپيشي جي ٺهڻ جي طريقه ڪار جي وضاحت ڪئي. ڊارون جي ٿيوري جا اهم نقتا هيٺ ڏجن ٿا:

1. ضرورت کان وڌيڪ پيدائش (Over Population)

جاندار تمام تيزي سان توليدي عمل انجام ڏين ٿا ان لاءِ نتيجي طور اولاد ۾ ۽ آبادي ۾ بي انتها اضافو ٿي سگهي ٿو.

2. وجود قائم رکڻ جي جدوجهد (Struggle for Existence)

محدود موجود وسيلن يعني غذا، رهڻ جي جڳهه وغيره جي وجه ڪري هڪ ئي سپيشي جي فردن جي اولاد پاڻ ۾ مقابلو ڪري سگهي ٿي. اهو مقابلو نه صرف انهن جي وچ ۾ هوندو آهي بلڪ بين سپيشيس جي فردن سان به هوندو آهي جيڪي پاڻ ۾ وسيلا ورهائن ٿا. انهي جدوجهد جي دؤران انهن جي هڪ وڏي تعداد ختم ٿي ويندي آهي. ان جي نتيجي ۾ هر سپيشي جي آبادي مستحڪم رهي ٿي.

www.perfect24u.com

3. وراثتي تغير (Heredity Variation)

هڪ ئي سپيشي جا فرد پنهنجي غذا حاصل ڪرڻ جي صلاحيت، شديد ماحول کي برداشت ڪرڻ جي صلاحيت وغيره جي لحاظ کان هڪ ٻئي کان مختلف هوندا آهن. خصوصيتن ۾ اهو فرق معمولي تغير (Minor Variation) سڏرائي ٿو. ڊارون انهي مان اهو نتيجو اخذ ڪيو ته جدوجهد جي دؤران بقا جو تعلق اچانڪ نه آهي بلڪ اهو باقي رهندڙ جاندارن جي وراثتي ترڪيب تي منحصر آهي. اهي فرد جن جون موروثي خاصيتون انهن کي پنهنجي ماحول ۾ بهتر طريقي سان فٽ ڪن ٿيون اهي باقي رهن ٿا ۽ وڌيڪ اولاد پيدا ڪن ٿا ليڪن جيڪي فٽ نه ٿا هجن اهي ختم تي وجن ٿا.

4. قدرتي انتخاب (Natural Selection)

قدرت زنده رهڻ ۽ اولاد پيدا ڪرڻ جي لاءِ سڀ کان بهتر فرد جو انتخاب ڪندي آهي. ان جي نتيجي ۾ فائيدمند تغير به نون جاندارن ۾ وراثت جي ذريعي محفوظ تي ويندي آهي.

ملين سالن کان وڌيڪ عرصي ۾ ٿيڻ واري تغير، قدرتي انتخاب ۽ وراثت ڪنهن هڪ سپيشي ۾ جمع تي ان جي بقا جي صلاحيت ۾ اضافو ڪن ٿيون. ان جي نتيجي ۾ هڪ سپيشي آهستي آهستي تبديل ۽ بهتر تي نئين سپيشي کي جنم ڏين ٿيون. ڊارون مصنوعي انتخاب جي طريقهِ ڪار کان تمام متاثر هو.

تصويرنمبر6.18 ڊارون واريون جهرڪيون (فنچز) قدرتي انتخاب (نيچرل سليڪشن) جي نتيجي ۾

www.perfect24u.com

نامياتي ارتقا جي نظريي جي حق ۾ بي شمار شاهديون تقابلي اناٽومي مان، هومولوگس عضون، اينالوگس عضون، سڪڙيل(Vesgiteal Organs) عضون ۽ فوسلس (Fossils) مان پيش ڪيون وڃن ٿيون.



تصوير نمبر6.19 هومولوگس اينالوگس ۽ ويسٽيجيل عضوا

مصنوعي انتخاب مان ملندڙ شاهديون (Evidences from Artificial Selection)

مصنوعي انتخاب گهريلو ۽ پالتو جانورن جي افزائش نسل جو طريقو ڪار آهي جنهن ۾ پنهنجي پسند جي مخصوص خصوصيت رکڻ واري مطلوبہ ہوڻ ۽ جانورن کي پاڻ ۾

www.perfect24u.com

ڪراس ڪرائي افزائش ڪئي وجي ٿي. جهڙوڪ ڪتن جون ڪيترين ئي نسلون، ڪبوترن، رڍن، گهوڙن، ڳئون، مينهن، ڪڪڙيون وغيره جون تمام گهڻيون نسلون جانورن جي مصنوعي افزائش مان حاصل ڪيون وجن ٿيون. ڊارون حياتيات جي ماهرن کي قائل ڪيو ته مصنوعي انتخاب ذريعي گهٽ وقت ۾ اسين ڪنهن سپيشي ۾ تمام گهڻيون تبديليون ڪري سگهون ٿا. اهو ڪم قدرتي طريقه انتخاب جي مقابلي ۾ مصنوعي طريقه انتخاب سان جلدي حاصل ڪري سگهجي ٿو. اهڙي طرح قدرتي طريقه انتخاب پڻ هزارن نسلن کان بعد اهي تبديليون ڪري سگهي ٿو.

تصوير نمبر6.20 رڍن ۽ گهوڙن جون مختلف نسلون غير قدرتي (آرٽيفيشل سليڪشن) جي ڪري.

www.perfect24u.com

خلاصو

1. حياتيات جي اها شاخ جيڪا وراثت ۽ تغير جو مطالعو ڪرڻ سان متعلق آهي.
2. اهو عمل جنهن ۾ خصوصيتون والدين کان اولاد ۾ منتقل ٿين ٿيون اهو وراثت سڏرائي ٿو.
3. جنسي توليد سان پيدا ٿيڻ وارا جاندار پاڻ ۾ ۽ پنهنجي والدين کان ڪجھ مختلف هوندا آهن. انهي اختلاف کي تغير سڏجي ٿو.
4. وراثت اهو طريقو آهي جنهن ۾ جين خصوصيات کي والدين مان اولاد ۾ منتقل ڪن ٿا.
5. تمام انسانن ۾ 23 ڪروموسوم جا ٻه سيٽ هوندا آهن. هڪ هيپلائڊ سيٽ والد کان سپرم جي ذريعي ۽ ٻيو هيپلائڊ سيٽ والده جي طرف کان بيضي جي ذريعي اولاد کي عطيو ڪيو وڃي ٿو.
6. جين ڪروموسوم تي موجود هوندا آهن ۽ انهن جي ذريعي ئي جنسي توليد جي دؤران وراثت ۾ اولاد کي ملن ٿا.
7. هڪ خليي ۾ موجود اهڙا ٻه ڪروموسوم جيڪي شڪل ۾ سائز ۾ ۽ ڪروموسوم تي موجود هڪ جهڙا هجن انهن کي هومولوگس ڪروموسوم جو جوڙو سڏبو آهي.
8. ڪروموسوم جي ڪيميائي مادي کي ڪروميٽن سڏبو آهي.
9. ڊي آڪسي رائبو نيوڪليو پروٽين ڊي اين اي (DNA) ۽ هڪ خاص پروٽين (هسٽون پروٽين) مان ٺهيل هوندو آهي.
10. يوڪيريوٽڪ ڪروموسوم ڪروميٽن جو ٺهيل هوندو آهي، هڪ پيچيده ماليڪيول جيڪو 40 فيصد ڊي اين اي(DNA) ۽ 60 فيصد هسٽون پروٽين جو ٺهيل هوندو آهي.

www.perfect24u.com

.11 ڊي اين اي(DNA) هڪ ٻٽي ور وڪڙن واري ساخت آهي.

.12 هر وروڪڙ هڪ وڏي نيوڪليٽائيڊ زنجير آهي جيڪا هڪ ٻئي جي چوڌاري ويڙهيل آهي. ٻئي ويڙهيل زنجيرون هڪ ٻئي لاءِ ڪمپليمينٽري هونديون آهن جيڪي هائيڊروجن بانڊ ذريعي هڪ ٻئي سان جڙيل هونديون آهن.

.13 جين ڊي اين اي(DNA) جو هڪ ننڍو حصو آهي. جنهن تي جينياتي معلومات خفيه اشارن جي شڪل ۾ موجود هوندي آهي جيڪا پروٽين ناهڻ جي معلومات هوندي آهي.

.14 ڊي اين اي(DNA) کي ٻٽو ڪرڻ جي عمل کي ڊي اين اي(DNA) جي ريپليڪيشن سڏجي ٿو.

.15 جين پنهنجو اظهار پروٽين ناهي ٿو. اهو پروٽين انزائم جي طور ڪم ڪري ٿو جيڪو مخصوص عمل ڪرائي حياتياتي مصنوعات ناهڻ جو ڪم انجام ڏئي ٿو. خليي ۾ جينياتي معلومات جو وهڪرو ڊي اين اي(DNA) کان ايم آر اين اي (mRNA) ۽ پوءِ رائبوسوم جيڪو سائٽوپلازم ۾ هوندو آهي. اهو عمل ٻن مرحلن تي مشتمل آهي.

.16 ٽرانسڪرپشن (Transcription)

ڊي اين اي(DNA) جين جي ڪمپليمينٽري شڪل ۾ نقل ناهڻ کي سڏبو آهي. ان جي نتيجي ۾ ايم آر اين اي ٺهي ٿو.

.17 ترجمو (Translation)

ايم آر اين اي تي موجود معلومات کي ٽي آر اين اي (tRNA) ۽ آر آر اين اي (rRNA) ترجمو ڪري امينو ائسڊ جي مخصوص زنجيز ناهي ڇڏين ٿا.

.18 گريگر جان مينڊل کي جينيٽڪس جو ابو سڏيو وڃي ٿو. هن مٽر جي ٻوٽي ۾ هڪ ڪري 7 خصوصيتن جو مطالعو ڪيو.

www.perfect24u.com

.19 حقيقي نسل مان مراد اهڙا جاندار آهن جيڪي خود بار آوري جي ذريعي پيدا ٿين ۽ اولاد بلڪل پنهنجي والدين سان مشابهت رکندڙ هجي.

.20 ميندل جين کي بحيثيت عنصر متعارف ڪرايو. اگر ٻنهي والدين ڪنهن خصوصيت جا هڪجهڙا عنصر عطيو ڪن ته انهي جاندر کي حقيقي يا هوموزائيگس سڏبو آهي. جيئن حقيقي ڊگهو ٻوٽو.

.21 اگر ٻئي والدين جن جو خصوصيتون مختلف هجن پنهنجو عنصر عطيو ڪن ته ان جو اولاد هائيبرڊ يا هيٽروزائيگس سڏبو.

.22 اهو عنصر يا جين جيڪو هيٽروزائيگس حالت ۾ پنهنجو اظهار ڪري ٿو ان کي غالب عنصر سڏبو آهي.

.23 اهو عنصر يا جين جيڪو هيٽروزائيگس حالت ۾ پنهنجو اظهار نه ڪري سگهي ته ان کي مغلوب عنصر سڏبو آهي.

.24 ڪنهن خصوصيت جو طبعي اظهار فينوٽائپ سڏجي ٿو.

.25 ڪنهن خصوصيت جي جينياتي بناوت کي جينوٽائپ سڏجي ٿو.

.26 ڪنهن جاندار ۾ عناصر (جين) جوڙن جي شڪل ۾ هوندا آهن. ليڪن گيميٽ جي بناوت جي دؤران اهي عنصر صفائي سان جدا ٿي ويندا آهن. اهڙي طرح گيميٽ ۾ هر خصوصيت جو هڪ عنصر موجود هوندو آهي.

.27 ڪجهه خصوصيتن جا ٻه يا وڌيڪ متبادل عنصر (جين) موجود هوندا آهن. انهن خصوصيات کي ڪثير اليل سڏبو آهي.

.28 وراثت جو اهو طريقو جتي هيٽروزائگس حالت ۾ ٻئي عنصر برابر طريقي سان اظهار ڪن انهي کي مشترڪ غلبيت سڏبو آهي.

.29 وراثت جو اهو عمل جتي هڪ خصوصيت جا ٻئي عنصر هيٽروزائيگس حالت ۾ پنهنجو اظهار ڪن ليڪن انهن جو اظهار پاڻ ۾ ملي ڪري هڪ نئون فينوٽائپ ناهي انهي کي غير مڪمل مغلوبيت سڏجي ٿو.

www.perfect24u.com

30. هڪ ئي اسپيشيس جي جاندارن جي خصوصيتن ۾ فرق جهڙوڪ ڏگهائي، رنگ وغيره کي تغير سڏجي ٿو. تغير جي وجھ يا تہ ماحول جا اثرات يا پوءِ جينياتي مادن ۾ تبديلي آهي.

مشق

الف. صحيح جواب تي نشان لڳايو.

1. حياتيات جي اها شاخ جنهن ۾ وراثت ۽ تغير جو مطالعو ڪيو وڃي ٿو ________ سڏرائي ٿي.

الف. وراثت　　ب. ورثو

ج. جينيٽڪس　　د. ارتقا

2. اهو طريقو جنهن ۾ والدين پنهنجا جين پنهنجي اولاد کي منتقل ڪن ٿا:

الف. جينيٽڪس　　ب. وراثت

ج. ورثو　　د. اليل

3. هڪ خليي ۾ موجود بہ هڪ جهڙا ڪروموسوم جيڪي شڪل ۾ سائز ۾ ۽ سينٽرومر جي جڳهہ جي لحاظ کان هڪ جهڙا هجن ان کي سڏبو آهي

الف. ڪروميٽڊ　　ب. بازو

ج. هومولوگس　　د. هوميولوگس

4. ڪروموسوم جو ڪيميائي مادو ________ سڏرائي ٿو.

الف. ڪرومين　　ب. ڪروموميرز

ج. ڪرومونيما　　د. ڪروميٽڊ

www.perfect24u.com

5. ڊي اين اي(DNA) جي سيڙهي جو ٻاهريون حصو جيڪو کنڊ ۽ فاسفيٽ جو ٺهيل آهي اهو ______ سڏرائي ٿو.

الف. نيوڪليو پروٽين	ب. ڪٿهڙو

ج. قدمچو	د. فاسفواليٽر

6. ڊي اين اي(DNA) جو هڪ ننڍو حصو جنهن تي خفيہ اشاراتي زبان ۾ هڪ پروٽين ٺهيل آهي جنهن تي معلومات موجود آهن ______ سڏرائي ٿو.

الف. نيوڪليوٽائڊ	ب. ڪثير نيوڪليوٽائڊ

ج. جين	د. ايڪسون

7. ڊي اين اي(DNA) جي هو بهو نقل ________ سڏرائجي ٿي.

الف. ڊپليڪيشن	ب. ريپليڪيشن

ج. ٽرانسڪرپشن	د. ٽرانفرميشن

8. اگر ٻئي والدين ڪنهن خصوصيت جا ٻئي ساڳيا عنصر عطيو ڪن تہ ان کي چئبو

الف. هومولوگس	ب. هيٽرولوگس

ج. هوموزائيگس	د. هيٽروزائيگس

9. هڪ خصوصيت جي جينياتي ترڪيب _______ سڏرائي ٿي.

الف. جينو ٽائپ	ب. فينو ٽائپ

ج. جينوم	د. فينائل

www.perfect24u.com

ب. مختصر سوال

1. جين ڇا آهي؟ ۽ اهو ڪيئن ڪم ڪري ٿو؟
2. هينين اصطلاحن جي وصف لکو.

الف. هومولوگس　　ب. هيٽرولوگس　　ج. غالب اليل

د. اليل　　هه. مغلوب اليل　　ر. هوموزائيگس

ي. هيٽروزائگس

3. ڪهڙي وراثت جي طريقي ۾ ٻئي اليل هيٽروزائگس حالت ۾ پنهنجو اظهار ڪندا آهن؟
4. انهن سببن جي لسٽ ٺاهيو جيڪي قدرتي طريقهٔ انتخاب جي ٿيوري ۾ موجود هوندا آهن؟
5. مصنوعي انتخاب واري طريقي کي قدرتي انتخاب واري طريقي سان جوڙيو.

ج. تفصيلي جواب

1. واٽسن ۽ ڪرڪ جو ٺاهيل ڊي اين اي(DNA) جو ماڊل تفصيل سان بيان ڪريو.
2. جين پنهنجو اظهار يا ڪم ڪهڙي طرح انجام ڏين ٿا تفصيل سان بيان ڪريو.
3. مينڊل جو عليحدگي وارو قانون بيان ڪريو ۽ ان جي وضاحت پڻ ڪريو.
4. ڊائيهائيبرڊ ڪراس جي وراثت ان جي قانون جي لحاظ کان بيان ڪريو.
5. ڊارون جي قدرتي انتخاب واري ٿيوري بيان ڪريو.

www.perfect24u.com

باب
7

انسان ۽ ان جو ماحول

اهم تصورات:

هن سبق ۾ اسان سکنداسين:

- ايڪو سسٽم: ايڪولوجيڪل تنظيم ۽ ان جا حصا.
- مادو ۽ توانائي جو ايڪو سسٽم ۾ وهڪ.
- بائيوجيو ڪيميڪل چڪر (ڪاربن ۽ نائٽروجن جو چڪر)
- ايڪو سسٽم ۾ باهمي رابطو.
- ايڪو سسٽم جي توازن ۽ ماحول تي انساني اثرات (انساني آبادي جي واڌ
- شهرن ۽ صنعتن ۾ واڌ، جهنگن جو وڍڻ.
- آلودگي، ان جا قسم ۽ ان جي روڪ
- قدرتي ماحول جو بچاءُ (حفاظت)

www.perfect24u.com

تعارف:

جاندار اڪيلا نٿا رهي سگهن. هر انسان مادي ۽ توانائي سان گهريل آهي. اهي ماحول ڪي ترتيب ڏيندا آهن. جتان جاندار پنهنجي ضرورت جي لاءِ شيون حاصل ڪندو آهي. ٻوٽن، حيوانات ۽ ٻين جاندارن ڪي پنهنجي زندگي جي بقا لاءِ پنهنجي ماحول مان مادو ۽ توانائي حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ پنهنجي خارج ٺهڪاٽي پڳائي لاءِ ماحول جي ضرورت پيش ايندي آهي. ان بنيادي ضروريات ڪي پورو ڪرڻ لاءِ جاندار غير جاندار شين (Abiotic) ۽ جاندار شين (Biotic) تي انحصار رکندو آهي. انهن سان باهمي رابطو رکندو آهي. غير جاندار حصي غيرنامي شيون به شامل آهن. جڏهن ته پاڻي، ڪاربن ڊائي آڪسائيڊ، آڪسيجن، نائيٽريٽ ڪاربوهائيڊريٽ، پروٽين، لپڊ وغيره ۽ قدرتي شين، هوا، درجه حرارت (گرمي پد)، مينهن، زمين وغيره. ۽ نامياتي حصي ۾ جراثيم، فنجائي، ٻوٽا، حيوانات وغيره شامل آهن. ماحول جو سائنسي مطالعو ماحولياتي حياتيات چورائيندو آهي. ان مان ان ڳالهه جو اندازو لڳايو وڃي ٿو ته ڪنهن طرح جاندار، ۽ ان جون قسمون (Species) ۽ برادري تي قدرتي ۽ انساني تبديل شده ايڪوسسٽم اثر انداز ٿئي ٿو.

ايڪولوجيڪل تنظيم جون سطحون (ڏاڪا).Level of ecological Organization

تصوير نمبر 7.1 بائيو اسفير

زندگي تي زندگي جو انحصار هوا جي سنهي لهر پاڻي ۽ زمين تي آهي. زمين ڪان ٻاهر ڪا به زندگي نہ آهي ۽ زمين جي هيٺ گهرائي ۾ ڪنهن به زندگي جو هجڻ ناممڪن آهي. زمين جو اهو حصو جتي زندگي برقرار هوندي آهي. ان کي بائيواسفير (Biosphere) چئبو آهي.

ايڪولوجي جي حساب سان تنظيم جا ڏاڪا جاندار ڪان وٺي بائيواسفير تائين آهن. اها جڳهه جتي جاندار رهندا آهن. ان کي آستانو (Habitat) چوندا آهيون. اهيو آستانو زمين تي به ٿي سگهي ٿو، پاڻي تي به ۽ وري هوا تي به ٿي سگهي ٿو.

www.perfect24u.com

تصوير نمبر 7.2 هرڻ جي خاندان جي آبادي



تصوير نمبر 7.3 ڪميونٽي جا ڪجھ رڪن (ميمبر) ڏيڪاريندي

مثال طور ڍيڍر جو آستانو تالاب آهي. هڪ ئي اسپيشز Species سان تعلق رکڻ واري جاندار جو ٽولو جيڪي هڪ جڳهه تي ملي گڏ رهندا هجن ۽ باهمي رابطو رکندا هجن. ان کي ڪميونٽي چوندا آهن. مثال هڪ تازي پاڻي واري تالاب ۾ هائيڊريلا Hyderilla جي، ڍيڍرن جي ڪيڙي جي ويم Wam جي ۽ ٻين ڪيترن ئي قسمن جي جاندارن جي آبادي موجود هوندي آهي. ڪميونٽي جا فرد پاڻ ۾ باهمي رابطو رکندا آهن ۽ اهي فرد پنهنجي ماحول ۾ موجود غيرجاندارن سان به رابطو رکندا آهن. ان رابطي جي وجهه سان توانائي به هڪ درجي کان ٻئي درجي تائين منتقل ٿيندي رهندي آهي ته ان طرح اها جڳهه جتي اهي تمام باهمي رابطا انجام ڏيندا آهن ايڪو سسٽم Ecosystem چورائيندا آهن.

ايڪو سسٽم جي ابتدا پهرين دفعي ٽينسلي Tansly 1935ع ۾ واضع ڪئي جنهن ۾ ايڪو Eco جو مطلب ماحول (گهر) ۽ سسٽم جو مطلب اهو علاقو آهي جتي باهمي رابطو آمدپذير هجي. ايڪو سسٽم هڪ اهڙي علائقي جو نالو آهي، جتي جاندار ٻين جاندارن ۽ پنهنجي غيرجاندار ماحول سان باهمي رابطو رکندا آهن ۽ اتي انهن جي وچ ۾ توانائي جو وهڪرو به هوندو آهي. ايڪو سسٽم وڻ جو هڪ ٿوڻ ننڍڙو تند به ٿي سگهي ٿو يا هڪ ننڍو پاڻي جو متڪو يا هڪ وڏو سمنڊ يا جهنگ به ٿي سگهي ٿو. سڀ کان وڏو ايڪو سسٽم جنهن ۾ تمام برادريون سڀ جانور جيڪي زمين تي موجود آهن انهن ۾ شامل هجن ان کي بائيو اسفير Biosphere چوندا آهيون. زمين تي موجود تمام ايڪو سسٽم ملي ڪري هڪ يويلڪل ايڪو سسٽم ناهيندا آهن، انهن بائيو اسفير کي ننڍي حصن ۾ تقسيم ڪيو ويندو آهي. جنهن کي بائيو مس Biomes چوندا آهيون. ان زمين تي موجود حياتياتي خطا اتي موجود خاص قسم جي ٻوٽن يا خاص قسم جي آب و هوا سان سجاڻي ويندا آهن. ان کي بائيومس Biomes چوندا آهيون.

www.perfect24u.com

ايڪو سسٽم جا جز: Component of Ecosystem:

اسان پوئين جماعتن ۾ اهيا ڳالهه پڙهي چڪا آهيون ته ايڪو سسٽم ٻن اهم جزن تي مشتمل آهي.

i) غير جاندار جز Abiotic component ii) جاندار جز Biotic Component

غيرجاندار جز:



تصوير نمبر 7.4 غير جاندار حصو/ پاڳو

ايڪو سسٽم جو غير جاندار جز ان جو طبي ۽ چوڌاري حصو آهن جيڪي جاندار جز تي اثر انداز هوندا آهن، اهيو حصو جاندارن جي تقسيم، غذا، واڌ، حياتياتي عمل تي اثر انداز ٿئي ٿي. ڪافي سارا غير جاندار اجزا ايڪو سسٽم تي اثر انداز هوندا آهن پر انهن سيني ڪان وڌيڪ روشني، درجہ حرارت، پاڻي، زمين ۽ هوا آهن. اهي سب هڪ ٻئي سان ملي ڪري ڪم ڪندا آهن.

روشني:

اهو سب ڪان اهم حياتي جز آهي، ان ڪان سوا زندگي جو وجود نہ آهي. اهيو هر ايڪو سسٽم جي لاءِ توانائي جو جمع آهي. ٻوٽا حياتي تاليف جي عمل جي ذريعي ان ضيائي توانائي کي ڪيميائي توانائي ۾ تبديل ڪندا آهن. اهيا ڪيميائي توانائي غذا جي صورت ۾ جمع ٿيندي آهي جو تہ اهيا جاندارن لاءِ ضروري آهي. ماحول ۾ ٻوٽن ۽ جاندارن جي تقسيم جو دارو مدار روشني جي مقدار، ان جي شدت ان جي وقفي تي آهي. روشني جي تمام گهٽ مقدار ضيائي توانائي جي عمل ۾ استعمال ٿيندي آهي. جڏهن تہ روشني جو باقي حصو زمين ۽ ماحول جي درجہ حرارت کي برقرار رکڻ جو ڪم انجام ڏيندو آهي. بصارت لاءِ روشني جي ضرورت آهي ۽ اهيا ڪجهه حياتياتي عمل کي شروع ڪرڻ ۽ انهن کي هڪ خاص رفتار تي منتقل رکڻ جو ڪم انجام ڏيندي آهي. ڪجهه ٻوٽن ۾ گل پيدا ڪرڻ جو عمل انسانن ۾ وٽامن پيدا ڪرڻ جو عمل ۽ پکين جي لاڏاٽي ۾ ڪم ايندي آهي.

www.perfect24u.com

درجہ حرارت:

اهو هڪ ٻيو غيرجاندار جز آهي جيڪو ايڪو سسٽم تي اثر انداز هوندو آهي. اهي مٿين جڳهن ۽ گهڻ بلندي واري جڳهن تي گهڻ هوندو آهي. ان ڪري انهن جڳهن تي ٻوٽن ۽ جانورن جي قسمن ۾ تبديلي ايندي رهندي آهي. درجہ حرارت ڏينهن رات ۽ موسم جي حساب سان تبديل ٿيندي رهندي آهي. ڪافي سارا پکي ۽ مميلات Mammals سردين ۾ حجرت ڪندا آهن ۽ ڪجھ جانور سردين ۾ وڏي ننڊ Winter sleep ڪندا آهن. حياتيات جو عمل، انزائم جو ڪم ۽ درجہ حرارت جي تبديلي سان گڏوگڏ تبديل ٿيندو آهي. گهٽي درجہ حرارت جي وجھ سان جاندار پاڻ کي ۽ زنده نٿا رکي سگهن.

پاڻي Water:

تمام جاندارن کي پاڻي جي ضرورت هوندي آهي. اهو پروٽو پلازم جو وڏو حصو هوندو آهي. هي جز جاندارن ۽ خلين جي اندر ڪم انجام ڏيندو آهي. ضيائي تاليف جي دوران ۽ هي ڪم انجام ڏيندو آهي ۽ غير نامياتي ٻوٽن جي اندر خوراڪ پاڻي ۾ حل ٿي داخل ٿيندي آهي. زمين ۾ پاڻي جو مقدار مينهن ۽ برف باري جي ذريعي هي برابر ٿيندو آهي. زمين تي ٻوٽن جي مقدار جو دارو مدار مينهن تي آهي. ان جو مطلب آهي تہ مختلف جڳهن تي ٻوٽن ۽ جانورن جي تعداد مينهن جي ئي (شرح) تي آهي. مثال طور جهنگ ان جڳهہ تي هوندو آهي جتي مينهن گهڻو پوندو آهي. جڏهن تہ اهي علائقا جيڪي گرم هجن ۽ اتي مينهن بہ گهڻ پوندو هجي، اهي رڻ پٽ هوندا آهن.

زمين Soil:-

فرش زمين جي مٿين سطح آهي، جيڪا مختلف ذرن ۽ خود جاندارن جي ذريعي سڙيل نامياتي جزن تي مشتمل هوندي آهي. ان کي زمين يا سوئل Soil چيو وجي ٿو. تحليل يا سڙيل جاندار کي يعني ٻوٽن ۽ جانورن کي هيومس Humus چيو وجي ٿو، هيومس زمين کي بهتر ناهيندو آهي. ان وٽ پاڻي ۽ آڪسيجن کي پاڻ وٽ رکڻ جي صلاحيت ۾ اضافو ڪندو آهي. ٻوٽا زمين ۾ گهڙي سهارو حاصل ڪندا آهن ۽ اهي پاڻ ٻين معدنيات لاءِ زمين ۾ انحصار رکندا آهن. گهڻ ئي ايڪو سسٽم ۾ ٻوٽن جي قسمن ۽ جانورن جي قسمن Flora and Fauna جو انحصار زمين جي قسم ۽ ان جي ذرخيزي تي آهي.

www.perfect24u.com

هوا Air:-

هوا (گيسن جو) زمين تي هڪ اهم چادر آهي، جنهن زمين کي چارو طرف ڍڪيو آهي. هوا نائيٽروجن N_2، آڪسيجن O_2، ۽ ڪاربن ڊائي آڪسائيڊ Co_2 ۽ پاڻي جي بخارات جو مرڪب آهي. نائيٽروجن پروٽين جو اهم جز آهي. آڪسيجن جاندارن جي ساهه کڻڻ لاءِ اهم آهي. جڏهن ته ڪاربن ڊائي آڪسائيڊ Co_2 ضيائي تاليف جي اهم ضرورت آهي. ضيائي تاليف جو عمل ابتدائي پيداوار پيدا ڪندو آهي، جيڪا ڪاربوهائيڊريٽرس آهي.

نمي هوا ۾ موجود بخارات کي چوندا آهيون. جيڪي بخارات جي شرح ۽ ٻوٽن ۾ ٽرانسپائيريشن تي اختيار رکندو آهي. هوا جي ترتيب ۽ ماحول جي غير حياتي جز کي اختيار ۾ رکندي آهي. اهيا ارادي طور تي ٻوٽن ۽ جانورن جي زندگي ۽ ايڪو سسٽم ۾ اثر انداز هوندي آهي.

ايڪوسسٽم جا جاندار جز Biotic components of ecosystem:

اهي جاندار ايڪو سسٽم ۾ هڪ ٻئي سان باهمي رابطو رکندا آهن، اهي ايڪو سسٽم جا جاندار جز چورائيندا آهن. ان جاندار جزن ۾ ناهڻ Producer صارف Consumer سڙڻ Decomposer وارا جز شامل آهن.

i) ناهڻ وارا/ پيدا ڪندڙ: Producers:

ايڪو سسٽم جا تمام جاندار جيڪي توانائي کي حاصل ڪري ان کي ڪيميائي توانائي ۽ غذا جي لاءِ ماليڪيول ۾ تبديل ڪندا آهن. اهي ناهڻ وارا پيدا ڪندڙ جز چورائيندا آهن. جو ته اهي پنهنجي لاءِ ۽ ايڪو سسٽم ۾ موجود ٻين جاندارن لاءِ غذا پيدا ڪندا آهن. اهي ٻين جاندارن لاءِ توانائي جو ذريعو هوندا آهن. ايئن ڪميونٽي جا تمام فرد پنهنجي غذا ۽ توانائي لاءِ پيدا ڪندڙن تي انحصار رکندا آهن. اهي ضيائي تاليف ڪرڻ وارا، جراثيم الجي ۽ ٻوٽا آهن.

صارف: Consumer:

حيوانيات ۽ ٻيا جدنار جيڪي پنهنجي غذا پيدا نٿا ڪري سگهن. اهي صارف چورائيندا آهن. اهي جاندار پنهنجي غذا ارادي ۽ غير ارادي طور تي ناهن وارن مان حاصل ڪندا

www.perfect24u.com

آهن. غذا حاصل ڪرڻ جي درجي جي بنيادي Tropical level تي صارفين تي قسمن جا آهن.

i) ابتدائي صارف: Primary consumer

اهي صارفين جيڪي ارادي طور تي پيداوارن کي بطور غذا استعمال ڪندا آهن. يعني توانائي ۽غذا جو حاصل پيداوارن مان حاصل ڪري ان کي ابتدائي صارف چئبو آهي. جيئن تہ تڏا جيڪي پتا ڪائيندا آهن اهي سبز خور آهن.

ثانوي صارف: Secondary consumer:

اها صارفين جي اها قسم آهي جيڪا ابتدائي صارفين تي انحصار ڪندي آهي يعني پنهنجي غذا ۽ توانائي ابتدائي صارفين مان حاصل ڪندا آهن. اهي ثانوي صارف چورائيندا آهن، جيئن تہ هڪ پکي ثانوي صارف آهي. جيڪو پنهنجي غذا ۽ توانائي تڏن مان حاصل ڪندو آهي. اهي گوشت خور هوندا آهن.

ٽيون صارف: Tertanry

صارفين جيڪي ثانوي صارف کي بطور غذا حاصل ڪن انهن کي ٽي صارف چئبو آهي. اهي پنهنجي غذا ۽ توانائي ثانوي صارف مان حاصل ڪندا آهن. اهي بہ گوشت خور آهن. مثال هڪ باز ننڍي پکي کي ڪائيندو آهي، جيڪي تڏا ڪائيندا آهن.

تصوير نمبر 7.5 ٽيان صارفين

www.perfect24u.com

سڙيل Decomposer

خود جاندار جيڪي مرده جاندارن کي غذا لاءِ ساڙيندا آهن انهن کي سڙيل Decomposer چوندا آهيون.

اهي عام طور تي جراثيم ۽ فنجائي هوندا آهن اهي غذائي مرڪبات کي ٻيهر استعمال ڪرڻ جي قابل ناهيندا آهن. جو ته اهي ساڙي ڪري پيچيدا مرڪبات کي ساده مرڪبات ۾ تبديل ڪري زمين کي ٻيهر استعمال ڪرڻ لاءِ واپس ڪندا آهن.

ايڪو سسٽم ۾ توانائي جو وهڻ بحيثيت هڪ غير چڪردار عمل:

ايڪو سسٽم ۾ موجود هر جاندار کي زنده رهڻ ۽ پنهنجي حياتيات جا ڪم انجام ڏيڻ لاءِ توانائي جي ضرورت پيش اچي ٿي. ان توانائي جي ابتدائي شمسي توانائي آهي. جيڪا سج مان سج جي روشني جي شڪل ۾ زمين تي اچي ٿي.

سج جي اها توانائي پيداوار قيد ڪري ان توانائي سان ڀرپور نامياتي غذا کي مرڪبات ۾ تبديل ڪندا آهن. انت وانائي جو ڪجهه حصو ابتدائي صارف ۾ منتقل ٿيندو آهي. جڏهن اهي پيداوارن کي کائيندا آهن. جڏهن انهن ابتدائي صارف ۾ منتقل ٿيندو آهي. جڏهن اهي پيداوارن کي کائيندا آهن جڏهن انهن ابتدائي صارف کي ثانوي صارف کائيندا آهن ته ان مان ڪجهه توانائي ثانوي صارف ۾ منتقل ٿيندي آهي. اهي ثانوي صارف ٽين صارف جي غذا ٿيندا آهن. ان طرح توانائي جي درجي يعني ٽين صارف ۾ منتقل ٿيندي آهي. توانائي جا منتقلي درجه ٽرافڪ دراجه چورائيندا آهن ۽ ان مرحليوار منتقلي کي ٽرافڪ درجه Trophiclevel چوندا آهيون ۽ غذا جي ان توانائي کي ان طرح درجه وار منتقلي هڪ ٽرافڪ مان ٻي ٽرافڪ درجي تائين وڃڻ کي غذا جي زنجير چوندا آهيون. ان منتقلي کي تير جي نشان سان ظاهر ڪيو ويندو آهي.

هر ٽارفڪ درجي ۾ مڪمل نه بلڪ ڪجهه توانائي جي مقدار هڪ درجي مان ٻي درجي تي منتقل ٿيندي رهندي آهي. اها توانائي يا نه نباتاتي مادو ۽ حيواني گوشت يا چربي جي صورت ۾ ذخيرو ٿيندو آهي. اڌ ڪان وڌيڪ توانائي ان دوران حرارت جي شڪل ۾ ضايع ٿي ٿي ويندي آهي. توانائي جي هڪ مقدار هر مرحلي تي جاندار پاڻ استعمال ڪندو آهي.

www.perfect24u.com

۽ ان توانائي سان اهي حرڪت، ساهه کڻڻ ۽ توليد وغيره جهڙا ڪم انجام ڏيندا آهن. ان طرح هڪ مرحلي تي موجود توانائي ٻي مرحلي ۾ منتقل ٿيندي آهي. صرف ان توانائي جو 10 فيصد حصو ٻي مرحلي تي منتقل ٿيندو آهي. ڪنهن به ايڪو سسٽم ۾ توانائي مختلف مرحلن ۾ منتقل ٿيندي اها اهرام جي شڪ ۾ ظاهر ٿيندي آهي. جنهن کي توانائي جو اهرام Pyramind of energy چيو ويندو آهي.



تصويرنمبر 7.6 غير چڪر واري توانائي جووهڪرو ايڪوسسٽم ۾

ايڪو سسٽم ۾ مادي جو وهاڪو بحيثيت ڪردار عمل Flam of material in ecosystem as cyclic process

ايڪو سسٽم ۾ نامياتي ۽ غير نامياتي مادي جو وهاڪو ٻن طرح سان ٿيندو آهي، جيڪي چڪردار ۽ هڪ طرح سان گڏ هوندا آهن، جيڪي هيٺ ڏنل آهن.

i) غذائي زنجير ۽ غذائي چارو Food chain and food web

ii) بائيو جيو ڪيميڪل چڪر.

i) غذائي زنجير(Food chain) ۽ غذائي چار (Food web)

ايڪو سسٽم ۾ غذائي مادي جو وهاڪو غذائي زنجير جي ذريعي اڳيان وڌي ٿوجنهن ۾ هڪ مرحلو ٻي مرحلي کان پوءِ ايندو آهي، جيئن ته گها جي ميدانن جو ايڪو سسٽم، ٽڏا، ماڪر (loctus) ۽ سهو وغيره گاهه کائيندا آهن. جنهن کي وري جهرڪي، ڪرڙي، کائي ويندا آهن. جيڪي ثانوي صارف آهن. ڪافي دفعا انهن ثانوي صارف کي عقاب پکي ۽

www.perfect24u.com

شينهن جهڙا جانور کائي ويندا آهن.

مٿي ڏنل مثال مان اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته غذائي مادي جي منتقلي پيداوارن کان جاندارن ۾ مسلسل ٿئي ٿي جيڪو پيداوارن کان صارفين تائين اهو عمل واپس هڪ ٻي کائڻ سان انجام ٿئي ٿو. ۽ ان کي غذائي زنجير چيو وڃي ٿو.



تصوير نمبر 7.7 هڪ سادي کاڌي جي زنجير (فوڊ چئن)

قدرتي ماحول ۾ ساده غذائي زنجير گهٽ پائي ويندي آهي. هڪ جاندار پنهنجي غذا هڪ کان وڌيڪ ذريعن مان حاصل ڪندو آهي. جيئن ته هڪ جاندار کي وڏي ٽرافڪ درجي وارا جاندار کائيندا آهن ۽ هڪ جاندار پاڻ کان هيٺ درجي ٽرافڪ واري جاندارن کي کائيندو آهي. ائين ته هڪ ايڪو سسٽم ۾ ڪافي ساريون غذائي زنجيرون هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هونديون آهن. هڪ مڪمل چارو ناهيندا آهن جنهن کي غذائي چار چوندا آهن.



تصوير نمبر 7.8 گاهه جي ميدان (گراسليند) جي ايڪو سسٽم ۾ کاڌي جو چار

ايڪو لوجيڪل اهرام Ecological pyramid هڪ انگريز ايڪو لوجسٽڪ چارلس ايلٽن 1927ع ۾ ايڪولوجيڪل اهرام جو تصور پيش ڪيو. اهيا عام ڳالهه آهي ته ڪنهن به ايڪو سسٽم ۾ هر هڪ غذائي ۽ وڏي درجي تي هڪ مقدار ۾ جاندارن جي تعداد گهٽ ٿي ويندي آهي.

www.perfect24u.com

ان اندازو لڳايو تہ ننڍي غذائي درجي تي حيوانات جي تعداد گهٽجي هوندي آهي بنسبت وڏي غذائي درجي جي. ايڪولوجيڪل اهرام جي تعريف ايئن ڪئي ويندي آهي تہ مختلف غذائي درجي خاص طور ننڍي کان وڏي درجي تائين ڪنهن بہ جاندار جي تعداد ان جي بائيوماس جي مقدار ۽ ان جي توانائي جي مقدار تي آهي.ان ۾ بہ درجہ هيٺ ڏنل آهن.

تعداد جو اهرام Pyramid of number

تصوير نمبر7.9 نمبري / انگن جو اهرام ايڪو سسٽم ۾

ڪافي جڳهن تي مختلف غذائي درجن ڪنهن آبادي ۾ موجود ميمبر جي تصور اظهاري تعداد کي اهرام چئبو آهي. جڏ جاندارن جي تعداد کي هر غذائي درجي تي ڳڻ ويندو آهي. اها ڳالهہ مشاهدي ۾ آئي آهي تہ کان پهرين واري درجي تي جاندارن جي تع گهٽجي هئي.

مثال: ڪوئن جي تعداد نانگ کان وڌيڪ هوندي هئي. ان طرح بازن جي تعداد نانگ کان گهٽ هئي. ان تعلق جو اظهار اهرام جي صورت ۾ بہ ڪيو وڃي سگهي ٿو. جو ڪو تعداد جو اهرام چئيو وڃي ٿو.



تصوير نمبر7.10 بائيو ماس جو اهرام ايڪو سسٽم ۾

بائيو ماس جو اهرام Pyamid of bionic بلڪل ان طرح جو هڪ ٻيو اهرام ٺاهيو ويندو آهي جيڪو هر غذائي درجي تي بائيوماس جو اظهار ڪندو. (بائيو ماس کل خشڪ نامياتي مادو آهي جيڪو هڪ رقبي ۾ موجود هوندو آهي) ان طرح جي اهرام کي بائيو ماس جو اهرام چئيو ويندو آهي. اهو اهرام ٻڌائي ٿو تہ هر وڏي درجي کان ننڍي درجي ۾ وڌيڪ بائيو ماس موجود هوندو آهي. اها غذائي زنجير ۾ جيڪا توانائي غذائي درجي تي ضاعي ٿئي ٿي ان جي وجهہ سان آهي.

www.perfect24u.com

حياتياتي ارضي ڪيميائي چڪر Biochemical cycle

جاندارن جي کاڌ خوراڪ ۽ حياتيات جي عمل لاءِ تقريب 40 عناصر کپندا آهن. انهن مان ڇهه وڏي مقدار ۾ ڪم ايندا آهن. جيئن ته ڪاربن، آڪسيجن، هائيڊروجن، نائٽروجن، فاسفورس، ۽ سلفر اهي عناصر پيداوار پنهنجي ماحول مان حاصل ڪندا آهن ۽ انهن مان پروٽو پلاس تيار ڪندا آهن ۽ وري پيهر پنهنجي ماحول ڪي واپس ڪندا آهن. ان طرح اهي عناصر جاندارن ۽ ماحول جي وچ ۾ چڪر لڳائيندا رهندا آهن. انهن چڪرن ڪي حياتياتي ارضي ڪيميائي چڪر چيو ويندو آهي. حياتياتي ارضي چڪر ۾ هيٺ ڏنل خصوصيات موجود هونديون آهن.

- غذائي عناصر جو ماحول مان جاندارن ۾ منتقل ٿيڻ ۽ وري واپس ماحول ۾ منتقل ٿيڻ.

- حياتياتي افعال جو شامل ٿيڻ.

- هڪ ارضي ڪيميائي ذخيرو.

- ڪيميائي تبديليون.

تمام حياتياتي ارضي ڪيميائي چڪر هڪ ٻي کان ۽ پاڻي جي چڪر سان ڳنڍيل آهن. ان سان گڏوگڏ توانائي به ايڪو سسٽم ۾ گهمندي رهندي آهي. ڪجهه اهم حياتياتي ارضي چڪر هيٺ ڏنل آهن.

ڪاربن آڪسيجن چڪر Carbon oxygencycle

زمين تي زندگي جو تصور ڪاربن تي آهي. اهي ڪاربوهائيڊريٽس، پروٽين ۽ ٻيا گهٽائي مرڪبات ناهڻ لاءِ درڪار هوندي آهي. اهي سڀ مرڪبات جاندار ناهڻ لاءِ ڪپن ٿا. اها ڪاربن هوا ۾ ڪاربن ڊائي آڪسائيڊ مان حاصل ڪئي ويندي آهي. ٻوٽا اها ڪاربن ڊائي آڪسائيڊ هوا مان حاصل ڪري ان کي ضيائي تاليف جي دوران ڪاربوهائيڊريٽس ۾ تبديل ڪندا آهن. ان حالت ۾ ڪاربن غذائي زنجير ۾ شامل ٿي ويندي آهي. حيوانات اها ڪاربان ٻوٽا ۽ ٻيا حيوانات کائي ڪري حاصل ڪندا آهن. عوام ۾ Co_2 جي مقدار برابر

www.perfect24u.com

هوندي آهي. جو تہ اها هوا ۾ ان تيزي سان خارج ٿيندي آهي جنهن تيزي سان ٻوٽا ان کي استعمال ڪندا آهن. تمام جاندار ساھ کڻڻ جو عمل انجام ڏيندا آهن. اهي ڪاربن ڊائي آڪسائيڊ کي خارج ڪندا آهن. تحليلي Co_2 کي مرده جسمن مان آزاد ڪندا آهن. اها هوا ۾ واپس سڙڻ جي عمل سان بہ ٿيندي آهي. اهو سڙڻ جو عمل combustion ڪاٺي يا ٻين نامياتي تيل ۽ گيس جيئن تہ ڪوئلو، پٽرول، گيس وغيره جو هوا ۾ سڙڻ جي عمل کي چوندا آهيون.



تصوير نمبر7.11 ڪاربن-آڪسجن چڪر (سائيڪل)

ہ اهم حياتياتي ڪم، ساھ کڻڻ ۽ ضيائي تاليف ڪاربن، آڪسيجن چڪر کي هلائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪنديون آهن. ساھ کڻڻ جي عمل جي لاءِ آڪسيجن جي ضرورت هوندي آهي جنهن جي نتيجي ۾ توانائي خارج ٿيندي آهي. ان عمل جي دوران ڪاربن ڊائي آڪسائيڊ فضا ۾ خارج ٿيندي آهي. ٻي طرف ضيائي تاليف ۾ Co_2 استعمال ۽ آڪسيجن خارج ٿيندي آهي.

نائيٽروجن چڪر Nitrogen cycle

نائيٽروجن پروٽين ۽ DNA جو اهم جز آهي. ان لاءِ هي جاندارن جي ساخت جو ضروري حصو آهي. ٻوٽا فضائي نائيٽروجن کي نائيٽريٽ جي صورت ۾ استعمال ڪندا آهن.

اهو چڪر ٽي اهم مرحلن تي مشتمل آهي.

1. نائيٽروجن فڪزيشن Nitrogen fixation
2. نائيٽريفيڪيشن Nitrification
3. ڊي نائيٽريفيڪيشن Denitrification

www.perfect24u.com

.1 نائيٽروجن فڪزيشن



تصوير نمبر7.12 نائيٽروجن جو چڪر

فضائي آزاد نائيٽروجن گيس جو نائيٽريٽس ۾ تبديلي جو عمل نائيٽروجن فڪزيشن چورائيندو آهي. گرج چمڪ جي دوران فضائي نائيٽروجن گيس آڪسيجن سان ملي ڪجهه مرڪبات ٺاهيندي آهي جيڪي نائيٽريٽس ۾ تبديل ٿي ڪري زمين ۾ شامل ٿيندي آهي. اها فضائي نائيٽروجن جنهن جي پاڻي جي ذريعي ۽ ٽن قسمن جي جراثيم جي ذريعي فڪس ٿيندي آهي. ان جراثيم جو هڪ گروپ پاڻي ۾ رهندو آهي ۽ ضيائي تاليف انجام ڏيندو آهي. ان کي سائينو بيڪٽريا Cynobacteria چوندا آهيون. ٻيو گروپ مٽي ۾ ۽ ٽيون گروپ ڦرين واري leguminous ٻوٽن جي جڙن/ پاڙن ۾ رهندا آهن. اهي جراثيم جيڪي اهي ڪم انجام ڏيندا آهن انهن کي نائيٽروجن فڪزيشن بيڪٽريا چوندا آهيون.

.2 نائيٽريفڪيشن Nitrification

اهو عمل جتي جاندارن کي نائيٽروجني مرڪبات نائيٽريٽس ۾ تبديل ٿيندو آهي ان کي نائيٽريفڪيشن چوندا آهن. اهو عمل خود جاندار هي انجام ڏيندا آهن اها نائيٽريٽ ٻوٽا ٻيهر جذب ڪندا آهن ۽ نائيٽروجني چڪر وري شروع ٿي ويندو آهي. مرده حيوانن ۽ ٻوٽن کي پرٽين جسماني فضلا جيئن ته امونيا، يوريا، يورڪ ايسڊ سڀ نائيٽروجني فضلا آهن.

اگر زمين ۾ صحيح مقدار ۾ نائيٽروجن مرڪبات موجود هجن ته ڪسان مختلف قسمن جي ڪاڻ استعمال ڪندا آهن ته جيئن نائيٽريٽس جي مقدار کي وڌايو وڃي.

www.perfect24u.com

3. ڊي نائيٽريفيڪيشن Denitrification



تصوير نمبر 7.13 ڊينائيٽرفيڪشن

اهو عمل جنهن ۾ نائيٽروجني مرڪبات آزاد نائيٽروجن گيس ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي پاڻي کي ڊي نائيٽريفڪيشن چوندا آهيون. اهو عمل به خود جاندار انجام ڏيندا آهن جيڪي زمين جي هيٺان رهندا آهن. ان بيڪٽريا کي ڊينائٽريفائنگ بيڪٽريا Denitrifying bacteria چوندا آهيون. اهي بيڪٽريا امونيا يا نائيٽرائيٽس کي ٽوڙي نائيٽروجن کي آزاد ڪرائيندا آهن. جيڪا گيس جي حالت ۾ هوا ۾ خارج ٿي ويندي آهي. ان طرح نائيٽروجن جو چڪر پورو ٿي ويندو آهي. ان طرح نائيٽروجن جي مقدار توازن ۾ رهندي آهي.

ايڪو سسٽم ۾ باهمي رابطو Interaction in an Ecosystem

اها ڳالھ مشاهدي ۾ آئي آهي تہ ڪنهن بہ ايڪوسسٽم ۾ جاندار پنهنجي ضرورتن لاءِ هڪ ٻئي سان تعلق قائم رکندا آهن. سبز خور پيداوارن سان تعلق رکندا آهن. اهڙي طرح گوشت خور سبزي خورن مان خوراڪ حاصل ڪرڻ لاءِ تعلق قائم رکندا آهن.

ڪميونٽي ۾ بيا بہ دلچسپ حياتياتي تعلق بہ ملندا آهن. اهي تعلقات آبادي جي ڪاڻ خوراڪ لاءِ هڪ توازن قائم رکندا آهن. ان قسم جا باهمي رابطا ٻن جاندارن ۾ منتقل يا عارضي تعلق بنيادي تي قائم هوندو آهي. اهو تعلق ٻنهن لاءِ يا ڪنهن هڪ لاءِ فائدي وارو هوندو آهي. يا وري هڪ لاءِ فائدي مند ۽ ٻي لاءِ نقصان ڪار هوندو آهي. ان قسم جا ڪجھ تعلقات مقابلو شڪار هم افاديت آهن.

i) ٻن قسم جو تعلق ٻن جاندارن جي وچ ۾ هڪ سرد جنگ آهي. اهي جاندار ڪميونٽي ۾ هڪ ئي خاني ۾ موجود هوندا آهن. دورونوحي Interspecific يعني هڪ جهڙي جاندارن

www.perfect24u.com

جي وچ ۾ اندروني خاصيت Intenspecific يعني مختلف قسمن جي جاندارن جي وچ ۾ هوندو آهي. زورونو جي مقابلو خاص طور تي ساٿي جي لاءِ محفوظ جڳهه لاءِ ۽ سنئي غذا لاءِ ٿيندو جڏهن ته اندرونو جي مقابلو غذا لاءِ ٿيندو آهي. اهو مقابلو سڀ کان بهتر جي بقا Survival fittest جو هوندو آهي. جنهن سان آبادي برقرار ۽ ڪميونٽي متوازن رهندي آهي.

شڪار Predation

اهو شڪار ۽ سڪاري جو باهمي تعلق آهي. شڪاري اهو جاندار آهي جيڪو ٻي جاندار کي ماري پوءِ وري ان کي بطور غذا استعمال ڪري. ان عمل ۾ جيڪو جاندار ماريو ويندو آهي اهي شڪار چورائيندو آهي. عام طور تي شڪاري يا ته ٿانڊي يا ٿيون صارف هوندو آهي. ڪجهه ٻوٽا به شڪاري هوندا آهن انهن ٻوٽن کي گوشت خور ٻوٽا چيو يوندو آهي. جيئن ته پپر ٻوٽو Pitcher plant ، وينس فلائي ٽريپ Venus fly trap وغيره شڪاري ايڪو سسٽم جو هڪ اهم جز آهي. جنهن ۾ هڪ جاندار جي آبادي ٻي جاندار جي آبادي ٻڌائيندي آهي. شڪار ۽ شڪاري مختلف جاندارن جي آبادي کي حياتياتي ڪنٽرول جي طريقي جي ذريعي مقدارن رکڻ جو ڪم ڪندي آهي.

تصوير نمبر 7.14: ڪجهه گوشخور جانوار

تصويرنمبر 7.15 ڪجهه گوشت فور ٻوٽا

هم افاديت Symbiosis

اهو به مختلف قسمن جي جاندارن جي وچ ۾ تعلق آهي جيڪي گڏ رهندا آهن. ان تعلق ۾ هڪ جاندار کي فائدو ٿيندو آهي. ٻي کي نقصان ٿيندو آهي يا وري هڪ کي فائدو ٿيندو آهي ٻي کي نه ئي فائدو ٿيندو آهي نه ئي وري نقصان يا وري ٻنهن کي فائدو پهچندو

www.perfect24u.com

آهي. ان طرح هم افاديت تعلق ٽن قسمن جو هوندو آهي.طفليت Parasitism هم باشي Commensalism هم رليتي Mutalism

طفيليت Parasitism

سي ڪان وڌيڪ ملڻ وارو باهمي تعلق جيڪو ٻن مختلف قسمن جي جاندارن جي درميان موجود هوندو آهي. اهو جاندار جيڪو ڪنهن ٻه جاندار جي جسم تي يا ان جي اندر موجود هجي ان کي طفيلا Parasite ۽ اهو طفيلو جنهن جسم مان پنهنجي غذا حاصل ڪري ان کي جاندار ميزبان host چئبو آهي. ان باهمي تعلق ۾ طفيل کي فائدو ٿيندو آهي. اهي طفيليا ميزبان ۾ مختلف قسمن جي بيمارين جو سبب هوندا آهن. بيماري پيدا ڪرڻ واري طفيلي کي وائرس، بيڪٽريا، فنجائي، پروٽوزا، حشرات ۽ ڪيڙا warms آهن. هڪ ڪامياب طفيلو پنهنجي ميزبان مان سئي غذا حاصل ڪندو آهي. تہ جيئن اهو آساني سان پنهنجي غذا ۽ توليد انجام ڏئي سگهي. ان جي توليدي شرح تيز هوندي آهي.

تصوير نمبر 7.16 پرازيت/طفيلي

هم باشي Commensalism

اهو اهم افاديت جو هڪ قسم آهي. ان تعلق ۾ هڪ جاندار ٻي جاندار مان فائدو حاصل ڪندو آهي. پر ٻي جاندار کي ن ئي ڪو نقصان ٿيندو آهي ۽ ه ئي وري جو فائدو حاصل ٿيندو آهي جيڪو جاندار فائدو ڪٽندو آهي. ان کي هم باش Commenesiate چئبو آهي جڏهن تہ ٻيو جاندار ميزبان هوندو آهي. ان جي بهترين مثال اسپائيٽ Spirocheate بيڪٽريا هوندا آهن. اهي اسپرنگ، جي شڪ وارا بيڪٽريا آهن. جيڪي اسان جي ڏندن جي وچ ۾ رهندا آهن ۽ اتي موجود غذا استعمال ڪندا آهن پر اسان کي ڪو نقصان نہ ڏيندا آهن.

www.perfect24u.com

تصوير نمبر 7.17 : وڻن جي ٽڪرن تي واندڙ هوائي ٻوٽا ۽ شارڪ ۽ سڪل مڇي

هم زليتي Mutalism

ان قسم جو تعلق جيڪو ٻن مختلف قسمن جي جاندارن ۾ هوندو آهي ٻئي هڪ ٻئي مان فائدو حاصل ڪندا آهن. عام طور تي اهي ٻئي هڪ ٻئي جي بغير نه ٿا رهي سگهن.

مثال: نائيٽرو جن فڪسنگ بيڪٽريا، راهينرو بيم Rhizobium جيڪي ڦوٽن واري ٻوٽن جي پاڙ ۾ هوندا آهن. اهي بيڪٽريا انهن ٻوٽن مان غذا حاصل ڪندا آهن. ان جي بدلي انهن کي فضائي نائيٽروجن گيس کي نائيٽريٽ ۾ تبديل ڪري ڏيندا آهن جيڪا انهن ٻوٽن کي پنهنجي کاڌ خوراڪ لاءِ ڪپندي آهي.

تصوير نمبر 7.18 :(A) ٻاهمي رابطو جراثيم (بيڪٽريا) ۽ نوڊيولنڊ پاڙن جي درميان
(B) هرمٽ ڪيڪڙو ۽ سمندري انيمون (C) انساني معدو ۽ ايڪولا

متوازن ايڪو سسٽم ۽ انساني اثرات Eco system balance and human impact

ايڪو سسٽم ۾ جاندار بين جاندارن ۽ پنهنجي غير حياتياتي ماحول سان رابطو رکندا آهن. اهو ٻاهمي رابطو غذائي زنجير، غذائي چار توانائي جي گردش ۽ حياتياتي زمين ڪيميائي گردش ڪندا آهن. اهي تمام ٻاهمي رابطي اهم آهن ۽ ايڪو سسٽم کي برابر

www.perfect24u.com

رکندا آهن. ان کي ايڪو لوجيڪل توازن چئبو آهي. ايڪولوجيڪل توازن جي اهڙي اصطلاح آهي جيڪا اها ظاهر ڪندي آهي. هڪ ايڪو سسٽم ڪيترو منتظم آهي. ان جي حالت مستحڪم آهي ته اتي اسپيش Species هڪ ٻي سان ۽ پنهنجي ماحول ۾ آرام سان رهي سگهن. اچو ايڪولوجيڪل برابري کي سمجهڻ لاءِ هڪ مثال ونون ٿا.

ايڪولوجيڪل برابري جي بهترين مثال شڪاري آهن. شڪار ٿيڻ واري جاندارن جي تعداد وڌي ٿي ته شڪارين جي به تعداد وڌي ٿي. جڏهن شڪار گهٽو ٿيڻ لڳي ٿو ته شڪار ٿيڻ واري جاندارن جي آبادي گهٽ ٿئي ٿي. جڏهن شڪار ٿيڻ واري جاندارن جي آبادي گهٽ ٿيندي ته شڪاري به تناءُ جا شڪار ٿيندا ۽ انهن جي آبادي به گهٽ ٿيندي. شڪاري جي اها گردش ان طرح ايڪولوجيڪل برادي قائم رکڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي آهي.

گهڻا دفعا هي ايڪولوجيڪل توازن قدرتي آفتن يا انساني ڪمن جي ڪري خراب ٿي ويندو آهي. جيئن ته آسٽريليا ۾ جڏهن سهن کي آندو ويو ته انهن جي آبادي ۾ واڌارو ٿيڻ لڳو ۽ اهو انهن جي لاءِ مسئلو پيدا ڪرڻ لڳو ڇو جو آسٽريليا ۾ ڪوئي به انهن جو شڪاري نه هو. انهي وجهه سان انهن جي آباديءَ ۾ ڪوئي روڪ نه ٿي ۽ پوءِ انهن ماحولياتي سرشت (ايڪوسسٽم) ۾ ان کي قابو ڪرڻ لاءِ شڪارين کي ڇڏيو ويو ته جيئن سهڻن جي آبادي ۾ برابري پيدا ڪري سگهجي.

انساني ماحول ئي زمين آهي، جتي انسان رهي ٿو هن زمين يا ماحول ۾ انسانن لاءِ تمام گهڻيون شيون موجود آهن جيئن ته هوا، پاڻي، معدنيات ۽ ٻيا سڀ جاندار جيڪي ان جا رهواسي آهن جيئن ته نباتات حيوانات فنجائي وغيره.

جديد دور ۾ انسان پنهنجي تمام ٽيڪنيڪي معلومات سان گڏوگڏ ئي سڀ قدرتي وسائل خطري جي حد تائين استعمال ڪري رهيا آهن. ايئن هو پنهنجي ماحول کي هر طرح تباهه ڪري رهيو آهي ۽ ان جو سائنسي ايجادون هن کي سکون ته ڏين ٿيون پر اهو آرام ۽ سکون هنن پنهنجي صحتمند ماحول جي قيمت ئي حاصل ڪيو آهي. جنهن جي ڪري ان ماحولياتي بگاڙ ۽ لالچ جي وجهه سان قدرتي وسائل جو استعمال اڄ اسان کي لاتعداد ماحولياتي مسئلن ۾ وچوڙي ڇڏيو آهي. جهنگ ڪٽڻ جي وجهه سان ۽ زمين ۾ خرابي ٿيڻ جي وجهه سان رڻ پٽ ۾ تبديلي، سيلاب (ٻوڏ) ۽ زهريلي مادن جو تعداد ۾ جمع

www.perfect24u.com

تيزاب، آلودگي، ۽ تابڪاري عناصرن ۾ واڌاري ۽ وسائل ۾ گهٽتائي ۽ بيمارين جو ڦهلجڻ وغيره اهو سڀ ڪجهه ماحول جي نازڪ توازن کي بگاڙي رهيو آهي. ڪجهه ٻيون به شيون آهن جيڪي اسان جي ماحول کي خراب ڪري رهيون آهن. جيئن ته آبادي جي واڌ ۾ تيزي، شهرن جو وڌڻ، زمين جي گرمي پد جو وڌڻ، جهنگن جو گهٽجڻ ۽ تيزابي مينهن.

آبادي ۾ واڌ Population growth

اها هڪ عام چوڻي آهي ته اسان جا تمام مسائل ٽن Ps تي مشتمل آهن يعني آبادي Population، آلودگي Pallution، ۽ غريبي Powerty ۽ آخري ٻن شين جو تعلق پهرين سان آهي. ڇيو وجي ٿو ته انساني آبادي ۾ واڌ تيزي سان ٿي رهي آهي، اسٽينفورڊ يونيورسٽي جي ڊاڪٽر پال املرچ Dr Paul Etourily ان کي انساني بم يا انساني ڌماڪو چيو آهي جيڪو ايٽم بم جي نسبت گهڻي قدر خطرناڪ ۽ تباهي ڦهلائڻ وارو آهي.

جالي شرح پيدائش (ڇم) 55 ملين آهي يعني دنيا ۾ هر منٽ ۾ 300 ٻار پيدا ٿي رهيا آهن. 1960ع کان 2000ع تائين پاڪستان ۾ شرح آبادي ۾ واڌ تقريبن 3.0 فيصلد جيڪا هاڻي گهٽ ٿي 2.0 فيصد تي اچي رهي آهي جيڪا اڃا به دنيا ۾ تمام گهڻي آهي. آبادي ۾ هي اضافو، غذا جي قلت، صحت جي سهولتن ۾ گهٽتائي، ڪهت ۽ وبائي مرض جهڙا مسئلا پيدا ڪري سگهي ٿي.

Year	Population in Millions	In Each 5 Year	Growth Rate
1960	44.9		
1965	50.92	1960-1965	1.20
1970	58.14	1965-1970	1.44
1975	66.82	1970-1975	1.74
1980	78.05	1975-1980	2.25
1985	92.2	1980-1985	2.83
1990	107.65	1985-1990	3.09
1995	123.78	1990-1995	3.23
2000	142.34	1995-2000	3.71
2005	160.31	2000-2005	3.59
2010	179.42	2005-2010	3.82
2015	199.42	2010-2015	4.00
2020	220	2015-2020	4.12



تصوير نمبر 7.19 : پاڪستان جي آبادي 1960 کان 200 تائين(وسيلي/ ذريعي ورلڊ بينڪ)

www.perfect24u.com

شهرن ۾ واڌ Urbanization

آبادي ۾ واڌ هڪ ٻيو مسئلو پيدا ڪري ٿو جيڪو شهرن جو نهڻ ۽ شهري زندگي ۾ اضافو آهي. ڳوٺن ۽ ننڍن علائقن مان ماڻهو سٺي روزگار، سٺي تعليم، بهتر زندگي جي لاءِ لاڏاڻو ڪري شهرن جي طرف اچي رهيا آهن. 1947ع ۾ شهري آبادي 18 فيصد هئي، اڄ اهي 40 فيصد کان به مٿي آهي. شهرن ۾ آبادي ۾ واڌ جي وجه سان هوا، پاڻي ۽ مٽي جي آلودگي جو سبب آهي. ان کان علاوه ٻيون سماجي برائيون جنم وٺي رهيون آهن جنهن ۾ نشي جي عادت، چوري چڪاري، فساد، اغواخوري، منهنجي تون ۾ جهيڙا وغيره. اگر اسان پنهنجي آبادي جي واڌ ۽ شهرن جي وڌڻ تي قابو نه ڪيو ته تاريخ شاهد آهي ته قدرتي طاقتون قدرتي طور هنن ۾ واڌ کي روڪينديون ۽ اهو قحط، جنگ، وبائي بيمارين جي صورت ۾ ٿيندو.

تصوير نمبر 7.20 : شهرن جو نهڻ (اربنائيزيشن)

www.perfect24u.com

Year	Urben Population in %	Urban Population
1955	19.70%	7,968,418
1960	22.10%	9,926,658
1965	23.50%	11,954,323
1970	24.80%	14,416,426
1975	26.30%	17,592,808
1980	28.10%	21,910,455
1985	29.40%	27,060,895
1990	30.60%	32,923,693
1995	31.60%	39,104,110
2000	32.10%	45,687,389
2005	32.60%	52,301,807
2010	33.30%	59,691,513
2015	34.20%	68,226,783
2016	34.40%	70,005,271
2017	34.50%	71,795,700
2018	34.70%	73,630,430
2019	34.90%	75,510,639
2020	35.10%	77,437,729

تصوير نمبر 7.21 : پاڪستان جي شهري آبادي 1955 کان 220 تائين (وسيلي / ذريعي ورلڊ بينڪ

ساوڪ گهر جا اثرات ۽ عالمگيري گرمي پد Green house effect (Global Warming)



تصوير نمبر 7.22: گليشرزتي عالمگيري گرمي جا اثرات

شهري علائقن ۾ معدني ٻارڻ Fossitfuel (حياتياتي اينڌن) جي سڙڻ سان Co_2 ۽ ميٿين پيدا ٿيندي آهي، جيڪا عام طور تي ساوڪ گهر گئسن چورائي ٿي Green house اگر اها گئس گهڻي مقدار ۾ پيدا ٿي ته هي هوا ۾ اوزون جي هيٺ جمع ٿيندي رهندي آهي ۽ حرارت جي واڌ کي واپس خلا ۾ وڃڻ کان روڪيندي آهي ۽ زميني حرارت کي وڌائي ٿي جنهن کي عالمگيري گرمي يا سبز گهر يا اثرات چيو وڃي ٿو. عالمگيري گرمي جي وجهه سان پاڻي جي گهڻي مقدار بخارات ۾ تبديل ٿيندي آهي ۽ اهو آخرڪار مينهن جو سبب بڻجندو آهي. گهڻي گرمي جي وجهه سان پهاڙي برف ۽ گليشرز تيزي سان ڳري رهيا آهن ۽ سمندن جي سطح ۾

www.perfect24u.com

اضافو ٿي رهيو آهي جنهن جي وجهه سان ٻوڏ ايندي.

تيزابي مينهن Acid Rain

شهرن ۽ صنعتن ۾ اضافي جي وجهه سان ايندڙ ۽ تيزابن جي استعمال ۾ اضافو ٿيندو آهي، هنن جي استعمال سان گهٽي No_2, So_2, Co_2 پيدا ٿي صنعتن جي چمنين مان نڪري هوا ۾ شامل ٿي ويندين آهن. جو مينهن وسندو آهي ته پاڻي ان آلوده / خراب هوا مان گذرندو آهي. ته اهي گئسون پاڻي سان گڏ ملي ڪاربونڪ ايسڊ، سلفيورڪ ايسڊ، نائيٽرڪ ايسڊ ناهينديون آهن، اهي تيزاب هوا ۾ بخارات جي شڪل ۾ موجود هوندا آهن. پوءِ ڪندنس Condanse ٿي پاڻي م اچي ملي ويندا آهن. اهو تيزاب زمين تي اچي زميني جاندارن، جانورن جي کلن ۽ عمارتن کي نقصان پهچائيندو آهي.



تصوير نمبر 7.23: تيزابي مينهن ۽ ان جا اثرات ايڪو سسٽم تي

جهنگن جو خاتمو Deforestation

هر زماني ۾ تيل، عمارتن جي لڪڙي، زرعي استعمال، دريائي واٽين جي پروجيڪٽ، صنعتي ضرورتن، ڊيم ناهڻ، روڊ ناهڻ، عمارتون ناهڻ وغيره جي لاءِ جهنگن کي تيزي سان وڍيو وڃي ٿو. هي اندازو لڳايو ويو آهي ته هر سال 30 ملين ايڪڙ تي موجود جهنگن کي وڍي تباهه ڪيو پيو وڃي. جهنگن جي وڍڻ جي عمل کي جهنگ جو خاتمو Deforestation چيو وڃي ٿو.

جهنگن جو خاتمو هر هر ٻوڏ، مٽي جو خاتمو (Soil eresosem) زمين جي سطح ۾ ڦير، سالانہ مينهن ۾ گهٽتائي ۽ بيمارين جي واقعات جي واڌ جو سبب بڻجي ٿو.

www.perfect24u.com

(بيماريون ان لاءِ وڌنديون آهن ڇو جو بيماري کي روڪڻ واري جاندارن جو خاتمو ٿيندو آهي)-

تصوير نمبر 7.24: جهنگ زمين جا ڦڦڙ آهن، ڏينهن ڀ ڏينهن تباهه ٿي رهيا آهن

آلودگي Pollution

آلودگي ڇا آهي؟ لفظي معنيٰ جي مطابق ان جو مطلب خالص جي تباهي آهي. سائنسي اصطلاح سان هن جي تعريف اهڙي طرح ڪري سگهون ٿا. آلودگي پاڻي، زمين ۽ هوا جي ڪيميائي حياتياتي خاصيتن ۾ اهڙي ناپسنديده تبديلي آهي جيڪا انساني، نباتاتي ۽ حيواني زندگي کي بري طرح متاثر ڪري ٿي.

www.perfect24u.com

تصوير نمبر 7.25: آلودگي / گندي

آلودگي پيدا ڪرڻ وارا عناصر Pollutant اهي تمام شيون جيڪي آلودگي جو سبب بڻجن انهن کي آلودگي پيدا ڪرڻ وارا عناصر چيو وڃي ٿو.

گئسو جيئن O_3, So_2, No_2, Co, Co_2 وغيره.

ڪيميائي مادا جيئن ايلڊيهائيڊ (Alldehyde) ارسائين (Arsines) هائيڊروجن فلورائيڊ Hydrogen flouride، ڪلورو فلورو ميٿين، فاسجن Phasgen، ڪپڙن ۽ ٿانون ڌوئڻ وارو پوندر Detergent پاري ڏاتون، سيسو، پارو، زنڪ وغيره.

بيا زهر جيئن جڙي ٻوٽي ڪش، فنجائي ڪش، حشرات ڪش.

عام طور آلودگي کي ٻن پاڙن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي.

مادي آلودگي Material Pollution جڏهن ڪاشيءِ يا مادو ماحول ۾ يعني هوا، پاڻي، زمين ۾ گهڻو جمع ٿي وڃي.

غير مادي Non Matrial Pollution اهڙي آلودگي جنهن ۾ ڪو مادو جمع نه ٿيئي پر ماحول پرسڪون نه هجي ۽ زنده رهڻ جي قابل نه رکي جيئن گوڙ وڌنڙ گرمي وغيره.

عام عناصر جيڪي آلودگي پيدا ڪن.

جمع ٿيڻ وارا عناصر جيئن دونهون، مٽي، مير، ڪچل، سبز گهر جي اثرات جي باري ۾ معلومات آهي اچو ته ڏسون اوزون جي ته سنهي ٿيڻ جا آهي.

www.perfect24u.com

هوائي آلودگي Air pollution

تيل تي هلڻ واريون گاڏيون، بجلي پيدا ڪرڻ وارا پلانٽ جيڪي ڪوئلو، ڊيزل، پيٽرول ۽ گئسون استعمال ڪندا آهن. صنعتي طريقا ۽ حراري پڪوان پلانٽ وغيره، مشيني دونهون اهي سڀ ڪاربن مونو آڪسائيڊ، ڪاربن ڊائي آڪسائيڊ، سلفيورڪ ڊائي آڪسائيڊ، نائيٽروجن آڪسائيڊ، ڪلورو فلورو ڪاربل وغيره پيدا ڪندا آهن. ان جي وجهه سان پاڻي ڪيميائي ڌند پيدا ٿيئي ٿي. Photo chemical Haze هنن گئسن جي وجہ سان تيزابي مينهن پوندا آهن ۽ اهي ئي سبز گهر اثرات پيدا ڪنديون آهن. هن جي وجهه سان ئي اوزون تهه سنهي ٿيندي آهي. اسان کي پهريان کان ئي تيزابي جهنگن کي لڳايو وڃي.

اوزون جو سنهو ٿيڻ Depletion of ozone

مٿي هوا ۾ اوزون هڪ حفاظتي تهه موجود هوندي آهي جيڪا اسان جي لاءِ تمام اهم آهي. روشني جي نقصان ڪار شعاعن کي جيڪي جاندارن جي زندگي لاءِ تمام خراب آهن، اوزون انهن شعاعن کي روڪي زمين تي پهچڻ نه ڏيندي آهي. سائنسدانن اندازو لڳايو آهي ته حفاظتي تهه آهستي آهستي سنهي ٿي رهي آهي جنهن جي وجه ڪلورو فلورو ڪاربن آهي. هيءَ گئس اوزون سان تعامل ڪري O_2 ۾ تبديل ڪري ڇڏيندي آهي. CFC ۾ موجود آرسنل Arssunal جهڳ ناهڻ واري شين ۽ فرجن ۾ استعمال ٿيندي آهي. CFC جو هڪ ماليڪيول O_3 جي جي 1000000 ماليڪيول ڪان O_2 ۾ تبديل ڪيري سگهي ٿي.

هوائي آلودگي کي روڪي سگهجي ٿو.

هوائي آلودگي کي هيٺين طريقن سان روڪي سگهجي ٿو.

صحيح قسم جي فلٽرز جو استعمال ڪري. صنعتي هوائي آلودگي پيدا ڪرڻ واري عناصر جو فلٽرز (ڇاڻين) ۽ بين آلات کي استعمال ڪري الڳ ڪري سگهجي ٿو. اهڙي طرح انهن جو هوا ۾ خارج ٿيڻ ڪان اڳ ۾ هنن جي وزن کي الڳ ڪري سگهجي ٿو.

شمسي توانائي واري چلهن جو استعمال. صنعتن توانائي واري چلهن ۽ حياتياتي گئسن جو استعمال.

www.perfect24u.com

ماحول دوست ايندڻ (تيلن) جو استعمال.اهڙي تيلن جو استعمال ڪيو وڃي جنهن ۾ سيسوموجو نہ هجي. ڪچرو موجود نہ هجي جيئن تہ CNG گئس جو استعمال، جهيڙو دونهون Soot، گهاٽو ڪارو مادو .

Afforestationنوان جهنگ لڳايا وڃن، وڻ پوکيا وڃن، جهنگن جي واڌ ۾ Co_2 کي ٻوٽا استعمال ڪندا ۽ ٻين آلودگي وارن جزن کي بہ جذب ڪري ڇڏيندا.

پاڻي جي آلودگي Water Pollution

انساني فعل پاڻي جي آلودگي جي اهم وجهہ آهي، جيڪا چشمن، ڍنڍن، دريائن ۽ سمنڊن جي ماحول کي آلوده ڪن ٿا. اهي عناصر پاڻي واري جاندارن ۽ ان جي مقدار کي متاثر ڪن ٿا ۽ اهي سڀ ارادي يا غير ارادي طور تي انساني زندگي کي متاثر ڪن ٿا. پاڻي جي آلودگي جي اهم سين ۾

نامياتي عناصر Organic matial گهريلو اخراج Sewage، زرعي جاءِ جو اخراج، صنعتن جو اخراج، بيڪٽريا، کير جي ڊيرين جو اخراج.

ڪيميائي عناصر جو آلودگي پيدا ڪرڻ: ڪيڙن مارڻ واريون دوائون فنگس ڪش دوائون، ٻوٽن جون دوائون، ڪپڙن ۽ ٿانون وارا ڪيميڪل Detergent ذاتون، تيزاب، خائن جو تيل ۽ تابڪاري ماده وغيره.

حرارت پيدا ڪندڙ آلودگي پيدا ڪرڻ واريون شيون توانائي پيدا ڪندڙ وارا پلانٽس مان خارج ٿيندڙ ڪچرو ۽ نيوڪليئر توانائي پيدا ڪرڻ وارا پلانٽس جو خارج ٿيل مادو.

مٽي جو پرائو Siltation پاڻي کي ذخيرو ڪرڻ وارين جڳهن جي سطح تي مٽي ۽ واري Soil جي جمع ٿيڻ سان انهن جي سطح مٽي ايندي آهي جنهن جي وجهہ سان پاڻي جمع ٿيڻ جي صلاحيتن ۾ گهٽتائي ٿي وڃي ٿي.آخرڪار اهو سڀ ٻوڏ جو سبب بڻجي ٿو.

پيوٽريفيڪيشن يا الگل بلوم Putraification or Algal bloom

الجي جي تيزي سان وڌڻ کي يوٽريفيڪيشن چيو وڃي ٿو. انهن جي خوراڪ فاسفورس ۽ نائٽروجن واري جزن ۾ واڌ جي وجهہ آهي. گهريلو خارج ۽ زرعي ڪيميڪل جي پاڻي ۾ شامل ٿيڻ جي وجهہ سان پاڻي ۾ فوسفورس ۽ نائيٽروجن ۾ واڌ ٿئي ٿي. هنن جزن جو

www.perfect24u.com

پاڻي ۾ ذخيري جي وجھ سان الجي جي خوراڪ حد تائين واڌ ٿيئي ٿي جنهن کي الگل بلوم چيو وڃي ٿو. جڏهن الجي خطرناڪ حد تائين پاڻي جي سطح تي جمع ٿي وڃي ٿي جنهن ڪري تيراڪي ۽ ٻيون سرگرميون ممڪن نہ ٿينديون. جڏهن الجي پاڻي ۾ ائين شامل ٿي ويندي آهي تہ نہ صرف هي نامياتي جزن ۾ اضافو ڪندو آهي، پر گهڻا دفعا زهريلي مادو خارج ڪندو آهي جنهن جي وجھ سان ٻين جاندارن کي خراب اثرات پون ٿا. ٻيو تہ هي گهڻي مقدار ۾ O_2 استعمال ڪندا آهن. جنهن ڪري پاڻي ۾ O_2 جي مقدار ۾ تمام گهٽتائي ٿي ويندي آهي جيڪي ٻين جاندارن لاءِ موت جو سبب بڻجنديون آهن ۽ الجي جو سطح تي جمع ٿيڻ روشني کي گهرائي ۾ وڃڻ کان روڪي ٿو.

پاڻي جي آلودگي جي روڪ:

هر طريقي سان عوامي آگاهي اهم آهي، اها آگاهي سياسي ليڊرشپ ۽ پرائمري تعليم جي ذريعي بہ ڏئي سگهجي ٿي. سخت قانون ناهيو وڃن ۽ انهن تي سختي سان عمل ڪرايو وڃي. خاص طور تي گهريلو خارج ۽ صنعتي مادن جي خارج جو ٻيهر استعمال جي ٽريننگ ڪئي وڃي.

زميني آلودگي Soil Pollution

زميني آلودگي بيشمار زمين استعمال ڪرڻ واري سرگرمين جي نتيجي ۾ ٿيندي آهي جنهن جي وجھ سان مٽي جي سرن ناهڻ، سيمنٽ ناهڻ، روڊ ناهڻ، ڊيم ناهڻ ۽ عمارتون ناهڻ جي لاءِ کوٽائي ڪرڻ واري جڳھ تي زميني وسائل جو گهٽتائي جو باعث آهي.

عمارتن ۽ صنعتن کي ناهڻ لاءِ جهنگن جو ڪٽڻ، گهريلو جانورن جو گاھ جي لاءِ گهڻو چرڻ over gregany هئي. جي خاصيتن کي تباھ ڪري ٿو. ڪاٺ ۽ جڙي ٻوٽين جو ڪش حشرات ڪش، دوائن جو گهڻو استعمال ۽ خرابي نڪاسي جو نظام بيشمار مسئلا پيدا ڪري ٿو. پاڪستان ۾ سيم جو مسئلو اڀ ئي آهي، اهو مسئلو نهري نظام ۾ خرابي جي وجھ سان آهي. گهڻ چارڻ ۽ جهنگن کي ڪٽڻ هوا، پاڻي، مٽي جي ڪمي جو سنجيده مسئلو پيدا ڪري ٿو.

www.perfect24u.com

پاڪستان جھڙي زرعي ملڪ ۾ پاڻي ۽ زمين ٻئي ھڪ اھم اثاثو آھن ۽ اسان انن اثاثن ڪي ھٿ سان تباھ ڪري رھيا آھيون. ھڪ رپورٽ جي مطابق جيڪا قومي تحفظ سيڪريٽريٽ اسلام ۾ شايع ٿي آھي تہ پاڪستان جي ڪل 66.1 ملين ايڪڙ زرعي زمين ۾ 24 ملين ايڪڙ زمين ھن وقت ماحولياتي خطري ۾ آھي. ھيءَ مختلف قسم جي ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار آھي، مٽي جي ڪٽائو جي وجھ سان مٽي پاڻي جي ذخيرو ڪري تہ تي جمائي ھن جي سطح وڌائي رھيو آھي جنھن کي سلٽنگ چيو وڃي ٿو.

تصوير نمبر 7.26: الجي جي واڌ

روڪ (ڪنٽرول)

- ٺوس خارجي مادي جي ريسائيڪل.
- اخراج کي صحيح جاءِ تي ٺڪاڻي لڳائڻ.
- وڻڪاري، جھنگ پوکڻ.
- گاھ ۽ چاري لاءِ ميدان.
- آبپاشي جو صحيح نظام.



تصوير نمبر 7.28: نيڪال جو علاج ٽريٽمنٽ

تصوير نمبر 7.27: پاڻي جو نيڪال

www.perfect24u.com

قدرت جو تحفظ Conservation of Nature

انسان جو ماحول ۾ هر قسم جا قدرتي وسائل موجود آهن. هي وسائل زمين تي اسان جي زندگيءَ کي برقرار رکڻ لاءِ لازمي آهن. زمين اسان جي لاءِ پرپور گهر، ڪپڙا، اينڌن (تيل) آرام، خوبصورتي ۽ تفريح سان گڏوگڏ خوشحالي جو به ذريعو آهي.

اهي وسائل قابل تجديد ۽ ناقابل تجديد آهن. هوا، پاڻي، زمين، جهنگ، مويشي، جهنگ جي اديات اهي سڀ قابل تجديد آهن. هنن کي هر هر استعمال ڪري سگهجي ٿو اگر انهن کي عقلمندي سان استعمال ڪيوويو ته انهن وسائل جو ضرورت کان وڌيڪ استعامل ڪيو وجي ته اهو قدرتي ريسائيڪل جو عمل متاثر ڪندو. ان جي لاءِ هنن قدرتي وسائل جو تحفظ تحفظي عملي جي ڪري سگهجي ٿو.

تحفظ اهو طريقو آهي جيڪو قدرتي وسائل کي غير ضروري استعمال کي روڪي ۽ محتاط انداز سان پهريان کان ئي پڌايل طريقي جي ذريعي انهن جو استعمال ۽ انهن کي تباهي ۽غفلت کان روڪي سگهجي.

انسان جي ناقابل تجديد وسائل کي به تحفظ ڏيڻ کپي پر انهن جو دباءُ ممڪن نه آهي. انجي لاءِ مناسب طريقي ۽ اهڙي وسائل جي تلاش ڪجي ته جيئن هڪ وسيلي تي انحصار گهٽ کان گهٽ تي سگهي، جيئن اسان جي گاڏين ۾ استعمال ٿيڻ وارو پيٽرول، انهن وسائل کي برقرار رکڻ لاءِ اسان کي پراڻن طريقن تي هلڻو پوندو. اهو اصقول گهٽ استعمال Reduce پيهر استعمال Preuse ۽ ريسائيڪل جو آهي. گهٽ استعمال جو مطلب آهي ته ائين استعمال ڪرڻ ته جيئن گهٽ کان گهٽ ضايع ٿئي جيئن پاڻي ۽ توانائي جو استعمال، پيهر استعمال جو مطلب اهڙا طريقا ناهيا وجن ته جيئن وسائل هر هر استعمال ٿي سگهن جڏهن ته ريسائيڪل جو مطلب شيون جيئن ڪاغذ، شيشو، ڌاتون، پلاسٽڪ وغيره کي رسائيڪل ڪري پيهر استعمال ڪرڻ آه.

www.perfect24u.com

تصوير نمبر 7.29: پاڪستان جا ختم ٿيڻ جي خطري (معدوميت) جا شڪار مجهه ميملس

تصوير نمبر 7.30: پاڪستان جا ڪجهه ختم ٿيڻ جي خطري جا شڪار پکي

پاڪستان ۾ قدرتي ماحول جي تحفظ جا منصوبا.

پاڪستان ۾ نئين قسم جا ايڪو سسٽم موجود آهن. ان جي لاءِ وڌن ادارن مختلف منصوبا ناهيا آهن.

www.perfect24u.com

- لومي پارڪس 29
- جنگيل حيات جون پناهگاهون 69
- رندان جا ذخيرا 26
- محفوظ آلي زمين 1.9
- محفوظ ۽ مخصوص جهنگ 07
- سمندري محفوظ ٿيل مقامات.
- بائيواسفير، لادنهار بائيو اسفير پنجاب، صنوبر جا جهنگ، زيارت، بالاس واري کهوتا
- پاڪستان جا قومي حياتياتي بچائي جي حڪمت عملي ۽ ڪم جي منصوبابندي.
- حياتياتي بچاءُ تي ڪم جي منصوبابندي WWF/14CN ورلڊ بينڪ 1999ع.
- قومي تحفظ جي حڪمت عملي جا منصوبا 1993.
- پاڪستان جهنگن جي حيات جي تحفظ جو پراجيڪٽ 2007.
- پاڪستاني جهنگن جو انتظام ۽ ان کي قائمر ڪڻ پراجيڪٽ 2016-2020
- هماليه جي جهنگ جا پراجيڪٽ 1981-1994
- پلانٽس تحفظ ترقي پروجيڪٽ (PCDP). 1994.
- اندس ڈالفن پراجيڪٽ 1977.
- سمندري ڪمين جو تحفظ پروجيڪٽ 1980.
- ڪيرٿر قومي پارڪ سنڌ.
- توغر تحفظ پراجيڪٽ TCP بلوچستان 1985.

www.perfect24u.com

- چلغوز جي جهنگ جي تحفظ ۽ ان سان منسلڪ حياتيات جو بچاءُ سليمان وينج، بلوچستان 1992.
- حياتياتي بچاءُ، ڊدلهي ڪميونٽي سان گڏ ملي برقرار رکڻ جو پراجيڪٽ 1999.
- پهاڙي علائقن جا تحفظي پراجيڪٽ (MACP). 1999.
- شمالي علائقن جا تحفظي پراجيڪٽ (NACP). 2000
- چترال ۾ هجرت ڪرڻ وارن پکين جو تحفظي پراجيڪٽ
- هماليہ جي جهنگلي حيات جو تحفظي پراجيڪٽ 1993.
- محفوظ علائقن جي انتظام جو پروجيڪٽ.
- رڇ جي تحفظ جو پراجيڪٽ
- پاڪستاني اداري جيڪي قدرتي تحفظ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن.
- پاڪستان ۾ ماحول ۽ آبهوا ۾ تبديلي.
- ماحول جي تحفظ جي سوسائٽي.
- ماحول ۽ قدرتي وسائل جي انتظام جا پروگرام.
- قومي توانائي، ڪارڪردگي ۽ تحفظ اٿارٽي.
- ماحوليات جي انتظام پاڪستان ۾ .

www.perfect24u.com

خلاصو

- ماحول، ايڪولوجي، ارتقا ۽ عالمگيري تبديلين ڪي گڏ مطالعي ڪي ماحولياتي حياتياتي چيو وڃي ٿو.
- جاندارن جي درميان ۽ ان جي ماحول سان تعلق جو سائنسي مطالع ايڪولوجي چورائي ٿو.
- اهڙاعلائقا جتي ڪميونٽيون پنهنجي غيرجاندار ماحول سان تعلق رکنۍ جتي توانائي جو وهڪرو هجي ان کي ايڪو سسٽم چئبو آهي.
- زندگي کي قائم رکڻ لاءِ زمين جي چارو طرف غلاف کي بائيواسفير چورائجي ٿو.
- هڪ قسم جي جاندارن جو هڪ ئي جاءِ تي رهڻ کي آبادي چئبو آهي.
- وڏي ڪان وڏي ڪميونٽي جنهن ۾ تمام جاندار شامل هجن ان کي بائيو اسفير چئبو آهي.
- هڪ حياتي زميني علائقو جيڪو پنهن جي خاص ٻوٽن ۽ خاص آبهوا جي لاءِسجات و وجي ان کي بايوم چئبو آهي.
- ايڪو سسٽم جا غير جاندار جز روشني، پاڻي، درجہ حرارت، مٽي، هوا.
- جاندار جز ۾ پيداوار، صارف هر قسم جا ۽ تحليلي شامل آهن. انهن کي جاندار ٻہ چيو وڃي ٿو.
- ايڪو سسٽم ۾ موجود هر جاندار کي پنهنجي ڪم لاءِ توانائي جي ضرورت هوندي آهي.
- ايڪو سسٽم ۾ نماياتي ۽ غير نامياتي ماده ٻن طريقن سان وهندا آهن. چڪردار ۽ ٻيو غير چڪردار. اهي پاڻ ۾ جڙيل هوندا آهن.

www.perfect24u.com

- ايڪو سسٽم ۾ غذائي ماده غذا جي زنجير ڪي اڳيان هلائيندا آهن.
- انزائم غذائي درجي تي جاندارن جي تعداد گهٽي آهي.
- ڪنهن علائقي ۾ آبادي جي افراد کي غذائي درجي جي تصوير کي اهرام چيووجي ٿو.
- مڪمل بايوماس جو اهرام هر غذائي درجي تي جاندارن جو وزن آهي. (جاندار جو خشڪ وزن في الحائي رقبو)عناصر جاندارن ۽ ماحول جي ذريعي مسلسل گردش م رهندا آهن.
- ان کي حياتياتي ارضي ڪيميائي چيو وڃي ٿو.
- ايڪو سسٽم ۾ جاندار پنهنجي ضرورت جي لحاظ سان تعلقات ائم رکندا آهن.
- سبزخور پنهنجو تعلق پيداوارن سان رکندا آهن. اهڙي طرح گوشت خورجي لاءِ سبزي خور جاندارن تي انحصار رکندا آهن.
- انهن قسمن جا تعلقات مقابلي، شڪار، ۽ هم افاديت سان آهي.
- مقابلو باهمي تي سگهي ٿو يعني هڪ جهڙن ئي جاندارن جي وچ ۾ يا ٻين جاندارن سان.
- طفليت اهڙو تعلق آهي جيڪو طفيلو ۽ ميزبان جي وچ ۾ هوندو آهي.
- هم باشي هم افاديت اهو قسم آهي جتي ٻه جاندار هڪ ٻئي سان تعلق رکن جتي هڪ جاندار کي فائدو تي ۽ ٻئي کي ڪوئي فائدو نہ هجي.
- هم زليلي، جتي ٻئي جاندار هڪ ٻئي کي فائدو ڏين.
- اهي تمام تعلقات اهم آهن ۽ ايڪو سسٽم کي برابر ڪرڻ جو ڪم انجام ڏيندا آهن جنهن کي ايڪولوجيڪل توازن چيو وڃي ٿو.
- جديد دور جو انسان تمام تعليم رکن جي باوجود قدرتي وسائل جو استعمال ڪري رهيو آهي. اهڙي طرح هو ماحول کي بري طرح تباه ڪري رهيو آهي.

www.perfect24u.com

- اسان جا تمام مسئلا ٺن Ps تي آهن. آبادي، الودگي، ۽ غربت.
- حرارت جو زمين جي چارو طرف ۾ رهڻ ۽ ان جي درجہ حرارت کي وڌائڻ کي سبز گهر يا عالمگيري گرمي چئبو آهي.
- جهنگن کي تيزي سان وڍيو وڃي پيو ۽ تباهہ ڪيو پيو وڃي. ان عمل کي جهنگ جو وڍڻ Deforestation چئبو آهي.
- الجي جي کاڌ خوراڪ فاسفورس ۽ نائيٽروجن واري جزن مان، ان کي الگل بلوم ۽ يوٽريفيڪيشن چيو وڃي ٿو.

صحيح جواب تي نشان لڳايو:

1) زمين جي چارو طرف موجود زندگي قائم رکڻ واري غلاف کي...

i) بائيوماس، ii) بائيومس، iii)بايئواسفير (iv) ماحول.

2) هڪ قسم جا جاندار جيڪي هڪ ئي علائقي ۾ رهن انهن کي .

i) ڪميونٽي ii) اسپيشس، iii)جينس، (iv) آبادي.

3) هڪ علائقو جتي ڪميونٽي غيرجاندار ماحول سان تعلق ۾ هجي.

i) ڪميونٽي ii) ايڪولوجي iii)ايڪوسسٽم (iv) بائيوم

4) ڪوئي حياتياتي علائقو جيڪو مخصوص بوٽن ۽ آبهوا سان سجاتو وڃي.

i) ايڪوسسٽم ii) بائيوم iii)بايئواسفير (iv) بائيوماس

5) غذائي مادن جي پيداوارن مان بين جاندارن ڏي منتقلي ڪري هڪ بئي کي ڪائن انهن کي ...

i) غذائي اهرام ii) غذائي زنجير

iii)غذائي جار (iv) ايڪوجيڪل اهرام.

www.perfect24u.com

6) ايڪو سسٽم جا عناصر ماحول ۾ جاندارن جي ذريعي ريسائيڪل ٿين.

i) غذائي چين (ii) غذائي ڄار

(iii)ڪيميائي چڪر (iv) حياتياتي ارضي ڪيميائي چڪر.

7) اهو عمل جنهن ۾ جاندارن جي نائيٽروجن جز نائيٽريٽس ۾ تبديل ٿين.

I)امونيفڪيشن (ii) نائيٽروفيڪيشن

(iii)ڊينائيٽرفيڪشن، (iv) ڊي امينيشن.

8) ايڪو سسٽم ۾ موجود جاندارن جي درميان سرد جنگ______ جوڙائيندي آهي.

i) شڪار (ii) مقابلہ

(iii)هم زليتي (iv) هم باشي..

9) ٻن مختلف جاندارن جو پاڻ ۾ باهمي تعلق جنهن ۾ هو هڪ ٻئي مان فائدو حاصل ڪن ۽ هڪ ٻئي کان بغير رهي نہ ٿا سگهن.

i) ففلين (ii) هم زليتي

(iii)هم باشي (iv) شڪار ڇوندا آهن.

10) نوس مادن جو خارج ۾ گئسن جي مقدار جو هوا ۾ وڌڻ سواءِ آڪسيجن جي.

i) فضائي آلودگي (ii) اوزون جو سنهو ٿيڻ

(iii)تيزابي مينهن (iv) ساوڪ گهر اثرات يا سبز گهر اثرات.

مختصر جواب لکو:

i) ايڪو سسٽم تي روشني ڪيئن اثر انداز ٿيندي آهي؟

ii) پهريون غذائي مرحلو ڪهڙو آهي ۽ ڇو؟

iii) نائٽروجن فڪزيشن سان ڇا مراد آهي ۽ ايڪو سسٽم ۾ ڪهڙي طرح عمل پذير

www.perfect24u.com

تيندي آهي؟

iv) باهمي رابطو ڇا کي چئبو آهي؟

v) نمبرن جو اهرام ڇا کي چئبو آهي؟

vi) ساوڪ گهر/ سبز گهر جا اثرات ڇا کي چئبو آهي؟

vii) الگل بلوم ڇا آهي ۽ هي ڪهڙي طرح ايڪو سسٽم کي تباهه ڪري ٿو؟

viii) پاڻي جي آلودگي/ گنودگي کي روڪڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا قدم وٺي سگهجن ٿا؟

ix) پاڪستان ۾ موجود ڪجهه ختم ٿيڻ جي خطري واري مماليه جا لکو؟

x) نائيٽروجن جي چڪر جي تصوير ناهيو؟

تفصيلي جواب لکو:

i) ايڪو سسٽم جي حياتي جي جز کي تفصيلي بنيادن تي.

ii) نائيٽروجن جي چڪر کي بحيثيت هڪ حياتياتي ارضي ڪيميائي چڪر طور بيان ڪريو.

iii) آلودگي/ گندگي ڇا آهي؟ فضائي الودگي جا زهريلا اثرات تفصيل سان بيان ڪريو.

www.perfect24u.com

باب
8

بائيوٽيڪنالاجي

اهم تصورات:

هن سبق ۾ اسان سڪنداسين:

- تعارف
- خمير ۽ بيڪنگ جي صنعت
- جينياتي انجنيئرنگ
- هڪ خلوي پروٽين ۽ انجا استعمال

www.perfect24u.com

تعارف:

سڀ کان قديم بائيوٽيڪنالاجسٽ هاري هئا. انهن ٻوٽن ۽ جانورن جي بهترين نسل حاصل ڪرڻ لاءِ باهمي زيرگي يا باهمي نسل آوري واري ٽيڪنيڪ استعمال ڪئي. اُن ٽيڪنيڪ کي استعمال ڪري جيڪي مصنوعات حاصل ڪيون ويون اهي انساني زندگي کي بهتر بنائڻ لاءِ هيون. حالات کي بهتر بنائڻ ۽ عالمي استحڪام لاءِ اهو ضروري آهي ته جيڪو بهترين معلومات موجود هجي ان جو استعمال ۽ بائيوٽيڪنالاجي کي سمجهائي ڪري بنيادي ضرورتون حاصل ڪيون وڃن ته جيئن بهتر قيمت تي ڪامياب زندگي گذاري سگهي.

بائيوٽيڪنالاجي جي اصطلاح 20 صدي کان اڳ روايتي سرگرمين لاءِ استعمال ٿيندي هئي جيئن ته ڊيري مصنوعات، پنير جو ٺهڻ، ڏهي جو ٺهڻ، ڊبل روٽي جي تياري، انگور ۽ جَو جي شراب کي ڪشيدي ڪرڻ وغيره. 1919ع ۾ هنگري سان تعلق رکندڙ زراعتي انجنيئر ڪارل اريڪي (Karl Ercky) لفظ بائيوٽيڪنالاجي ترتيب ڏنو. بائيوٽيڪنالاجي جون بي شماري وصفون آهن ليڪن انهن مان جيڪا سڀ کا وڌيڪ عام آهي اها آهي ته اهي خليا ۽ ماليڪيولر بائيوٽيڪنالاجي جو صنعتي استعمال آهي. نيشنل سائنس اڪيڊمي يونائيٽڊ اسٽيٽس جي مطابق بائيوٽيڪنالاجي حياتياتي عنصرن يا خلوي يا خلوي حصن جو انساني فائدن لاءِ محدود استعمال آهي. اها وصف روايتي ۽ جديد بائيوٽيڪنالاجي جي عڪاسي ڪري وٺي ٿي. عام طور تي بائيوٽيڪنالاجي جي وصف هن طرح بيان ڪئي ويندي آهي ته هي ڊي اين اي (DNA) يا ٻين نيوڪلڪ ائسڊس جي مصنوعي طريقي سان تبديلي، ترميم ۽ نئين ترتيبڪري ڪنهن خاص جاندار يا انجي آبادي ۾ تبديلي آندي وڃي. هي ڪنهن اهڙي عمل کي چيو وڃي ٿو جنهن ۾ ارادي طور تي ڪنهن جاندار جي جينز ۾ تبديلي آندي وڃي. جينيٽڪ انجنيئرنگ ۾ روايتي افزائش نسل جا طريقا شامل نه هوندا آهن چاڪاڻ ته انهن ۾ پنهنجي مرضي سان جينز جي ترڪيب تبديل ڪئي ويندي آهي. اهو يا ته ڪلوننگ جي ذريعي يا ته ٻاهرين جين جي اضافي سان عمل پذير ٿيندو آهي. مثال طور ڪنهن جاندار جي ڊي اين اي (DNA) جي هڪ ٽڪري کي ان کان عليحده ڪري ڪنهن بيڪٽيريا يا ڪنهن ٻي جاندار ۾ داخل ڪيو

www.perfect24u.com

وجي، ان عمل کي ڪلوننگ به چئي سگهجي ٿو چاڪاڻ ته ان طرح سان انجون تمام گهڻيون ڪاپيون تيار ڪري سگهجن ٿيون. 1970ع ۾ سائنسدان ان قابل ٿي ويا هئا ته هو ڪنهن ڊي اين اي (DNA) کي تبديل ڪري سگهن ۽ 1978ع ۾ جينيٽڪ تبديلي جي نتيجي ۾ پهرين دوا انسولين (Insulin) بيڪٽيريا مان تيار ڪئي وئي.

جينيٽڪ انجنيئرنگ جو هڪ ٻيو ڪارنامو اهو آهي ته هڪ ڊي اين اي (DNA) جي ننڍي ٽڪري يا هڪ جِين کي ڊي اين اي (DNA) کان عليحده ڪري انجي نيوڪليوٽائڊ جي ترتيب جو مطاعو ڪيو ويو يا پوءِ انجي نيوڪليوٽائڊ جي ترتيب ۾ تبديلي ڪئي وئي. اها تبديلي خليي جي ٻاهر ڪئي وئي جنهن کي انوائيٽروموٽاجينڪ (Invitro Mutagenic) طريقہ ڪار چيو وڃي ٿو. اهڙي طرح جي سرگرمين جا 2 مقصد هوندا آهي:

1. اهو ڄاڻڻ ته قدرت ڪهڙي طرح پنهنجو ڪم سرانجام ڏئي ٿي.

2. ان معلومات جو استعمال عملي طرح ڪيو وڃي.

هڪ ڪارآمد نقطو اهو به آهي ته پيداوار جي ڪارڪردگي کي وڌائي سگهجي جنهن سان خميرگي (Fermentation) جي پيداوار بهتر نظر آئي ۽ اهو عمل معاشي .... به نظر آيو. ڊي اين اي (DNA) کي ڪٽي ان جا ٽڪرا ڪري اهڙي تبديلي ڪرڻ جا ڪيترائي طريقہ آهن. تبديل شده ڊي اين اي (DNA) خود هڪ متحرڪ ماليڪيول آهي. هن ماليڪيول کي ليبارٽري ۾ ڪنهن به پيداواري نظام ۾ شامل ڪري استعمال ڪرڻ سان معاشري ۾ انجا وڏي پئماني تي اثرات ظاهر ڪري سگهجن ٿا ۽ ان کي صنعت يا ڪنهن ٻي ڪارآمد عمل جو حصو بنائي سگهجي ٿو.

1990ع ۾ انساني جينوم پراجيڪٽ شروع ڪيو ويو ته جيئن انساني جين جي انجي ڪروموسوم ۾ جهه جو معلوم ٿي سگهي. انجي جين ۾ نيوڪليوٽائڊ جي ترتيب جو مطالعو ڪيو وڃي. ان جو مڪمل مواد تحقيق ڪرڻ بعد 2002 ۾ هيٺين مقصدن سان گڏ شايع ٿيو:

www.perfect24u.com

1. انساني ڊي اين اي (DNA) جي ترڪيب معلوم ڪئي وئي.
2. انساني جينيٽڪ ڪوڊ جي عملن کي سمجھيو وڃي.
3. تمام جينز جي شناخت ڪئي وڃي.

جين ڪڏهن ۽ ڪهڙي طرح ڪم ڪرڻ شروع ۽ ختم ڪن ٿا ۽ اهو ڪم ڪنهن شخص جي پوري زندگي ۾ ڪڏهن ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿئي ٿو.

بائيوٽيڪنالاجي جو دائره ڪار ۽ اهميت (Scope and Importance of Biotechnology)

بائيوٽيڪنالاجي حياتياتي عنصرن جو انساني فائدي لاءِ استعمال آهي. اهو بائيو ڪيمسٽري، ماليڪيولر حياتيات، خرد حياتيات سيني جو گڏيل استعمال آهي ته جيئن حياتياتي عنصرن جي صلاحيتن کي وڌائي سگھجي. ان جي لاءِ بائيوٽيڪنالاجي هڪ اهڙي سائنس جي طور تي اُڀري آهي جنهن ۾ انساني فلاح و بهبود جي لاءِ ڪم ڪرڻ جون بي شمار صلاحيتون موجود آهن. هن ۾ غذا جي مختلف شڪلن ۾ تبديلي، انساني صحت ۽ ماحوليات سڀ شامل آهن.

بائيوٽيڪنالاجي جو صحت ۽ دوائن ۾ ڪردار

مونوڪلونل اينٽي باڊيز (Monoclonal Antibodies) ڊي اين اي (DNA)، آر اين اي (RNA) سراغ رسان جيڪي ڪنهن بيماري جي تشخيص لاءِ استعمال ٿين ٿا. ڪارآمد دوائون جھڙوڪ انسولين ۽ انٽرفيرون (Interferon) بيڪٽيريا مان پيدا ڪرايون وڃن ٿيون ته جيئن انساني بيمارين جو علاج ڪري سگھجي. ڊي اين اي (DNA) فنگر پرنٽ (Finger Print) کي والدين جي شناخت ۽ مجرمن کي پڪڙڻ جي لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. ٻه دفعا جينياتي ترڪيب جي ذريعي پيدا ڪرائي ويندڙ ويڪسين جھڙوڪ انساني هيپاٽائيٽس B وغيره جينياتي طور تي تبديلي آڻي پيدا ٿيڻ واري ضرورتن جي هڪ وڏي لسٽ موجود ڪرائين ٿا.

زراعت ۾ بائيوٽيڪنالاجي جو ڪردار

زراعت ۾ ٻوٽن جي خلين، ٽشوز ذريعي ٻوٽن کي تيزي سان اُپائڻ ۽ پنهنجيون من پسند تبديليون ڪري فروٽ ۽ جنگلات جا اهڙا وڻ لڳايا وڃن جيڪي وائرس کا پاڪ هجن، پوءِ

www.perfect24u.com

ان کي استعمال ڪري نئين جينياتي ترڪيب وارا ٻوٽا ذخيرو ڪري سگھجن. ۾ سوما ڪلچر (Soma Culture) جي ذريعي بهترين پيداوار حاصل ڪري سگھجي. جينيٽڪ انجنيئرنگ واري ٽيڪنيڪ کي پنهنجي پسند رکڻ وارن جين جي ذريعي ٽرانسجينڪ (Transgenic) ٻوٽا پيدا ڪري سگھجن جيڪي بيمارين خلاف مدافعت رکندڙ، جڙي ٻوٽين خلاف مزاحمت ڪندڙ، رکيل ميون جي زندگي وڌائيندڙ وغيره جهڙيون خصوصيتون رکندڙ هجن. ماليڪيول افزائش نسل ۾ فصلن جي بهتري جي عمل کي پڻ بهتر ڪري ٿي.

صنعتن ۾ بائيوٽيڪنالاجي جو ڪردار

صنعتي بائيوٽيڪنالاجي اهو حصو آهي جنهن ۾ بائيوٽيڪنالاجي وڏي پيماني تي الڪوحل ۽ پنهنجي بايوٽڪس پيداوار جي عمل کي خود جاندارن جي ذريعي تيزي سان اڳيان وڌايو آهي. اڄ به بيمارين جي علاج بي شمار دوائن ۾ ڪيترن ئي ڪيميڪلز جهڙوڪ ڪاربونڪ ائسڊ، گليسرين وغيره جينيٽڪ انجنيئرنگ جي ذريعي ڪيو پيو وڃي.

ماحول جي بهتري ۾ بائيوٽيڪنالاجي جو ڪردار

ماحولياتي مسئلا جهڙوڪ آلودگي کي قابو ڪرڻ، ناقابل تجديد وسيلن جو توانائي پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال جي وجه سان انهن وسلين ۾ گهٽتائي، حياتياتي تنوع جي بقا وغيره کي بائيوٽيڪنالاجي جي استعمال سان درست ڪري سگھجي ٿو. مثال طور صنعتن مان نڪردڙ زهريلن ڪيميڪلن کي غير مؤثر ڪرڻ لاءِ بيڪٽيريا جو استعمال، سمنڊ ۾ ضايع ٿيڻ واري تيل يا گهريلو گهريلو گند ڪچري جي مدد سان بايو گئس پيدا ڪرڻ لاءِ بايو ٽيڪنالاجي جو استعمال، حياتياتي جراثيم ڪش جي پيداواري ۾ استعمال ماحول کي ڪيميائي جراثيم ڪش دوائن جي نسبت زياده محفوظ بڻائين ٿا.

www.perfect24u.com

خميرگي (Fermentation)



ليڪٽڪ ائسڊ جي خميرگي ليڪٽڪ ائسڊ ۾ NAD+ پيدا ڪري ٿي. NAD+ واپس گلائيڪولائسز کي جاري رکي ٿو ته جيئن وڌيڪ ATP ماليڪيول ٺهي سگهن. هر هڪ دائرو ڪاربان ائٽم کي ظاهر ڪري ٿو.

روايتي بائيوٽيڪنالاجي جيڪا ويهن صدي جي شروعات ۾ اُڀري سامهون آئي اها بنيادي طور تي خروجيات تي انحصار ڪندي هئي جيئن ته خميري جو عمل جنهن ۾ حياتياتي ڪيميڪل انجنيئرنگ جا اصول استعمال ڪندي انهي کي صنعتي عمل ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. مختصراً اهو ته اهو هڪ ميلاپ (Hybrid) آهي خميري ۽ حياتياتي ڪيميڪل انجنيئرنگ جو جنهن ۾ اڄ جي زماني ۾ زياده تر جاندار آڪسيجن استعمال ڪري گلوڪوز مان اي ٽي پي (ATP) تيار ڪن ٿا جڏهن ته ڪيترائي جاندار توانائي بغير آڪسيجن (O_2) پيدا ڪري وٺندا آهن اهو ڪجهه ٻوٽن ۾ فنجائي تائين ۽ ڪافي بيڪٽيريا جي حد تائين درست آهي. اهي جاندار جڏهن آڪسيجن وافر مقدار ۾ هوندي آهي ته هوائي يا باد تنفس جي ذريعي توانائي پيدا ڪن ٿا ليڪن اگر آڪسيجن جي جي مقدار تمام گهٽ ٿي وڃي ته هي غير هوائي باد تنفس جي ذريعي توانائي پيدا ڪن ٿا. ڪجهه مخصوص بيڪٽيريا يا صرف غير باد تنفس سرانجام ڏين ٿا ۽ هي آڪسيجن جي موجودگي ۾ پنهنجو تنفس برقرار نہ ٿا رکي سگهن ۽ پوءِ انهن جو وجود بہ ختم ٿيو وڃي. غير باد تنفس يا خميرگي جا 2 قسم آهن. 1. ليڪٽڪ ائسڊ جي خميرگي ۽ ايٿنال جي خميرگي. ٻنهي ۾ NADD++ برقرار رهن ٿا تہ جيئن هي گلائيڪولائسز جي ذريعي اي ٽي پي ATP جي پيداوارا کي برقرار رکي سگهن.

ليڪٽڪ ائسڊ جي خميرگي

ليڪٽڪ ائسڊ جي خميرگي ۾ گلائيڪولائسز جي نتيجي ۾ نڪتل وارو پائيرووڪ ائسڊ (Pyruvic Acid) ليڪٽڪ ائسڊ (Lactic Acid) ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو جيئن تصوير نمبر

www.perfect24u.com

8.1 ۾ ڏيکاريل آهي. انهي عمل ۾ NAD مان NADH نهي ٿو. پوءِ NAD ان کان پوءِ جيکو گلائيڪولائسز (Glycolysis) جي عمل کي برقرار رکي ٿو.

انهي قسم جي خميرگي سٽريپٽوڪوڪس (Streptococcus) ۽ ليڪٽوبيلس (Lactobacillus)بيڪٽيريا کير کي ڌهي ۾ تبديل ڪري انجام ڏين ٿا ان سان گڏو گڏ مختلف قسمن جا پنير پڻ پيدا ڪن ٿا. اهو اسان جي مُشڪن ۾ پڻ سخت ٿڪائيندڙ ڪم جي دؤران پڻ پيدا ٿئي ٿو.



چا توهان ڪڏهن ڪنهن ريس ۾ ڊوڙيا آهيو ۽ غور ڪيو آهي ته توهان جون مُشڪون ان کان پوءِ ٿڪل ۽ سُور چو محسوس ڪندو آهي؟
اهو ان لاءِ ته توهان جي مشڪن جا خلين ليڪٽڪ ائسڊ خميرگي کي توانائي لاءِ استعمال ڪن ٿا. ان ڪري مشڪن ۾ ليڪٽڪ ائسڊ وڌي ٿو. مشڪن ۾ ليڪٽڪ ائسڊ جي وڌڻ سان مشڪون ٿڪاوٽ ۽ سُور محسوس ڪن ٿيون.

الڪوحلي خميرگي

الڪوحلي خميرگي ۾ پائيرووڪ ائسڊ الڪوحل ۽ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ۾ تبديل ٿئي ٿو. جيئن ته هيٺ ڏنل تصوير ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته NAD به هتي $NADH_2$ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو ۽ پوءِ واپس NAD ۾، ان طرح اي ٽي پي ATP جي پيداوار جاري رهي ٿي. هن قسم جي خميرگي هڪ خمير (Yeast) سيڪرومائيس سيريوز (Saccharomyces Cerevisiae) جي ذريعي سرانجام ٿئي ٿي يا پوءِ ڪجھ بيڪٽيريا اهو ڪم انجام ڏين ٿا. ايٿنال خميرگي ۾ گلائيڪولائسز ۾ پيدا ٿيڻ وارا ٻه پائيرووڪ ائسڊ جا ماليڪيول، ٻن ايٿنال جي ماليڪيولن ۽ ٻن ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي ماليڪيولن ۾ تبديل ٿي وڃن ٿا. هي عمل ڊبل روٽي، انگور جي شراب ۽ حياتياتي غذا بنائڻ لاءِ استعمال ڪيا وڃن ٿا.

www.perfect24u.com

خميرگي جو اهو قسم مليل اٽي جي ڦوڪجڻ جي عمل کي واضع ڪري ٿو. خمير انهي عمل ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ گئس پيدا ڪري ٿو، اها گئس مليل اٽي ۾ ڦوڪڻا ناهي ٿي جنهن ڪري اٽو ڦوڪجڻ لڳي ٿو. اهي ڦوڪڻا ڊبل روٽي ۾ جڳهه جڳهه ننڍا ننڍا سوراخ ڇڏي وڃن ٿا جنهن ڪري ڊبل روٽي هلڪي ۽ نرم ۽ ڦوڪيل ٿي وڃي ٿي.

بائيوٽيڪنالاجي جي دنيا ۾ خميرگي جي اصطلاح ڪجهه هلڪي انداز ۾ خرد جاندارن جي غذا ۽ نشونما لاءِ استعمال ٿئي ٿي. پوءِ پلي اها نشونما ٻنهي غير باد يا باد حالت ۾ ئي ڇو نه هجي. صنعتي جاندار محدود حالت ۾ پرورش وٺن ٿا ان لاءِ انهن جي نشو نما بهترين حالات ۾ ٿيڻ ضروري آهي ته جيئن بهترين مصنوعات پيدا ڪري سگهجن. جيئن



الڪوحلي فرمينٽيشن ايٿانول ۽ NAD+ پيدا ڪري ٿي. NAD+ لا ٽئسيز ڪي جاري رکي ٿوته جيئن ATP جو ٺهڻ جاري رهي.

پنير ، ڏهي، آچار، ساسيج (Sausage)، سويا ساس (Soya Sauce) وغيره ۽ مشروبات جهڙوڪ سرڪو، بيئر (Beer) ۽ انگور جو شراب (Wine) وغيره.

ڊبل روٽي ۾ نهنڍڙ ننڍا سوراخ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ گئس جي ڪري ٺهن ٿا. اها گئس الڪوحلي خميرگي جي ڪري پيدا ٿئي ٿي جيڪا خمير ڪندو آهي. ڇا توهان ڊبل روٽي جي سلائيس ۾ ننڍا سوراخ ڏسندا آهيو؟

www.perfect24u.com

خميرگي جا استعمال

خميرگي غذا جي ڪيميائي ماحول کي تبديل ڪري ڇڏي ٿي. جڏهن انسان خميرگي جي متعلق زياده نہ ڄاڻندو هو تہ ان وقت هو صرف غذا ۾ پراڻين خمير شده غذائن جو هڪ ننڍو حصو ملائي ڇڏيندو هو تہ جيئن اها بہ هن جهڙي تيار ٿي وڃي. انهي طرح اهو يقيني بڻايو ويندو هو تہ انهي ۾ اهي جاندار شامل ٿي ويا اهن. انساني استعمال جي لاءِ غذا پيدا ڪرڻ لاءِ خميرگي هڪ اهم طريقو آهي. بي شمار نباتاتي مصنوعات مڪمل ٿيڻ کان پهرين خميرگي جي عمل مان گذرن ٿيون اهڙي طرح پهرين ئي جراثيمن کا پاڪ مودا پيڪنگ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ گهريلو استعمال جي لاءِ دڪانن تائين پهچندو آهي اهڙي طرح پيڪنگ کي حسب ضرورت (Aseptically Packing) چيو وڃي ٿو.

خميرگي غذا کي محفوظ ڪرڻ جي ٽيڪنيڪ

خمير شده غذا اها غذا آهي جيڪا ان طرح تيار ڪئي وئي آهي تہ ان ۾ اڳ ۾ ئي بيڪٽيريا شامل ڪيا ويندا آهن تہ جيئن اها خميرگي جو عمل انجام ڏئي سگهن. خميرگي کي ليڪٽو خمير (Lacto Formatatia) هن عمل ۾ بيڪٽيريا ۽ ٻيا جاندار غذا ۾ موجود نشاستي (Starch) ۽ ٻين کنڊن کي ٽوڙي ڇڏين ٿا تہ جيئن هو آساني سان هضم ٿي سگهي يا پوءِ اهڙي مصنوعات ۾ تبديل ٿي وڃي جيڪا ٻين جاندارن ۽ انزائم جي پيدائش ۾ آساني پيدا ڪري سگهي. اهڙي طرح اهو عمل قدرتي محافظ ٿي وڃي ٿو. جنهن جو مطلب آهي تہ خمير شده غذا زياده عرصي تائين استعمال جي قابل رهي ٿي.

خميرگي جي نتيجي ۾ حاصل ٿيڻ واريون مصنوعات

اهي غذائون جنهن ۾ خميرگي جو عمل ٿئي ٿو انهن ۾ ڏهي، پنير، جنسن جون مصنوعات، ڊبل روٽي، ڪيڪ، فروٽ ۽ سبزيون شامل آهن. ڪنهن شيءِ ۾ خالص قسم جي خوشبو پيدا ڪرڻ، ٻارن جو منائيون (Candies)، فروٽ جُوس، ذخيره اندوزي (Ilage) ۽ الڪوحلي مشروبات (Beverages)، جَو جي شراب (Beer)، انگور جي شراب (Wine)، صوف

www.perfect24u.com

جي شراب (Cider)، آچار شامل آهن. انهن آچارن ۾ لوبيا، بصر، بند گوبي، ونگو، ٽماٽو، گُل گوبي وغيره شامل آهن. خميرگي جو عمل انهن شين کي محفوظ رکي ٿو ۽ فرج جي ضرورت کي گهٽائي ٿو.

روايتي طور تي خميرگي جي ذريعي مشروبات ۽ غذا ئي تيار ڪيا وڃن ٿا. پر اڄ ڪلهه ڪيترين ئي غير غذائي شين پڻ انهي عمل جي ذريعي پيدا ڪيون پيون وڃن. جهڙوڪ اينٽي بايوٽڪس، ڪپڙا ڌوئڻ وارا پائوڊر (Detergents)، انسولين، نشو نما وارا هارمون، سيليولوز (Cellulose)، مونوڪلونل اينٽي باڊيز (Monoclonal Antibodies)، قدرتي پاڻ ۽ ٻيا ڪيترائي ڪيميڪل ۽ دوائون جيڪي ٽيومر (Tumour) ۽ جميل رت (Blood Clot) جا ٽڪرا حل ڪري ختم ڪرڻ جو ڪم سرانجام ڏين ٿيون.

فرمينٽر (Fermenter)

فرمينٽر هڪ عام اصطلاح آهي جيئن ته هن جي نالي مان ئي ظاهر آهي ته اهي اُهي ٽانو آهن جيڪي بيڪٽيريا يا فنجائي کي وڏي پئماني تي نشونما ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيا وڃن ٿا. ان جي پويان اهو تصور آهي ته فرمينٽر خود جاندارن جي نشونما لاءِ مستحڪم ۽ بهتر ماحول مهيا ڪري ٿو ته جيئن هو خام مال مان بهتر انداز سان عمل ڪرائي پنهنجي توليدي صلاحيت کي بهتر ڪري سگهي.

www.perfect24u.com

Fig. 8.4
ڪيميڪل جيڪي فرمينٽيشن ذريعي نهن ٿا.

Fig. 8.5
اسيپٽڪ پيڪيجنگ

فرمينٽر جا فائدا

هر بائيوٽيڪنالاجيڪل عمل لاءِ جاندارن کي بهتر ماحول مهيا ڪرڻ، پنهنجي خاص نظرداري ڪرڻ ۽ انکي مستحڪم رکڻ ضروري آهي. اهو مستحڪم ماحول فرمينٽر مهيا ڪري ٿو. هن طرح اهو جاندارن جي نشونما جي شرح کي بهترين رکي ضرورت جي مطابق مصنوعات حاصل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو. هي گهٽڻ ئي ڪمن جهڙوڪ غذائي شين، آڪسيجن جي مقدار، نشونما کي روڪڻ واري سِي پِي ايچ (CPH) ۽ درجہ حرارت کي مستحڪم رکي ٿو. هڪ فرمينٽر ۾ هزارين ليٽر نشونما ونڻ واري ميڊيم (Medium) جي گنجائش هوندي آهي. اهڙي طرح نهڻ واريون مصنوعات به وڏي پئماني تي حاصل ٿين ٿيون. ان سان دوائون، انسولين، انساني نشونما جا هارمون ۽ ٻيا پروٽين وڏي پئماني تي ۽ سستا حاصل ٿين ٿا.

www.perfect24u.com

جينيٽڪ انجنيئرنگ ۽ ان جا استعمال

جينيٽڪ انجنيئرنگ وريد بائيوٽيڪنالاجي جو سنگ بنياد آهي. ان جو انحصار سائنسي آلات تي آهي جيڪي موجوده ڏهاڪن ۾ تيار ڪيا ويا آهن تہ جيئن تحقيق جي هينين ڪمن کي ممڪن بنائي سگهجي:

1. انهن جينز جي شناخت ڪري سگهجي جن مان اسين پنهنجي مطلب جا پروٽين نهرائي سگهون.
2. ڊي اين اي (DNA) جي انهي حصي کي عليحده ڪري سگهجي جن ۾ اسان جي جينز جي ترتيب موجود آهي.
3. انهي جين کي ويڪٽر (Vector) سان جوڙي سگهجي جيڪو انهي کي ميزبان خليي تائين وٺي وڃي، جيئن تہ اسڪيريچيا ڪولائي (Escherichia Coli) ۾ مئمل جي انهي خليي تائين جيڪو ان جي درميان ۾ موجود هجي.
4. هاڻي ان خليي کي چست (Activate) ڪيو وڃي تہ جيئن ان جين کي محرڪ ڪري متعلقہ پروٽين تيار ڪري.
5. هن پروٽين کي ماڪي ڪري استعمال جي قابل بنائي سگهجي.

جينيٽڪ انجنيئرنگ جا آلات

خلين ۾ ان جا ڊي اين اي (DNA) کي پنهنجي مطلب لاءِ استعمال ڪرڻ جي قابل بنائڻ لاِ سائنسدان قدرت ڪان مختلف آلات اڌار ونن تا جن کي رڪاوٽي انزائم (Restriction Enzyme) سڏجي تو. اهي انزائم ۾ بيڪٽيريا قدرتي طور تي ملن تا ۽ حفاظتي نظام جو حصو هجن تا. ان جي ذريعي بيڪٽيريا پنهنجي جسم يا خليي ۾ داخل ٿيڻ وارن وائرس جي نيوڪلڪ ائسڊ جا ٽڪرا ڪري انهي کي ناڪاره بنائين تا تہ جيئن اهي وائرس بيڪٽيريا کي نقصان نہ پهچائي سگهن. سائنسدانن خلين جا بي شمار انزائم بيڪٽيريا مان ڪشيده ڪري ڊي اين اي (DNA) کي مختلف جڳهن ڪان ڪٽڻ جو ڪم ورتو آهي ان لاءِ ان کي ڊي اين اي (DNA) ڦينچي سڏيو وڃي تو.

www.perfect24u.com

ڊي اين اي (DNA) کي جوڙڻ وارا (DNA Ligase)

اهي انزائم قدرتي طور تي خليي ۾ ٽٽل ڊي اين اي (DNA) کي جوڙڻ جو ڪم سرانجام ڏين ٿا ان سان جينيٽڪ انجنيئرنگ مان نوان جين کي پهرين کان موجود ڊي اين اي (DNA) سان گڏ جوڙڻ جو ڪم ورتو وڃي ٿو.

ڊي اين اي (DNA) کي ڪٽي وجهڻ وارا (DNA Vector)

پلازما (Plasma) عام طور تي وائرس جي قسم جي ڊي اين اي (DNA) جي يونٽ ۾ جيڪو ڪجھ بيڪٽيريا ۾ ملي ٿو ان ۾ نوان نوان جين جوڙي پنهنجي پسند جي جين کي بيڪٽيريا ۾ داخل ڪرڻ جو ڪم ڪري ٿو.

بيڪٽيريافيج (Bacteriophage) جنهن کي صرف فيج پڻ چيو وڃي ٿو. هي وائرس آهي جيڪو بيڪٽيريا تي حملو ڪري ان کي نقصان پهچائي ٿو ليڪن ان ۾ تبديلي ڪري ان مان جين کي منتقل ڪرڻ جو ڪم ورتو وڃي ٿو.

جڏهن ڊي اين اي (DNA) جو ڪو حصو ڪٽي ڪري بي ڊي اين اي (DNA) سان گڏ جوڙيو وڃي ٿو ته ڊي اين اي (DNA) جي نئين ترتيب ٿهي ٿي ان کي دوباره نئين ترغيب وارو ڊي اين اي (Recombined DNA) سڏيو وڃي ٿو. جڏهن ان ڊي اين اي (DNA) کي خليي ۾ داخل ڪيو وڃي ٿو ته خليو ان تبديل شده ڊي اين اي (DNA) کي استعمال ڪري پنهنجي خليي ۾ پنهنجي مرضي سان پروٽين ناهيندو آهي. ان خليي جي جاندار کي حياتياتي طور تي تبديل شده جاندار (Genetically Modified Organism – GMO) سڏيو وڃي ٿو.

ٽرانسجينڪ خليہ جاندار (Transgenic Cellular Organism)

جي ايم او وٽ تبديل شده اسان جي مطلب جو جين هوندو آهي ۽ اهو اسان جي مطلب جون ئي مصنوعات تيار ڪري اسان کي مهيا ڪري ٿو.

جينيٽڪ انجنيئرنگ جو مطلب ڊي اين اي (DNA) ڪنهن جاندار جي ڊي اين اي (DNA) ۾ اهڙي طرح تبديلي ڪري جاندار جو جاندار جي عمل ۾ به اهڙي تبديلي واقع ٿي. هڪ جهڙيون شيون جينيٽڪ انجنيئرنگ جي ذريعي تيار ڪيون پيون وڃن. جن کي

www.perfect24u.com

ويڪسين، مونوڪومل اينٽي باڊيز جين مان علاج، انٽرفيرون، انٽرليوڪن (Interleukin)، انساني دوباره ترتيب ڏنل پروٽين، انساني نشونما جا هارمونز، رت جمائڻ وارا ڪيميڪل ۽ ايرٿرو پوئٽين (Erythropoiten).

1. نيون مصنوعي طور تي تيار ٿيندڙ ويڪسين جيڪي پير ۽ بدن جي بيمارين جي لاءِ مؤثر آهن ان جي هڪ حيرت انگيز ۽ متحرڪ ڪرڻ واري ڪهاڻي آهي. هن ۾ چال اها هئي ته وائرس جي جينياتي مواد (Genome) کي اهڙي طرح تراشيو وڃي ته جيئن ان ۾ صرف ڪيپسڊ (Capsid) بنائڻ وارن ٽن پروٽين جا جين باقي رهن.

2. ڪوڪسائيڊائوسس (Coccidiosis) ڪرنگهي ۽ بنا ڪرنگهي ٻنهي قسم جي جانورن ۾ ملندڙ بيماري آهي جيڪا پروٽوزوا جي ڪري ٿيندي آهي. اهو پروٽوزوا ايپيٿيليل (Epithelial) جهلي ۾ غذائي نالي جي ۽ ان جي غدودن جي گذرگاهه ڪرالمين تائين پهچن ٿا ۽ بيماري پيدا ڪن ٿا. هن بيماري جي خلاف هڪ ويڪسين پڪين جي پروٽي کي استعمال ڪري تيار ڪئي وئي آهي. اها چوزن ۾ ڪوڊيا جي خلاف مزاحمت پيدا ڪري ٿي.

3. خوابديگي بيماري (Sleeping Sickness Trypanosomiasis) هڪ جراثيم ٽرائيپينازوم برونڪائي (Trypanosome Bronchi) جي وجه سا ٿيندي آهي. جين ۾ تبديلي سان هن بيماري جو علاج پڻ ممڪن آهي.

4. ماليڪيولر حياتيات جديد دوائن کي متعارف ڪرائي بي شمار بيمارين جي علاج لاءِ هڪ نئين راهه هموار ڪئي آهي. هن طريقہ علاج کي جينياتي طريقہ علاج (Genetic Therapy) چيو وڃي ٿو. اهي هن ۾ شخص جي جين جي بناوت ۾ براهه راست مداخلت ڪن ٿا. اهو طريقہ علاج جسماني خلين ۽ جرم لائين خلين ٻنهي ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

5. انساني ڪلوننگ (Genetic Cloning) ويهين صدي جي آخر ۾ جينياتي معلومات ۾ ڊرامائي ترقي ٿي. گذوگذ جينياتي ٽيڪنالاجي ۾ بہ بي انتها بهتري آئي ڪجهه مشوره ڏنا ويا تہ جيئن نهايت ذهين، طاقتور ۽ بي انتها تخليقيتي صلاحيت جي ماڻهن جا ڪلون تيار ڪري سگهجن.

www.perfect24u.com

6. جينياتي طور تي تبديل شده خوراڪ ۾ مخصوص خصوصيتون هونديون آهن. جيئن اهي ٻين نباتاب ڪش، حشرات ڪش ۽ وائرس سان مزاحمت جي صلاحيت رکن.

7. حشرات کي مارڻ وارن بيڪٽيريا مان جين وٺي ڪپهه جي ٻوٽي ۾ شامل ڪيا ويا ته ان ڪپهه جي ٻوٽي ۾ حشرات کي مارڻ جي صلاحيت پيدا ٿي. ۽ اهي حشرات زهريلا ٿي ويا..

8. جينياتي انجنيئرنگ جي ذريعي انساني جين کي رڍن ۾ داخل ڪيو ويو ته رڍن جي کير ۾ الفا اينٽي ٽرپسن خارج ٿيڻ لڳو. اهو ڪارآمد ڪيميڪل آهي جيڪو ڦڦڙن جي بيماري ۾ مؤثر آهي.

9. انساني انسولين پيدا ڪرڻ وارا جين اِي ڪولائي بيڪٽيريا ۾ داخل ڪري ان مان وڏي مقدار ۾ انسولين پيدا ڪري شُگر جي مريضن جي علاج لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو.

10. سائنسدانن کي هڪ ٻيو جين مليو آهي جنهن جو نالو رکيو ويو آهي جيڪو خلين کي ڪنٽرول ڪري انجي عملن کي بهتر بنائي تباهه ٿيڻ کان بچائي ٿو.

هڪ خلوي پروٽين ۽ ان جا فائدا (Single Cell Protein and its advantages)

ٻي جنگ عظيم جي دؤران جڏهن غذائي پروٽينز ۽ وٽامنز جي کوٽ ٿي ته جرمني جي ماڻهن خمير (Yeast) ۽ ٻين فنگس (Moulds / Geotincum Candidums) کي بطور غذا شامل ڪيو. ان مان اهو تصور سامهون آيو ته جاندارن خاص طور تي خوردبيني جاندارن مان ڪاڻڻ واري پروٽين وڏي پيماني تي حاصل ڪري سگهجي ٿي. اهو عمل 1970ع ۾ شروع ٿيو. وڏين وڏين صنعتن انهي تي تحقيق شروع ڪئي ته کهڙي طرح سستا نامياتي مرڪبات خوردبيني جاندارن جي ذريعي پروٽين ۾ تبديل ڪري سگهجن ٿا.

www.perfect24u.com



Fig. 8.7
پلاسمڊ انسولين جين سان گڏ



هڪ خلوي پروٽين (SCP) جي اصطلاح ميساچوسٽس يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي جي پروفيسر C. C. Wilson 1966 ع ۾ ناهيو ۽ خوردبيني جاندارن جي خلين کي وڏي تعداد ۾ نشونما ڪرائي ان مان اها پروٽين نهرائي انهن کي حيواناتي غذا ۾ شامل ڪيو. هڪ خلوي پروٽين خالص پروٽين نہ هوندا آهن بلڪ انهن جو مطلب اهي خليہ ۽ هڪ خلوي جاندارن ۾ جنهن ۾ بيڪٽيريا، خمير، ريشي دار فنجي ۽ الجي شامل آهن جن ۾ ڪاربوهائيڊريٽ، لپڊس، بيوڪلڪ ائسڊ، معدنياتي لوڻ ۽ وٽامنز شامل هوندا آهن انهن ۾ ڪاربان سبٽريٽ (Subtract) هوندو آهي. اهي مصنوعات الڪوحل، اين الڪينز (n-alkanes)، مولاسس، سلفائيٽ، شراب، ڪير جو پاڻي واري حصي، جنهن کي لسي (Whey) بہ چيو وڃي ٿو، هوندا آهن.

www.perfect24u.com

هڪ خلوي پروٽين کي وڏي پئماني تي وڏي پئماني تي اپايل بيڪٽيريا، الجي، خمير مان ڪشيده ڪيو وڃي ٿو پوءِ انهن کي ميجسٽريٽ جي طور تي پروٽين جي سمر شده غذا ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو. خاص طور تي حيوانن جي غذا ۾ يا پوءِ اضافي غذائيت جي طور.

تمام گھڻن حيوانن جي غذا ۾ هڪ خلوي پروٽين شامل ٿي ويا آهن. 60 کان 80 فيصد خليا خشڪ وزن نيوڪلڪ ائسڊ ، سٽين، الڪوحل، وٽامنز ۽ معدنيات تي مشتمل هوندا آهن. ان معدنيات جي مقدار ۾ ڪجھ امينو ائسڊ ۾ زياده هوندا آهن.

ڪجھ بيڪار مادن کي جاندارن جي ذريعي خميرگي جي ذريعي ان مان بي شمار مصنوعات پيدا ڪري سگھجن ٿيون. جيئين بُوسو، ڪاٺ يا ڪاٺ کي استعمال کان پوءِ بچيل ڪچري، دٻن ۾ بند غذائن ۽ غذا ناهڻ کان پوءِ بچل ڪچرو، الڪوحل ٺهڻ کان پوءِ بچيل ڪچرو ۽ انساني ۽ حيواني فضلو.

خلاصو

1. بائيوٽيڪنالاجي جي وصف هن طرح ڪئي وڃي ٿي تہ جاندارن، خلين يا خلين جي حصن کي مختلف شيون ناهڻ لاءِ استعمال يا مختصراً جينياتي طور تي بهتر جاندارن کي انساني فلاح ۽ بهبود جي لاءِ استعمال ڪرڻ.
2. جينياتي انجنيئرنگ متعلق سرگرمين جا ٻہ اهم مقصد هوندا آهن.

الف. اهو ڄاڻڻ تہ قدرت ڪهڙي طرح پنهنجو ڪم سرانجام ڏئي ٿي.

ب. ان معلومات جو استعمال عملي طرح ڪرڻ

3. بائيوٽيڪنالاجي ۾ حياتياتي عنصرن جو انساني فائدي جي لاءِ محدود استعمال سان بائيوڪيمسٽري، ماليڪيولر حياتيات، خوردبيني حياتيات سيني جو ٽيڪنيڪي استعمال آهي تہ جيئن حياتياتي عنصرن جي صلاحيتن کي وڌائي سگھجي.

www.perfect24u.com

4. ATP ناهڻ جو هڪ اهم طريقهِ ڪار خميرگي آهي جنهن ۾ ATP بغير آڪسيجن تيار ٿيندي آهي.

5. غير باد تنفس (Anaerobic Respiration) جا ٻه طريقا آهن پهريون ليڪٽڪ ائسڊ ۽ ٻيو ايٿنال خميرگي.

6. خميرگي جو عمل بيڪٽيريا جي قسم سٽريپٽوڪوڪس (Streptococcus) ۽ ليڪٽوبيسيلس (Lactobacillus) جون قسمون انجام ڏينديون آهن. اهو عمل کير کي کٽو ڪري ڏهي ۾ تبديل ڪري مختلف قسمن جا پنير تيار ڪري ٿو.

7. ڊبل روٽي، ڳوهيل اٽي ۾ خمير شامل ڪري الڪوحلي خميرگي ڪئي ويجي ٿي جنهن جي نتيجي ۾ الڪوحل سان گڏ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ به پيدا ٿئي ٿي.

8. ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ انهي اٽي ۾ ڦوڪڻا پيدا ڪري ٿي جنهن ڪري اهو ڦنڊجي ويجي ٿو.

9. خميرگي جو عمل هڪ قدرتي حفاظتي عمل آهي جنهن جو مطلب آهي خمير شده غذا گهڻي عرصي تائين محفوظ رهي.

10. فرمينٽر جاندار جي پيدائش ۽ انجي سبٽريٽ سان تعامل جي لاءِ مستحڪم ۽ بهترين ماحول مهيا ڪري ٿو تہ جيئن مطلوبہ مصنوعات پيدا ڪري سگهجن.

11. خليا ۾ انجي ڊي اين اي (DNA) کي پنهنجي مقصد جي لاءِ استعمال ڪرڻ جي لاءِ سائنسدان جيڪي آلات استعمال ڪندا آهن اهي.

12. رڪاوٽي انزائم (Restriction Enzyme) قدرتي طور تي ليجنڊڙ آهن. اهي انزائم بيڪٽيريا جي حفاظتي نظام جو حصو هوندا آهن. ان انزائم کي ڊي اين اي (DNA) کي خاص ترتيب سان ڪٽڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي ان لاءِ انهن کي ڊي اين اي (DNA) جي قينچي بہ سڏيو ويجي ٿو.

13. ڊي اين اي (DNA Ligase) کي جوڙڻ وارا اهي انزائم قدرتي طور تي خلين ۾ ٽُٽل ڊي اين اي (DNA) کي جوڙڻ جو ڪم ڪندا آهن.

www.perfect24u.com

14. پلازمڊ عام وائرل قسم جي ڊي اين اي (DNA) جا يونٽ آهن ان ۾ نوان جين جوڙي پنهنجي پسند جي جين کي ڪٽي وجهڻ جو ڪم انجام ڏنو وڃي ٿو.

15. هڪ خلوي پروٽين (SCP) هڪ اهڙي اصطلاح آهي جيڪا اهڙي جاندار جي خلين کي تمام وڏي تعداد ۾ نشونما ڪرائي ان مان پروٽين نهرائي حيواني غذا ۾ شامل ڪئي وڃي ٿي.

16. هڪ خلوي پروٽين خالص پروٽين نہ هوندي آهي بلڪ انجو مطلب آهي تہ اهڙا خليا يا هڪ خلوي جاندار جهڙوڪ بيڪٽيريا، خمير، ريشي دار فنجي ۽ الجي وغيره.

17. گهڻن ئي حيوانن جي غذا ۾ هڪ خلوي پروٽين شامل هوندا آهن. 60 کان 80 فيصد خلين جو خشڪ وزن نيوڪلڪ ائسڊ، سٽيپ، الڪوحل، وٽامنز ۽ معدنيات تي مشتمل هوندو آهي. ان معدنيات جي مقدار ڪجھ امينو ائسڊ ۾ زياده هوندي آهي.

مشق

الف. صحيح جواب تي نشان لڳايو.

1. مصنوعي طريقي سان ڊي اين اي (DNA) ۾ تبديلي، ترميم ۽ نئين ترتيب:

الف. جينياتي انجنيئرنگ — ب. بائيوٽيڪنالاجي

ج ماليڪيولر حياتيات — د. جينيٽڪس

2. ابتدائي بائيوٽيڪنالاجسٽ هئا:

الف. بايولاجسٽ — ب. زرعي ماهر

ج. جينيٽسٽ — د. هاري

www.perfect24u.com

3. انساني جينوم جي مڪمل گراف جو مطالعو:

الف. PCR ب. HGp

ج. دوائون د. سوماڪلونل

4. الڪوحل ۽ اينٽي بايوٽڪس جي وڏي پيماني تي جاندارن جي ذريعي تياري ڪهڙي سائنس جو هڪ خاص حصو آهي؟

الف. ماحولياتي بائيولاجي ب. خميرگي

ج. صنعتن ۾ بايوٽيڪنالاجي د. دوائي بايوٽيڪنالاجي

5. زياده تر جاندار آڪسيجن کي استعمال ڪري پيدا ڪن ٿا:

الف. ATP ب. الڪوحل

ج. نامياتي ائسڊ د. ايڪولوجيڪل اهرام

6. ائسيڊڪ خميرگي ۾ ليڪٽڪ ائسڊ جنهن مرڪب مان ٺهي ٿو:

الف. پائيرووڪ ائسڊ ب. ايسيٽڪ ائسڊ

ج. سٽرڪ ائسڊ د. گلائسرڪ ائسڊ

7. الڪوحلي خميرگي جي دؤران ڳوهيل اٽو ڦوڪجي ٿو جنهن جي وجہ آهي:

الف. ميٿائيل الڪوحل ب. ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ

ج. ايٿائل الڪوحل د. پاڻي

8. اهو ٿانو جيڪو بيڪٽيريا جي وڏي پيماني تي پيدائش لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو:

الف. چلر ب. سٽرلائيزر

ج. فرمينٽر د. ايڪولائزر

www.perfect24u.com

9. قدرتي طور تي ملندڙ انزائم جيڪي بيڪٽيريا پنهنجي دفاع لاءِ استعمال ڪن ٿا:

الف. دفاعي پروٽين | ب. ريٽريڪشن انزائم
ج. هائيڊرولائيٽڪ انزائم | د. لائگيس انزائم

10. اضافي وائرل ڊي اين اي (DNA) جيڪو جين جي ويڪٽر طور استعمال ڪجي ٿو:

الف. جينوم | ب. پلازمڊ
ج. پلائي | د. لائيگيز

ب. هيٺين جا جواب ڏيو.

1. ڊي اين اي (DNA) جي ڪٽڻ ۽ دوباره جوڙڻ جي لاءِ ڪهڙا ڪهڙا انزائم استعمال ڪري دوباره ترتيب ڏنل ڊي اين اي (DNA) ناهبو آهي؟
2. جاندار ڪهڙي طرح توانائي پيدا ڪن ٿا؟ خميرگي ڪهڙي طرح ڪم ڪري ٿي؟
3. ڪهڙي قسم جا جاندار خميرگي جو ڪم سرانجام ڏين ٿا؟
4. خميرگي جي ذريعي ڪهڙا غذائي ۽ غير غذائي مالڪيول پيدا ڪيا آهن؟
5. غذا کي قابل استعمال بنائڻ لاءِ خميرگي جا فائدا ۽ نقصان بيان ڪريو.
6. ڪهڙا عوامل خميرگي تي اثرانداز ٿين ٿا؟
7. بائيوٽيڪنالاجي هڪ قديم ٽيڪنالاجي آهي. ثابت ڪريو.
8. روايتي بائيوٽيڪنالاجي جي وصف بيان ڪريو.
9. بائيوٽيڪنالاجي جي وصف بيان ڪريو.
10. روايتي بائيوٽيڪنالاجي جي ترقي ۾ لوئي پلاپ جون خدمتون بيان ڪريو.
11. خميرگي جون مختلف قسمون بيان ڪريو.
12. ليڪٽڪ ائسڊ بيسيلس ڇا آهي؟ ڏهي ٺاهڻ ۾ ان جو ڪهڙو ڪردار آهي؟
13. پاڪستاني غذائن ۾ خميرگي مان ڪهڙيون غذائون ٺهن ٿيون؟
14. بڪمينٽ ڊي اين اي (DNA) مان حاصل شده 4 مصنوعات پڌايو جيڪي مارڪيٽ ۾ ملن ٿيون.

www.perfect24u.com

باب 9

دواسازي

اهم تصورات:

هن سبق ۾ اسان سکنداسين:

- تعارف
- مرض جون دوائون ۽ نشي آور دوائون
- اينٽي بايوٽڪ ۽ ويڪسين

www.perfect24u.com

تعارف

دواسازي حياتياتي دوائن جي شاخ آهي جنهن جو تعلق دوائن جي استعمال، اثرات ۽ ڪم ڪرڻ جي طريقه ڪار سان آهي. هي فارميسي جي ذيلي شاخ آهي.

اڄ اسين جنهن دوا سازي کي سڃاڻون ٿا انهي سائنسي طريقه ڪار جو تعلق اوڻيهه صدي سان آهي جڏهن ڪجهه فزيالوجسٽن (Physiologists) دوا سازي جي متعلق ڇاڻ شروع ڪيو.

اوسٽوالڊ اسڪيمڊبرگ (1838 – 1921) جديد دوائن جي باني جي طور سڃاتو وڃي ٿو ان ڪري جو هن دوا سازي ۾ ڪلورو فام ۽ ڪلوروهائيڊريٽ جي متعلق مطالعو ڪيو هو.

مريضن جو علاج دوائن سان ڪيو وڃي ٿو. دوائون اهي ڪيميائي شيون آهن جيڪي علاج، بچاءُ، صحت کي وڌائڻ، بيمارين کي گهٽائڻ يا پوءِ وري ماڻهن کي مصنوعي خوشي ۽ مزو مهيا ڪن ٿيون. دوائون ٻوٽن ۽ جانورن مان حاصل ڪيون وڃن ٿيون. دوائن جا 2 قسم آهن:

1. فارماسيوٽيڪل دوائون يا بيماري صحيح ڪرڻ واريون دوائون جيڪي ڪنهن بيماري جي علاج جي لاءِ استعمال ڪيون وڃن ٿيون. اهڙي طرح مريض طبعي طور تي صحيح ٿي وڃي ٿو.

2. نشو پيدا ڪرڻ واريون دوائون جيڪي ڪنهن شخص کي اطمينان ڏيارين ٿيون يا پوءِ انهن کي مصنوعي خوشي مهيا ڪن ٿيون. اهي فرد جي CNS تي وڃي اثرانداز ٿين ٿيون. آخر ڪار اهو شخص ان جو عادي ٿي وڃي ٿو ۽ ان تي انحصار ڪري ٿو.

بيماري صحيح ڪرڻ واريون دوائون (Medicinal Drugs)

اهي دوائون مريضن جي لاءِ فائيدمند هونديون آهن. جيڪي ڪنهن بيماري کان بچائڻ لاءِ استعمال ڪيون وينديون آهن. انهن سان با آساني بي شمار بيمارين جو علاج ڪري سگهجي ٿو. اهي فائيدمند دوائون مختلف ذريعن سان حاصل ڪبيون آهن.

www.perfect24u.com

Fig 9.1 آفيم جي پست



Fig 9.1 سنکونا وڻ

1. ٻوٽن مان حصول:

تمام گهڻا ٻوٽا پنهنجي پاڙن، پنن، گُلن ۽ ٻجن ۾ تمام گهڻا خاص ماليڪيول پيدا ڪندا آهن. اهي ماليڪيول ليبارٽري ۾ دوائن ناهڻ ۾ ڪم اچن ٿا. يا وري اهي بحيثيت جڙي ٻوٽين جي استعمال ڪجن ٿا. مثال طور سڪنونيا جو وڻ جنهن جي ٿڙ جا چوڏا (Bark) ڪونين (Quinine) پيدا ڪن ٿا جيڪا مليريا کان بچاءُ ۽ ان جي علاج ۾ استعمال ٿيندي آهي. اوپيم يا آفيم (Opium) جو ٻوٽو سُور کي ختم ڪرڻ جي ڪم ايندو آهي. آفيم خشخاش جي ڪچن ٻجن مان ڪڍي ويندي آهي.

2. خوردبيني جاندارن مان حصول:

خوردبيني جاندار جنهن ۾ بيڪٽيريا ۽ فنجي شامل آهن صرف بنيادي ڪم ڏيڻ وارا مرڪبات ئي ناهين ٿا بلڪ اهي ثانوي مرڪبات به پيدا ڪن ٿا. مارڪيٽ ۾ وڪجڻ واريون اڌ دوائون انهن مان ناهيون وڃن ٿيون. جن کي اينٽي بايوٽڪس ۽ اينٽ منگل دوائون مثال طور ٽيٽراسائيڪلن (Tetracycline) بيڪٽيريا ناهيندو آهي ۽ لوواسٽيٽن (Lovastatin) جيڪي فنجائي پيدا ڪندو آهي.

3. جانورن مان حاصل ٿيندڙ دوائون:

ڪجھ حيواني عضوا ۽ ڪجھ حيواني مادا علاج جي لاءِ بحيثيت دوا استعمال ڪيا ويندا آهن. حيواني مادن جا ڪجھ اهم گروپ اهڙا آهن جيڪي دوائن طور استعمال ڪيا وڃن ٿا جيئن هارمونز، انزائم، بائل جوس (Bile Acid)، حيواني ڪشيد (Extracts) ۽ عضوا مثال

www.perfect24u.com

طور گونيڊوٽروپن (Gonadotropin) هارمون گهوڙي مان نهرايا وڃن ٿا يا حامله عورت جي بول مان حاصل ڪيا وڃن ٿا. هي جسم ۾ جنسي هارمونز جي پيداوار کي ڪنٽرول ڪن ٿا. هائيليورونيڊيز (Hyaluronidase) انزائم ڪجهه خوردبيني جاندار پيدا ڪن ٿا، هي اسان جي جوڙن ۾ ملي ٿو. نانگن مان مليل زهر ۽ مئمل جي حصن مان حاصل ٿيندڙ مرڪبات پڻ دوائن ۾ استعمال ڪيا وڃن ٿا.

4. معدنيات مان حاصل ٿيندڙ دوائون:

ڪجهه دوائون معدنيات مان ناهيون وڃن ٿيون يا پوءِ معدنيات کي بحيثيت اضافي مرڪب رکيو وڃي ٿو. جيئن فولاد ان شخص کي ڏنو وڃي ٿو جنهن ۾ ان جي گهٽتائي (anaemia) هجي. زنڪ (Zinc) کي زنڪ آڪسائيڊ (Zinc Oxide) ناهڻ جي لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. هي زخم ختم ڪرڻ يا ايگزيما جي مريضن کي ڏنو وڃي ٿو.

5. ليبارٽري ۾ تيار شده دوائون (Synthetic Drugs)

اهي دوائون ليبارٽري ۾ ناهيون وڃن ٿيون ان لاءِ اهي انساني هٿن سان ناهيل دوائون سڏجن ٿيون. قدرتي شين مان نهندڙ اهڙيون ڪيترين ئي دوائون موجود آهن. تيار شده مارجوانا (Marijuana) بي شمار نالن سان ملي ٿي جنهن کي K_2 سپرائس (Sprice)، فيڪ پوٽ (Fake Pot)، پوٽپوري (Potpourri)، ليگل ويڊ (Legal Weed) وغيره.

بيماري جون اهم دوائون جيڪي عام طور استعمال ٿين ٿيون (Principle usage of Important Medicinal Drugs)

1. درد ڪش (Pain Killer)

درد ڪش، اينلجيسڪ (Analgesic)، CNS تي اثر انداز ٿي درد کي گهٽ ڪن ٿيون. مثال طور پيراسيٽامول (Paracetamol)، اسپرين (Aspirin) ۽ پيناڊول (Panadol) وغيره.

2. اينٽي بايوٽڪ (Antibiotics)

اهي بيڪٽيريا جي پيدا ڪندڙ انفيڪشن ۾ ڪم ڪري ٿي. هي يا تہ بيڪٽيريا کي ماري ڇڏي ٿي يا ان جي نشونما کي گهٽائي ان جي تعداد گهٽ ڪري ڇڏي ٿي. مثال طور

www.perfect24u.com

پينسيلين (Penicillin)، سيفالوسپرن (Cephalosporin)، ٽيٽراسائيڪلن (Tetracycline) وغيره.

3. ويڪسين Vaccine

ويڪسين زندگي جي لاءِ اهم هوندي آهي. هي ڪنهن جاندار کي خوردبيني جاندارن کان پيدا ٿيندڙ بيمارين کان بچائي ٿي. هي جسم ۾ انهي خوردبيني جاندار جي خلاف مزاحمت پيدا ڪري ٿي. مثال طور هيپاٽائيٽس جي ويڪسين، ڪووڊ 19 جي ويڪسين وغيره.

4. سڪون آور

سڪون آور دوائون ٿڪاوت، سُور ختم ڪرڻ ۽ ننڊ نہ اچڻ جهڙي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿيون. جيئن تہ ڊائيزيپام (Diazepam)، ياويليم (Valium)، ايلپرازولام (Alprazolam)، زينٽيڪس، ڪولانيزپام (Clonazepam) ۽ ڪولونوپام (Klonopam) وغيره.

خطري واري ڳالهہ:

هنن دوائن سان الرجي وارا مسئلا پڻ ٿي سگهن ٿا. هي الرجي جسم تي سوزش کان وٺي خارش تائين ٿي سگهي ٿي. اها خارش وغيره زندگي ختم ٿيڻ تائين جاري رهي سگهي ٿي.

درد ڪش دوائون زياده مقدار ۾ استعمال ڪرڻ سان يا سڪون آور دوائون زياده دير تائين استعمال ڪرڻ سان انسان انهن جو عادي ٿي وڃي ٿو ۽ پوءِ ان کي ڇڏڻ سان خطرناڪ صورتحال پيدا ٿي سگهي ٿي.

ويڪسين سان بيماري نٿي ٿي سگهي پر ڪجهہ ويڪسين ۾ غير فعال وائرس هوندا آهن. انهن مان بيماري جو خطرو نہ هوندو آهي پر ڪجهہ ڪمزور فعال وائرس هوندا آهن تہ جيئن بيماري کان بچي سگهجي.

جديد تحقيق ما خبر پئي آهي تہ ٻارن کي ساهہ جي نالي جي انفيڪشن ۾ ڏني ويندڙ اينٽي بايوٽڪ حساس هوندي آهي. اها تمام جارحانہ اينٽي بايوٽڪ آهي جيڪا شديد

www.perfect24u.com

انفيڪشن ۾ مددگار ثابت ٿيندي آهي ليڪن اها اينٽي بايوٽڪ جيڪي ڪارآمد بيڪٽيريا ان ناليءَ ۾ موجود هوندا آهن انهن کي پڻ ختم ڪري ڇڏيندي آهي.

اينٽي بايوٽڪس ۽ اينٽي سيپٽڪس (Antibiotics and Antiseptics)

اينٽي سيپٽڪ (Antiseptic) جي دريافت جوزف لسٽر (Joseph Lister) ڪئي ان ڪري ان کي اينٽي سيپٽڪ سرجري جو مؤجد تصور ڪيو وڃي ٿو. جوزف لسٽر جي خدمتن محفوظ طبي سرجري جي لاءِ رستو هموار ڪيو. هن جي متعارف ڪرايل اينٽي سيپٽڪ واري طريقه ڪار ڊرامائي طور بارن جي پيدائش جي دؤران ۽ سرجري جي دؤران موت جي شرح کي خاص حد تائين گهٽ ڪري ڇڏيو.

هن ڪاربونڪ ائسڊ بحيثيت انفيڪشن کي ختم واري (Disinfectant) ڪيميڪل طور استعمال ڪيو. ان سان هٿن ڌوئڻ ۽ آلات ڌوئڻ لاءِ استعمال ڪيو. هن پنهنجي اسپري مشين به خود ٺاهي ته جيئن ڪاربونڪ ائسڊ هوا ۾ موجود جراثيمن کي ماري سگهي.

سر اليگزينڊر فليمنگ، هڪ سڪاٽش محقق آهي. پينسيلين جي دريافت جو سهرو ان جي سر تي آهي. ان وقت فليمنگ انفلوئنزا وائرس تي سينٽ مهرٽر اسپتال جي انوڪيليشن ڊپارٽمينٽ ۾ تجربا ڪري رهيو هو.

www.perfect24u.com

هن کي هميشه هڪ لاپرواهه ليب ٽيڪنيشن سمجهيو ويندو هو. فليمنگ جڏهن 2 هفتا موڪلن تان واپس آيو ته هن ڏٺو ته سٽيفلوڪوڪس (Staphylococcus) جي ڪلچر واري پليٽ ۾ فنجائي ڦٽي رهيا آهن. غور سان ڏسڻ تي خبر پئي ته هن ڪلچر جي وڌڻ سبب سٽيفلوڪوڪس جي نشونما رڪجي وئي آهي اهو حادثو بلآخر اينٽي بايوٽڪ پينسيلين (Penicillin) جي دريافت جو باعث ٿيو.

نشه آور دوائون (Addictive Drugs)

نشه آور دوائون دماغ جي خوشي محسوس ڪندڙ مرڪز تي اثرانداز ٿين ٿيون. انهي طرح ان شخص کي ٿوري عرصي ۾ موت ڏانهن ڌڪيو ڇڏين. اگر انهن کي بار بار استعمال ڪيو وڃي ته انهي شخص جو زندگي گذارڻ جو طريقه ڪار بدلجي وڃي ٿو. هو ان جو عادي ٿيڻ بعد جڏهن ان کي استعمال ڪري ٿو ته تمام بهتر ۽ خوش محسوس ڪري ٿو. ليڪن اگر اهو شخص ان جو استعمال ڇڏي ٿو ته تمام برو ۽ ٿُڪل محسوس ڪري ٿو. نشه آور دوائن جون اهم قسم هي آهن:

1. سڪون آور (Sedatives)

سڪون آور دوائون اهي آهن جيڪي CNS جي ڪارڪردگي کي گهٽ ڪري ڇڏين ٿيون. دوائن جو اهو قسم جيڪو دماغ جي ڪم ڪار کي ڪي سست ڪري ڇڏي ٿو. انهن سڪون آور دوائن جو زياده تر استعمال غلط آهي ۽ هي هڪ نشو آهي جيڪو سستي ۽ خواب واري ڪيفيت پيدا ڪري ٿو ليڪن ذهني سڪون ڏئي ٿو. هي دل جي ڌڙڪن ۽ ساهه کڻڻ جي رفتار کي گهٽ ڪري ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن موت جو سبب پڻ بڻجي ٿو اگر انهن کي زياده استعمال ڪيو وڃي.

2. منشيات (Narcotics)

منشيات کي درد ڪش به سڏيو وڃي ٿو. هي دوائون CNS ۾ موجود سُور جي ريسيپٽرس (Receptors) سان جُڙي وڃن ٿا ۽ سُور کي گهٽ ڪري ڇڏين ٿا. هي درمياني سُور کان وٺي تمام گهٽي سُر واري حالت ۾ استعمال ڪئي وڃي ٿي. جڏهن درد ڪش دوائون اثر نه ڪري رهيون هونديون آهن ۽ اوپئيٽ (Opiate) جي استعمال سان فوري طور

www.perfect24u.com

خوشي جو احساس، درد ۾ گهٽتائي، گهٽ بوجهه ۽ سڪون محسوس ٿيندو آهي. هي منشيات خطرناڪ به ٿي سگهي ٿي صرف ان لاءِ نه ته انسان هنن جو غلط استعمال ڪري ۽ عادي ٿي وڃي بلڪ هي گهڻو ڪري موت جو سبب پڻ بنجن ٿيون.

3. هيروئن (Heroine)

هيروئن تمام نشه آور ڪيميائي مرڪب ۽ اوپيوآئڊ (Opioid) دوائون آهن جيڪي دماغ ۾ موجود ڊوپامن (Dopamine) جي سطح سان عمل ڪن ٿيون. جنهن جي ڪري ان جي استعمال سان خوشي جي لهر اچي وڃي ٿي. هن جو استعمال غلط آهي ۽ استعمال ڪرڻ سان هن دوا تي انحصار وڌي ٿو ۽ هي عدم برداشت جو عادي بڻائي ٿي.

مارفين (Morphine) بحيثيت نشه آور دوا: مارفين کي شديد درد ۾ راحت ڏيڻ لاءِ استعمال ڪجي ٿو. هي رت ۾ 6 ڪلاڪ تائين ايڪٽِو (Active) رهي ٿي. هي CNS تي اثر انداز ٿي درد ۾ راحت ڏئي ٿي ليڪن هن جو ضرورت کان وڌيڪ استعمال ٻيا خراب اثرات پيدا ڪري سگهي ٿو. مثال طور قي يا اُلٽي، قبض، مٿي جو هلڪو ٿيڻ، غنودگي، چڪر اچڻ، زياده پگهر اچڻ وغيره.

هالوسينوجن (Hallucinogen)

هي دوائون جو اهو گروهه آهي جيڪو انسان کي فريب خورده حالت ۾ مبتلا ڪري ڇڏي ٿو ۽ انجو ذهن حقيقت کان پري هليو وڃي ٿو. هن جا ڪجهه عام اثر آهن: ساهه جي رفتار تيز ٿيڻ، دل جي ڌڙڪن تيز ٿيڻ، رت جي ڏوري جو تيز ٿيڻ ۽ غير متوازن ٿيڻ ، نظر جو ڌنڌلو ٿيڻ وغيره.

ميريجوانه (Marijuana)

ميريجوانه يونائيٽڊ اسٽيٽس ۾ سڀ کان زياده استعمال ٿيڻ واري غير قانوني دوا آهي. اها ڪينلابس انڊيا (Canlabus India) ٻوٽي جي ٿڙ، پنن ۽ گلن مان حاصل ڪئي وڃي ٿي. ماڻهو انهي کي پنهنجي هٿ سان ناهيل سگريٽ ، پائپ ۽ حُقي ۾ استعمال ڪن ٿا. هن ڊرگ جي استعمال سان فوري طور تي جسم ۾ تحريڪ (Sensation)، دل جي ڌڙڪن ۾ اضافو، جسماني توازن رکڻ ۾ گهٽتائي ۽ هڪ خواب آوري جي ڪيفيت طاري ٿي وڃي

www.perfect24u.com

تي. ميريجوانہ دماغ جي نشونما تي پڻ اثر انداز ٿئي ٿي. جڏهن نوجوان ننڍي عمر ۾ هن جو استعمال شروع ڪن ٿا تہ انهن جي سوچڻ سمجهڻ جي صلاحيت، ياداشت ۽ سکڻ جو عمل تمام گهٽجو متاثر ٿئي ٿو. گڏوگڏ دماغ ۽ ان سان ڳنڍيل عضون جي ڪم ڪار ڪرڻ جي صلاحيت بہ متاثر ٿئي ٿي.

نشي جون علامتون Symptoms of Addiction

1. جڏهن ڪو شخص ڪنهن شي جي نشي جو عادي ٿي وڃي ٿو مثال طور شراب يا سگريٽ تہ پوءِ هو پنهنجو پاڻ کي ان شي جي استعمال ڪرڻ ۾ قابو ۾ رکي نہ سگهندو آهي.

2. جڏهن جسم ۾ انهي نشي جي سطح گهٽ ٿيڻ لڳندي آهي تہ مريض جي جسماني ۽ موڊ ۾ علامتون ظاهر ٿيڻ لڳنديون آهن. جيئن هو نشي لاءِ ترسڻ لڳندو آهي، هن جي مزاج ۾ تبديلي ايندي آهي، غصو اچڻ لڳندو آهي، ڪنهن شي تي توجہ نہ رهندي آهي، ذهني دباءُ جو شڪار، مايوس، جهڳڙالو، تلخ ڪلامي ڪندڙ ۽ ناراض وغيره ٿيندو آهي.

3. جڏهن هو ڪنهن نشہ آور شي جي اثر ۾ هوندو آهي تہ خطرناڪ حرڪتون ڪري سگهي ٿو جيئن تمام تيز ڊرائيونگ، ڪنهن متاهين جڳهہ تان ٽپو ڏيڻ وغيره.

نشي جي عادت سان ڳنڍيل مسئلا

نشي جي استعمال سان ڳنڍيل مسئلا ذاتي مسئلن کان گهڻا هوندا آهن جيڪي ڪنهن شخص جي زندگي ۾ ايندا آهن. نشئي ماڻهو جي صحت قابل رحم هوندي آهي جنهن جي ڪري صحت جو بيا مسئلا بہ پيش اچن ٿا. انهن جي سماجي زندگي بہ متاثر ٿئي ٿي. تحقيق مان اها ڳالهہ آشڪار ٿي تہ نشئي ماڻهو آساني سان جرم ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن جهڙوڪ ڌاڙا، چوري، قيمتي سامان ڦرڻ، قانون جي خلاف ورزي ۽ ٻيا جرم. ان سان ان جي خاندان جي زندگي پڻ متاثر ٿئي ٿي. جڏهن نشئي ماڻهو جون ضرورتون پوريون نٿيون ٿيون وڃن تہ هن جو رويو جارحانہ، سخت، غصي وارو ٿي ويندو آهي يعني خاندان جي ماڻهن سان هن جو سلوڪ سٺو نہ ٿو رهي اهڙي طرح هو پنهنجا تعلقات ۽ رشتا وڃايو ويهي.

www.perfect24u.com

آفيم جي پست

ڊيٽيورا

سيلويا ڊِونورَم

سائيلوسائيبِن مشروم

ڪئنِيبِس



وِلو بارڪ (سيلِڪس)

اينٽي بايوٽڪس ۽ ويڪسين (Antibiotics and Vaccines)

اينٽي بايوٽڪس اهي ڪيميائي شيون آهن جيڪي انهن انفيڪشنز جي خلاف وڙهن ٿا جيڪي بيڪٽيريا جي ڪري ٿين ٿا. اهي انفيڪشن کي ختم ڪرڻ لاءِ يا ته بيڪٽيريا کي ماري ڇڏين ٿيون يا پوءِ انجي نشونما جي رفتار کي گهٽ ڪن ٿيون. قدرتي طور تي اينٽي بايوٽڪس اسين گهٽڻ ئي جاندارن مان پيدا ڪريون ٿا (بيڪٽيريا ۽ فنجي) يا پوءِ ليبارٽري ۾ خوردبيني جاندارن مان حاصل ڪيون ٿا يا انهن کي ليبارٽري ۾ تيار ڪريون ٿا.

اينٽي بايوٽڪس کي صرف بيڪٽيريا مان پيدا ٿيل انفيڪشن جي علاج لاءِ استعمال ڪبو آهي. ڪڏهن ڪڏهن انهن کي وائرل يا فنگل (Viral and Fungal) انفيڪشن جي لاءِ پڻ استعمال ڪبو آهي. ڪجھ اينٽي بايوٽڪس بيڪٽريو اسٽيٽڪ (Bacteriostatic) هونديون آهن جنهن جو مطلب آهي ته اهي بيڪٽيريا جي نشونما روڪين ٿا جڏهن ته ڪجھ بيڪٽيريوسائيڊل (Bacteriocidal) آهن يعني اهي بيڪٽيريا جو خاتمو ڪن ٿا.

www.perfect24u.com

اينٽي بايوٽڪس جو غلط استعمال (Misuse of Antibiotics)

اينٽي بايوٽڪس جا غلط اثرات پڻ پيدا ٿين ٿا اهو انهي ڳالهه تي منحصر آهي ته اهي ڪهڙي طرح پنهنجو ڪم سرانجام ڏئي رهيون آهن. پر اينٽي بايوٽڪس ڪنهن خاص قسم جي انفيڪشن جي لاءِ تجويز ڪيون وڃن ٿيون ليڪن اهي ٻئي قسم جي عام بيڪٽيريا يا ڪار آمد بيڪٽيريا کي نقصان پهچائين ٿيون. ان کان علاوه ان جا ٻيا خراب اثرات به هوندا آهن جيڪي هي آهن:

1. اينٽي بايوٽڪس جي خلاف مزاحمت پيدا ڪرڻ

2. دست يا اسهال

3. معدي جي خرابي

4. اُچ، جيڪا فنگل انفيڪشن جي ڪري لڳندي آهي. هي اسان جي منهن ۾ هاضمي واري نالي کي متاثر ڪري ٿي.

5. وجائنل خمير (Vaginal Yeast) انفيڪشن جيڪو ڪئنڊيڊا البائيڪنس (Candida Albicans) جي ڪري سان ٿيندو آهي جنهن ۾ سفيد رطوبت جو اخراج، جلن، سُور ۽ خارش ٿيندي آهي.

6. ڏندن جو پيلو پن

اينٽي بايوٽڪ جي خلاف مزاحمت (Antibiotic Resistance)

اينٽي بايوٽڪس جو زياده استعمال بيڪٽيريا ۾ انجي خلاف مزاحمت پيدا ڪري ڇڏيندو آهي. جنهن جي وجه سان بيڪٽيريا ان اينٽي بايوٽڪ جو عادي يا بيڪٽيريا اينٽي بايوٽڪ جي خلاف پنهنجي حڪمت عملي تبديل ڪري پنهنجي پاڻ کي بچائي وٺندا آهن. اهڙي طرح هو ان کان محفوظ ٿي ويندا آهن. هي حفاظت اهي هڪ جين حاصل ڪري به ڪري وٺندا آهن.

www.perfect24u.com

ويڪسين (Vaccine)

ويڪسين هڪ اهڙي حياتياتي تياري آهي جيڪا جسم جي مدافعتي نظام کي ڪنهن خاص بيماري جي خلاف بهتر بنائي ٿي. عام طور تي ويڪسين هڪ اهڙي شي تي مشتمل هوندي آهي جيڪا بيماري پيدا ڪرڻ پيدا ڪرڻ وارن خوردبيني جاندارن سان مشابهت رکندڙ هوندي آهي. هي هميشہ ڪمزور يا ناڪاره فرد حيات انجي زهر يا ان جي ڪنهن هڪ سطحي پروٽين سان تهيل هوندي آهي. ويڪسين هن مخصوص خطرناڪ خوردبيني جاندار جي خلاف مزاحمت پيدا ڪري ٿي . اها مزاحمت انهي جسم کي جاڳائي ڇڏي ٿي ۽ تيزي پيدا ڪري ٿي. ۽ پوءِ جسم ان خطرناڪ فرد حيات تي حملو ڪري ان کي ناڪاره يا بي وس ڪري ڇڏي ٿي. پهرين ويڪسين برطانوي فزيشن انڊورڊ جينر 1796ع ۾ متعارف ڪرائي. هن ڳئون ۾ چيچڪ پيدا ڪرڻ واري وائرس (Vaccinia) کي استعمال ڪري چيچڪ جي خلاف ويڪسين تيار ڪئي. اهو وائرس انسانن ۾ چيچڪ جي بيماري پيدا ڪري ٿو.

اميونائيزيشن (Immunization) اهو عمل آهي جنهن ۾ هڪ فرد ۾ ڪنهن انفيڪشن پيدا ڪرڻ واري بيماري جي خلاف مزاحمت پيدا ٿي وڃي ٿي. اها عام طور تي ويڪسين لڳائي حاصل ڪئي ويندي آهي.



www.perfect24u.com

خلاصو

1. دوا سازي حياتياتي دوائن جي اها شاخ آهي جنهن جو تعلق دوائن جي استعمال، اثرات ۽ ڪم ڪرڻ جي طريقہ ڪار سان آهي.
2. دوائون اهي ڪيميائي شيون آهن جيڪي علاج، بچاءُ، صحت کي وڌائڻ، بيمارين کان بچائڻ ۽ مصنوعي خوشي حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيون وڃن ٿيون.
3. دوائن کي ٻوٽن ۽ جانورن مان حاصل ڪيو وڃي ٿو.
4. دوائون ٻن قسمن جون ٿين ٿيون. 1. فارماسيوٽيڪل يا بيماري صحيح ڪرڻ واريون، 2. نشي پيدا ڪرڻ واريون
5. اسان جون صحيح ڪرڻ واريون دوائون جاندارن، معدنيات، ٻوٽن ۽ جانورن مان حاصل ڪيون وڃن ٿيون يا پوءِ ليبارٽري ۾ تيار ڪيون وڃن ٿيون.
6. اسان جون صحيح ڪرڻ واريون دوائون درد ڪش، اينٽي بايوٽڪس، ويڪسين، سڪون آور ۽ زخم کي صحيح ڪندڙ هونديون آهن.
7. نشہ آور دوائون، سڪون آور، منشيات (هيروئن، مارفين، ميرجوانہ) تي سگهن ٿيون.
8. اينٽي بايوٽڪس بيڪٽيريو سٽيٽڪ يا بيڪٽريوسائيڊل آهن.
9. بيڪٽريوسٽيٽڪ جو مطلب آهي بيڪٽيريا جي نشو نما روڪڻ وارو.
10. بيڪٽريوسائيڊل جو مطلب آهي بيڪٽيريا کي مارڻ وارو.
11. جيڪي بيڪٽيريا تمام گرام ۽ گرام جي خلاف ڪم ڪن ٿا انهن کي وڏي رينج وارا بيڪٽيريا چئبو آهي.

www.perfect24u.com

12. ويڪسين هڪ اهڙي حياتياتي تياري آهي جيڪا جسم جي مدافعتي نظام کي ڪنهن خاص بيماري خلاف بهتر بڻائي ٿي.

13. اميونائيزيشن اهو عمل آهي جتي هڪ فرد ڪنهن خاص انفيڪشن جي خلاف مزاحمت پيدا ڪري ٿو.

مشق

گهڻ انتخابي سوال

الف. صحيح جواب چونڊيو

1. اينٽي سيپٽڪ جو مؤجد ڪنهن کي سمجهيو وڃي ٿو؟

الف. اليگزينڊر فليمنگ ب. ايڊورڊ جينر

ج. لسٽر د. اوسٽوالڊ شجرگ

2. Rheumatoid Arthritis جي علاج جي لاءِ جيڪا دوا استعمال ڪئي وڃي ٿي اها حاصل ٿئي ٿي:

الف. حيوانات مان ب. معدنيات مان

ج. ٻوٽن مان د. فرد جاندارن مان

3. دوائون جيڪي دماغ جي عملن کي سست ڪن ٿيون:

الف. منشيات ب. هيلوسينوجنز

ج. ميرجوانه د. سڪون آور

4. ويڪسين لڳائي وڃي ٿي:

الف. بيماري کان بعد ب. بيماري کان پهرين

ج. بيماري دؤران د. اهي سڀئي

www.perfect24u.com

5. اهي شيون جيڪي بيڪٽيريا جي نشو نما روڪين ٿيون:

الف. ويڪسين ب. بيڪٽريوسائيڊل

ج. بيڪٽريو سٽيٽڪ د. اينٽي بايوٽڪ

6. حارث هڪ نشي جو عادي آهي. هن ۾ هينيان اثرات لڌا ويندا ته هو ڪهڙو نشو استعمال ڪندو هوندو؟

1.ڊنڊلوپن 2.تصوراتي شين کي ڏسڻ 3.اچانڪ خوش ٿيڻ

الف. منشيات ب. هيلوسينوجن

ج. اينٽي بايوٽڪس د. اينٽي سيپٽڪ

7. هينين مان ڪهڙو اينٽي بايوٽڪ جي جي غلط استعمال جي ڪري ٿئي ٿو؟

الف. دست ب. اميونائيزيشن

ج. معدي جي خرابي د. اينٽي بايوٽڪ مزاحمت

ب. مختصر جواب

1. اينٽي بايوٽڪ وائرس جي خلاف ڇو ڪم نٿيون ڪن؟
2. سڪون آور دوائون جو استعمال ڪيون وجن ٿيون؟
3. نشي جو عادي ٿيڻ ڇو خطرناڪ تصور ڪيو ويندو آهي؟
4. قدرتي ذريعن ان دوائون ڪيئن حاصل ڪبيون آهن؟
5. ڇا جانورن مان دوائون حاصل ڪري سگهجن ٿيون؟ اگر ها ته ان مان ڪجھ جا نالا لکو.
6. ڇا اينٽي بايوٽڪس جي اسان تي استعمال سان ڪجھ نقصان ٿين ٿا؟ اگر ها ته ڪجھ جا نالا لکو.

www.perfect24u.com

7. ويڪسين ڪھڙي طرح بيماري پيدا ڪرڻ وارن جراثيمن جي خلاف ڪم ڪري ٿي؟ انھي عمل کي تصور سان بيان ڪريو.

ج. تفصيلي جواب.

1. بيڪٽيريا ڪھڙي طرح اينٽي بايوٽڪس جي خلاف مزاحمت پيدا ڪن ٿا؟

2. ويڪسينيشن جو طريقہ ڪار ۽ ڪم بيان ڪريو.

www.perfect24u.com